آگی ایئن ھیاس

فضل احمد بچاٹی

اڳي ايئن هياس....

(يادگيريون)

جلد ٻيون

فضل احمد بچاڻي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1985ع

www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چاهٺر

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ
ڇپيندڙ	مبين پرنٽنگ ايجنسي، گاڏي ڪاٺو، حيدرآباد سنڌ
پهريون ايڊيشن	ڊسمبر 1985ع
ٽائيٹل	علي اڪبر
قيمت	25/- روپيا

(سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ)

AGE ENAN HUYAS (MEMORIES) Vol. II
Written by FAZAL AHMED BACHANI.
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan.
First Edition December 1985. Price per Copy Rs. 25/-

www.sindhsalamat.com

عرض حال

پهرين ته ٿورا مجندس انهن واقف ۽ اڻواقف، معروف ۽ غير معروف پائرن ۽ پينرن جا جن ڪتاب 'اڳي ايئن هياس' پڙهي ازخود خط لکي يا روبرو ملي ان تي راءِ ڏني، ساراهه به ڪئي ۽ اوٽايون به ڄاڻايون. منهنجو ايمان آهي ته اهائي راءِ سچي ۽ حقيقي هوندي آهي جا ذاتي خط ۾ ازخود لکبي آهي ڇاڪاڻ ته اها بي‌ساخته ۽ بي لاڳ هوندي آهي. آءٌ اهي ئي خط هنن ڪان معافي وٺندي هن ڪتاب ۾ ڏئي رهيو آهيان جو اهي ئي رايا حقيقي آهن ۽ اهي ئي مهاڳ يا پيش لفظ آهن. ڄاڻان ٿو ته هي ڪم ذمه داري جو آهي ـــ خط ۾ لکيل ذاتي ۽ شخصي احوال ۽ بيون ڳالهيون امانت هونديون آهن ۽ فقط پاڻ تائين رکڻيون آهن، توڙي تنقيد ۽ نڪته چيني وارا اکر لکائڻا نه آهن. مون بهرحال ان اخلاقي فرض ۽ ذمه داريءَ ڪان لاپرواهي نه ڪئي آهي. بهرحال انهن صاحبن جو بيهر ٿورو ٿو مڃان ـــ ۽ انهن جو به جن ڊپ ڪان خط لکڻ ڇڏي ڏنو.

توڙي انهن جو به ٿورائتو ئي آهيان جن راءِ قائم ڪندي به اها "پاڻ تائين محفوظ" رکي. شڪر جو ڪا راءِ قائم نه ڪيائون. ۽ جن صاحبن اوٽائين ڪان آگاه ڪيو تن ته منهنجي رهبري ڪئي. ليکڪ يا مترجم کي پڙهندڙ پنهنجي پسند ۽ ناپسند ۽ انهيءَ جي سببن ڪان واقف ڪن سا اخلاقي ذمه داري تمام گهٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي، تنهن

www.sindhsalamat.com

لحاظ کان هي ٿورا خط به ججها چئبا. اول خير- جڏهن آءٌ قبر ۾ محفوظ ٿي ويندس تڏهين اهي "محفوظ" رايا به پڌرا ٿيندا.

خير- جيترو به مان مليو تنهن حوصلو وڌايو ۽ ساڳي موضوع تي هي ٻيو ڪتاب لکڻ جو جواز ملي پيو، هي ڪتاب جو جلد ٻيون چئبو. هن حصي ۾ اهي ڳالهيون به ڪجهه وڌيڪ تفصيل سان لکڻ جي همت ڪيم جي پهرئين حصي ۾ لکڻ کان خوف کائي ويو هوس— پر اڃا به ڪي آهن جي نه لکي سگهيو آهيان....

حال جو احوال لکڻو هوندو آهي، پر نه لکي سگهبو آهي ته، ڀيٽ ۽ نسبت خاطر ماضيءَ جون ڳالهيون لکبيون آهن. تنهن مان به حال جي حقيقت ملي ويندي آهي.

اول خير- ڪتاب جو ٻيو حصو— "هاڻي هيئن ٿياس...." به لکندس، صحت ۽ حياتيءَ جي مهلت شرط آهي. توڙي جي سڄڻن جو سهڪار مليو ۽ دشمنن جي حسد کان بچيس.

آءٌ پنهنجو اهو ڏوه تسليم ٿو ڪريان ته مون جيڪي ڪجهه لکڻ چاهيو ۽ جيڪي ڪجهه لکڻ مونتي فرض هو سو لکڻ کان آءٌ خوف کائي ويس ۽ نه لکي سگهيس، اهو وڏو ڏوه آهي جنهن جي سزا مونکي اوس ئي ملندي.

جي ڪنهن جي دل آزاري ٿيندي هجي ته مونکي معاف ڪن.

فضل احمد بچاڻي

۱۳۹- ب- گانڌي چونڪ

ٽنڊوالهيار- سنڌ- ۲۶ جولاءِ ۱۹۸۵ع

www.sindhsalamat.com

١- محترم ماهتاب محبوب، حيدرآباد:

ساروٿيون ڪتابي صورت ۾ پڙهڻ سان نئون لطف مليو، خدا نه ڪري جو اوهان جو ڪو دشمن يا مخالف هجي پر مان يقين سان چوان ٿي ته اوهانجي هن سخت ۽ قابل قدر پوڙهئي کي اهي به ساراهڻ کانسواءِ رهي نه سگهندا. مون کي ته بهرحال ان ڪتاب ڏاڍو مزو ڏنو ۽ رات وچ ۾ پڙهي پورو ڪيم. اوهان کي هڙو ڪتاب لکڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿي. اوهان کي هڪ مشورو ڏيان ٿي، ته ڪتاب ۾ چاڻايل گهريلو ديسي علاج جي ٽوٽڪن جي اڃا به گهڻي معلومات حاصل ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپرائيندا ته مستند گهريلو نسخن جو ذخيرو محفوظ ٿي پوندو....

٢- محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ: ڪراچي.

ننڍپڻ کان ساروٿين جا مختلف ڪتاب پڙهيا اٿم پر وري به اوهان واري ڪتاب وڏيڪ مزو ڏنم. اوهانجي خوشامد ڪرڻ مقصد ناهي جو منهنجي جاهل راءِ اوهانجو مان مٿاهون نٿي ڪري سگهي. ان قسم جا ڪتاب سنڌ جي ماضيءَ کي نئين نسل سان ڳنڍي ڇڏيندا. لکندا رهو....

٣- محترم ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ: ڪراچي.

جنهن موضوع کي اوهان هٿ ۾ کنيو آهي اهو تاريخ لاءِ پرتي ڪنڌڙ مواد مهيا ڪري ٿو، جڏهين هي دور نه هوندو ۽

www.sindhsalamat.com

اسانجي ايندڙ نسل کي ماضيءَ جي ياد ستائيندي تہ ههڙا ڪتاب ئي سندن اها سڪ پوري ڪندا. اوهان مستقل عليل هوندي بہ معياري موضوعن تي قلم کنيو آهي، ڪيترا ليکڪ صحت ۾ سگهارا هوندي بہ مريض موضوعن جي جند نٿا ڇڏين. اهو ئي فرق آهي اوهان ۽ اوهان جي دور جي ٻين ليکڪن ۾.

اوهانجي "ادبي ديانتداري" ۾ بہ شڪ نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ اوهان ڪن حقيقتن جو بيان ڪندي روايتون ۽ حوالا ڏنا آهن. ان کانسواءِ اوهان پاڻ کي اجايو "پاڻ جوڙيو-" هيرو ڪونہ بنايو آهي ۽ ٻين شريف انسانن جي لاک ڪانہ لاٿي آهي. منهنجي صلاح وٺو تہ هڪ ڪتاب ادبي يادگيرين ۽ ادبي دوستن تي بہ لکي وٺو. مون کي احساس آهي تہ ناچاڪ رهو ٿا پر سُک جي ڪک مان تہ سٺيون شيون جنم ڪونہ وٺنديون آهن هميشہ دکي انسانن ئي انسانيت، تاريخ ۽ ادب جي خدمت ڪئي آهي. خدا اوهان کي صحت ڏي....

٤- محترم محمد موسيٰ ڀٽو: حيدرآباد.

هن کان اڳ روزنامہ هلال پاڪستان ۾ اوهان جا لکيل اهي مضمون نظر مان گذريا آهن، ان وقت اها خواهش اڀري هئي تہ جيڪر هي مضامين ڪتابي صورت ۾ بہ شائع ٿين. اوهان هي يادون لکي سنڌي زبان پڙهندڙن تي احسان ڪيو آهي. اوهانجي قلم ۾ بي‌انتها رواني ۽ تيزي آهي. تفصيلي راءِ انشاالله ڪتاب جي مڪمل مطالعہ بعد لکي موڪليندس....

www.sindhsalamat.com

٥- محترم اياز گل: سکر.

اڳي ايئن هياس پڙهيو اٿم ۽ ڪافي لطف ماڻيو اٿم. ڪتاب سچ پچ تہ هڪ دلچسپ فنائتو ۽ ساراهڻ جهڙو شاهڪار آهي. ان جي ٻي ڀاڱي جو انتظار ٿو ڪريان....

٦- محترم روشن علي تونيو: لاڙڪاڻو.

هي ڪتاب ڪيڏو نہ معلوماتي ۽ اهم آهي موجودہ نئين ٽهيءَ لاءِ ۽ اسان سان گڏ انهن لاءِ جي ان وقت نوجوان هئا يا سانڀر واري عمر هين. خدا جو قسم ڏاڍي آسيس آئي ڪتاب پڙهندي، اهي چهرا بہ سامهون ڦري آيا جي ان وقت راندين ۽ رهاڻين ۾ موجود هئا. اڄ جي ماڻهوءَ جي پراڻي ماڻهوءَ سان ڀيٽ ڄڻ سچي جو ڪوڙي سان مقابلو آهي. هندو جاتيءَ جا عوامي ڀلائيءَ جا ڪم ۽ اڄ جي مسلمان جي لٽ لٽان ۽ کاءُ کاوان جي پاليسي، توبهہ.... مون اوهانجو "عاشي" ۽ "آسيہ" بہ يڪ ساهي پڙهيو هو. "سڌارٿ" کنيو هئم جو هي "اڳي ايئن هياس" ملي ويو، هو ترجما هئا هيءَ تصنيف آهي. تخليق ۽ ترجمو ايئن آهن جيئن آسمان ۽ ڌرتي. هن تصنيف ۾ ڌرتيءَ جون سوين ڪهاڻيون سمايل نظر اچن ٿيون پنهنجن سچن پچن ڪردارن سان. سچ تہ اڳي ايئن هياس جيڪو ذهني مزو ڏنو سو وسارڻ جهڙو ناهي. هن ڪتاب کي ٻيهر پڙهي وري پڙهڻ گهرجي. هن بنسبت هي خط آخري راءِ نہ آهي.

٧- محترم گل محمد شاه رضوي: ٽنڊوالهيار.

سرمو سڀڪو پائي پر اک اک جو فرق آهي. ڪتاب گهڻائي

www.sindhsalamat.com

لکڻ وارا لکن پيا پر ڪنهن ڪنهن جي لکڻي ئي اهڙو اثر پئدا ڪندي آهي جهڙو هي ڪتاب "اڳي ايئن هياس" پئدا ڪري ٿو. هي ڪتاب نهايت وٽندڙ ۽ دلچسپ آهي. هيءَ هڪ پلايل تاريخ به آهي جا ايندڙ نسل کي واٽون ڏسيندي رهندي توڙي جهونن لکندڙن لاءِ به هي ڪتاب گائڊ جو ڪم ڏيندو. هرڪو پڙهندڙ هن مان ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪندو.

٨- محترم محمد حسين ڪالرو: دادو.

اوهان جي نرالي ڏات سان نيٺ سنڌيءَ ۾ لکيل "اڳي ايئن هياس" کي هٿي ور ور ڪندو پڙهندو رهان ٿو. اوهان نئين ٿهي توڙي ڪيترن ئي وڏڙن کي حقيقي تاريخي معلومات کان جنهن پياري انداز سان آگاهي ڏني آهي تنهن لاءِ جس هجيو. گڏيل نموني سان سنڌي ٻوليءَ ۾ "اڳي ايئن هياس" هڪ شاهڪار آهي جنهن جي ٻي حصي جو انتظار رهندو....

٩- محترم لياقت علي تنيو: چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، لاڙڪاڻو.

توهانجون تخليقي صلاحيتون ترجمي کان گهڻو مٿي آهن، توهانکي معاشري جي صحيح عڪاسي ڪرڻ جو ڏانءُ آهي خاص ڪري اوهانجي هيءَ ڪاوش "اڳي ايئن هياس" ڏاڍي پسند آئي. مان قدامت پرست نه آهيان پر ماضيءَ جون جيڪي ڳالهيون اسانجو مستقبل سنوارڻ ۾ مدد ڪنديون انهن کي قطعاً فراموش نه ڪرڻ گهرجي. پڙهندڙ اها سوچ رکي ڪتاب پڙهندو ته اوهان تي "ماضي پرست" جو ليبل لڳي ڪونه سگهندو. خدا سائين اوهانکي صحت بخشي ته جيئن سنڌي ادب جي خدمت ڪندا رهو....

www.sindhsalamat.com

*** ننڍپڻ ۾ ڪم به چرين وارا هوندا هئم. گهر
کان يا اوطاق کان نڪري وڃڻ تي مارون به ڏاڍيون ملنديون
هئم پر تڏهن به وجهه وٺي رلڻ پنڻ ڪجهه ڏسڻ ٻڌڻ مشاهدي
۽ گيان ڌيان لاءِ ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن نڪري ويندو هوس.
مار منهنجي لاءِ ته ڪڏهن سنوار ڪانه ٿي، بس ڪا چٽي
سمجهي سهي ويندو هوس. پوءِ ڪڏهن ڪنهن اوتاري ۾،
ڪنهن گهٽيءَ ۾ يا رستي جي ڪنهن نويڪلي ڪنڊ ۾،
ڪڏهن مورڳو جنڊاهوڙن يا ڀيلن ميگهواڙن جي ڪنهن
وستيءَ ۾، ڪنهن آرا مشين جي ٻاهران ڪاٺ جي بنڊن
تي، ڪڏهن ته مورڳو ڪنهن کڏ تي چڙهي پکيئڙن وانگر
ٻنن ٻنجرن تي چڙهيو ويٺو طرح طرح جا ويچار پچائيندو
هوس. ڪپڙا ۽ بت جيترا اڇي مٽيءَ ۾ لٽجن ۽ ميرا ٿين
تيئن بت ۾ عجيب سرور ۽ صحت ڀانيان، گلم غاليچن
ڪرسين پلنگن ۽ بنگلي ٽائيپ جاين سان ڪا ازلي نفرت
هئم. پنهنجي اوطاق ۾ اهي شيون هيون تن سان هرڻو پوندو
هو باقي ٻي هنڌ وڃان ته ڀانيان ته پٽ تي ۽ خاص ڪري
چيڪي مٽيءَ تي ويهان ۽ اتي ئي سمهان. ان ڪري ئي
اڪثر ته وڃي مسجد جي تڏن يا اگهاڙي مٽيءَ هاڻي پٽ
تي سمهي پوندو هوس. ڏاڍو آنند ڏاڍو سرور ۽ فرحت ملندي
هئي. ٻي اها نوس نوس جي، ڳالهيون ٻڌڻ ۽ روزمره جا

www.sindhsalamat.com

لفاءَ ڏسي انهن تي غور ويچار ڪرڻ جي چوس پيل هئي. ڪڏهن ڪيترو وقت گوشت مارڪيٽ ۾ بيٺو ڪاسائي کي گوشت ڪٽيندو ڏسندو هوس، ڪڏهن ڪنهن کٽيءَ جي گهر ۾ ويٺو ماين ۽ مردن کي ڪپڙا استري ڪندو، ڪڏهن ڪنهن لوهار کي لوه ٺپيندو ڪڏهن واڍي کي ڪاٺ گهڙيندو ڪلاڪن جا ڪلاڪ جاچيندو هوس. ڪنڀارن کي چَڪَ تي ۽ چاڪين کي گهاڻن تي ڪم ڪندو ڏسڻ ۾ ته ڪڏهن ناغو نه ڪيم يا هنن جي گهرن ۾ زالن کي مختلف ڪم ڪندو ڏسندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ٻن ماڻهن کي ڳالهيون ڪندو ڏسي وڃي ڀر ۾ يا پٺ کان ويهندو هوس ۽ هنن جي وارتائن، ٻولي لهجي ۽ چهري جي لاه چاڙه کي ايئن ڏسندو هوس جڻ پهريون ڀيرو ماڻهن جي وستيءَ ۾ آيو آهيان. **مون لاءِ هر شيءِ هر ڳالهه هر نظارو روزانو نئون هوندو هو.** ڪڏهن ڪي ماڻهو شڪ سان ڏسندا هئا ته متان خبرون ٻڌيو ٿو وڃو ڪنهن کي ٻڌائي. ڪي کلندا هئا ته چريو آهي، کريو آهي يا رول. پر جيئن ته گهڻو ڪري غريبن جي ٺڪاڻن گهرن ۽ ڪم جي جاين تي ويندو هوس تنهن سبب نفرت بڇان يا بيزاري جو ايترو شڪار نه ٿيندو هوس ويتر محبت پاٻوه ۽ پيار ملندو هوم. البت ڌن وارن وٽان ڌڪارون ملنديون هيون. مطلب ته پهرين نمبر جو ناظرو نظرباز ناسوري يا نظاري باز هوس. ڪائنات جي ذري ذري جي چرپر تي مشاهدو ۽ غور ڪرڻ منهنجي روز جي ڊيوٽي هئي.

www.sindhsalamat.com

دنيا ۾ وارد ٿي پهريون ساه کنيم ته جيجل امڙ جا پساه پورا ٿيا- اهڙو سڀاڳو سدورو ڄائو هوس— ٿڃ پيارڻ لاءِ هر طبقي جون عورتون اينديون هيون ڀانت ڀانت جي ماين جي ٿڃ پيتم ۽ پوءِ بابا منهنجي پالنا لاءِ ٻي شادي ڪئي ٿورو وڏو ٿيس ته اها شفق مهربان امڙ به موڪلائي وئي. تنهن بعد ٽي ماءُ مليم انهيءَ جي به ٿڃ پيتم. هن وقت اها به دنيا ۾ ڪانهي- شل ٽنهي کي بهشت نصيب ٿئي، مون کي دنيا ۾ هلڻ جهڙو ڪري ويون- ٻيون اهي ٿڃ پيارڻ واريون ڪيتريون مائرون- وڌي وڏو ٿيس ته جيڪا گڏجي سا چوي ابا مون به توکي ٿڃ پياري آهي، آءٌ چوان امان تنهنجي مهرباني- انهيءَ حساب سان هن شهر ۾ منهنجا ڪيترا ڀاءُ ڀيڻيون به آهن، ته به بنهه اڪيلو.... متان هيءَ جا طبيعت ۾ ريچڪائي، ڳڻتي خوري توڙي جا پورالي سرشت اٿم ۽ هڪڙي سڀاءَ ۾ سهسين روپ، سو انهيءَ ڪري-؟!- ۽ اها Observation ۽ Meditation جي عادت هئم تنهن سبب ههڙو وهمي خفقاني ۽ سودائي مشهور ٿيو آهيان- ماڻهو جنهن کي سمجهي نه سگهندا آهن تنهن کي ٺهه پهه اهڙا لقب ڏئي ڄڻ ڪنهن وڏي فرضن کان آجا ٿي ويندا آهن- عام ماڻهوءَ تي ڪهڙي ميار، اڄ ته ڊاڪٽر حڪيم به مون پارن لاءِ اڳواٽ لکيل اهڙيون فتوائون کيسن ۾ کنيو هلن- منهن ڏسندي يا ٻه اکر ٻڌندي ئي انهيءَ فتويٰ جي فوٽو اسٽيٽ هٿ ۾ ڏئي روانو ڪندا- ويچارا ماڻهوءَ کان ڇرڪڻ وارا ماڻهو-!

www.sindhsalamat.com

خير، ١٩٧٣ع تائين منهنجي ان اڻ وڻندڙ، اجائي ۽ ويتر سيڪنهن لاءِ آزار وجود کي مرحوم ڀاءُ نوراحمد اهڙي ڪمال ۽ بردباريءَ سان سنڀاليو اڳيرو رکيو ۽ ان جي ٿيڪ ۽ ڇپر ڇانو ٿيو جو اهڙو مثال انسان جي سماجي سائنس جي تاريخ ۾ مشڪل ملندو. هن هستيءَ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه لکڻ لاءِ جڏهين به قلم کنيو اٿم هڪ اکر لکڻ ۾ به ڪامياب نه ٿيو آهيان. مئي ١٩٧٣ع ۾ هو هي جهان ڇڏي ويو.... تڏهين کان جيئن ٿئو آهيان تيئن وري نه جڙيو آهيان، چاڪاڻ ته زماني ۾ جي هئن ۽ نوراحمد جي هئن ۾ فرق آهي.

*** **نڍي هوندي ٻڍي ٿي** ته وڃي ڏاڍا جاوا ڪندو هوس. اتي منهنجي سپاءُ آهر سڀ شيون ملي پونديون هيون. هارين سان پٽ تي ويهي رهاڻ ڪرڻ، هنن جي رکي سکي ماني ڏڌ سان ڪائڻ، وڻ هيٺان چادر تاڻي سمهڻ، ڇڙڙو پاڻي پيئڻ ۽ انهيءَ سڀان هيٺ منهن ڌوئڻ اهي سڀ نعمتون ات هيڪانديون هيون. ڏاڍي سڳنڌ آهي منهنجي ديس جي مٽيءَ ۾! پکي پکڻ کي وڻن تي ٽپندو ڪڏندو يا اڏامون ڪندو ڏسي سڌ ڪندو هوس ته ڪاش پکي هجان! ڪڏهن ته ڪنهن وڻ کي ڀاڪر پائي بيهي رهندو هوس. يا ڪي ٻيون اهڙيون چرپڻ واريون حرڪتون ــــ پوءِ اهو ئي حاجي رحيم هو جو اچي سنڀالينڊو ۽ سمجهائيندو هوم. ڪڏهن **وڪٽر هيوگو** جو هڪ نظم پڙهيو هوم جنهن جي هڪ ٽڪري جي معنيٰ ڪجهه هنريت آهي:

”آءُ پکي ڌرتيءَ تي بيٺو آهيان. پر خوف، بي اطمينانيءَ

www.sindhsalamat.com

۽ بي‌دلي جو شڪار آهيان سامهون ڏسان ٿو ته هڪ ننڍي وڻ جي هڪ نازڪ ۽ ڪمزور لام تي هڪ ننڍڙو معصوم پکيڙو ڏاڍي خوشي، بي خوفي، اطمينان ۽ هيڄ مان ٻيو لاتيون لنوي، اها نازڪ سنهي ٽاري سندس بار کان جهڪيو پوي، ويهو وڃي، پر پکيڙي کي (ان جي ٽٽڻ جو) ڪو خوف نه ٻيو ٿئي، چاڪاڻ ته هن وٽ اڏامڻ لاءِ پر آهن"— هن کي پرن جو پرسو آهي— (مونوٽ اهڙو ڪو سهارو ناهي)-

ٻني‌ءَ جي هڪ طرف پڪي رستي جي پرئين پر بلوچن جا گهر هئا. هڪ گهر ۾ هڪ چند جهڙي نينگر هئي جهڙي بهشت جي حور، پياري پياري نماڻي ۽ ماڻيٽي- منهنجو روز اتان ئي اچڻ وڃڻ ۽ هن جو گهڻو وقت گهر کان ٻاهر اتي در وٽ ڪم ڪاج ڪندي گذارڻ- روز اکيون ملن، روز مرڪن جي ڏي وٺ ٿئي- نيٺ هڪ ڏينهن پاڻ ۾ فيصلو ڪري ويناسين— هوءَ منهنجي ڀيڻ ٿي ۽ آءٌ هن جو ڀاءُ- اهو رشتو پڪو ٿيو- هن جا ماءُ پيءُ به خوش ٿيا. هاڻي هوءَ مون ڀاءُ کي گاهي بگاهي تنور جي ماني تازي تازي ڪڍيو ڏي ۽ اسان جي اوطاق واري هڪ مڪرانڻ ساوا مرچ تريو اچي— اها تنور جي ماني ۽ تريل ساوا مرچ منهنجي ڪمزوري هئا- اهي شوق سان ڍءُ ڪري کائي وري انهيءَ ڀيڻ جي موڪليل ڏڌ جي ڏيڍ فوڙي گلاس جو سمورو ڏڌ پيٽ ۾ اوتي بالم ٿي اوطاق ۾ سمهي بوندو هوس- انهيءَ ڀيڻ جي رڳو هڪڙي محبت واري مرڪ مون کي جيئڻ جو جيئدان ڏئي ڇڏيندي هئي- وري اهڙي صحابت جو آءٌ ڪجهه ڏيانس

www.sindhsalamat.com

تہ اصل نہ وٺي، چيم آءٌ ڪاوڙجي پوندس ۽ توسان نہ ڳالهائيندس- چوڻ لڳي سج اولهہ کان اڀري سگهي ٿو تون مون سان ڪاوڙجي نٿو سگهين- برابر آخر تائين هن سان خفي ٿيڻ جي همت نہ ساريم- پوءِ جو حيدرآباد پڙهڻ ويس تہ هن جي شادي ٿي وئي ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪالونيءَ ۾- تنهن وچ ۾ تہ ڇا جو ڇا ٿي ويو، اهي سڀ نقش جي جيءَ جو جياپو هئا بگڙي ۽ ميسارجي ويا- جتي ڪٿي گدڙن جو واسو ٿي ويو. هي ساءَ اهي سهاءَ ۽ سماءَ باقي نہ رهيا.

*** **هڪ ڀيري** اڪيلو ڀٽڪندي هڪ ڪنڊيءَ جي ڀر ۾ هڪ تتر جو ٻچو ڏٺم، هڪدم جهپ هڻي ان کي کڻي هٿ ۾ ڪيم. اتي جو اتي انهيءَ ڪنڊيءَ مان هڪ ٿلهي متاري تتري نڪري اچي منهنجي سامهون بيٺي. سڀڪو ڄاڻي ٿو تہ تتر پکي ڪيڏو ڇرڪندڙ ڊڄندڙ ۽ تکو ڊوڙندڙ توڙي تکو اڏامندڙ پکي آهي. پر هيءَ تتري منهنجي سامهون ايئن بيڊپي بيٺي منهنجي انهيءَ هٿ ڏانهن نهاريندي رهي جنهن ۾ اهو ٻچو قابو هو. آءٌ ٿورو اڳتي وڌي هلڻ لڳس تہ تتري بہ منهنجي پٺيان هلڻ لڳي جيئن پاليل ڇيلو هلندو آهي. آءٌ بہ في الوقت اهڙو مورک ٿيس جو اهو نہ پيو سمجهان تہ اهو مامتا جو مامرو آهي اهو ٻچو انهيءَ تتريءَ جو آهي جو هوءَ سر تريءَ تي رکيو هڪ ماڻهوءَ پويان لڳي اچي-! ڪجهہ ٽانءِ ۾ ڀرجو پيو هلان— ڪجهہ اڳتي هلي پوءِ اهو عقل آيم ۽ ڳالهہ بہ سمجهيم. هاڻي پهرين ڀانيم تہ انهيءَ بيوس تتريءَ کي بہ کڻي پنهنجي قبضي ۾ ڪريان بي ڪمايو

www.sindhsalamat.com

شڪار ملي پوندو، پر ايئن نه ڪيم ۽ انهيءَ ٻچي کي بہ هٿ مان ڇڏي ڏنم. هو ڊوڙندو وڃي ماءُ سان مليو. هوءَ ان کي ساڻ ڪري تڪڙي تڪڙي واپس انهيءَ ڪنڊيءَ ۾ هلي وئي. پوءِ ويهي ويچار ڪيم تہ ان معصوم ٻچي جي اکين ۾ خوف ۽ تتريءَ جي بت جي رڦٽي، ويچارگي ۽ خود سپردگي جون ڪيفيتون ذهن تي چٽيون تي بيٺون ۽ انهن مان ڪيتريون معنائون مطلب نڪري آيا.

محمود غزنويءَ بہ اهڙوئي ڌيرج ڌري هرڻيءَ جو ٻچو ڇڏي ڏنو هو تہ هن کي بادشاهيءَ جي بشارت ملي هئي. مون کي نڪا اهڙي بشارت ملي نہ بادشاهت، پر هڪ چڱيرو ڪم ڪرڻ يا هڪ وڏي پاپ کان بچڻ جي احساس مان جو سڪون ملي سو جيڪر اهڙين انيڪ بادشاهين سان بہ نہ مٽيان. تاريخ "ناهڻ" وارن کي شابس هجي. ڪيئن نہ بادشاهتون ورهايون اٿن-!

*** هڪ ٻهاولپوري اوڏ مائي هئي جنهن جا ٻہ پٽ اجيمري ۽ منشي ٻئي اسان وٽ نوڪر هئا. هوءَ بہ اڪثر اسان وٽ گهر يا باغ تي ايندي هئي. ٻيون تہ گهڻي وصفون هئس پر گهاڻ ۾ يڪتا هئي. ڪڏهين اسان جي فرمائش تي ٻهاولپوري لوڪ گيت ٻڌائيندي هئي تہ ٻڌڻ وارن کي مست ڪري ڇڏيندي هئي. ٻيو هڪ خاص گيت- "ڪٽڪان ديان فصلان پڪيان ني...." تي تہ اهڙو عبور هوس جو آءٌ دعويٰ ڪندس تہ جيوڻي بہ نہ گهائي سگهي ها. باغ ۾ عجيب رنگ جمي ويندو هو. نہ ساز نہ سرندا نہ ڌڪڙ

www.sindhsalamat.com

نہ طبلا پر هن جو منو تکو ۽ تيز آواز پري پري تائين گونجڻ لڳندو هو تہ ڀر پاسي جا رهواسي بہ ڊوڙندا ايندا هئا هن جو راڳ ٻڌڻ. هئي بہ مائي جيوڻيءَ جهڙي ئي، ڪاري رڏ توڙي ڀاري بدن، شاهي گهير وارو پڙو، گجرو، سنگهرن ۾ سلهاڙيل ٻيڙا، پنئچي، ڪنگڻ ساڳيا اهي ئي اوڏن وارا نمونا. تان جي صدا تہ آڪاش تائين پهچندي هئس. ماڻهن هزار سمجهايس ۽ ريبيس پر ڪڏهين پروفيشنل ڳائڻي ٿيڻ نہ قبوليائين، نہ ڪي هر ڪنهن جي فرمائش تي ڳايائين.

اهڙن لڪل لعلن مان هڪڙو غريب هندو رنگريز هو کتري پاڙي ۾. ارٿميٽڪ جا وڏا وڏا ڏکيا سوال ڪمپيوٽر وانگر سيڪنڊن ۾ سلي ڏيندو هو جيتوڻيڪ گهٽ پڙهيل پورهيت هو. اسڪول جا ماستر ۽ شاگرد سدائين پيا هن وٽ ڏکيا حساب سکڻ ايندا هئا. هي ڪم ڇڏي بہ ويهي هنن جي مشڪل آسان ڪندو هو. پاڻ قلم بہ هٿ ۾ کڻندو هو، زباني واٽون سمجهائيندو ويندو ۽ هو لکندا ويندا....

*** **ننڍي سومري روڊ** ۽ نصرپور روڊ جي سنگم وٽ هڪ هندوءَ جو ننڍو باغ هو جنهن جي چوڦير پڪين سرن جي چوديواري ڏنل هئي. پنهنجي باغ کان ايندي ويندي انهيءَ سنگم وٽان بہ لنگهڻ ٿيندو هو. ڪڏهين تہ وڃي ان جي نار تي ويهندو هوس ۽ ڪيترو وقت ويٺو ڳاڌي هڪليندو هوس.

هڪ ٻپهريءَ جو اتان لگهندي آءٌ انهيءَ باغ جي ٻاهران ٺهيل هڪ بي‌درن درين واري ڪوٺيءَ ۾ گهڙي ويس ۽ ان جي

www.sindhsalamat.com

پٽ تي پکڙيل سڪي گاه تي پاٿول هڻي ويهي رهيس. جتي به لاهي هڪ طرف رکيم ۽ برڪلي جي سگريٽ دکائي وڏا وڏا سوٽا هڻڻ ۽ ڌيان گيان ۾ غلطان ٿي ويس. مٿي لکيو اٿم ته اڪثر اهڙن ويرانن ۾ سڪون ملندو هوم، توڻين جو ماڙهو ڇيڙو هجن پر مونڏانهن ڌيان نه ڏين تنهن کي به ويرانو ڀائيندو هوس. اڄ به هن سڄي ڪوٺيءَ ۾ ويهڻ جي سڌ ٿيم، جنهن جي درن ۽ درين جا چونڪ ڪڏهوڪا نڪتل هئا. ڪن ايامن کان سڄي پئي هئي. ان وقت سخت ڪاڙهو هو ۽ چوڦير پکي پکڻ جو نالو نشان به ڪونه هو. خير—

اڃا ٿورو ويٺس ته اوچتو ياد آيم ته هيءَ ته اها ڪوٺي آهي جنهن لاءِ جتي ڪٿي مشهور آهي ته ان ۾ جنن جو واسو آهي، ڪي سال ٿيا آهن جو ان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪنهن کي همت نه ٿي آهي، چڱا جيءَ جگر وارا به انهيءَ ڪوٺيءَ ڏانهن لڙندي ڪئه کائيندا آهن پر جي ڪو اندر گهڙيو آهي ته ٺهه پهه بيمار ٿيو آهي ۽ ڪيترن ته حياتي وڃائي آهي— وغيره.... کن پل لاءِ ته بت ۾ سيسراٽ ۽ خوف جو ڌڌڪو محسوس ڪيم پر جلد ئي اهو ڀئو ايئن دور ٿي ويو جڻ ان جو ڪو سبب ئي نه هو—— ننڍي لاڪون بي ڊپو ۽ نرجو به ڏاڍو هوس، خوف خطرن کي هٿئون دعوت ڏيڻ ۽ اڇي مڇي انهن مان نڪري وڃڻ هڪ شغل هوم— خير اهي قصا الڳ—. هاڻي ڪوٺيءَ جو جائزو وٺڻ لڳس، چار پڪيون ڀتيون ۽ ڪاٺ تڏن جي

www.sindhsalamat.com

ڇت، ٻيو هو ڇا. هڪ ڳالهه عجيب لڳم: سدائين کليل نڌڻڪي ڪوٺيءَ ۾ ڪنهن ساه واري گند غلاظت جو به ڪو نشان ڪونه هو، نه ڪتن جو گند نه ڪنهن چوپائي جي لڏ نه پيشاب جو نشان نه ڪو ٻيو اهڙو اهڃاڻ جنهن مان معلوم ٿئي ته من ڪو ڪوئو ٻلي ئي اندر ايندا هجن. ڄڻ ڪوٺيءَ کي ڪوئي روزانو صاف ڪندو هجي ۽ ڪنهن به ساه واري کي اندر داخل ٿيڻ جي ڪا ازغيبي منع هجي-! جي بنهه خالي ۽ سالن کان ويران ڪوٺي هجي ها ته ڪنهن رولو ڍور ڍڳي جو ته ڪو نشان ملي ها ڪنهن ڪتي ٻليءَ جو ته ڪو اهڃاڻ ملي ها، پر هتي ته اها سڪي گاه جي پَن به اهڙي اڇي اجري هئي ڄڻ روز ڌوپندي هجي. ڪٿي ڪوريئڙي جو ڄار به نه هو-!

آءٌ خوف ۽ انديشي کان ته بي‌نياز ٿي ويس پر اڃان ئي اندر ۾ هڪ شوق هڪ تجسس جاڳي پيم ته ڏسان ته جنات ڪهڙي ٿيندي آهي-؟ ڇا ٿي ڪري-؟ ڪيئن ٿي ڪنهن کي ماري، ڇيهو رسائي يا ورسائي-؟ انهيءَ شوق ۾ ويٺو سگريٽ جا سوٽا هڻندو ڪوٺيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ تي توڙي ڇت تي نظرون ڊوڙائيندو رهيس ته اڄ ته ڪو چمتڪار ڏسان. ڳچ وقت گذري ويو پر نه ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو نه ٻڌڻ ۾. بس اهي ئي رکي رکي ڪنهن پکي پکيروءَ جي ٻولي يا پري کان ڪنهن ڍور جي رنڀ. نيٺ اتي ويٺي ويٺي وٺي سڏ ۽ واڪا ڪيم:

”آهيو ڪي نه-؟ ظاهر ٿيو، مون کي ڏيکائي ڏيو، يا

www.sindhsalamat.com

مون کان ڪجهه ڦري وٺو يا مون کي ڪجهه ڏئي وڃو-!"

ڪيترو وقت ويٺو سڏ واڪا ڪندو رهيس، پهرين ويٺي پوءِ بيٺي، پر ڪو کڙڪو به ڪونه ٿيو. مايوس ٿيس ته جنن مون کي قتل ٿيڻ جي لائق به نه سمجهو-! نيٺ ٻاهر نڪتس ۽ گهر جو رخ رکيم. رستي ۾ اسان جو سرڙيو هاري الهڏنو ميربحر گڏيو. جڏهين ٻڌايومانس ته فلاڻي ڪوٺيءَ ۾ ڳچ وقت ويهي به ٽي سگريٽون پي آيو آهيان ته ڇرڪ نڪري ويس. پهرين منهنجي پيشانيءَ تي پوءِ ڪرائيءَ ۾ هٿ وجهي ڏٺائين ته تپ ته ڪونهي. ڪڏهين منهنجين اکين ۾ پيو گهور ڪريو نهاري. پوءِ مون سان گهر تائين گڏيو آيو پر حيران، وائڙو ۽ خاموش. آءٌ ته گهر اچي ماني کائي سمهي پيس پر هو غريب رات تائين در تان نه چريو. هن کي پڪ هئي ته مون کي ڪجهه ٿيندو ضرور. پر رات ويندي تائين به جو مون ۾ ڪو فرق نه ڏٺائين ته ماڻڙي ڪري پنهنجي گهر هليو ويو. وري صبح ساجهر اچي پهرين منهنجي پڇا ڪيائين ته مونکي اهڙوئي ڏٺائين جهڙو اڳ هوس. هو مون تي "ڪذرت جو ڪرم-" سمجهي صبر ڪري ويهي رهيو. آءٌ به وري انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪڏهين نه ويس. جنن سان ڪاوڙ ٿي پئي هئم.

پوءِ جنهن به اها ڳالهه ٻڌي سو ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو ۽ مون کي پيرن کان مٿي تائين جاچڻ لڳو ڄڻ آءٌ به ڪو جن نه ته به جنن ۾ انٽيليجنس جو ماڻهو ضرور هوس. ان ڏينهن بعد مون ۾ جنن ڀوتن جي حقيقت معلوم ڪرڻ جو سچ پچ

www.sindhsalamat.com

هڪ جنون جاڳي پيو. ان سلسلي ۾، ان جاکوڙ ۾، ڏاڍا عجيب مشاهدا ماڻيم، گهڻيون حقيقتون رمزون ۽ اسرار ڏٺم، ڪي وهم وسوسا مفروضا ۽ ڏند ڪٿائون رد ٿيون ڪي ايقان پختا ٿيا. هي جديديت ۽ ماديت جو دور آهي. هن ڪتاب ۾ اهي مشاهدا لکندس ته متان هي سڄو ڪتاب ئي ناپاس ڪري ڇڏين. خير- يا نصيب موقعو مڙيو ته ڪڏهين اهي حقيقتون لکندس. آءٌ نڪو ويساه وسوڙل نڪو خوش اعتقاد نڪو بد اعتقاد، پاڻ شڪي ۽ دير سان يقين ڪرڻ وارو پهرين نمبر جو منڪر مشهور، ڪيتريون ڪرامتون اکين سان ڏسي پسي به اعتبار نه ڪيم، ڪيترن فقيرن جا ڪرتب ڏسي به نه مڃيم، پر ڪي ڳالهيون اهڙيون ڏٺم، سمجهيم ۽ محسوس ڪيم جو انهن تي ڳنڍ ٻڌي نه بيٺو آهيان ته انهن کي ڪوڙ به نٿو سڏي سگهان. هاڻي ته سنڌ جا جن ڀوت به ڪڏهوڪو موڪلائي الائي ڪيڏانهن ويا. هنن سان ٿي به اهڙي جو هتي رهي نه سگهيا. هاڻي جنن ڀوتن تي ڇا تحقيق ڪجي، انهن جي قائم مقامن جا ڪم ڏسيو پيا انهن اصلي جنن کي ساريون....

سو سائين ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ اجهو اهي چرين واريون ڪرتون ڪندو هوس، پوءِ حيدرآباد پڙهڻ ويس ته اتان زندگيءَ جو وهڪرو يڪسر نئينءَ سئيئن شروع ٿيو. هيڏانهن منهنجو شهر به ڪانگين ڪتين ٿي چڪو هو.

ڪا فام ڏسي آيس ته سنگتين کي ان جي ڪهاڻي پيرائتي گانن توڙي ڊائلاگن سوڌي مڪمل ٻڌائي ويندو

www.sindhsalamat.com

هوس ۽ هو چوندا فلم مفت ڏسي ڇڏيسين. ناول يا افسانو يا ڪوبہ ڪتاب پڙهيم تہ سنگت طرفان ڊيوٽي هوندي تہ مڪمل ٻڌاءِ تاثرات سوڌو، ڇاڪاڻ تہ پڙهڻ کان وڌيڪ تو کان ٻڌڻ ۾ مزو آهي. علمي ادبي سياسي مذهبي بحث مباحثي ۾ مون کان ڪنهن نہ کٽيو، کڻي وڏن جي محفل ۾ هجان يا ننڍن جي ميڙ ۾، پوءِ ڪيترن جو وير پرايم ڪيترن جو حسد. ڪوئز مقابلا يا بيت بازي، ڪاڪ فائيٽنگ يا رسي ڪشي، ڪرڪيٽ يا نعت خواني، ڳائڻ يا ڦرڦر سئونٽو، سڀ ۾ هميشه اڳرو، ڏاڍو ۽ نرجو، بي ڊپو ۽ مڇڏ اهڙو جهڙو اڄ هيڻو، هيسيل، نکمڻو ۽ ناڪارو. تعصباب کان پري گهڻو لبرل هوس ان ڪري تنگ نظر مذهبين ۽ مدبرن کي ماٺ ڪرائي ڇڏيندو هوس، ڪنهن کان قائل نہ ٿيس سواءِ وسيع قلب نظر واري سچ ڳالهائڻ واري کان. يار دوست ۽ مائٽ کي چوندا وڪيل ٿيندين ڪي چوندا سياستدان، ڪي اڳ ڪٿي ٻڌائيندا تہ عالم ٿيندين ڪي دعويٰ ڪندا تہ عالم اديب يا دانشور، ڪي چوندا وڏو آرٽسٽ ٿيندين ڪي ڪجهہ ڪي ڪجهہ بنجڻ جي خبر ڏيندا هئا، پوءِ الائي ڇا ٿيو جو ٿيس ڪجهہ بہ ڪونہ—! هن وقت ڌرتيءَ تي مون جهڙو بار ۽ بوجهہ ٻيو ڪير ڪونهي. افلاطون کان پڇيائون تہ سڄي عمر ۾ تو ڇا سکيو-؟ هن جواب ڏنو تہ فقط هڪڙي ڳالهہ سکيس، ۽ اها هيءَ تہ: سکيس ڪجهہ بہ ڪونہ-!

طرح طرح جون نوڪريون ڪيم، ريڊيو ڊرامن کان

www.sindhsalamat.com

وٺي انشورنس ايجنسي تائين، هر معاملي هر لائن ۾ ڪاميابي جي ويجهو پهچي وري ٻيو رستو ورتم. ماڻهن چيو چريو آهين، باقي هڪ ٻه ڏاڪو ته رهيو آهي-! چيم اها ته منهنجي منزل ئي نه هئي. وري وڃي ڪنهن نئين رستي جي منڍ کان نئون سفر شروع ڪيم. هاڻي ٿڪي ويهي رهيو آهيان. خودداريءَ ڪٿي مُڙڻ نه ڏنو، ٽُٽڻ لاءِ تيار رهيس مُڙڻ کي موت ڄاتم. ڪميونسٽ هئڻ جو ٺپو ته پهرئين ڏينهن لڳو هوم جو وتائي فقير واري ورڇ کي تڏهين به ننديندو هوس ۽ هاڻي به ان کي قدرتي ورڇ نٿو مڃان. اسان خدا جي دين کي ٧٣ ڀاڱن ۾ ورڇي ڇڏيو آهي.

الله معاف ڪري، ڪي ڏينهن ڌرم ايمان کان عاري هوس، پر پوءِ جلد ئي انهيءَ ڪفر مان ايمان انهيءَ نفيءَ مان اثبات ۽ انهيءَ انڪار مان اقرار پرايم. سچ ته ايئن نه ڦران ها، ڪفر جا ڪتاب نه پڙهان ها، الحاد جي اندر وڃي ان جو ويجهو مشاهدو نه ڪريان ها ته ايمان ايترو پختو نه ٿئيم ها جيترو اڄ اٿم. ڪي اشارا خوابن ۾ مليا ڪي رويائن ۽ مشاهدن ۾. مذهبي ڪٽرپڻي، ملائيت ۽ پاپائيت، عقيدن جي تنگ نظري ۽ Rigidity جي تلخ تجربن ۽ مشاهدن ويتر منهنجو اندر اجاريو ۽ ايمان مظبوط ڪيو. هاڻي کڻي:

”مون کي ڪافر ٿو مسلمان چوي
۽ مسلمان ٿو ڪافر سمجهي....“

پر آءٌ جو ئي آهيان سو ئي آهيان جي مصداق رڪارڊ به صاف آهي ۽ ضمير به.

www.sindhsalamat.com

مون شوق رکي رکي اهي اهي ڪتاب پڙهيا جن جو هڪڙو صفحو ئي ايمان واري کي ايمان کان ڦيري ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي پر منهنجو ايمان انهن ئي ڪتابن پختو ڪيو جڏهن تہ نالي پٽين گڙنگ علماءِ دين جي ڪتابن مورڳو منهنجو ايمان وڃايو هو.... تڏهين ڄاتم تہ ايمان تباه ڪرڻ وارا ڪتاب آهن ئي اهي جي ايمان جي پختگي جي دعويٰ سان لکيا ويا آهن، يا اهي جبن ۽ ڏاڙهين وارا دنيادار جي ديندار بنجي ويٺا آهن. امت جو سر انهن وڃايو آهي. ڪيترن مذهبن جا ڪتاب ۽ ٻيا اڪيچار بيشڪ سڀ پڙهي ڏٺم تہ سچ پچ ڦري گهري انهيءَ ئي شاه ڀٽائي رح واري ”حق حقيقي هيڪڙو“ جي وجود ۽ اقتدار جي شاهدي مليم، هڪڙوئي نڪتو، ڄڻ سڀ ڪتاب ساڳي هڪڙي ڳالهہ پنهنجي پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي اسلوب ۾ پيا بيان ڪن. ڪفر شرڪ ۽ الحاد جي ڪتابن ۾ پڻ يقين ڄاڻو تہ قرآن ۽ ان جي نازل ڪندڙ جي تصديق ۽ توصيف کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي، شرط اهو آهي تہ اهي ڪتاب هر طرح جي تعصب، ضد ۽ ڪاوڙ کان پاڪ ٿي، تجسس تحقيق ۽ تلاش جي نيت سان پڙهجن. مون کي تہ ايئن لڳو تہ اهي ڪتاب هنن رڳو مخالف صورت وٺي خدا جہ ۽ سندس دين کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ لکيا آهين— ڄڻ ملي ڀڳت هجين هن جہ سان-! يا لکندي ڀلايا ويا آهن يا بعد وارن انهن ۾ تحريف ڪئي آهي، انهن کي مسخ ڪيو آهي. انهن کي بہ جي Between the Lines پڙهيو وڃي تہ اهو ”حرف مڙيوئي

www.sindhsalamat.com

هيڪ" ڏسڻ ۾ ايندو. ايئن نٿو چوان ته خدا کي سڃاڻڻ ۽ مڃڻ لاءِ خدا کان منڪر ٿيڻ ڪو ضروري آهي— آءٌ فقط پنهنجو ذاتي ۽ شخصي تاثر بيان ڪري رهيو آهيان ته آءٌ "لا" کي چهٽي پيس تڏهين ئي "الاالله" جي ڏاڪي تي چڙهيس، ايئن ڏاڪي ڏاڪي چڙهندو "رسولالله" تائين پهتس. باقي سڀڪنهن جو پنهنجو پنهنجو Conclusion ۽ پنهنجي Contentment آهي. منهنجو تجربو ڪو فارمولا ڪونهي. هرڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٿنگبي.

ٻيا پنهنجا تجربا مشاهدا فڪر احساس وک وک تي ويل ويل تي رهنمائي ڪندا ساڳي نڪتي ڏانهن اشارو ڪندا آيا، سڪ ۾ به هن جي شاهدي ۽ ڏک ۾ به هن جو ڏس، پلا جنهن حقيقت جو ناتو منهنجي احساس، نفسيات محسوسات ۽ سڄي اعصابي تنتي سرشتي ۽ جبلت سان آهي تنهن کان ڪيترو انڪار ڪندس.؟ آءٌ نه مڃندس ته هن ڌرتيءَ تي ڪو ٻيو به انڪار ڪندڙ آهي جيڪو زنده آهي پنهنجين انهن مڙئني جزئيات سان.... ✿✿✿

www.sindhsalamat.com

ڪتاب جو پهريون حصو پڙهي ڪن صاحبن لکيو آهي ته ان دور ۾ **هندو مسلمانن جي باهمي ناتن** توڙي مسلمانن جي اقتصادي حالتن بابت به ڪجهه لکندا. هائي ٻڌايو ته ڪيئن لکان-؟ جي سچ لکان ته الائي ڇا ڇا خطري ۾ پئجي وڃي ۽ آءٌ سهي جي کل، تاديب جي گهل ڪٿي ٿو سهسائي سگهان. ۽ جي افسانوي رنگ ڏئي وڻندڙ داستان ويهي ٺاهيان ته تاريخ مسخ ٿئي- اسين اڳ ئي ڏاهر جو اولاد ۽ گانڌيءَ جا چيلا سڏجون حقيقت لکون ته رهي کهي اڳڙي به لهي وڃي.

پر به ٿورو لکڻو گهڻو— ايترو ضرور لکبو ته هڪ ته سرمايه داري ۽ جاگيرداري وارو دور ٻيو مٿان انگريز جو بيٺڪي راڄ، عوامي جاڳرتا يا لوڪ راڄ واري فضا نه هئي- عام مسلمان يا ته پورهيت يا درن تي نوڪريون ڪرڻ وارو يا ڪمي ڪاسبي ۽ وڌ ۾ وڌ ڪنهن ڇوٽي موٽي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ملازمت ۾- مائٽ ۾ ايڏي طاقت نه هوندي هئي جو پٽ جي ميٽرڪ يا گريجئوئيشن جي امتحان تائين ترسي ۽ خرچ ڀري- ڏاڍو زور لائي پيٽ سان پٽيون ٻڌي پٽ کي ماستري يا دارا ڳو يا ڪئينال اسسٽنٽ يا وڌ ۾ وڌ تپيداريءَ تائين پهچايائين يا فائنل پاس ڪرايائين ته ڄڻ ترقيءَ جي آخري منزل تائين پهتو. پوءِ مائٽ ويٺا

www.sindhsalamat.com

پٽن جون ڪمايون ڪائيندا. پر جن مائٽن ۾ اها سگهه به نه هوندي سي ڪچيءَ ڪان ئي چوڪري کي ڪنهن پورهئي سان لڳائي ڇڏيندا. هو ڪنهن سيٺ جي در تي بزگير يا رازي، وادي، لوهار يا ڪنهن مستريءَ وٽ ٻالڪو ٿي بيهندو ٻوءِ اتان ئي استاد جون مارون ڪٽون سهي پاڻ به وڏي استاد ٿيو يا سدائين زيردست رهيو. اها سندس قسمت ـــ چند سرنديءَ وارا يا حڪومت جي خرچ تي ڪو وڏو امتحان پاس ڪري ڪنهن مختيارڪاري يا ڊپٽي ڪليڪٽري جي عهدي تي پهچي ويا تہ ڇيهه ٿيو باقي جيڪو هاريءَ جي گهر ۾ ڄاڻو تنهن کي اهو ڪڙي منجهه ڪڙو لپيٽي هلڻو آهي ۽ آخري ڏينهن تائين هاري ئي رهڻو آهي- چوندا تہ: ”آءٌ به سيٺ تون به سيٺ تہ گڏهه ڪير هڪلينده.“ نہ مائٽن ۾ پڙهائڻ جي سگهه نہ معاشري ۽ حڪومت طرفان علم جي حصول جي ترغيب نہ وري ڪو اهو برداشت ڪري تہ جٽ جو پٽ يا ڪمي ڪاسبيءَ جو پٽ چار اکر پڙهي پوي. جي ڪنهن جي ميڇالي ۾ ڪيڙو سڙيو ۽ اٿيو پڙهڻ لاءِ تہ جتان ڪتان ٻلڪہ خود مائٽن طرفان به وٽ وٺان ٿي ويندي هئي تہ جهل پيٽسان جٽ جي پٽ کي ابس ڏاڏس به ڪڏهن پڙهيو جو هي کوهلو ٿو پڙهي. **اهڙا هئا انهيءَ نظام جا بندوبست.** تنهن ڪان سواءِ طرح طرح جي ذهني شعوري پروپيگنڊا انهن اميرن جي طرف ڪان اهڙي هئي جو خود عام لوڪ به قائل ٿي ويهي رهندا هئا تہ پڙهڻ ڪڙهڻ برابر ڪو ڏوه جو ڪم آهي. ڪنهن جوان ڪان

www.sindhsalamat.com

پڇجو ته پڙهئين ڪونه-؟ ته ڏاڍي دلجاءِ سان چوندو ته اسان جو ابو ڏاڏوئي ڪونه پڙهيو، ياــ ڪهڙي نوڪري ڪرڻي آهي جو پڙهون، يا جيسين پڙهون تيسين ڪائون ڪٿانــ! وغيره. مطلب ته ملا مڪتبن يا پرائمري ليول تائين سرڪاري بندوبست هئا ته غريب وٽ وقت نه هئو. ٻيو ماحول جي اها ڪامياب ذهني غسل (Brain Washing) ٿيندي هئي. بس شهري به پڙهيا ته پڙهيا سو به غريب ماڻهو بــ چار درجن تائين باقي ٻاهراڙين ۾ پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪهڙو سوال-؟ ته سائين مسلمان عام لوڪ ۾ تــ اهو احساس ڪمتري پختو هو ته هو پڙهڻ ۽ ترقي ڪرڻ لائق ئي ناهن رڳو بزگيري لاءِ پئدا ٿيا آهن. خير پوءِ نيٺ به ماڻهن ۾ علم لاءِ چاه وڌيو ۽ حڪومت بــ انپڪ قدم ڪنيا ته حالتن ۾ ڦيرو آيو پــر گهڻو پوءِ.

ٻيو سبب هو سنڌيــن جي هيڪاندي قناعت پسندي، امن پسندي ۽ مرنجان مرنج هئڻ. سڄي ڏينهن جي پورهئي کان پوءِ به رڳو هڪ ويلو ڏڌ سان ڏوڏو کائي بــ وڏيون اوگراتون ڏئي، شڪر الحمدلالله جو نعرو هڻي اطمينان سان سمهي رهندا تــ سياڻي جو روز خدا تي اوڻ خير اپريو تــ ڏسبو نه ته اهڙا ته اڳ ئي آهيون. پــاڻ انهن جا به يا عمر ٿورائتا جن پورهيو ورتو ۽ ڏڪو پئسو هٿ تي رکي ڏنو. جي ڪو چني ۾ وينو آهي ته اتي شڪر پر جي چني مان ڦري جهوپڙو تي ٻيو ته اجا به شڪر. جاءِ ڪچي ٿهي پئي ته پوءِ ته بس دين دنيا پئي ملبا باقي ڇا گهرجي. هاڻي ٻڌايو

www.sindhsalamat.com

ته ڪمائڻ جو ۽ اڳتي وڌڻ جو ”حرص“ هجي ته اندر ۾ تحريڪ پئدا ٿئي ۽ اڳتي وک وڌائـن، سڄڻ دشمن کي سڃاڻن ۽ ڏسن ته ڪير پيو سندن ڪمائي کائي. چئبو هو ته جيڪو کيڙي سو کائي پر هوندو ان جي ابتڙ هو. امن پسندي اها جو سڀاجها سدورا چون تـه بابا جيڏا اٺ تيڏا لوڏا ڇو اٺن تي چڙهون جو پاڻ به لوڏا کائون ۽ ٻين کان به ڦرڦران ڪرڻي پوي. گهڻي هٻڇ گهڻو فساد. جهيڙي کان اصل پري ڀڄو. ”ڀلي بک ڀـرم جي شال مَ وڃي شان“، ڌن ميڙڻ آهي فساد ميڙڻ. ٻيو ته هنن ۾ هيڪاندو حيا جو هنن کي مـڙي وڃڻ تي مجبور ڪندو هو ۽ هنن کي ويڙهاڪ ٿيڻ نـه ڏيندو هو. مائوزي تنگ جي چواڻي. ”بندوق مان جند ڇڏائڻ لاءِ ته بندوق ئي کڻڻي پوندي“ اهو سبق سنڌين گهڻو پوءِ سکيو. هاڻي هوشيار آهن. نه ته ڪلهه تائين حالت هيءَ هئي جو ”صوفيءَ صاف ڪيو ڌوئي ورق وجود جو“ جي نتيجي ۾ هنن جو اندر ته اڇو ٿي پوندو هو پر جاگيردار ڌنوان ۽ حاڪم وجهه وٺي ان اڇي ورق تي ڪا پنهنجي لکت لکي ويندو هو. ايئن تصوف مان اسان ايمان پرايو پـر پاڻ ڦرايو به سهي.

ٽيو سبب هو سيٺين سرمايه دارن طرفان وک وک تي هنن جو حوصلو همت ۽ جرئت کي دٻائڻ، هيسائڻ ۽ چلهي ڇڏڻ. ذري ذري ڳالهه تي بلڪه بي سبب بـه هڻ موچڙو ڀيڻسان لغور جو پٽ منهن ڌوئي آرسي ڪري آيـو آهي. ڪنهن غريب جتي ٻاتي ته به هوءِ هوءِ ٿي ويندي ته ڏس ته

www.sindhsalamat.com

سهي پڌس ۾ ڪڏهن جتي پاتي جو هي تو پائي، اڙي لاهي جتي ڪڻ هٿ ۾، هل. شل نہ ڪو وار ڏاهي ڦٽي ڏي ياسچا ثابت ڪپڙا پائي، معاشرو ئي اهڙو جوڙيل هو جو ويچارو عام لوڪ يا وچولي طبقي وارو ڪو استري ٿيل ڪپڙا پائي نڪتو تہ سڀڪو ٻيو هن ڏانهن عجب گاڏڙ چتر سان نهاريندو، نيٺ هو ويچارو "اصل خاندائي" وضع ڏانهن موٽي جند ڇڏائيندو ۽ هلڻ جهڙو ٿيندو. تہ سائين ايئن هيٺين ۽ وچولي طبقي کي هڪ اهڙي نفسياتي سماجي Socio—PsycHological چپ ۾ ڇپيو ويو هو جو اسرڻ نسرڻ وڌڻ ويجهڻ کي هو پاڻ وڏو عيب يا گناه جو ڪم سمجهڻ لڳو هو. لاڳيتي منظم ۽ موثر قت لعنت مار موچڙو گار گند ٿڪ بجو اهڙا بہ نفسياتي سماجي اثر پئدا ڪندو آهي. بينڪي حڪومت ۽ سرمايہ داري ۽ جاگيرداري طبقي جي ٻئي پاڻ ۾ هڪڙي صلاح، سو ڏاڍي ڪاميابي سان پي اهو استحصال ڪيائون. عوامي اڳواڻ هئا ڪونہ باقي بادشاهي ليڊر هئا سي بادشاه سان سچا هئا— بادشاه کان بہ وڌيڪ. وري جي صوفي ازم جو غلبو نہ هجي ها تہ اج ملائيت ۽ پاپائيت جي چنبي ۾ هجون ها. مطلب تہ هڪ آزمائش جو دور هو اهو.

پر اهي دپائڻ وارا ڪير هئا؟ هندو ڪي مسلمان؟— تہ سائين استحصال جو سڀڪنهن جو پنهنجو پنهنجو گڻ پنهنجو طريقہ ڪار ۽ پنهنجو انداز ۽ عمل آهي. هندو سڄي واپار تي قابض ۽ مسلمان زميندارين تي. شروع ۾ تہ هندن وٽ هڪ ايڪڙ زمين بہ ڪانہ هئي (ميرن جي دور تہ سائين

www.sindhsalamat.com

هندن جي زمينن خريد ڪرڻ تي قانوني پابندي هئي ١٨٦٠ع
کان انگريز اهو قانون بدلايو) واپار مان پئسا ميڙيائون ۽
مسلمانن جي اڻهوند جو فائدو وٺي هنن کي اوڌر تي وکروانو
ڏئي هڪوڻ جي پنجوڻ پنهنجن بهي کاتن ۽ وهين ۾ لکي
سئوڻو وياج ٻڌي اٻوجهن کان سندن زمينون گروي ۾ لکائي
پوءِ هنن جي ساڳي اڻهوند جو فائدو وٺي اهي گروي رکيل
زمينون ڦٻائيندا قبضا ڪندا ويا. ١٩٢٠ع تائين سنڌ جي ٤٠
سيڪڙو زمين هندن جي ٿي وئي. مسلمان زميندارن به ايئن
ڪيو. ايئن هڪ طرف هندو ۽ مسلمانن جو هڪ خاص طبقو
وڏو زميندار بنجي ويو ۽ هڪ وڏي اڪثريت هاري ڪڙمي
بنجي ويا. ڪي نالي ماتر وڃي پنهنجي زمين وارا رهيا. اهي
ئي جي پهرين زميندار هئا، هرلن ۽ نارن يا برساتن تي پوکون
ڪندا هئا سي ٿيندا ٿيندا هاري بنجي ويا ۽ پئسي وارا زميندار.
جاگيرون پرڳڻا ۽ سرڪاري فوجي الاٽون تنهن کان سواءِ.
مٿان بيراج آيو ته به زمينون پئسي وارن ورتيون، وچولو طبقو
اتي ئي رهيو. ايئن ٻن طبقن وچ ۾ هڪ وڏي کامي بنجي
وئي. وچولن ۽ ننڍن کاتيدارن جي نوي سيڪڙو کان به
وڌيڪ زمين هندن وٽ هلي وئي. ۽ هندو واپاري سان گڏوگڏ
زميندار به بنجي ويو. مسلمان پئسي وارن به ايئن ڪيو ۽
ننڍي کاتيدار جي محتاجي مسڪيني جو فائدو وٺي تقاوي
قرضن ۽ ٻين اوڌرن جي عيوض زمينون ورتيون. سمجهو وڏي
مڇي ننڍي مڇي کي ڳڙڪائيندي وئي تان جو هاڻي سنڌي
ننڍو کاتيدار به وڃي عام ڪڙميءَ جي قطار ۾ بيٺو. ٻيا

www.sindhsalamat.com

اهي عام پورهيت ۽ وچ-ولا-و سفيد پوش طبقو جن جي ويا ڪياڻ مٿي لڪي اثر- هاڻي اندازو لڳايو ته تڏهن سنڌ جي اقتصادي حالت ڇا هئي، طبقا ڪيئن ٺهيا- هندو ڪٺهندو نه هو ڏهندو هو ۽ وڏيرو رهندي لاڪ به لاهي ڇڏيندو هو- هندوءِ مسلمان اپراڻين گڏجي **هندو توڙي مسلمان غريب** جو استحصال ڪيو- اتي مذهب جي تفريق نه هئي مفادات جو معاملو هو-

زمينن جي معاملي ۾ پنجاب ۾ به ساڳي ڪار ٿي هئي پر اتي ١٩٠٠ع ۾ انتقال ايراضي جو هڪ قانون پاس ڪيائون ته جيڪي زمينون ننڍن ڪاتيدارن کان انهيءَ ڏانڊلي جي ذريعي ورتيون ويون آهن سي انهن اصل مالڪن کي واپس ٿين ۽ اهي به ڪنهن بنا معاوضي جي- اتي ته ڪايا پلٽ ٿي وئي- اهوئي سبب هو جو اتي مهاجرن جي آمد تي مهاجرن کي مسلمانن کان ڦريل زمين مان ايتري زمين نه ملي سگهي ڇاڪاڻ جو هندن ۽ خالصن جي ڇڏيل زمين وڃي ٿوري بيٺي هئي، باقي حقدار مسلمانن کي اڳ ئي واپس ملي چڪي هئي- هتي سنڌ ۾ انياءِ اهو ٿيو جو اهڙو قانون ٺهندي ٺهندي پنجاه سال لڳي ويا ۽ قانون ٺهڻ کان اڳ ئي پاڪستان ٺهي ويو- اچي اچي اهوبل پيرزادي عبدالستار مارچ ١٩٤٧ع ۾ اسمبلي مان پاس ڪرايو جڏهين پاڻ ناٿي وارو وزير هو ۽ سر غلام حسين وڏو وزير هو، پر اهو صحي نه ٿيو تانجو پاڪستان ٺهيو ۽ قائداعظم صاحب ان بل تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ سرڪار کي راضي ڪيو

www.sindhsalamat.com

تہ انهيءَ بل تي زور نہ ڏي ڇو تہ انهن زمينن تي هاڻي حق مهاجرن جو آهي. بس ڳالهہ ڇڏي. جيتوڻيڪ ٤ سال بعد ١٩٥١ع ۾ اهڙو ڏي قانون صوبي سرحد ۾ ٿهيو ۽ زمينون مقامي ماڻهن کي مليون.

سنڌ جون اهي زمينون جيئن تہ هندن جي ڪاٽي رهيون ان ڪري مهاجرن کي مليون. سمجهو تہ هندو پاڙ مسلمان پاڙن کان زمينون ڦري مهاجر پاڙن لاءِ ڇڏي ويا. الله الله خير صلا. اهڙا تفصيل لکڻ لاءِ هيڏو ئي ڪتاب لکڻو پوندو. محترم محمدموسيٰ ٻٽو صاحب پهنجي ڪتاب "جديد سنڌ جا مسئلا ۽ حل" ڇاپو پهريون مئي ــــ ١٩٨٤ع ۾ اهڙا تفصيل لکيا آهن. هي پيراگراف مون انهن بنيادن تي لکيو آهي. اهو به ياد رهي تہ سنڌ ۾ پنجابي آبادڪارن جي آمد ١٨٨٥ع کان شروع ٿي آهي ۽ هنن طرفان زمين تي تصرف تڏهين کان اڄ تائين ٿيندو رهيو آهي.

هندو واڻيو زراعت جي ٽڪنيڪ کان اڻ واقف تہ مسلمان واپار جي نزاڪتن کان عاري، پر هندو واڻيو مسلمان هاري پيشي کان اڇي مڇي زمين پو ڪاڻي وٺندو هو ۽ گهڻو ڪري ٻئي مٽا ڪٽي ويندو هو، ۽ هوڏانهن شهر ۾ انهيءَ مسلمان صارف (Consumer) جو محتاج هوندي به هن جو مٿو ڪوڙي رکندو هو. سنڌي غريب ٻنهي پاسي ڪٽجي هو. مسلمان وڏيري رئيس ۽ سيٺ جي استحصال جو طريقو ڪجهہ مٿي لکيو اٿم ڪجهہ هيٺ پڙهو. هندو وانگر هن به مسلمان هاريءَ کي هميشہ قرض ۽ احسان جي ڪڙن ۾

www.sindhsalamat.com

جڪڙي رکيو هندؤ کنن ۾ وڌيڪ، هو جي ڪنهن غريب مسلمان کي اسڪولي ڪتاب وٺي ڏيندو هو ته ۽ انهيءَ فرض ڪيل شرط تي ته ڇوڪرو چار درجا پڙهي سندس ئي در تي اچي منشي ٿيندو. بابا ڇا لکي ڇا لکجي.؟ پلا جي هندوءَ اقتصادي ۽ سياسي زيادتي ڪئي ته مسلمان به ماڻڙي ڪري ڪونه ويٺو. سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرائي دم ڀتيائين. تنگ آيد بجنگ آمد وارو معاملو ٿيو، خير ٿيو.

هاڻي اچو ته "روڍي" جي جاچ ڪريون.

هي جو مٿي ڦٽ لعنت ٽڪ پوندي گارگند ۽ تذليل واري روڍي جي ڳالهه لکي اٿم سو مسلمانن تي مسلمانن جي هٿان روا رکيو ويندو هو نه ڪي هندن جي طرفان. مسلمان انهيءَ معاملي ۾ دنيا جي شايد سڀني قومن کان اڳرو هو. هندوءَ ۾ اهڙي طاقت نه هئي. هندو جيترو Economically مضبوط ۽ ڏاڍو هو ايترو هينئن ۾ هيٺو ۽ Physically بي ست هو. پنهنجي مسلمان هاري ۽ نوڪر جي تکي آواز کان ئي ساه سڪندو هئس. هو مسلمان کي ڦرينديو هو ته به مٿي تي هٿڙو ڦيرائي مشافت سان ۽ ٻاڻيس سان ۽ غريب مسلمان انهن ڳالهين جو همينه کان گولو ۽ غلام. باقي مسلمان سڀيون ۽ زميندار سڄ پڄ هلاڪو ۽ چنگيز جو قائم مقام هو. اڙي پيٽسان سان، چڙپ سان ۽ ٺول سان نه ڳالهائي ته سيٺ يا رئيس ڪيئن سڏائي.! زميندار ڪيئن چوائي. هاري ۽ ناري ڪڙمي ۽ ڪاٺيءَ کي ته پنهنجي جتيءَ جي نوڪ تي رکندو هو پر غير واسطيدار اوڙي پاڙي واري غريب يا

www.sindhsalamat.com

وچولي طبقي واري سان به هن جي هلت اهائي هئي- ڪاوڙ تڪبر "بانور" ته هو نڪ تي رکيو هلندو هو- هاڻي ڇا لکي ڇڏا لکان- ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا اهڙا دڙڪا دهمان مارڪٽ تڪ لعنت جا نظارا اکين سان ڏسندو هوس- هڪ هڪ واقعي تي جيڪر ڪهاڻي لکجي- سمجهو ته دَرَ جو غريب اشراف ايماندار نوڪر به جي پل چڪ کان ريبئي ڏانهن ڪن لائي ويٺو ته چڙپ سان اٿاريو ويندو هو- "اڙي هلي ٻاهر ويهه، پيٽسان ريڊيو ٿو ٻڌي—" وغيره- هندو ايترو "فل ٽائيم" فوجدار نه هو- [پوءِ جي هاڻي چرغو ابتو آهي، اهي ئي سينيون شاهوڪار شهرن ۾ هاڻي رڳو بجلي جي بٽڻ ڦهرائڻ لاءِ انهيءَ "چٽ جي پٽ" کي گيسيون. ڪندا ٿا وتن ته اسين چئون ٿا ته هاڻي پورهيت پاڻ ٻيو استحصال ڪري، حقيقت ۾ اهو مڪافات عمل جو چڪر آهي، وارا چمارا آهن، آخر قدرت جو قانون ته نڪو معطل ٿئي نڪو منسوخ ٿئي نه انهن ترميم ٿئي، برابر توازن هنيئن به بگڙيل آهي پر تارازي هڪجاءِ بيهڻ کان اڳ لوڏا ته اوس کائيندي. هاڻي لوڙهين ڪيتو- جيسين ڪو گاڏي پوري پنڙيءَ تي اچي.]

هيئن به ٿيو ته ظالم پنهنجي مظلوم تي ڪنهن ٻي جي هتان ظلم برداشت نه ڪندو هوءِ سبحان‌الله- جي ڪنهن مسلمان مسڪين تي ڪنهن هندوءَ ڏاڍائي ڪري وڏي ته برابر مسلمان سينين وڏيرن جي مسلم قومي غيرت جوش ۾ اچي ويندي هئي ۽ هو انهيءَ "ظلم" جي خلاف اٿي ڪڙو ٿيندو هو ۽ مسلمان ڪمي هندوءَ جي چنبي مان انهيءَ بنياد-

www.sindhsalamat.com

تي ڇڏائي وٺندو هو ته، گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي هم مذهب تي ظلم ڪرڻ جو فقط کيس ئي حق آهي، هي ڪافر ڪير ٿو ٿئي هڪ مسلمان غريب تي ظلم ڪرڻ وارو. مطلب ته مسلمان مسلمان جي ڏمر هيٺ رهي ۽ هندو هندوءَ جي ڏاٺ هيٺ. ان بنياد تي هندو مسلمان جون جهڙپون به ٿينديون هيون. يعني ظلم تي پنهنجي اجارهداري قائم رکندا هئا. انهن جهڙپن کي ڪڏهين سياسي ڪڏهين مذهبي رنگ ڏئي ليڊري چمڪائي ويندي هئي. پوءِ ظالم پاڻ ۾ ٺهي ويا ۽ هڪ قسم جي دو قومي استحصال جو بنياد پئجي ويو. هاڻي هندو هندوءَ جي چنبي ۾ ۽ مسلمان مسلمان جي چنبي ۾ — ويٺا ڏسو. اصل ۾ ڳالهه Possesion جي هوندي آهي. اسين پيا انکي آزادي خودمختاري سمجهندا آهيون.

پوءِ ڀلا محبتن مروتن جا، سات سهڪار جا به ڪي سلسلا هئا ڪي نه؟ يا سڄي سنڌ رڳو هڪ "جهنگل" هئي انهيءَ استبداد جي؟ ته سائين ٻڌو — بمبئي کان جدائيءَ به نفرتون وڌايون ۽ محبتون گهٽايون. انهيءَ تحريڪ ۾ هندن به حصو ورتو هو سڀ الڳ نه هئا. انسان جا درد هجن، مسئلا هجن، مشڪلاتون هجن، توڙي احساس هجن يا جذبات، اهي نه هندو هوندا آهن نه مسلمان نه انهن جو ڪو رنگ نسل نه ڪا قوميت. ان ڪري جن جا درد مشترڪ هئا مسئلا ۽ مشڪلاتون ساڳيون هيون تن هندن توڙي مسلمانن جا پيچ به هڪ ٻئي ۾ پختا هئا، سياسي ۽ جاگرافيائي ڦيريون گهيريون محبتن ۾ سرحدون نه وجهنديون

www.sindhsalamat.com

آهن. ياريون هيون، عشق هئا. ياريون به يارين جهڙيون جي اڃا نٿيون وسرن ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ٿيون ياد اچن. هندو توڙي مسلمان زالون زالن ۾ مرد مردن ۾ جوان جوانن ۾ هڪ ٻئي جا محبتي ۽ مجيجي هئا. لڏ پلاڻ جو اڳ نه ڪو پلان هو نه پروگرام، اهو سڀڪجهه ته گهٽ ۾ گهٽ عام ماڻهوءَ لاءِ ته غير متوقع هو. خير لڏ پلاڻ وقت هو هڪ ٻي کان جدا ٿيا ته روئي ڀاڪر پائي مٺيون ڏئي موڪلايائون پر شايد ئي ڪو مسلمان سيٺ ڪنهن هندو سيٺ کي الوداع ڪرڻو يو. مسلمان ڪارڪن هندو دوستن کي اسٽيشن تي الوداع ڪري موٽ ۾ مهاجر ڀائرن جا ميڙا وصول ڪيو ايندا هئا. ته سائين هندو مسلمانن جون محبتون مثالي هيون. هندو ته هتي جا بنيادي جدي پشتي واپاري هئا ته مسلمان بنيادي آبادڪار ۽ مزدور. خاص ڪري علم ادب ٻولي ۽ انيڪ سماجي ميدانن ۾ سڀ ٻيٽ هئا، هڪ ٻي جو مان هئا ڇپر ڇانو هئا ۽ ڏڍ ۽ ٽيڪ هئا. يعني وچون طبقو ۽ غريب هيٺيون طبقو. مهر محبت جو ڇانورو ٺاهيو بيٺو هو ته مٿي مسلمان وڏيرا، رئيس ۽ سيٺيون ۽ هندو مهاجن پاڻ ۾ ساٽڙيا گاڏڙيا (سنڌ جي بمبئي کان جدائي واري مهم ۾ به)، ڇاڪاڻ ته هنن جا مفاد مشترڪ هئا. پر جيئن ته اهي ٽاپ وارا ٿورا هئا هيٺ وارا تعداد ۾ گهڻا هئا ته هاڻي سمجهي وڃو ته محبتن وارو ماحول هو يا ڪروڌ وارو. مون هندو ماسترن کي مسلمان ۽ هندو شاگردن ۾ توڙي هندو ڊاڪٽرن کي هندو مسلمان مريضن ۾ ڪو فرق

www.sindhsalamat.com

ڪندو نہ ڏنو، هندو ڪامورن جو بہ رويو ٻنهي جاتين سان ساڳيو هو- هندوءَ کي مسلمان پاران ۽ مسلمان کي هندوءَ پاران خداڪارڻ-شاهدي ڏيندو ۽ وڙهندڙ ڏنوسين- آءٌ تہ چوندس تہ هندو وچولي طبقي واري شهريءَ ۾ جيترو مرم هو ايترو مسلمان شهري ۾ نہ هو- بحرحال هنن جا ناتا مثالي هئا- پوءِ جيئن اڳي لکيو اٿم تہ ڦرڪو تڏهن ڦريو جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ جا نتيجا ويجها آيا. پوءِ البت هڪ ٻي ڪان اکيون ڦيرايونسين.. شايد اکين جو ڪم ئي اهو آهي، ڦيرڻ، پورجڻ ۽ وري ڪٽڻ-!

سنڌي ماڻهو هو آدجگاد ڪان امن آشتي ميٺ محبت ۽ وفا جي وهنوار جو پتلو هي ٻيڻڪي راڄن، آمريتن استحصالي عفريتن وغيره جي خلاف بغاوتن ۽ انقلابن جو غلغلو هلچل ۽ اٿل اڻويهين صديءَ جي بہ آخر جي ڳالهہ آهي ۽ سنڌ ۾ تہ اڃا بہ پوءِ جي- نيٺ سنڌي ڪي بہ اهي صدين جون پراڻيون روايتون ۽ وضعداريون چڏيون ڀيون ڀون، هاڻي هو بہ هوشيار آهي پر صدين جو آلڪس ويندي ويندي ويندو. هاڻي هو سڄڻ دشمن کي سڃاڻي ٿو، آساني سان دولاب ۾ اچڻ وارو ڪونهي اڳيان ڪٽي مرشد هجي يا رئيس، پير مير هجي يا وزير. هاڻي جيترو چڱجي ٿو اوترو اڀري ٿو.

تاريخون ٻڌائين ٿيون تہ انگريزن جو سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو ۽ انکي برطانيہ سلطنت سان ملائڻ جو ڪو پروگرام نہ هو ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ کي هڪ الڳ ملڪ مڃيندا هئا نہ ڪي هندوستان جو صوبو- وقت جي برطانوي

www.sindhsalamat.com

وزيراعظم رابرٽ پيل ته نيپئر جي قدم جي نندا ڪئي هئي (شايد اهو به عياريءَ جو هڪ مثال هو-؟) پر قدرت واري جو ته اهوئي پروگرام هو سو پورو ٿيو- هتي ٽالپر ميرن جا هيڪاندا پاڙا ۽ انهن جي حد درجي جي اڻبڻت واري انگريزن سان وهنوار ۾ تدبر کان ڪم نه ورتائون، ڪجهه کنئوس ڪيائون، ڪي غلط قدم کنيائون، ڪٿي هيڻائي ڏيکاريائون— تن سبب نيپئر سنڌ کڻي پهنجي جهوليءَ ۾ وڌي- پر ڏسو ته **سنڌ حقيقي ترقي انهيءَ دور ۾ ڪئي**- ٻوليءَ ۾- علم ادب ۾، مختلف اقتصادي معاشي زرعي ميدانن ۾ توڙي هندو مسلمانن جي ڀائيچاري ۾ استحڪام ان دور ۾ ٿيو- وڏا تفصيل آهن- مٽيءَ سان محبت ٻنهي کي هڪجهڙي هئي، آزاديءَ جي نڪتي تي هو ٻئي هڪ هئا پوءِ پاڻ ۾ نه ٺهيا— يا نه ٺهڻ ڏنا ويا— اهي قصا الڳ آهن.

مزي جي ڳالهه هيءَ ته هندو مسلمان سنڌين ۾ جا ميٺ ملاپ ۽ لحاظ مروتون هيون سي انهيءَ حقيقت جي باوصف هيون جو اسان ٻنهي جي ثقافتي صفت Pattern ۾ به ذري گهٽ وڏو فرق هو- لباس ۾ اٿڻ ويهڻ ۾، ڪاروبار ڪڙي، طرز معاشرت، جاين جي اڏاوت ۾ مڪمل فرق هئا پر ٻولي ۾ به ڪي قدر فرق هئا- قديم هندو سنڌي ٻولي ديوناگري گرمکي وغيره ۾ ته مسلمان عربي، فارسي، آيوٽا ۾ لکندا هئا جيسين موجوده آيوٽا انگريزن ٺهرائي- اسان هميشه "ماني" چئي هنن هميشه "روٽي" چيو اسين چئون رڌڻو يا بورچيخانو هو چون "رسوئي"- اسين هميشه شادي

www.sindhsalamat.com

چئون هو وهانءَ چون.... وغيره- باقي ذيني ڌرمني اڪرن رواجن ۽ نيمن ۾ ته هونئن ئي فرق ٿيو- تنڌهين به اهڙي مثالي هڪ جهڙائي ۽ ميل هوت (جو حقيقت ۾ انگريز جي دور ۾ مستحڪم ٿيو انڪان اڳ سياسي ويڇا البت هئا) هي به ياد رهي ته سڄي گڏيل هندوستان ۾ سنڌ واحد صوبو هو جنهن جو ثقافتي پئٽرن ته منفرد ممتاز الڳ ٿلڳ ۽ مخصوص هو- پر مذهبي Pattern به سڄي اڪنڊ ۾ منفرد مثالي ۽ مخصوص هو، جنهن ۾ گاڏڙ ساڏڙ، اڌ تتر اڌ ٻاڻيو يا نسي ريڊ جي-ڌر ٻاڪرو وارو معاملو نه هو- جيئن هندوستان جي ٻين صوبن ۾ هو. اها گالهه اتماس جو هڪو چاڻو چاڻي ٿو- سمجهه سنڌ هڪ Bi- Relegeous Bi- Cultural صوبو هو ته به ڪو تعصب، ڪروڌ، ڪٽرپڻو هني نفرتون ۽ خصوصيتون اهل نه هيون- پائيچارو جو هوسو- تڏهن هو- هاڻي جو هڪ ٻي، ڪي ايترو سارين پچاريون ٿا تنهن جو به ڪو سبب ته هوندو- صوفي طريقيت ۾ ته هندو-مسلمان هڪڙي ٿانو ۾ ٿا پاڻي پين، منگهو پير، اڏيرو لعل، قلندر شهباز ۽ ٻيون درگاهون ڏسبي آهن- سائين حسامدين راشدي جي چواڻي ته "تعصبات ۽ ڪروڌ پوءِ هندوستان کان آيا."

پرسائين شابس هجي سنڌي سپاجهن کي، ڪهڙين ڪهڙين يوگهنائن مان لنگهي پار پيا آهن، ازغ-وئن، ترخانن ۽ پٺاڻن جون آپدائون سٺائون، انگريز توڙي هندو ۽ مسلمان گبرن جون ڏاڍايون ڏٺائون- ۽ طرح-طرح جا سوز سهسايائون پر پنهنجي اصل-موڙي- پنهنجي بولي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن

www.sindhsalamat.com

پنهنجون زرين روايتون پنهنجو دين مذهب ۽ پنهنجي مرڪا ۾ مريادا جي برابر حفاظت ڪندا آيا آهن. اقتصاديات جا وسيلا پنهنجي ڳوٺ هيٺان نه ڪري سگهيا ان ڪري جو گهڻا هٻڇي ڪونه هئا، رياڪاري، مڪاري ۽ دولاب نه سکيا هئا ان ڪري انهن ميدانن ۾ پوئتي رهيا (پوءِ ڏسو ته جن دولاب سکيا هنن کان زمينون ڦُريون سي ڪيڏانهن ويا؟ زمينون اتي ئي آهن اتي ئي رهنديون ڦٻائڻ وارا نيٺ به ڪونه ڦٻندا.....) پر هي مئا نه آهن فنا نه ٿيا آهن. سرشتيءَ جي صفحي تان ميٽجي ڪونه ويا آهن. هاڻي ته هو.... ”جاڳ ڏي جيءَ کي جفا گينوار غفلت کي ڇڏي.“ جو سبق سکي چڪا آهن. سچا آهن تنهن ڪري هنن کي لهر نه لوڏو. ويٺا ڏسو ۽ حساب لڳايو ته گهاٽي ۾ آهن ڪي نفعي ۾.....؟ ها، ڪٽر مذهبين، ۽ تنگ نظر سياستدانن هندو مسلمانن ۾ ڪي وڏا جهيڙا به وجهرايا برابر جي تاريخ جي صفحن تي ”حريت“ جي ڪارنامن جي سري سان لکيل آهن پر اهي تاريخي وارداتون هيون، هندو توڙي مسلمان ٽاپ جي ليڊرن جي راند هئي.

ائين به نه سمجهو ته سنڌين ڪڏهن ڪجهه ڪيو ئي ڪين رڳو اڳڙين جا گڏا هئا. ته سائين هتي طرح طرح جون سياسي سماجي مذهبي تنظيمون ۽ تحريڪون هيون. تاريخ ۾ اهي احوال موجود آهن. هن صدي جي ٻي ڏهائيءَ ۾ هنن خلافت تحريڪ، رولٽ ايڪٽ خلاف تحريڪ ريشمي رومال تحريڪ، ستياگره تحريڪ مهاجرن جي افغانستان

www.sindhsalamat.com

وڃڻ جي مهم، سنڌ ورڪي ٿيڻ پوءِ مسلم ليگ سان ملي آزادي جي تحريڪ ۾ مثالي تاريخي ۽ عملي ڪم ڪيا جن جي تاريخ شاهد آهي- حر تحريڪ به ته آخر سنڌين جي هئي- ايتري قدر جو ١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي هلچل ۾ به سنڌ مان دريا خان جڪراڻي، دل مراد کوسو ۽ عنايت شاه ۽ ٻيا سرواڻ پاڻ ملهائي ويا. آزادي جي تحريڪ جا ته سرواڻ ئي سنڌي هئا. مسلم ليگ ٺهڻ جو فيصلو ١٩٠٦ع ۾ ڊاڪا ۾ ٿيو ۽ ١٩٠٧ع ۾ انجي پهرين گڏجاڻي ڪراچي ۾ ٿي. مطلب ته ڇا شهرن جي ڇا ٻهراڙين جي عام لوڪ هر دور ۾ پاڻ موکيو- مٿي دانشورن ۽ سياستدانن جو طبقو به هميشه ڪنهن به ڪنهن جدوجهد ۾ مشغول هوندو هو- جيئن جا کوڙون ڪري نيٺ سنڌ کي بمبيءَ کان آزاد ڪرايائون، ۽ سنڌ جو ڪيس اهڙي طرح کنيائون جو قائداعظم، سر آغا خان ۽ ٻيا هندوستاني وڏا ليڊر به سنڌ جي آزاديءَ جا وڏا وڪيل ۽ حمايتي بنجي ويا. تاريخ ۾ جنرل هوش محمد قمبراڻيءَ جو رتبو جنرل بخت خان کان گهڻو مٿي آهي. هاڻي هوش محمد جي قبر کي "هيڏانهن هوڏانهن" ڪيو پنو وڃي- شايد ڪن ٻين مجاهدن لاءِ جاءِ پئدا ڪرڻي آهي.... جناب جي. ايم. مهڪري صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي- ته هن وقت ڪراچيءَ ۾ جتي ايمپريس مارڪيٽ آهي ان هنڌ پنڌرهن سنڌين کي گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو جن انگريزن خلاف ١٨٥٧ع واري بغاوت ۾ حصو ورتو هو.

www.sindhsalamat.com

*** ۱۹۵۴ع ۾ گورنمنٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد
مان مئٽرڪ ڪئي هئم. انهيءَ دوران اسڪول ۾ اعلان ٿيو
ته اسڪول طرفان ساليانو ادبي رسالو شايع ٿيڻ وارو آهي—
سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾. جنهن به شاگرد کي پنهنجو
مضمون افسانو يا شعر وغيره ڏيڻو هجي سو فلاڻي انچارج
استاد کي فلاڻي تاريخ تائين پهچائي.

آءٌ اهو روايتي جملو ته نه چوندس ته: لکڻ جو مونکي
نندپڻ کان شوق هو- پر اهو اعلان پڙهي ڪجهه لکڻ ۽
ڇپائڻ جي سڌ ضرور دل ۾ جاگي. هاسٽل ۾ اچي ڏاڍو مٿو
هنيم ته ڪجهه لکي سگهان. پر نه لکڻ جو ڏانءُ اچي نه
اها خبر ته ڇا لکان ۽ ڪيئن لکان. لکڻ واري سڌ به نه پئي
پلي ٿئي. انهيءَ ئي شوق تحت ٻاڙو پڙي ڳوٺ آيس (اها
مهني جي خرچ مان بي وقتي ڪتر هئي) ۽ اچي بابا جي
چڏيل ڪتابن، پراڻن رسالن ۽ اخبارن کي ڦلهوڙيم ته انهن مان
ڪا شئي نقل ڪري پنهنجي نالي انهيءَ رسالي ۾ ڇپرايان.
نيٺ هڪ رسالو ڪنيم- جنهن ۾ منهنجي خيال ۾ سٺا سٺا
مضمون هئا. شام جوڙي حيدرآباد آيس ۽ رات جو وبهي
رسالي جا بنا اٿلايم. هي هڪ پراڻو اردو رسالو هو— شايد
مست قلندر يا همايون— ان ۾ هڪ مضمون مونکي ڏاڍو
وڻيو. هي هڪ تاثراتي مضمون هو ادب لطيف جي مارڪ

www.sindhsalamat.com

سان ۽ عنوان هوس- ”بير بهوٽي-“ انکي ويهي ترجمو ڪيم. هي منهنجو پهريون ترجمو هو، نيت هئي نقل جي، ان ڪري ڪوشش ڪيم ته ٺيٺ کان ٺيٺ سنڌي اکر لکان متان ڪير سمجهي ته ترجمو آهي. عنوان جي معنيٰ مونکي ئي نه پي آئي سا هڪ اردو واري کان پڇيم. ائين اهو ليک ٺاهي فيئر ڪري مٿان ”ازقلم-“ سان پنهنجو نالو لکي انچارج استاد کي ڏئي آيس. شام جو ئي هن وٽان ماڻهو آيو- اتي پهتس ته ڪي ٻيا استاد به موجود هئا- انچارج صاحب مونکي ڏسي ڏاڍي هيج مان پڇيو:

”فضل، هي ليک تو لکيو آهي-؟“

چيم ”ها سائين مون ئي لکيو آهي.“ پڇيائين:

”متان ڪنهن ٻئي کان لکايو اٿئي-؟“

چيم نه سائين مون پاڻ لکيو آهي. اهو ٻڌي هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ مونکي ڀاڪر پائي هڪ ڪرسيءَ تي ويهاري جا منهنجي واه واه شروع ڪيائين ته ڍو ٿي ويا- ”ياز واه جو مضمون لکيو اٿئي مونکي ڏاڍو وڻيو، تو ۾ ته وڏا جوهر لڪل آهن، هان-!“

ٻيا ماستر صاحبان به، جن کي هو اهو مضمون اڳ ئي پڙهي ٻڌائي چڪو هو، واه واه جون ڪنڍيون کڻي بيٺا- تون مستقبل جو هي ٿيندين ۽ هو ٿيندين، اڳتي ضرور وڏو ليکڪ ٿيندين- وغيره. اتي دل تي هڪ بار پوندو محسوس ڪيم جو جيئن پوءِ تيئن ڳرو ٿيندو ويو— ۽ جڏهين ڏٺم ته هنن جي انهيءَ ”خراج عقيدت“ جو سلسلو ختم ئي نٿو

www.sindhsalamat.com

ٿئي ته رهي نه سگهيس ۽ اٿي بيٺس. ذري گهٽ رڙ جي انداز ۾ چيم- "سائين ٻڌو، هي مضمون منهنجو لکيل ناهي-"

"هان-؟ ته پوءِ ڪنهن کان لکرايو اٿئي-؟"

اڄي ٿيندي ڪيائي ڪنهندي چيم "سائين لکرايو به ڪنهن ڪان نه اٿم پر هڪ اردو رسالي تان ترجمو ڪيو اٿم." ڪن پل لاءِ ماڻ ٿي وئي، هنن هڪ ٻي ڏانهن نهاريو ۽ آءٌ هاڻي ڪرسيءَ جي پٺيان ٿي بيٺس جيئن ڪو ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ بيهي. سمجهان ٻيو ته هو منهنجي انهيءَ چوري ۽ سينه زوري جي ڪا سزا ٻيا سوچين. ايتري ۾ ئي منهنجو هم ڪلاسي عبدالواحد شيخ ـــ جو پوءِ حيدرآباد جو نامياري وڪيل ٿيو ـــ اٿي بيٺو ۽ چيائين:

"سائين پر ترجمي جو ڪمال ته مڃڻو پوندو، هڙو سهڻو ترجمو ڪرڻ به جهڙي تهڙي جي وس جي ڳالهه ڪانهي اهو به ساراه جو ڳو ڪم ڪيو اٿس. ۽ وري سچي ڪري ڏوه ٻاسي اڃا سٺو مثال قائم ڪيو اٿس-"

اڄي وري اهائي واه واه شروع ٿي وئي ـــ هاڻي تخليق جي نه پر ترجمي جي، ٻيو سچ ڳالهائڻ جي. هڪڙي استاد چيو ته "پٽڙا جي هي ترجمو آهي ته سٺو مترجم ٿيندين ۽ جي ڪنهن تخليق جو ڀي سٺو سٺون نقل ڪري اچين ها ته سٺو ادب چور بنجين ها-"

اهو انچارج استاد هو محترم عبدالفتاح ميمڻ ڏاڍو هوشيار قابل ۽ سٺي سياءَ جو. پوءِ اهو مضمون منهنجي نالي سان مترجم جو لفظ لڳائي چونڊيو ويو. هنن جي گهڻي واه واه

www.sindhsalamat.com

جيئن ته منهنجي حيثيت کان وڌيڪ هئي ان ڪري ضمير تي گهڻو بار نه سهي سگهيس ۽ چڱو جو اتي ئي سچي ڪري هميشه لاءِ اتان ئي هڪ سبق پرايم نه ته اڳتي به ڪٿي نه ڪٿي جهلجان ضرور ها پوءِ اتان هن طرح ”باعزت طور تي“ آزاد به ٿي سگهان ها يا هڪ هميشه جو داغ پرايان ها. اهو ظاهر ۾ رواجي واقعو مون لاءِ هڪ گس بنجي ويو. هاڻي ڪهڙو مترجم ۽ ڪهڙو ليکڪ آهيان سو سڀ اوهانجي اڳيان آهي، پر استاد جو ”چور“ جو لفظ چيو تنهن کان هميشه ڇرڪندو آهيان ته ڪير ليکڪ ۽ مترجم مڃي نه مڃي يا بنهه ردي ليکڪ ڀلي چوي پر ڪوئي چور نه چوي. تڏهين کان ڪجهه به لکڻ لکائڻ وقت گهڻو احتياط ڪندو اچان. لکڻ جي باقاعدي شروعات ١٩٥٦ع کان هڪ افساني کان ٿي جڏهين پهريون افسانو ماهوار تقاضا سکر ۾ ڇپيو جنهن کي ڀاءُ الطاف شيخ جاري ڪيو هو. پوءِ اهو سلسلو هلي پيو. ٥٦ع کان ٦٢ع تائين ڇهن سالن ۾ انيڪ مضمون، افسانا شعر ۽ تنقيدون سنڌي توڙي اردو ۾ ڇپيون ۽ پنج ڪتاب به آيا. وري ارڙهن سال ادبي ميدان مان گم رهيس جو روزگار جي ميدان ۾ سرگردان هوس. وري ١٩٨٠ع کان باقاعدي لکڻ لڳو آهيان.... هنن پنجن سالن ۾ پنج وڌيڪ ڪتاب ڇپيا، اداره هلال پاڪستان ۽ نيو فيلڊس پبليڪيشنز مونکي هٿن تي کنيو، جيئن شروعات ۾ منهنجي واحد دوست سليم الحق شيخ مونکي اها راهه سمجهائي اڳيرو ڪيو، توڙي شيخ علي محمد صاحب ۽ ٻين ڪيترن جا ٿورا لاهي ڪيترن جا لاهي سگهندس.

www.sindhsalamat.com

*** نيتا جي سڀاش چندربوس جو ٽنڊي الهيار ۾ اچڻ ثابت آهي. مون کي ته هن جو درشن نصيب نه ٿيو پر جيڪي هن کي ڏسي آيا (ريلوي پليٽ فارم تي) تن پوءِ ڪيترا ڏينهن هتي هن جا نقل ڪري ڪري پئي ٻڌايا ته هيئن گاڏي مان لٿو، هيئن بيٺو، هيئن ڳالهايائين، ههڙو لباس هوس وغيره. ڪن جوانن ته (منهنجي مرحوم سؤٽ شهيد عبدالرزاق سميت) هن جي خاص ڊريس، يعني خاڪي برجيس خاڪي شرٽ ۽ مٿي تي آڏي فوجي ٽوپي جهڙي. کور کا فوج وارا پائيندا آهن، ٺهرائي پاتي ۽ ڪيترا ڏينهن اها ٽيش ڏيکاريندا وتيا. پر پوءِ مسلمان ڇوڪرن پنهنجن مائٽن ۽ مسلم ليگين جا دڙڪا جهليا، ۽ هندو نوجوانن جي پنهنجي مائٽن ۽ ڪانگريس وارن جي هٿان ڪن مهٽ ٿي تڏهن اهي لباس ۽ نيتاجيءَ جو نالو وٺڻ ڇڏيائون، پر دلين ۾ جا گرمي پئدا ٿي هئن تنهن جو سيڪ آخر تائين ڏيندا وٺندا رهيا.

هي خوبصورت قدآور جوان به ان وقت هندوستان جي آزاديءَ جي هلچل ۾ نهرو، گانڌي، جناح ۽ ٻين چونڊ چوٽيءَ جي ليڊرن مان هڪ هو. هو ڪٽر قوم پرست ۽ جوشيلو ليڊر هو. مسوليني ۽ هٽلر سان به مليو هو. نازين سان سازباز ۾ هو. ڪيترا خواب هئس (جي پورا نه ٿيا)، هو گانڌيءَ جو خاص حواري هو. پر پوءِ پنهنجي آزاد خياليءَ انتهاپسنديءَ سبب هندو

www.sindhsalamat.com

ليڊرن سان نہ ٺهيو. دنيا جي ڪيترن ملڪن جا دورا ڪيائين، هٽلر ۽ مسوليٺيءَ هن جي پٺي ٺپري، جاپان جي فيوجي دارا جو آشيرواد ورتائين ۽ پنهنجي هڪ جدا عسڪري يا نيم فوجي جماعت ٺاهيائين جنهن ۾ ڪيترا هندوستاني مسلمان بہ شامل هئا. ايئن مختلف ملڪن ۾ وڪريل هندوستانين جي انهيءَ آزاد هند فوج ۾ سٺ هزار فوجي گڏ ٿي ويا جن مان گهڻا سنگاپور کان موٽي آيل فوجي هئا. هو فوجي انقلاب ذريعي هندستان کي آزاد ڪرائڻ جو حامي هو ۽ هندستان ۾ اشتراڪي نظام رائج ڪرڻ جا ارادا هئس. پهرين سوراج پارٽيءَ ۾ هو پوءِ ڪافي عرصي تائين آل انڊيا ٽريڊس يونين ڪانگريس جو صدر رهيو پوءِ انڊين نيشنل ڪانگريس جو صدر ٿيو. هن جي انقلاب پروري ڏسي تحريڪ جا اعتدال پسند هندو اڳواڻ هن کان ناراض ٿي پيا ۽ هي هنن کان باغي ٿيو. آخر هن لاءِ اهڙا حالات پئدا ڪيائون جو ۱۹۴۱ع ۾ ڀارت کان فرار ٿيو ۽ سنگاپور ۾ وڃي انڊين نيشنل آرمي جي نالي سان اها عسڪري تنظيم ٺاهيائين. جنهن جي وردي بہ مخصوص هئي ۽ جهنڊو بہ الڳ هو.

هي ٻي مهاڀاري لڙائي جو دور هو. انڊين نيشنل آرمي هندوستان کي فوج جي ذريعي آزاد ڪرائڻ جي پروگرام کان بہ اڳتي وڌي مورڳو (رنگون مان) آمريڪا ۽ برطانيا جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. فيبروري ۱۹۴۴ع ۾ برما مان ڀارت تي ئي حملو ڪيو پر ٿوري ئي عرصي ۾ انڊين نيشنل آرمي کي شڪست ٿي. چندر بوش رنگون ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. پهرين هن پنهنجي انهيءَ فوج کي. ”دهلي هلو.“

www.sindhsalamat.com

۽ "هندوستان پڪاري ٻيو" جو پيغام ڏنو هو پوءِ رنگون ڇڏڻ وقت هڪ طويل پيغام (جنهن کي سندس آخري پيغام سمجهيو وڃي ٿو) جاري ڪيائين جنهن آزاديءَ جي متوالن ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. انهيءَ پيغام جا آخري جملا هئا ــ "صبح ٿيڻ ۾ دير ڪانهي، هندوستان ضرور آزاد ٿيندو، انقلاب زنده باد ــ آزاد هند زنده باد...." بهرحال فوج هارايو پر قوم کي اتساه مليو.

انهيءَ آزاد فوج جي ڪن عملدارن تي بعد ۾ دهلي جي لال قلعي ۾ انگريزن طرفان مقدمو به هلايو ويو ۽ ڪن کي سزائون به ڏنيون ويون پر پوءِ هندوستان جي هر فرقي جي ماڻهن جي دباءَ تحت اهي سزائون معاف ڪيون ويون باقي ٻن مسلمان عملدارن کي ڪن ٻين الزامن جي جواز سان قيد جون سزائون مليون. آزاد هند فوج جي بحرحال هڪ الڳ ڪهاڻي آهي پر حقيقت هيءَ به آهي ته چندربوش بابت مڪمل ۽ صحيح حالات اڃا به پڌرا نه ٿيا آهن ۽ جيڪي ڪتابن ۾ لکيل آهن سي ڪجهه مسخ ٿيل ۽ نامڪمل آهن، هندوستان جي ڪن ڪتابن ۾ هن جي فوت ٿيڻ جو سن ۱۹۴۳ع لکيل آهي جڏهن ته ڪن ڪتابن ۾ سندس وفات جو قصو هن طرح ڏنل آهي ته ...: "آگسٽ ۱۹۴۵ع ۾ (ايٽم بم جي حملن جي نتيجي ۾) جپان جي شڪست سان گڏ هيءَ خبر به آئي ته ــ "سپاش بابو سائيگان کان ٽوڪيو ويندي اندوچائنا جي علاقي ۾ تائي‌هو جي اڏي تي هوائي جهاز کي باه لڳڻ جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويو." پر لنڊن جي سرڪاري حلقن انهيءَ خبر کي درست تسليم نه ڪيو. هڪ مهيني

www.sindhsalamat.com

بعد ڪانگريس جو جلسو ٿيو ته فوت ٿيل وطن پرستن لاءِ تعزيت جو ٺهراءُ پيش ٿيو پر چندربوس جو نالو فوت ٿيلن جي فهرست ۾ نه هو. ابولڪلام آزاد، مهاتما گانڌي ۽ ٻين ليڊرن هن کي فوت ٿيل تسليم نه ڪيو. گانڌي جيءَ چيو- ”مون کي آس آهي ته سڀاش بابو فوت نه ٿيو آهي بلڪه دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجو وقت گذاري رهيو آهي.“ اهوئي سبب هو جو ڪافي عرصي تائين هر خاص عام ماڻهو جي ذهن ۾ اهو وئندڙ خيال گهر ڪيو ويٺو هو ته چندربوس زنده آهي- هاڻي ته اهو خيال به ذهنن کان محو ٿي ويو آهي، جيئن هٽلر جي زنده هئڻ جو جوش ڏياريندڙ تصور هاڻي گم آهي. پرياد اٿم ته عام خاص ماڻهن چندربوس کي هميشه محبت سان ياد رکيو.

*** ورها گي کان اڳ هتي **هڪ اهڙو واقعو ٿيو جو** هڪ عجيب ڪهاڻي بنجي پئي- هندن مان ئي هڪ پرڻيل جوڙو هو- هونئن ته زال مڙس ڏاڍا محبت ميٺ سان رهندا هئا پر ڳچ وقت تائين به جو اولاد نه ٿين ته هڪ ٻي ۾ شڪي ٿيڻ لڳا- محبت تي ڪدورت جي ڪٽ چڙهڻ لڳي ۽ اکين ڦير کاڌو ڪن فتنتين اچي ڦيٽارا وڌا تانجو جهيڙا ٿيا ۽ هڪ ڏينهن اهو به آيو جو مڙس پنهنجي پتنيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هندن ۾ طلاق جو رواج ذري گهٽ آهي ڪونه، هو ته وڌوا کي پرڻائڻ کان به مجبور هوندا هئا- نوجوان زال اچي پنهنجن مائٽن ۾ ويٺي- مڙس اڪيلو پنهنجي ڌنڌي ڌاڙيءَ سان يا وري سنگت ساٿ سان اڪيلو ئي اڪيلو ڄڻ ڇڙو- پر ڏسبو هو ته اندر ۾ ڄڻ ڪو اهاءُ هوس ڪا ڳالهه هئس، جنهن تي ڪڙهندو هو- گهر ڦٽي ڀرڀانگ ٿي ويس.

www.sindhsalamat.com

هيڏانهن هي جوان زال— خبر ناهي ڪنهن سان لڳي جـو ٻـارهن مهينا مس ٿيا تہ مـائٽن ۾ سڄا سارا ٻہ جـاڙا ٻار ڇٽيائين- اهو سڀ ڪم ائين ٿيو جـو گهر جي مردن کي ذري خبر نہ پئي بـاقي ڇوڪريءَ جـي ماءُ سميت عورتن کـي ڄاڻ هئي- هنن بہ رڳـو گرب وارا نـو ڏهہ مهنا ڳالهہ کي ناهيو ۽ لڪايو پـر ويم واري رات ويم بہ اهڙي مات ميٽ سان ڪيائون جـو پاڙي وارن کـي تہ سڻس بہ ڪانہ پئي البت گهر جي مردن کي تہ خبر هاڻي اوس ٿيٽي هئي- ڇوڪريءَ جو پيءُ متو جهلي ويهي رهيو- (پر هاڻي اها بہ خبر پيس تہ اولاد نہ ٿيڻ جو سبب خود سندس ناڏيءَ ۾ هو-) هاڻي هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو- خير— سڀني صلاح بيهاري اهي ٻئي تازا ڄاول ٻار هڪ ڪـاريءَ ۾ وجهي ڇڳي طرح ڍڪي ناهي رات جـي اونده ۾ آڻي گاندي چونڪ واري وڏي ٿلهي تي رکيا، اهڙي طرح سو شايد ملائڪن کي بہ ڪڙڪ ڪانہ پئي-

صبح ٿيو، پڪيءَ چوڳو ۽ هل چل شروع ٿي تہ سڄي شهر ۾ هل هلاڇو مچي ويو تہ چونڪ ۾ بہ حرامي ٻار رکيا آهن- شهر مـڙي آيو اهـي پلونگڙا ڏسڻ- هلڪو سيارو هو پر اس جو تاءُ متو هو- جيڪو ڏسي سو پيو نڪ تي آڱر رکي توبهہ توبهہ ڪري- مسلمان تہ نڪ کي موڙو ڏئي ٻيٽا پـر هندو سماجي ورڪر ڪم کي جنبي ويا- ڊاڪٽر کـي وڏي آيـا تنهن ٻارن کـي تپاسيو ۽ صلاح ڏنـي تہ هنن کي سيءَ کان بچائڻ ۽ ڏيج پيارڻ جو ترت بندوبست ڪريو- ورڪر

www.sindhsalamat.com

دوشالا ڪير جون بوتلون ۽ چوسٽيون ڪٽي آيا. ٻار روئڻ لڳا ته انهن کي هنجهه ۾ ڪٽي وندرائڻ لڳا. هو اٿوڙجي پيا ته نهه پهه صفائي ڪري ورتائون. ڊاڪٽر توڙ تائين موجود رهيو. پوليس، اڳ به لڪيو اٿم ته هروپرو اچي تنگ نه اڙائيندي هئي جيسين ڪه مکي يا چڳو مڙس پاڻ گهرائين يا شهري سماجي ڪم وارا بنهه هٿ نه ڪڍي ٻيهن. سو اتان ڪير به نه آيو.

هاڻي مکي صاحب آيو. پهرين ته دايئن ۽ پارڪن کي گهرايو ويو جن چڱي طرح چڪاس ڪري پڪ ڏني ته ٻار هندو عورت جا جاوا آهن مسلمان جا نه. گهڻي چغلي ته انهن ڪپڙن ڪاڏي جي ٻارن کي پهڙيل هئا ۽ جن ۾ هو ويڙهيل هئا. پي به ڪا نشاني ڪاريءَ ۾ اهڙي ملي پين جو سيني کي مڇڻو پيو ته ٻار هندو گهر جا آهن. هاڻي اٿيو سوال ته ڪير ٿو هنن معصومڙن کي گود وڌي. ڪافي وقت پي اها ڙيڙهه پيڙهه هلي، تيسين ٻار ڊاڪٽر ۽ ورڪرن جي حوالي. اتي مکيءَ کي ڪو خيال آيو. هن هڪدم انهيءَ جوان کي، جو زال کي اولاد نه هئڻ سبب گهر نيڪالي ڏيو ويٺو هو جيتوڻيڪ عيبدار پاڻ هو، سڏ ڪيو. هو به اتي ئي موجود هو. هو مکيءَ جي اڳيان آيو ته هن پاڻوه مان سمجهايس ته: ڙي نياڳا زال هوندي به ڇڙن ڇاندن ۽ چورن وانگر ٻيو گذارين، پاڻ رڌين پاڻ پچائين، ڪڏهين ڪٽي ڪڏهين ڪٽي پنهنجي شهر ۾ جهڙو مسافر، وتين هيڏانهن هوڏانهن جهوتون ڏيندو ويڳاڻو، ڇو نه هنن مان

www.sindhsalamat.com

هڪڙو کڻي وڃين ۽ زال کي وٺي وڃي گهر آباد ڪرين جيسين ڀڳوان توکي پنهنجو اولاد ڏي. موجود ماڻهن وٺي مکيءَ جي ڳالهه کي ڇپر وانگر کنيو ۽ واه واه ڪئي ۽ اهڙو ٽيڪو ڏنو جو هي همراه لاجواب ٿي بيهي رهيو. نيٺ انهن پلونگڙن مان هڪڙي کي کڻي هنجهه ۾ ڪيائين ۽ لڳوسهري ڏانهن نهارڻ. ماڻهن آفرين آفرين ڪري پٺي ٺپريس. اڃا ٻي ٻار لاءِ مکي ڪنهن ٻي کي مجبور ڪري يا ڪو پاڻهي اڳتي وڌي تنهن کان اڳ ٻيو ٻار به کڻي گود ۾ ڪيو. چي هڪڙي ماءُ جا آهن ته ٻنهي کي اسين پاڻ پاليندا سين. هاڻي مکي مونکي منهنجي زال پرچارائي ڏي-! ائين چئي وري سهري ڏانهن سوالي نگاه سان نهاريائين. هن وڌي اچي ڳر لاتس چي پٽ هوءَ اڳ به تنهنجي هئي اڄ به تنهنجي آهي. منهنجيون اکيون ٿڌيون جي هن جي ارٿي تنهنجي گهران نڪري. اچي وٺي وڃينس، هوءَ هونئن به توکي ساريو پئي ڏينهن گهاري.

جوان، جيوت يا جيون نالو هوس، پورو ياد نٿو پويم—— سهري سان اتي ئي مکي ۽ پنچائت جي اڳيان ٺاه ڪيو. سهرس کي ته اصل حقيقت جي خبر هئي تنهن رٿ ڏني ته في الحال ٻار پاڻ کڻي ٿو وڃي پنهنجي ڌيءَ کي ڏي ته تاتي، تيسين هي (سندس ناٺي) پنهنجو ڦٽل گهر درست ڪري پوچي سوچي ڪرائي پوءِ اچي هنن ٻارن سوڌو زال کي وٺي وڃي. سمجهي وڃو ته هن اها حرفت ڇو هلي-! خير مکي اهو نبيرو ڪري اٿي ويو ۽ سڀا برخاست ٿي،

www.sindhsalamat.com

سڀ ٽڙي پڪڙي ويا. ٻار وڃي اصل ماءُ وٽ پهتا! قصو ڪجهه اهڙو خير سان نبريو جو ڪنهن ان ڪنواري ماءُ جي پچار به نه ڪئي.

انهيءَ بعد انهيءَ جوان گهر کي نئين سر درست ڪيو پوچي ۽ رنگ روپ ڪرائي ورتائين. هيڏانهن ٻار پنهنجي ماءُ جي ٿڃ پي پلجندا رهيا پر ظاهر اهو ڪيو ويو ته ٿڃ لاءِ هڪ ويايل عورت جو بندوبست ڪيو اٿئون. اهڙي هڪ مائي برابر رکيائون به سهي تنهن کي سمجهائي سيکاري پنهنجو ڪيائون. هفتي ٻن اندر مڙس زال کي گهر وٺي آيو، توڙي انهيءَ ٿڃ پيارڻ واري مائيءَ کي به جيڪا "ظاهر ۾" ڏينهن ۾ چار ڇهه دفعا اچي ٻارن کي ٿڃ پياريندي هئي. مڙس کي شايد آخر تائين لکا ڪانه پئي ته ٿڃ ڪير پيو پياري. (يا گهر جي اندر سڀ حقيقتول کليون ۽ پاڻ ۾ ٺهي ويا؟) خير ائين هڪ گناه کانپوءِ هڪ ڦٽل گهر ٺهي پيو. پير ڀلي ڍڪي ڀلي.

پوءِ اهي اندروني ڳالهيون کليون ڪٿا؟ اهو هيئن ٿيو جو اها ٿڃ لاءِ مستعار رکيل سوئا عورت جا سندن راز ڄاڻندڙ به هئي ۽ راز رکندڙ به، تنهن هڪ ڏينهن اها سڄي ڳالهه پيرائتي اچي اسانجي امڙ کي ٻڌائي ڇاڪاڻ ته هوءَ اسانوٽ به اڪثر ايندي هئي. گڏو گڏ ساک سنهن به ورتائين ته ڪٿي ٻڌائجو نه متان گهر وري ڦٽي وڃين. آءٌ ننڍو هوس، مون امڙ جي ڀر ۾ ويٺي اهو سڄو قصو ٻڌو. مائيءَ کي مونمان ڀئو نه ٿيو جو سمجهيائين ننڍو ۽ بي سمجهه آهي. خير

www.sindhsalamat.com

اها ڳالهه ڪنهن هنڌ به نه کلي. امڙ اها حقيقت بابا کان به پوشيده رکي تانجو ورهاڱو ٿيو ۽ هندو لڏي ويا. اها خبر آخر تائين به ڪنهن کي ڪانه پئي ته ٻارن جو اصل پيءُ ڪير هو. ڪير وهي وڃي ڀت ۾ پيو ـــ نج نه سهي کار سهي.

ڪي ڳالهيون ڪنهن ذهن ۾ نقش ٿي وينديون آهن. جڏهين ته خود واسطيدارن ۽ سڄي وسنديءَ کي به جلد وسري وينديون آهن. هرڪنهن وٽ Conception ۽ Expression جي پنهنجي پنهنجي خداداد ۽ سڀاويڪ سوجهي هوندي آهي. مون ڪجهه پاڻ ڏٺو ڪجهه ڪنين ٻڌو ۽ هتي هي قصو ٺاهي لکيم.

مائي ڀاڳل ڀت واريءَ جي به ڳالهه ڪبي. هيءَ ڪراڙي هئي ته غريب اشراف عورت پر هڪڙو عيب هوس اهڙو جو هن لاءِ داغ هو پر ماڻهن کي وندر ۽ ورونهه. اهو هي ته گارين جي اصل استاد هئي. ذري ذري ڳالهه تي آئي وئي کي وٺي جي گارين جا دس چاڙهيندي ته اصل توبهه ڀلي. گارين تي مجبور تڏهن ٿيندي هئي جڏهن ماڻهو پاڻهي ڇيڙائيندا هئس. ڇاڪاڻ جو هن جي Weak-Point يعني چڙ کان واقف هئا. پوءِ ٻڌو مائي ڀاڳل جون ست سريون. وري جهڙي رفتار، گارين جي اهڙي ڀَتَ ۾ ڏوئي ڦيرائڻ جي، گارين جي ٽاڙه پئي پوندي ته ديڳڙي ۾ ڏوئي جي ڦير ڦيران ۽ ٺن ٺن. ماڻهو پيا ٻهه ٻهه ٿيندا کلندا ۽ هڪڙي ٽڪيٽ ۾ ٻه مزا وٺندا. وات ۾ ڏند هئس ڪونه ان ڪري گاريون سر مٽايو پيون نڪرنديون هيس جيسين ڪو وڃي بس

www.sindhsalamat.com

ڪري. پري تائين پيو آواز ٻڌبو هو هنجو. گهڻو چڙندي هئي مرڻ جي ڳالهه کان، اهوئي هن جو ويڪ پوائنٽ هو ڪنهن کڻي چيس ته مائي ڀاڳل هاڻي کڻي ڇڏ حياتيءَ جي پچر- بس پوءِ ته بازار مان ٻه بازاريون ڪري ڇڏيندي- چوندي آءٌ قيامت جا تڏا ويڙهينديس مران ڇوٿي- ۽ تنهن سان گڏ گراهڪن سوڌي سڀني کي مرڻ جا پاراتا ڏئي ويندي (سنڌي ۽ سرائيڪي گڏي ڳالهائيندي هئي-) پر جي ڪنهن ڊگهي حياتيءَ جي نويد ڏنس ته ان تان ٻلهار ويندي ۽ ڀت جي ڏوئي سوائي ڪري ڏيندس.

پوڙهي پورهيت هوندي به جا مرد هئي. ڏهه ٻارهن سير ڀت جو ٿانون سوڌو ديڳڙو مٿي تي ۽ پاڻيءَ جو دلو هڪڙي ڪڇ ۾ ۽ تڏو وڃڻيون ٻي ڪڇ ۾ اڪيلي سر گهر کان بازار تائين کڻيو ويندي هئي- هڪ ڀيرو حج تي وڃڻ لاءِ سنڀري، ڪجهه پنهنجي بچت هئس ڪجهه سرنديءَ وارن مدد ڪيس. موقعي تي سهي سنڀري رواني ٿي. هفتي کن کان پوءِ ڏسون ته هتي پئي هلي، چي سمنڊ ڏسي ڊڄي ويس- جهاز ۾ چڙهڻ جي همت ئي ڪانه ٿي. ڪن ته چيو ته ڪراچيءَ تائين ئي ڪانه وئي گهر ۾ ڇنڀ هڻيو ويٺي هئي پئسا ميڙڻ جو بهانو ڪيو هئائين- خير اها چوڻ وارن جي نيت يا مائي ڀاڳل جي، پر اها خبر هئي سون ته ڊڄڻي مڙئي هوندي هئي.

هونئن هي غريب پوڙهي بيضرر توڙي خوددار پورهيت هئي ڪڏهن ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪڍيائين، ماڻهن جي رونشي اهڙو ڪيو هوس نه ته گاريال ته انکي چئبو جو سبب

www.sindhsalamat.com

بي سبب اٿندي ويهندي گار گندڪان سواءِ نه ڳالهائي جهڙا اڄ ڏسون پيا ته پنهنجن نياڻين کي به گار سان مخاطب ڪن ۽ تهذيب ۽ شائستگي جا رکپال سڏجن دين ۽ ديانت جا مجاور خاص اخلاق جا داعي.... هوءَ ويچاري گهٽ ۾ گهٽ اهڙيون دعواؤن ته نه رکندي هئي- ملنسار راڄ ڪاڄ ۾ اٿڻ ويهڻ واري، ڪنهن کي ڪڏهن ڏکويائين ڪونه سواءِ انهن جي جيڪي چونگ ڏئي ڇيڙيندا هئس.

***گهورڙين جو ذڪر ڪرڻ ڪو گهڻو سجايو ڪونه ٿيندو ڇاڪاڻ جو گهڻو ڪري جتي ڪٿي ساڳيا گهورڙيا اڃا به آهن- پر هڪ قسم جي گهورڙين جو ذڪر ڪرڻ اميد ته دلچسپي جو سبب ٿيندو: اهي هئا هڪڙا گشتي واپاري سڪ خالصا جي وڏي شاهي ڪنواڻيءَ تي ٽول کڻندا هئا- اهو هيئن جو هڪڙي هوندي هئي بانس جي پترن جي اٽڪل اٺ نَوَ فوٽ ڊگهي ڪنواڻي ائين ٺهيل جيئن ٽرڪن ۾ اسپرنگ ڪمانيون ٿينديون آهن- انهيءَ جي ٻنهي ڇيڙن تي رسن سان لٽڪيل هونديون هيون ٻه وڏيون ويڪريون گول گول ڇاٻڙيون سي به ايتريون ويڪريون جو هڪ هڪ ڇاٻڙيءَ ۾ جيڪر ٻه ٻه ماڻهون آمهون سامهون ويهي سگهن. ڇاٻڙين ۾ ڪپڙي جي اڪيچار ننڍين ننڍين ڳوٿرين ۾ طرح طرح جا ٽول ۽ وکر پيا هوندا- کنڊ ڀڳڙا گانٺيا، مرملا، ڦلا، ڳڙڌاڻي. پتاشا نباتون ۽ الائي ڇا ڇا- ڳوٿرين جا منهن کليل ۽ ٻاهر طرف ورائي ويڙهيل، جيئن جيئن مال گهٽبو ويندو ڳوٿرين جا منهن اوترائي ويڙهبا هيٺ ٿيندا ويندا- خالصي

www.sindhsalamat.com

کي ڏسبو ته اها ڳري اجگر جيڏي ڪنواٺي ڪلهي تي کنيو هڪ هٿ ۾ هڪ ڪاٺ جي ڪندري جهليو هم هم هش هش ڪندو ٺونٺون ٻانهون هڻندو: تڪڙو تڪڙو پيو وڃي ڇاڪاڻ ته ايڏي بار ۽ لچڪيدار ڪنواٺيءَ سان آهستي هلڻ ۽ ساه روڪڻ هونئن ئي اڻ ٿيڻي آهي. تنهن ڪري تکي وک ۽ ڌوٻي وانگر هش هم ڪرڻ لازم ٿيو. هلڻ سان ڇاٻڙيون ائين پيون هيٺ مٿي ٿينديون ۽ ڪنواٺي ور کائيندي جيئن ڌمڻ ڌمبي آهي. هاڻي جي ڪنهن ٽڪي پئي جي شئيءَ لاءِ سڏ ڪيو ته خالصو ڪنواٺي ڪلهي تان لاهي ڇاٻڙيون پٽ تي ٽڪائي ڪمان جي وچ ۾ اها ڪندري ڏئي بيهاري ڇڏيندو. هاڻي اوهان جي اڳيان ڄڻ هڪ وڏي تارازي رکي آهي. گراهڪ کي شئي شڪل ڏئي وٺي خالصو وري اها بانٺي هٿ ۾ ۽ ڪنواٺي ڪلهي تي رکيو ساڳئي هم هم هش هش ڪندو ٺونٺون ٺوڪيندو اڳتي هليو ويندو ۽ هوڪو ڏيندو ويندو. ائين هو شام تائين سڄي شهر ۾ گهوم ڪندا هئا. شيون ڏاڍي صفائي سٿرائي سان رکندا هئا. انهيءَ قسم جو ڪم سک خالصن کانسواءِ ٻي ڪنهن جاتيءَ کي ڪندو نه ڏٺوسين.

هڪ چڻا جو رگرم وارو ڀيل ذات جو گهورڙيو هو جو اصل کان انڌو هو. هڪ ٽين جي ڏول ۾ جنهن جي هڪ طرف شيشو لڳل هو سڄا ڀڳيل چڻا کڻي هڪ هٿ ۾ لٺ هڪ هٿ ۾ هڪ گهنڊڻي سنڀالي سڄو ڏينهن پيو شهر ۾ گهوم ڪندو هو. چاهي ها ته دان بکيا مڱي انهيءَ کان

www.sindhsalamat.com

وڏيڪ ڪمائڻي ها جيڪي ڇڻن مان ملندو هوس، محنت ڪشالي ڪان به ڇٽي پوي ها پر ائين نه ڪيائين سو ته ڏهيو پر ٻچن جو پيٽ قوت پورو ڪرڻ لاءِ رات جي وقت شهر ڪان اسٽيشن تائين ۽ اسٽيشن ڪان شهر تائين مسافرن جو سامان به ڍوئيندو هو ۽ روپيو به روپيا انهيءَ پورهئي مان به ڪڍي ايندو هو- رات جي وقت فقط لٽ جي ٽيڪي تي-! باقي انڌي لاءِ ڏينهن ڇا رات ڇا- گهٽيون سڀ ساريون ٻيون هئس ٻيو ته گانڌيءَ چونڪ ڪان اسٽيشن تائين گس هونئن به سڌو سنواڻو آهي هي خدا جو بندو هڪ هٿ سان مٿي تي رکيل سامان- ٻلي بسترو ۽ ٽرنڪ هجن- ڪي جهليندو ۽ ٻي هٿ سان لٽ ٽيڪيندو سامان جي مالڪ ڪان به اڳ وڃي پليٽ فارم تي رسندو هو جو مسافر اڪثر اڳ روانو ڪري ڇڏيندا هئس- باقي رهيا ماڻهو ۽ سڪا، سي اڳي سڄا ۽ ڪرا هئا- سڪا ته اهڙا اسٽينڊرڊ هئا جو سڄن ڪي ته ڏهيو انڌن ڪي به ڏوڪو نه ڏيندا هئا- اڄ ڏسو ته آڏين پائلين جا سڪائي ڪيترين سائزن ۾ آهن-! ۽ ماڻهو ته هنجي پاڻ سهائتا ڪندا هئا، ڇوڪرا ڇرڙا هن کي ڇيڙيندا نه هئا ۽ وڏا پاڻ ٿهل ڏکوڙ ڪندا هئس.

تڏهين روپئي جا سڪا هئا چانديءَ جا به پڙا ڊينگلا، وزن ۾ به پورا ته سائز ۾ به- دوڪاندار انهن کي پٿر تي هڻي ڪڙڪائي وڃائي ۽ مضبوطي ڏسي انهن جي پرک ڪندا هئا. هڪڙي جهوني دوڪاندار ٻڌايو ته هڪ ڀيري هڪ عورت اهڙو روپيو ڪٽي ڪجهه وڪر وٺڻ آئي، مون رپئي جي پرک

www.sindhsalamat.com

لاءِ انکي پٿر تي هنيون ته وچان کلي پيو ۽ ٻئي پڙ جدا ٿي پيا. مون ته اهو به رکي مائي کي گهربل وکر ۽ باقي پئسا ڏنا پر مائي روئڻ ويهي رهي. مون سبب پڇيو ته روئي چوڻ لڳي ته. ”ابا تو ته کن پل ۾ هن کي ٽوڙي به اڌ ڪري ڇڏيو تو کي خبر به آهي ته مون ڪهڙن ڪشالن سان پائي پائي ميڙي اهو روپيو جوڙيو آهي.“

ياد رهي ته اهي ٻه پڙا روپيا ڪڏهن وچ مان کلي ٻه پڙ جدا به ٿي پوندا هئا. پر دوڪاندار اهي به قبول ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته چانديءَ جي ملهه جيتري ئي چاندي هوندي هئن. ٻيو ته ڪنهن مصالحي سان ٻيهر جوڙي ڇڏيا هئا ته اڳتي به هلي ويندا هئا. هي روپيو به دوڪاندار موٽايو ته ڪونه پر مائيءَ جي محنت جي ڪمائي هئي ان ڪري روپئي کي ضرب پهنچندي ڏسي ڏک ڏيکاري ويٺي انهيءَ چانديءَ جي روپئي بابت ئي اڳي هيءَ گجهارت عام هئي:

”اڇو اڇو کير جهڙو ـــ چمانس پير جهڙو ـــ ڀانياس ڀاءُ جهڙو ـــ سانڍيانس ساه جهڙو ـــ ٻڌانس چور جهڙو.... خير تڏهن سڪا به سرلا هئا هاڻي نه اهي سرساز وارا سڪا آهن نه اهي پارکو. ٻئي ٻوڙا آهن.

اڄڪلهه ته ماڻهوءَ جي محبتن ۽ قربتن جو به قدر ڪونهي جيڪو ويو سو وسريو جيڪو جدا ٿيو سو ڇٽو، پر اڳي بي جان شين جي چند ڏينهن جي صحبت جو به اثر هوندو هو. مون هڪ دوست کان هڪ سيڪنڊ هينڊ ريڊيو ورتو، جڏهن پئسا ڏئي ريڊيو کڻي اٿي هلڻ لڳس ته هو ڏاڍي

www.sindhsalamat.com

دردمنديءَ سان تاڪيد ڪرڻ لڳو ته يار سنڀالي کڻينس متان ڪو لوڏو اچي وڃيس- پوءِ اکيون آليون ٿي ويس چوڻ لڳو- ”يار هي ويچارو چار ڏينهن مونوٽ رهيو منهنجو سچو محبتي هو اڄ هنکي پاڻ کان جدا ڪندي ڏک پيو ٿئي-“ ڳالهه ظاهر ۾ ڪجهه به نه هئي، هو انکان وڌيڪ اوچو ۽ نئون ريڊيو وٺڻ وارو هو- پر ڳالهه هئي دل جي وابستگيءَ جي— هاڻي ٻڌايو ته انوقت جا ماڻهو پنهنجي گڏهه گابي کي، سواريءَ کي يا جاءِ کي وڪڻڻ يا ٻي طرح سان ڪنهن جي قبضي ۾ ڏيڻ وقت ڪيترو نه ماتم ڪندا هوندا-! ڪيترا قصا لکي ڪيترا لکجن، اهڙا به انيڪ نظارا ڏٺاسين.

جهونڙن کان ٻڌندا هئاسين ته ڪنهن زماني ۾ هڪ ٻيڙي ماڻهوءَ جو ٺڪر جو ڪَرو جو ليٽرين ۾ ڪم ايندو هوس ۽ گسي ڦٽي چکڙ ئي لهي ويا هئس، هڪڙي ڏينهن نيٺ ڀڄي ڀور ڀور ٿي پيو جو ٿيڻو ئي هو، تنهن تي اهو ماڻهو هنجون هارڻ ويهي رهيو- ماڻهن چيس ته ڏاڏا ٽڪي پئي جو ٺڪر جو ٿانو هو آخر ڀڄڻو ئي هو تون کڻي ٻيو وٺي آءُ باقي پار ڇو ويٺو ڪڍين؟ پوڙهي جواب ڏنو- ”بابا- ڳالهه ٽڪي پئي جي ڪانهي، هي منهنجي ڏک سک جو ساٿي هو مونکي آڌي مانجهيءَ ساٿ ڏنائين، هن ته منهنجي اوگهڙ به ڏٺي هئي، اهڙي رازدار لاءِ ٿورو ڪي گهڻو ڏک ته ٿيندم-“ هاڻي سمجهي وڃو ته ماڻهوءَ سان ۽ خاص ڪري ڪنهن محبوب سان گهاريل گهڙين جي ڪيڏي ياد ڪيڏي تات تنوار هوندي-!

www.sindhsalamat.com

*** **فرسٽ ايئر ڪامرس** مون سروري ڪاليج هالا مان ڪيو ١٩٥٧ع ۾ سروري هاسٽل ۾ رهندو هوس. سائين محبوب علي چنه صاحب (مرحوم) ۽ شعبان بخت صاحب جون صحبتون اتي ماڻيم. توڙي مخدوم صاحب جن سان محبتن ۽ قربتن جي ابتدا به تڏهن کان ٿي. هن سمي جون به ڪيتريون ساروڻيون ذهن ۾ محفوظ آهن.

اتي هاسٽل ۾ **دلبر** نالي هڪ شاگرد به هو. موري جو ميمڻ. يتيم هو ان ڪري پڙهائي رهائش ڪپڙي گندي ڪتابن وغيره جو خرچ سڄو مخدوم صاحبن تي هو. کيسي خرچي به مخدوم صاحبن وٽان ملندي هئس. توڙي جو خوش اخلاق، ملنسار، زنده دل ۽ نماڻو هو ٻين جي خدمت چاڪري ڪرڻ ٻين جون خوشيون وڌائڻ ۽ ڏک گهٽائڻ ۾ نه زڳو مزو ايندو هئس پر انهيءَ هنر ۾ ڀڙ به بيشڪ هو. هاسيڪار به شهر وڃڻ جا سانباها ڪندو سو به ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا، ۽ پهرئين ڪمري کان وٺي آخري ڪمري تائين پڇندو ويندو ته شهر ٿو وڃان ڪو ڪم هجي ته ٻڌايو.؟ پوءِ ڪو ڪپڙا لانڊري واري کي موڪليندو يا گهرائيندو ڪنهن قلم ڪتاب گهرايو ڪنهن ڪجهه ڪنهن ڪجهه چيو هي سڀ ڪم ڪري ايندو ۽ هڪ هڪ ڪمري تي گهربل شيءِ حساب ڪتاب نياپو نڙو پهچائي ايندو. سڄو ڏينهن اها ڪار هئس جو ڪنهن نه ڪنهن جو ڪم ڪندو ڏسبو يا ڪنهن کي وندرائيندو ملندو. هاسٽل وارن کي وڏو سهنج ٿي پيو. انسان انسان لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڇاٿو ڪري سگهي جو قرب

www.sindhsalamat.com

۽ محبت به ڏي ۽ عملي طرح ٻانهن ٻيلي به ٿئي- اچا ٻڌو:

هـي صـاحب ڪتان ڪتان جـا مهمان آئـي پـاڻ وٽ ٽڪائيندو هو- پاڻ امداد تي هاسٽل ۾ ماني ڪائيندڙ پر مهمان کي اها ماني به ڪاريندو ۽ جـي ڪوٽ پئي ته هاسٽل وارن کان پني مڱي پوري ڪندو پر مهمان کي لـڪـا به پوڻ نه ڏيندو ته ڪا گهاٽي واڌي ٿي آهي. جنهن ڏينهن ڪو مهمان نه ملي ته سچ پچ ويٺو روئيندو هـو ته يار اچوڪو ڏينهن منهنجو نياڳو ڏينهن آهي. اهو ته ڏهيو پر هـي مرد مجاهد هر گاڏيءَ جي ٽائم تي اسٽيشن تي وڃي بيهندو هو ۽ ڪنهن نه ڪنهن مسافـر کـي پنهنجو مهمان ڪيو وٺيو ايندو هو- انوقت هالا ۾ ڏينهن ۾ به پيرا گاڏي لنگهندي هئي اسٽيشن کان هاسٽل تائين ڪو به فرلانگ پنڌ هو. هاسٽل جي پوئين طرف کان دريون اسٽيشن ڏانهن کلنديون هيون اسين اڪثر دريون کوليو اسٽيشن ايندڙ ويندڙ مسافرن کي ڏسندا هئاسين ۽ پاڻ ۾ پيا چوپڙو ڪندا هئاسين ته ڏسون دلبر اڄ ڪيترا مهمان پيو "جهٽيو اچي" ڪڏهن ته ٽي چار مهمان ٿي ويندا هئس. پـوءِ دلبر چـڻ جهولي جهلينـدو ڪنهن کان ڪٽ ڪنهن کان رلي ڪنهن کان وهاڻو ڪنهن کان بالٽي ڪنهن کان ڪرو ۽ ڪنهن کان گـاسليٽ (انوقت هالا ۾ لائيٽ نه هئي) اهڙي موقعي تي دلبر کي جواب ڪير ڏي-! هڪ شيءِ طلبيندو ته به ملي پونديون هئس عام طور هن جا مهمان تڏن تـي سمهندا هئا. نه چـاڻ نه سڃاڻ نه لڳ نه لاڳاپو پر دلبر وٽ مهمانن جي ڏم لڳي پئي هوندي هئي. جيسين هو

www.sindhsalamat.com

نہ سمهن تيسين پاڻ بہ ڪونہ سمهي، ڪڏهن سڄي ئي رات جاڳڻو پويس. مهمانن کي وري بہ ٽپڙن سوڌو اسٽيشن تي پهچايو اچي ۽ پوءِ هرهڪ کان ورتل شيءَ سيعي سان ڄڻي ڄڻي کي پهچائي ٿورا مڃيندو وڃي ۽ وري ڪنهن مهمان جي ڳولا ۾ نڪريو وڃي اتان واندڪائي مليس تہ ويٺو هاسٽل وارن جا ڪم ڪري اٺ ئي پهر انهيءَ هڻ هڻان ۾ هوندو هو. مخدوم غلام حيدر هاسٽل جو هي حاتم طائي- "اٺلهہ" ۽ "اڻ هوند"- تي هڪ عجيب لنگر کوليو ويٺو هوندو هو. مخدوم صاحب کان وٺي هاسٽل جي جمعدار تائين سڀ ڀائيندا ۽ عزت ڪندا هئس. ڪڏهن منهن تي گهنج نہ ڏٺو سينس، سدائين کلندڙ ۽ کلائيندڙ. اسان کي شڪ ڏاڍا هئا تہ پڪ سان هن محنت ۽ محبت ۾ هن پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪو وسيلو ڳولهيو آهي يا ڪجهہ انهن مهمانن کان اڳاڙيندو هوندو يا اسان کي جا شيءِ شڪل آڻي ٿو ڏي تنهن ۾ گهوٻي هڻندو هوندو يا ٻي ڪانہ ڪا طمع اٿس ضرور. پر پوءِ چڱي طرح سان تحقيقاتون ڪري ڏٺيونسين تہ هو هر طرح جي طمع ۽ لالچ کان بنهہ پاڪ نڪتو. بس هڪ جنون هئس ٻين جي چاڪر ڪرڻ جو— پر سائين سياڻا سچ ٿا چون تہ ماڻهو کرئيءَ جي ڪا مند نہ هوندي آهي. اهوئي پر اپڪاري راڄ سيوڪ دلبر مورائي اهڙو بدليو جو الائي ڇا مان ڇا ٿي پيو— ! اتر جي هڪ ٽانوري رئيس جو صاحبزادو اتي پڙهڻ آيو ۽ هاسٽل جو واسي ٿيو. رئيس زادن جو پڙهڻ ۽ هاسٽل ۾ رهڻ بہ هڪ رونشو، هڪ وندر ۽ شيل شڪار

www.sindhsalamat.com

هونـدو آهي چونـدا انهيءَ ٻهانـي سان ڪجهه شئل شڪار ڪري ٿا وڃون، پاس فيل ٿيڻ جو ڪو شوق نه فڪر- هن رئيس زادي کي به هڪ خدمت گار ڪپندو هـو سو هاسٽل جي قاعدن موجب پنهنجي ڳوٺان ته آڻـي نٿي سگهيو- دلبر جي شڪل ۾ هڪ مڪمل مخلص ۽ هڏ گڏل خدمت گـار ملي پيس- مٺي گفتگو سان، ٻئسي سان، طرح طرح جي ٿولن ۽ سوغاتن سان ڪپڙي گندي بوٽ سوٽ واچن ۽ مندين سان ۽ چٽي چهر سان انهيءَ ئي خدائي خدمتگار دلبر کي چند ڏينهن ۾ پنهنجو اهڙو مطيع ڪيائون جو هو سندس در جو.... بنجي ويو- ڪيڏانهن وئـي مهمان نـوازي خـدمت چاڪري خلوص ۽ محبت ڪيڏانهن ويا هن جا ٻيا گڻ، هن جون سڀ وصفون چڻ خواب ٿي ويون. اسان لاءِ ته دلبر چڻ جيئرو ئي نه رهيو. هو به اتي سڀني جي اڳيان پر چڻ نه رهيو سو نه رهيو- اسين ڏاڍو ارمـان ڪندا هـئاسين ڪڏهن چونـدا به هئاسين ته يار دلبر توکي ڇا ٿي ويو-؟ ته چوندو- "بس يار مونکي الائـي ڇا ٿي ويـو آهي-" هاڻـي اٿ ئي پهر انهيءَ تانـوري رئيس زادي سان هونـدو هو ڪنهن سان دعا سلام جي به فرصت نه رهيس. هن وقت هو ٻئي الائي ڪٿي آهن پر هاسٽل ۾ هو هڪ عجيب مثال قائم ڪري ويا.....

*** ورهاڳي کان سال به اڳ **مسٽر بارڻي** حيدرآباد ضلع جـو ڪليڪٽر هو. هڪ ڀيري هتي دوري تـي آيو ته والد صاحب به روايتي ملاقات لاءِ ملڻ ويس ۽ مونکي به ساڻ وٺي هليو- انسپيڪشن بنگلي ۾ هن سان رهاڻ ٿي. هو پنهنجي

www.sindhsalamat.com

هڪ سنهري رنگ جي ڪتي سان پيار به ڪندو رهيو ۽ صاف چٽي سنڌيءَ ۾ بابا سان ڳالهيون به ڪندو رهيو.

واپسيءَ تي ٽانگي ۾ ويٺي مون بابا کان پڇيو:

”بابا- هي ڪليڪٽر هندو هو.؟“

بابا وراڻيو- ”نه هي انگريز هو-“ مون چيو: ”پوءِ ههڙي صاف صحيح سنڌي ڪيئن ٿو ڳالهائي؟“

بابا چيو: ”ان ڪري جو آءٌ انگريزي نه ڄاڻندو هوس-!“

ان بعد وڌيڪ سمجهاڻي ڏيندي چيائين: ”جي هڪ انگريز اسان سڀني سنڌين کي انگريزي سيکارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها ته هوند هڪ اکر به سنڌي نه ڳالهائن ٻولائن ها- اسين پاڻ فخر ۽ هنن جي سهولت لاءِ انگريزي ڳالهايون ها ته هنن کي سنڌي سکڻ جي ڪهڙي ڪاڻ هئي. اسان سان گفتگو ڪرن لاءِ هنکي سنڌي ڳالهائڻي ٿي پوي-“

انوقت اها ڳالهه مونکي سمجهه ۾ نه ويٺي- پر هاڻي جي حالات ۾ ڏسان ٿو ته انهيءَ سمجهاڻيءَ ۾ وڏو مطلب هو- سچ آهي جي اسين پاڻ ٻي ٻولي فخر ۽ مخاطب جي سهولت خاطر وڌي چڙهي ڳالهائيندا سين ته هن کي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو مٿا مار ڪري سنڌي سکي ۽ ڳالهائي-

پر جي غير سنڌي ماڻهو سنڌي نٿا سکن ۽ نٿا لکن پڙهن ۽ ڳالهائن ته ڇا انهيءَ ۾ اسانجو ڪو نقصان آهي؟ قدرت جي هر ڳالهه ۾ ڪا ڀلائي ئي هوندي آهي.

ڪراچي ۾ هڪ صاحب مونکان پڇيو ”يار سنڌي سکڻ ٿو چاهيان ان لاءِ سڀ کان پهرين ڇا ڪرڻو پوندو-؟“

www.sindhsalamat.com

مون چيو! ”سڀ کان پهرين توکي سنڌي سکڻ جي نيت ڪرڻي پوندي“ ڏاڍو ککو وکو ٿي چوڻ لڳو: ”نيت ته آهي ئي-“

چيم- ”ٽيهه سال نيت ٻڌڻ ۾ لڳا اٿئي ته فڪر نه ڪر، سؤ سوا سؤ سالن ۾ سنڌي به سکي پوندين-“

ڪنهن هنڌ هي ڊائلاگ اڳ ئي لکيو اٿم ته: مونکي ڪنهن انگلستانيءَ سان ڳالهائڻو هوندو آهي ته انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان، ڪنهن ايرانيءَ سان فارسيءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ مزو ايندو اٿم ڪنهن عرب سان عربي ۾ ڳالهائڻ ڏاڍي لطف جي ڳالهه آهي، چينيءَ سان چينيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان— پر جڏهين پنهنجي خدا سان ڪلام ڪرڻو هوندو اٿم ته سنڌيءَ ۾ ڪلام ڪندو آهيان ڇاڪاڻ ته خدا سان گفتگو ڪرڻ لاءِ مادري ٻوليءَ جهڙو ٻيو ڪو بهتر وسيلو ٿي ئي نٿو سگهي. سچ پچ ته اڪثر سنڌيءَ کان علاوه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ دعا گهرندي مونکي محسوس ٿيو آهي ته خدا تعاليٰ نهايت ڪروڌ مان مونکان پڇي رهيو آهي:— ”ڇا مون توکي تنهنجي ٻولي نه ڏني آهي-؟“

مشهور روسي ليکڪ آئوان ترجينوف چوي ٿو ته: ”پنهنجي ماتر ڀوميءَ بابت جڏهين انديشن وسوسن ۽ خوف ۾ مبتلا هجان يا ڪڏهين دک ۽ پيڙاه واري منورٿ ۾ هجان، هر حال ۾ تون، اي منهنجي مهان، سگهاري ۽ بيحد آزاد مادري ٻولي، تون ئي منهنجي ٽيڪ آهين تون ئي منهنجو آڌار ۽ تون ئي منهنجي سهائنا آهين.!“

www.sindhsalamat.com

ستر جي ڏهائيءَ ۾ مونسوت حيدرآباد ۾ دائود پٽروليم ڪمپني جو پٽرول پمپ هو. ايڪهتر واري جنگ جا نظارا ۽ پوءِ جا حالات مون اتي ڏٺا. مونکي ياد آهي، اسانجي پمپ جي سامهون ميدان ۾ هڪ مسڪين بنگالي پورهيت ڪلئي ميدان ۾ اچي رهيو. سڄو ڏينهن مزوريءَ لاءِ شهر پٽڪندو هو ۽ رات جو اتي اچي سمهي پوندو هو هڪ ڏينهن جو بجڪو هوس جو مزوريءَ تي وڃڻ وقت به اتي هڪ گوڻ سان ڍڪي ڇڏي ويندو ۽ منهنجي ملازمن کي پارت ڪري ويندو هو. ڪڏهن اسانجي پمپ تي به اچي ويهندو هو ۽ ويٺو بنگال (مشرقي پاڪستان) جا حالات ٻڌائيندو هو جتي جو هو اصل رهاڪو هو. اسين هن جو گهڻو خيال رکندا هئاسين.

جڏهن ايڪهتر واري جنگ لڳي ۽ مغربي پاڪستان ۾ آيل بنگالي واپس مشرقي پاڪستان- حال بنگلاديش- پهچڻ لڳا ته هن به ٽپڙ ٻڌا. ٻي سامان سان گڏ جڏهن هو اها قاتل چنل گوڻ به ٻڌڻ لڳو ته اسين حيران ٿي ويا سين- منهنجي هڪ ملازم چيو! "سائين ڏسو چرئي بنگاليءَ جا ڪم، هي گوڻيون ڏهن ٿي اتي اوپر پاڪستان ۾، اتي ته ڪتي ڪانگين هونديون، پر هي ائين پيو سنڀالي ڪئيو وڃي جڻ ڪا قيمتي شئيءَ آهي. هتي سڄي گوڻ هڪ روپئي ملي ٿي ته اتي ضرور

www.sindhsalamat.com

اڻين آني ملندي هوندي۔"

بنگاليءَ اهو ٻڌي اکيون ڦوٽاري چيو "ميان هن ڦائل ڳوڻ جو به مونکي اتي هڪ روپيو ملي ويندو، نئين ڳ-وڻ هتي هڪ روپئي آهي ته اتي ٻن روپين جي آهي، توهان کي چڱ خبر ئي ڪانهي ...!"

دائود ڪمپني جو ئي هڪ آفيسر سيد صاحب، جيڪو ڪمپني جي طرفان ڳچ عرصو مشرقي پاڪستان ۾ گذاري چڪو هو ۽ هاڻي واپس ڪراچي بدلي ٿي آيو هو، سو ڪن ڏينهن لاءِ حيدرآباد جي دوري تي آيو ۽ لطيف‌آباد جي هڪ بنگلي ۾ اچي ترسيو، آءٌ به لطيف‌آباد ۾ ئي رهندو هوس ۽ ڪمپني جي ناتي روزانو هن سان به ملڻ ويندو هوس۔ هو پاڻ پنهنجن هٿن سان مون لاءِ چانهه ٺاهي ڪڍي ايندو هو۔ ڪافي وسيع‌النظر ۽ روشن خيال هو۔ هن سان ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿيندي هئي۔ اوير پاڪستان جدا ٿيڻ جو الميو تازو ئي ٿيو هو۔ گهڻي گفتگو انهن ئي موضوعن تي ٿيندي هئي۔ انهيءَ گفتگو ۾ هڪ ڀيري جا هن ڳالهه ٻڌائي سا اڄا ياد اٿم۔ ٻڌايائين:

"ٻچاڻي صاحب، اسان بنگالين سان جي ڪلور ڪيا آهن تن جي نتيجي ۾ اسان کان متنفر ٿيا ۽ هيئن جدا ٿي وڃڻ ته ٿيڻو ئي هو۔ رڳو هڪ مثال ٻڌو۔ اتي هڪ اڪيڊمي قائم ڪئي وئي هئي بنگالين کي اردو سيکارڻ لاءِ، بنگالي نوجوانن ان ۾ ڏاڍو چاهه وڙتو ۽ مقرر عرصي کان اڳ ئي اردو جو ڪورس پاس ڪري ورتائون۔ پهريون مدو پورو

www.sindhsalamat.com

ٿيڻ تي اتي سرٽيفيڪيٽ ۽ انعام ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي تقريب ٿي جنهن جي صدارت هڪ وزير ڪئي. ڪمپنيءَ کي به دعوت هئي ۽ آءٌ ڪمپني جي مغربي پاڪستان جي نمائندي جي حيثيت سان ان تقريب ۾ موجود هوس. اتي ڏاڍيون گرما گرم تقريرون ٿيون اردو ٻولي توڙي بنگالين جي شان ۾ (بنگالين جي اردو سکڻ جي جذبي جي شان ۾) ڏاڍا قصيدا پڙهيا ويا. پوءِ بنگالين جي امتحان جو مظاهرو ڪيو ويو. يعني هڪ بلئڪ بورڊ تي وڏا وڏا جفادري اردو اکر لکي بنگالين کان انهن جي معنيٰ پڇي وئي. يقين ڄاڻو هڪ به بنگالي اردوءَ جي ڪنهن هڪ به ڏکئي اکر جي معنيٰ مطلب ٻڌائڻ ۾ ناڪام نه ٿيو. اسين ڏاڍا سرها ٿياسين.

آخر ۾ جڏهن تقريب جي آخري آئيٽم يعني سرٽيفيڪٽ ورهائڻ جو اعلان ٿيو ته هڪ بنگالي نوجوان اٿي کڙو ٿيو ۽ هال کي مخاطب ٿي چيائين. ”صاحبو ترسو! اوهان اسانجو امتحان ورتو ۽ ڏٺو ته اسان کي اردوءَ سان ڪابه عداوت نه آهي پر هاڻي هڪ عرض آهي، انهيءَ بورڊ تي آءٌ هڪ سؤلو بنگالي لفظ لکان ٿو، اوهان مان ڪو صاحب انهيءَ جي معنيٰ ٻڌائي.“

ائين چئي هن هڪ بنگالي لفظ بورڊ تي لکيو. بچاڻي صاحب يقين ڪرايو. اسين هيترا اردو جا ”باذوق“ ۽ ذهين ماڻهو اتي ويٺا هئاسين ۽ سالن جا سال اتي ئي رهياسين پر اسان مان هڪ به اهڙو نه نڪتو جو انهيءَ بنگالي لفظ جي معنيٰ ٻڌائي سگهي! سڀني جا ڪنڌ لڙڪي پيا، هال ۾ موت

www.sindhsalamat.com

واري ماٺ ڇانئيجي وئي. نيٺ اهو بنگالي جوان- ”نهايت افسوس جي ڳالهه آهي“ چئي ويهي رهيو- ان بعد تقريب جيئن تيئن پوري ٿي- اسين هال مان نڪرندي مقامي ماڻهن سان اک نه پي ملائي سگهياسين- هاڻي ٻڌايو ته ڪير ڪيترو قصور وار هو-؟“

سيد صاحب اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون پنهنجي تجربن مان ٻڌايون جي اتي جي احساس محرومي جا کليا دليل هيون- خدا ڄاڻي هي ڪتاب ڇپجڻ تائين ملڪ ڪهڙي حالات ۾ هوندو پر ڪاش اسين اهو سمجهون ته جيڪا قوم تاريخ جي المين مان سبق نٿي پرائي ۽ رويو درست نٿي ڪري تنهن کي اها سزا اوس ملڻي آهي ته هوءَ پوءِ به اهڙا ئي الميا ورجائيندي رهي ۽ خراب خوار ٿيندي رهي. يعني اهڙا الميا اهڙي قوم سان بار بار ٿيندا ئي رهندا- تاريخ اجهو ائين ٿي پاڻ ورجائي- **جارج سنتيانا** سچ چيو آهي ته! ”جيڪي ماڻهو تاريخ جا سبق ياد نٿا رکن، تن کي اهي سبق دهرائڻ جي سزا ته اوس ملڻي آهي ۽ حيف ملامت سهڻي آهي-“

جيئن اسڪولي ٻار سبق ياد نه رکندو آهي ته ماستر هن کي اهو سبق ڏهه ڀيرا ويهه ڀيرا دهرائڻ جي سزا ڏيندو آهي يا ڪي اکر سؤ سؤ ڀيرا لکڻ جي.....

*** هتي جي سنڌي قاصائي برادري هنوقت اشرافن ۽ معززن ۾ شمار ٿئي ٿي. اهو مقام هنن پنهنجي محنت خاڪشوري ۽ يار ويسي سان ڌاهيو آهي- رات وچ ۾ ڌنوان نه ٿيا آهن

www.sindhsalamat.com

بلڪ، وقت ۽ پئسي جو قدر ڪري خوشحال ٿيا آهن ۽ اڃا به آمدن جو ذريعو محنت اٿن نه ڪي ٻيو.

هنن جو وڏو سيٺ، محمداسماعيل شروع ۾ شر جي چئي تي لڳي ٻيو ۽ راتون واه تونگر ٿيڻ جي شوق ۾ وياج جي ڏيتي ليتي ڪرڻ لڳو پر اهڙي ريت جو عام خاص کي ڪل نه پوي باقي وياج خواه ۽ وياج ڀروسي پاڻهي ڀيا نوس نوس ڪندا ايندا. بي جائز ڪمائي وڌڻ ۾ ويرو ئي ڪانه ڪري، هي سيٺ به جهٽ پٽ مالدار ٿي ٻيو. پر خدا جنهن کي گهري تنهن کي مرهي، هن اشراف جي قياقت آجي ٿيٽي هئي سا ٿي پر ڪيئن؟ سو به هڪ دلچسپ قصو آهي. ٻڌو:

پيرسن سائين بچل شاه هن روايت جو راوي آهي جو عيني شاهد هو. توڙي هي قصو جٽ ڪٽ عام آهي: بزرگ ۽ شاعر سائين مصري شاه نصرپور وارو، جنهن جو هتي به آستان هو سو گاهي بگاهي هتي به درٻار ڪندو هو. هي بزرگ حضرت سائين محمد زمان شاه عرف سائين گهوٽ رح جو معتقد خاص هو. نصرپور کان گهوڙيءَ تي ايندو هو ۽ موجوده ريل جي پٽڙي (جا هيل تائين ذري گهٽ شهر ٽنڊي الهيار جي الهندي سرحد هئي) جي پرئين پر گهوڙي تان لهي جٽي لاهي هٿن ۾ ڪري پيرين اگهاڙي پيرين پيادو پنهنجي انهيءَ مرشد حقيقي جي درگاه تي ايندو هو. اتني ڪجهه وقت ويهي ڌيان گيان ڪري پوءِ بازار جي ڪنڊ تي موجود پنهنجي آستاني تي اچي ويهندو هو. اتي ميڙ ماڙهن جا

www.sindhsalamat.com

اچي ڪٺا ٿيندا هئا، بس پوءِ ذڪر فڪر فيض برڪت ۽ روحاني فقيري ڪچهري جا مچندي هئي سا ڀاڳن وارن ماڻي- روح رچي ريٽا ٿي ويندا هئا.

اتي ئي هڪ ڀيري انهيءَ سيٺ محمد اسماعيل اچي سائين کي مانيءَ جي دعوت ڏني ته مهر ڪري قبول ڪريو- سائين مصري شاه کي ڪنهن اڳ نه ٻڌايو هو ته هي سيٺ وياج خور آهي پر الله وارا شهباز جي اک رکن ٿا، سائين ٺهه پهه جواب ڏنو:

”بابا تنهنجي ماني ته اسان جا ڪتا به ڪونه کائيندا!“

سيٺ ششدر ٿي ويو- هيڏي ساري محفل ۾ کتو جواب مليس ته ششدر ڪيئن نه ٿيندو- بحث لاهي بيهي رهيو ته ڇو-؟ ڇالاءِ؟ آخر ڪو سبب؟ پر سائين هن جي ڪاري ڪاروبار جي ڳالهه پڌري ڪرڻ به مناسب نه پيو سمجهي ۽ دعوت به نه پيو قبولي، صفا ٺپ جواب ته ”تنهنجي ماني اسين ته نه کائينداسين پر اسانجي در جا ڪتا به نه کائيندا-“

سيٺ جي جا هيترن ماڻهن اڳيان ڳالهه هيٺ ٿي ته ذر ٿي ويو- سائين ته ڇوه ڇنڊيندو گهٽ وڌ ڳالهائيندو ڇا جو ڇا چوندو پير سٽيندو اتا اٿي هليو پر هلندي اهو ٻولائيندو به ويو ته: ”هاڻي ماني کارائيندس به تنهنجي ڪتن کي تنهنجي ئي اڳيان- ڪتا گهٽ ۾ گهٽ اهڙا متڪبر ۽ بي محابا ڪونهن جو سڻڀا ٽڪر موٽائين ۽ ڪنهن جي آڇ کي ائين هٺ سان موٽائين جيئن تون ٿون ڪرين-“

ٿوري دير ۾ اهو سيٺ ٻوڙ پلاءُ قورما ڪوفتا بريانيون

www.sindhsalamat.com

چاشنيون ۽ الاهي ڇا ڇا ديڳڙن سوڌا کڻائي اچي اتي پرگهٽ ٿيو ۽ مخبا ۽ ڍاڪون ڀري اتي ئي اوطاق جي سامهون وچ مارڪيٽ ۾ پٽ تي کڻي رکيائين. ڍاڪون رکندو به وڃي ۽ ٻولائيندو به وڃي ته ”جيڪو به هن شاه جو پوءِ لڳ چمچو هجي سو اصل ويجهو به نه اچي ڀلي ويٺو سڪڻن وانگر سڪي ۽ سَڌ ڪري. هيءَ ماني سڀ ڪتا کائيندا.“ پر سائين ٿيو ايئن جو اتي موجود ماڻهن ته اڃا به ڍاڪن ڏانهن نهاريو يا ڪن چپن تي ڄڀ ڦيري وات جو پاڻي به ڳڙڪايو پر شاه جي اوطاق جي ڪتن توڙي مارڪيٽ جي لوسي ڪتن انهن سترڇن طعامن ڏانهن اوتري نهار به ڪانه ڪئي. مورڳو منهن ڦيري ويهي رهيا. سيٺ پاڻ توڙي سندس نوڪرن ڪتن کي ٻچڪارون ڏنيون ڪور ڪور ڪئي، ڍاڪون کڻي کڻي وڃي هنن جي اڳيان رکيائون، ڪتا جنهن طرف منهن ڪن ڍاڪون ۽ طباخ به تنهن طرف ڦيرايو رکن، تان جو ڪاغذ وڇائي سڀ کاڌا کڻي انهن تي اوتيائون ته من ڪو ڪتو رڳو منهن وجهي ته سيٺ جو منهن مٿي ٿئي ۽ شاه جي ڳالهه ڪوڙي ٿئي، پر ڪتا ڪو نهارين به کڻي. ڏاڍي ڳالهه ٿي، مارڪيٽ جو چونڪ، خلقون اچي تماشو ڏسڻ لاءِ ڪٺيون ٿيون، ڪتن جي لوڌ موجود هئي جو مارڪيٽ هنن جو هونئن ئي مرڪز هوندي آهي. شاه ۽ هن جا ساٿاري چپ ڪريو اوطاق مان پيا سڄو لقاءُ ڏسن، سيٺ ۽ سندس چاڪر پگهريا پيا آهن هڪڙو ته خرچ ٿيو ٻيو عزت کي ڍينگو اچي ويو. ابن فقيرشيديءَ جي چواڻي-

www.sindhsalamat.com

”دل به وئي دلبر به ويو مٿان ئي ڀاڙو ڳچيءَ ۾ پيو-!“

پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن مرشد ڪامل ۽ ڪاڻيارن جي مقابلي ۾ ٿيندو آهي- سيٺ اچي شاه وٽ پيش پيو ته بخش ڪر ۽ منهنجي خطا ٻڌاءِ. تڏهن شاه چيس ته وياج خوري ڇڏي ڏي تڏهن اسين راضي ٿينداسين ۽ خدا به- هو توبهه تائب ٿيو اهو ڪنو ڌنڌو ڇڏي رڳو پنهنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ تي تڪيو ڪيائين تڏهن شاهه جي نظر ۾ به چڙهيو، ماڻهن ۾ به منهن مٿي ٿيس ۽ داغ ڌوپي ويس- انهن ئي قاصاين ۾ سيٺ حاجي محمد قاصائي ناليرو اشراف گذريو آهي- انهيءَ بزرگ محمداسماعيل بابت مشهور آهي ته ناڻي سان ڀريل ست (٧) ديڳون هئس جي زمين ۾ پوريل هيون ۽ انهن مٿان وڏيون سنگهرون ٻڌل هيون جن جا مٿيان ڇيڙا انهيءَ ڪوٺي جي ڇت جي گارڊرن ۾ جڪڙيل هوندا هئا جنهن ڪوٺيءَ ۾ هي ديڳيون پوريل هيون- والله اعلم- اهي قاصائي اشراف اصل نصرپور ذات جا سهتا هئا ۽ پوءِ هتي اچي رهيا- پر بعد ۾ به پنهنجن فوتين کي کڻائي وڃي نصرپور ۾ ئي دفن ڪندا هئا- اهو سلسلو ان وقت ختم ٿيو جڏهن حاجي محمد مرحوم کي هتي دفن ڪيائون. هن وقت به اهي قاصائي اشراف مڇي مانيءَ وارا آهن، شهر ۾ ساک پت هنن جهڙي ٻي ڪنهن قبيلي جي ڪانه هوندي، يار ويس ۽ سڀني سان راهي پوکي رکڻ وارا، پنهنجو کوه کوٽين پنهنجو پاڻي پين ۽ ٻين کي به پيارين.

انهن جي ابتڙ ڪي اهڙا به ڪتل مان جلوو ڏٺاسين

www.sindhsalamat.com

جن کي سچ پچ ”پوءِ ڍاوا“ چئي سگهجي. چار ڏوڪڙ جڙين ته ڪنڌ ۾ ڪلي لڳي وين، اکيون آسمان ۾ ۽ منهن ۾ شور، شل نه پئسو اهڙن وٽ اچي. پر پوءِ اهڙن جي عزت نه ٿيندي هئي. مطلب ته ٻنهي ظرفن جا ماڻهو ڏٺاسين، جن جو سڀاءُ بنياد کان سٺو سو پئسي وارو ٿي به مٺا ٿي رهيا، جن جو بڻ بنياد ئي کوٽو سي رڳو نئون بوٽ پائين ته ڌرتيءَ تي بار ٿيو هلن.

وري اهي پوئتي پوندا به ڏٺاسين جيڪي ڪڏهين لک تي مٿو ڌوئيندا هئا، جن جي گهرن جي ٻُهر ۾ به ڌن هوندو هو جو ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندا هئا ته غريب غربا پيا انکي ڦلهوڙيندا هئا ته من سون يا چانديءَ جي ڪاليڪ نڪري اچي. انهن مان ڪي اهڙا ڪريا جو بنهه پٽ پئجي ويا ڪن ايترو پاڻ سنڀاليو جو هاڻي ڪمائين ته کائين. ڪي البت ڌن وڃائي ويٺا پر ڀرم ۽ شان بچائي ويا، هاڻي چڙهيل ناهن ته ڪريل به نه آهن.

قاصائي هونئن به سڀ مسلمان هئا، ڪو هندو ڪاسائي ٿئي سا ٿيڻي ناهي. مٿي ذڪر ڪيل حاجي محمد قاصائيءَ کانسواءِ پنهون قاصائي به نالي وارن ۾ هو. ساٽين ۽ خان ساٽي ۽ اوڀايو ساٽي مشهور ٿيا. ڪپڙي جي واپارين ۾ آتو بجاجي ۽ نيڻو بجاجي هندن ۾ ۽ حاجي غلام حسين پاٽولي، حافظ محمد عمر ميمڻ، حافظ قاسم ميمڻ، حاجي محمد يوسف ميمڻ ۽ سندس ڀاءُ حافظ محمد اسماعيل ميمڻ ان وقت جا ناميارا بجاجي هئا. سونارن ۾ ڪيول سونارو ۽ هاسو سونارو

www.sindhsalamat.com

نالي وارا هئا ۽ ١٩٤٨ع ۾ نصرپور جي سونارن جي آمد کان اڳ حاجي الهڏني سوناري جو گهڻو ناماچار هو. واچن جو هڪڙوئي واپاري **سوني** هتي وڏي پئماني تي سوني واچ ڪمپني هلائيندو هو. هاڻي ڪمپني ته ٺهيو ڪو سؤلو واچ ميڪر ئي ڪونهي. هڪ جهونو ڪاريگر هو استاد محمدعلي. هاڻي "مستري" ته گهڻا آهن باقي خير آهي.

*** **پاڻولين** به جيڪو اوج ماڻيو سو به ائين هيٺان کان مٿي تائين ڏاڪو ڏاڪو ڪري چڙهيا ڪا هٿڙي هڻي ڪو سٽو يا حرامپائي وارو داءُ هڻي لئيءَ مان لڪڻ ڀڃي راتوواه تونگر ڪونه ٿيا هئا. اسان جو ڏاڏو حاجي اسماعيل پاٽولي بچاڻي سؤ به سؤ روپيه اوڌر اڳاڙڻ لاءِ اٺن يا ڊڊن تي چڙهي لاڙ ۽ ٿر جون ڀٽون ڀيٽندو هو. ڪٿي کائڻ پيئڻ نصيب ٿيو ڪٿي نه، ڪٿي آرام مليو ڪٿي سڄي رات ئي سفر ۾ گذاري، بدن تي مَر چڙهي ويندي هئي، ڪپڙن ۾ جئون پئجي وينديون هيون، رکي سکي کاڌائون پر هميشه پنهنجي چهنب چڳيائون ڪنهن جي مال تي مارو نه ڪيائون ٻيو محنت ۽ ديانت، شرع جي پابندي، وضعداري ۽ وقار نه ڇڏيائون. هيٺاهين وٺي مٿاهين تي قبضو ڪرڻ بدران ڀرم ۽ مرم سان هليا ۽ نيٺ نه رڳو تونگر ٿيا پر شهر توڙي تعلقي جي سياسي سماجي ۽ شهري افق تي ڇانئجي ويا.

سائين مصري شاه رح سان ڏاڏا مرحوم جي به هڪ روايت لاڳاپيل آهي.— سائين جي بشارت موجب ئي ڏاڏا مرحوم جا اٺ ئي پٽ ڄمندي ڄام ٿيا. اسان بچاڻي ۽

www.sindhsalamat.com

يوسفائي پاٽولين جا جدامجد بہ جاڙيجا سما راجپوت، اصل ڪچ ولايت جا. هڪ ماڻڪ سنگهہ ٻيو ويڏو سنگهہ هئا جي اگهاماڻي شريف جي جيد بزرگ ميون اسماعيل رح سان گڏجي ڪچ کان اگهاماڻي آيا ۽ سندن هٿ تي مسلمان ٿيا. ميون صاحب جي ئي صلاح سان اتي پٽ (ريشم) جو ڪم ڪيائون جنهن سبب پوءِ تائين پاٽولي يا ريشم فروش سڏيا. يوسفائين جو جدامجد ماڻڪ سنگهہ ڪوٽائي (اگهم ڪوٽ) جي ميمڻن مان پرڻيو ۽ اسانجو جدامجد ويڏو سنگهہ پٺاڻن مان پرڻيو. اسانجي ناني حاجي احمد پاٽولي (فقير جي پڙ حيدرآباد واري) بہ پٺاڻن مان شادي ڪئي. اسانجو اهو ناناٽو جدامجد لالا گلباز خان هو جنهن جا وڏا سرحد صوبي مان اچي حيدرآباد ۾ آباد ٿيا هئا. هن جي پوين مان لالا بدرالدين (نيو مئيجسٽڪ سئنيما حيدرآباد وارو) ۽ لالا نوردين (پوليس آفيسر) هئا. اگهاماڻو شريف بحرحال مڙئني پاٽولين جو ڪعبو قبلو هو.

جاڙيجا راجپوت اشراف ۽ حاڪمن بابت تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪافي احوال آهي. ٻيو مونکي "پدرم سلطان بود" جو هوڪو ڏيڻ جي بہ ايتري سڌ ڪانهي. اول خير جنهن صاحب ديانتداري سان، ٿنڊي جي تاريخ لکي سو انهن جو ٿوڙي اسانجي وڏن ۽ اگهاماڻي شريف جو تفصيل سان ذڪر اوس لکندو ڇاڪاڻ تہ اهڙي ذڪر کان سواءِ اها تاريخ مڪمل ۽ سچي نہ ٿيندي.

*** ماضيءَ جون ڳالهيون لکندي ڇو نہ هتي

www.sindhsalamat.com

ماضيءَ جي هڪ ڪتاب تان هڪ ٽڪرو به اتاري لکان-؟

١٩٢٠ع ۾ پروفيسر نارائڻداس رتن مل ملڪاڻي جي ساروڻين جو هڪ ڪتاب ”اناردانه“ ڇپيو جنهن لاءِ مهاڳ لالسنگ اجواڻيءَ لکيو آهي. انهيءَ مهاڳ جو هڪ ٽڪرو هتي لکان ٿو. سمجهو ته سڄو مهاڳ ڇا هوندو-؟

”.... سنڌ جي سرتاج شاعر شاه رح تي ڳالهائيندي، ڪجهه ورهيه ٿيا جو دل تي تري آيم ۽ شاه جي سنڌ هن سنڌ کان مڙئي نرالي هئي، ۽ وسيع به وڌيڪ هئي. شاه جي سنڌ جيڪب آباد کان ڪراچي واري سنڌ (۽) هند کان وڇڙيل ۽ ڦٽل سنڌ نه هئي. شاه جي سنڌ نقل ۽ تقليد جي جُوءِ نه هئي، نڪي پاکنڊين ۽ تعصبين جو اڏو هئي. شاه جي سنڌ ۾ ديني فسادين ۽ ڀور ٽُڪر جي سڌڙين جي اشاري تي رت جون نديون نه ٿي وهيون، نڪي شاه جي سنڌ جي شهرن ۽ قصبن ۾ پراچين سڀينا کي تلانجلي ڏيئي، اصل جي سنسڪارن کي وساري، آڳاٽا رواج ڦٽا ڪري، باندرن ۽ بازيگرن، ٻولڙين ۽ درٻارين، هڪ ڌارئي وهنوار ۽ چال چلگت ۽ ٻاهرين نموني تي دل هاري ڍولڪون پي وڄايون ۽ بازيون پي وڌيون. شاه جي درشٽي ان سنڌ تي هئي جا سنڌ هڪ پاسي ڪشمير ۾ قنوج سان ٿي لڳي ته ٻين پاسن سورٺ ۽ راجپوتن جي آستان ۽ ڪيچ مڪران سان هڪ هئي.... شاه جا سنڌي اصليت جا قائل، سخا ۽ توڪل سان ڪوٽ ڪوٽ ڀريل ۽ مهمانداري ۽ سچائيءَ ۾ رتل هئا، پنهنجي دريا ۽ ڀٽن ۽ ٻيلن سان، ٻين جي سبزين ۽ باغن کان

www.sindhsalamat.com

وڏيڪ رغبت هئن. ۽ پنهنجي سادي ڪاڏي ماڻ هنن کي مال مليدن کان وڏيڪ لذت ٿي آئي. شاه وانگيان انهن جي به ڪشش هئي انهيءَ مهاسنڌ لاءِ، جنهنجي ياترا ڪرڻ لاءِ شاه گهڻي ئي ورهيه ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ، ڪيچ ۽ سوراشٽر پٽڪيو...". لڳي ٿو اجواڻي صاحب سنڌ جي بمبئي کان جدائي ۽ مسجد منزلگاه جهڙن واقعن ڪان دڪي ۽ دلگير آهي پر ڏسو ته وري ته هنڌ کي سنڌ تي غالب نه پيو ڪري بلڪ سنڌ جون ئي سرحدون وسيع ڪرڻ جي ڳالهه پيو ڪري. هن ڏکري مان پيا به ڪيترائي مطلب نڪرن ٿا جي ڪير سمجهي. ٿر جو نامياروفيل مست انگريز پوليٽيڪل سپرنٽنڊنٽ ۽ ڪليڪٽر **تروٽ صاحب** ڪنهن طرح سان ڏاڏا مرحوم جو جگري يار ٿي پيو. ڏاڏا عمرڪوٽ ۾ به گڏ وقت لاءِ رهيو هو. تروٽ صاحب کي سنڌي ۽ فارسي سکڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ هو ڏاڏا کان باقاعدي سنڌي ۽ فارسي سکندو هو. ڏاڏا جو ٿر واري پاسي جو "واپاري دورو" هاڻي سهڪو ٿي پيو. هو جڏهن به ٿر ڏانهن وڃي تڏهن تروٽ صاحب وٽ عمرڪوٽ ۾ ترسي هن سان محفلون ڪري ۽ سنڌي ۽ فارسيءَ جا به تي سبق سيکاريو اچي. ڪڏهن تروٽ صاحب هتي غير رسمي ۽ غير سرڪاري طور اچي ڏاڏا جن وٽ محفلون مچائيندو هو ۽ سنڌيءَ جي شڪيا ونندو هو. محمداسماعيل عرساڻي صاحب پنهنجي مشهور تصنيف "سير ريگستاني" ۾ هن انگريز جو چڱو احوال لکيو آهي. تروٽ صاحب پهرين حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو ۽ عام ۾

www.sindhsalamat.com

ايڏو مقبول ٿيو جو هنجي بدلي ٿي وڃڻ بعد هتي ماڻهن قصيدا ٺاهيا ۽ "تروٽ وري اچي...." جهڙا راڳ ٻيا الاپيندا هئا. اسانجي وڏن جي وضعداري، روايت پسندي ۽ شرع جي پابندي مثالي هئي. منهنجو چاچو مرحوم خانصاحب محمدحسين جيڪو پوءِ آئي- جي- پوليس جي حيثيت سان ريٽائر ٿيو ڏاڏا جي عتاب جو محض ان ڪري شڪار ٿيو جو ڏاڙهي مڇون صاف ڪرائي انگريزن واري،وضع قطع ڪئي هئائين پينٽ پتلون پساتي هئائين ۽ انگريزي پڙهيو هو. اهو فقط هڪ مثال آهي نه ته سهسين قصا ٻيا به ياد آهن. غير شرعي ڪمن ڪان هنن جي نفرت فيصل شده هئي. پوءِ جڏهين سنڌ جي سر سيد حسن‌علي آفندي صاحب، غلام‌احمد پرڳڙي صاحب ۽ شيخ نور‌محمد وڪيل ۽ ٻين صاحبن انگريزي تعليم جي اهميت ڄاڻي ۽ ڄاڻائي اهي تحريڪون هلايون تڏهن اسانجي وڏن انهيءَ ڏس ۾ ويتر پاڻ موڪيو- پر رڳو تعليم جي حد تائين، باقي لباس بود- باش- ۽ ديسي وضع قطع جو مقامي ۽ مذهبي رنگ نه ڇڏيائون. پوءِ جي سنڌن پوين اهي وضعداريون نه رکيون ته.... اهو هڪ جدا بحث ۽ جدا موضوع آهي هاڻي اسانوت جيڪو ڪجهه آهي سو انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي جيڪي ڪجهه اڳي هو. ماضيءَ تي فخر، حال تي شرمساري ۽ آئندي جي الله کي پارت آهي.

www.sindhsalamat.com

*** الله الله اڄ اسانجي ئي ڏيهه ۾ اسانجي اڳيان "ڀٽائي بناسپتي گيهه" ۽ "مارئي ڪنگ آئل" پيو هلي ۽ اسانجي منهن تي گهنج نه پيو پوي، جڏهين ته ڪتاب جي پهرين حصي ۾ اهو قصو لکي چڪو آهيان ته ڪيئن نه مڌو بالا جي هڪ سچي عاشق سئنيما ۾ هلندڙ انهيءَ اشتهار تي قانوني اعتراض اٿاريو هو ته هڪ سلائڊ ۾ مڌوبالا کي سئنڊلن ۽ چمپلن جي وچ ۾ ڏيکاريو ويو هو ۽ جنهن سبب هڪ سچي عاشق جي جذبن کي ٽڪ ٿي رسيو. افسوس اسين ڀٽائيءَ جي عشق جا دعويدار انهيءَ فلم ايڪٽريس جي عاشق جهڙا به نه ٿياسين.!

ياد اٿم ته ورهاڱي کان اڳ هتي هڪ هندو حلوائي جهامنداس جي دوڪان تي خاص ان ڪري چڙهائي ڪري آيا هئاسين جو رپورٽ ملي هئي ته هو اهڙن ڪاغذن ۾ پيو مٺائي ۽ پڪوڙا ويڙهيو ڏي جن تي ڀٽائيءَ جا بيت ڇپيل آهن. هي اشراف حلوائي پنهنجي انهيءَ ڏوه کان بيخبر هو، جوانن جو ولر ڏسي اٿي بيٺو ۽ وچ بازار ۾ هٿ ٻڌي محترم سائين شاه محمد (هيڊ ماستر پرائمري اسڪول) جي اڳيان ڪنڌ نوڙائي بيٺو، معافي ورتائين، اهي ڪاغذ کڻي کڻي اکين تي رکي چمڻ لڳو، چي سائين مونکان خطا ٿي، غفلت ٿي جو اڳواٽ پنن جي جاچ نه ڪيم، هاڻي جيڪا سزا ڏيو

www.sindhsalamat.com

حاضر آهيان. سائين شاه محمد اسانجي انهيءَ جلوس جي قيادت ڪئي هئي.

ڳالهه ڊچڻ جي ڪانه هئي. پائي جهامنداس وڏو هندو دوڪاندار هو ۽ معززن ۾ شمار ٿيندو هو، چاهي ها ته هندو جاتيءَ کي ڪنو ڪري فساد ڪرائي سگهي ها، پر هتي ڳالهه هئي حياداريءَ جي، شاه سان عشق جي ۽ ڏوه کي بهرحال ڏوهه سمجهڻ ۽ باسڻ جي. نه ڪو انوقت "ابي جا تو ڪيا ڪريگا" جهڙو ماحول ٿهيو هو. ڇا ڪجي جو ان وقت هٿ هميشه هار ڪائي ويندو هو. اهو هڪ سنڌي رسالو هو جنهن ۾ شاه سائينءَ بابت ڪي طويل مضمون هئا جن ۾ بيت ڇپيل هئا. ڪنهن اهو پراڻو رسالو رديءَ واري کي وڪيو ۽ ڪيئن اهو حلوائيءَ جي دوڪان تي پهتو سو قصو الڳ. خير. سائين شاه محمد اهو رسالو وٺي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ پوءِ ته سڄي بازار ۾ گهوم ڪرڻي پئي ته متان ڪنهن ٻي دوڪان تي ته اهڙا ڪاغذ هجن ۽ شاه جي ڪلام جي ٻي حرمتي ٿيندي هجي. جتي جتي اهڙا ڪاغذ مليا سي ضبط ڪيا ويا، نه ڪو اڏڪيو نه ڪو وڙهيو ويتر شرمسار ٿيا ۽ معافيون ورتائون، جڏهين ته انهيءَ "سماج سڌار" ٽولي سا نه پوليس هئي نه ڪنهن ڪميٽيءَ جا معزز ميمبر نه ڏنڌا نه مجاهدين نه صالحين نه ڪنهن نالي چڙهي انجمن جي بنيرائي نه ڇاه بس شهر جا چند غريب اشراف هئا. ٻي نڪا تقرير ۽ پبلسٽي نه اخباري بيانن ذريعي نالو ڇپائڻ جا بهانا. بس چار چڱا گڏجي اهڙين سماجي خرابين

www.sindhsalamat.com

جي جهل پل لاءِ خدا ڪارڻ نڪري پوندا هئا. ڪڏهين ڏسو ته جوارين کي پيا چيلينج ڪن ته ڪڏهين نشيدار شين جي واپرائيندڙ ۽ وڪڻندڙن کي پيا اکيون ڏيکارين. اهي ڪم هميشه ٿيندا هئا.

چوندا آهن ته بڇڙو ڪم وٺجي ڍيڍ کان، سو اهي ڪڏا ڪم ڪندا به ڪي مٿي اگهاڙا ماڻهو هئا سي به وري اهڙا جو اول ته هونئن ئي پيا ڊڄندا ۽ نمندا کمندا پر جي جهلجي پيا ته مهاڏو اٽڪائڻ جي بدران ڪنڌ جهڪائي بيهندا، جيتري ٿو ٿو ٿيندن اوترائي ويندا وهڪندا. نه هوندي هئن ڪنهن گبر جي پٺ نه هوندا هئا پنهنجي ضمير جي غلاميءَ کان آزاد. هاڻي ته اهي ڪم اهڙن ايوانن ۾ پيا ٿين جو توبهه توبهه. هي جو چوندا آهن ته چور پنهنجي پاڇي کان به ڇرڪندو آهي يا ڏوهاري پنهنجي ساه جي آواز کان به ٿهندو آهي وغيره- سو تڏهين سچ هو. هاڻي قصو ابتو آهي- جيترو وڏو ڏوهاري اوترو وڌيڪ رعب اثر رسوخ ۽ هلنديءَ وارو-! تڏهين ٿا ماڻهو دلجاءَ سان ڏوه ڪن جو هونئن عزت ۽ سهولت نٿي ملين.

اڳي گبر کان گبر ڏوهاري هيٺي کان هيٺي اشراف کان ڊڄندو هو هاڻي وڏي کان وڏو اشراف ڪمزور کان ڪمزور ڪميني کان ڊڄندڙ آهي. يا ته بنهه گيدي هئا ان دور جا ڏوهاري-!؟ شيخ سعدي چوي ٿو ته- "آءٌ الله- کان ڊڄندڙ آهيان— ۽ ان کان به ڊڄندڙ آهيان جيڪو الله کان نٿو ڊڄي-" هاڻي لڳايو حساب.... ٿوري مدي ۾ ڪيڏا نه ڦيرا

www.sindhsalamat.com

آيا آهن. جيڪي ڪم اڄ ٿين پيا تن جو احوال جيڪر فقط پنجٽيهه سال اڳ گذاري ويل ماڻهن تائين ڪنهن طرح پهچي سگهي ته هو جيڪر پنهنجيون قبرون ڇڏي وڃن.

*** چون ٿا ڪنهن وقت اسانجو هڪ وزير صاحب هو جيڪو عوام ۾ ڏاڍو "هردلعزيز" هو. هڪ ڀيري هو حج تي ويو. اتي حج جا ٻيا ارڪان پورا ڪندي جڏهن شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ پهتو ته هٻڪي بيهي رهيو. پنهنجي ساٿي کي چيائين ته يار مرشد امام کي پٿريون هڻڻ تي نڪا ٿي دل چوي نڪو ٿو هٿ وري. ڇا ڪجي؟ هن چيس ته اهو ڪم ته بحرحال ڪرڻو آهي نه ته هيترا سارا ڏسڻ وارا شڪ ڪندئي ۽ متان جهلي قاضين جي حوالي ڪنئي. تڏهن لاچار ڀڳي دل سان پٿريون هڻڻ لڳو پر گڏوگڏ ڀڻ ڀڻ ڪندي چوندو ويو: "مرشد سائين معاف ڪجانءِ مجبوري آهي نه ته تنهنجو اهوئي گولو غلام آهيان، تون فڪر نه ڪر رڳو واپس ملڪ رسڻ ڏي تنهنجا سڀ حڪم پورا ڪندو رهندس." —

ماڻهن حاڪمن ۽ وزيرن بابت ڏاڍا مزيدار لطيفا گهڙيا آهن. تڏهن هڪ هي لطيفو به ڏاڍو مشهور ٿيو ته: هڪ صدر صاحب هڪ ڀيري پنهنجن چند وزيرن سان گڏ هوائي جهاز ۾ ڪنهن طرف ويندڙ هو. جهاز بلنديءَ تي پهتو ته صدر صاحب هڪ سؤ جو نوٽ ڪڍي پنهنجي سيڪريٽري کي ڏنو ته جهاز مان هيٺ اڇلي ڇڏي، ڪنهن غريب کي ملندو ته ثواب ملندو. اتي هڪ وزير خوشامد ڪندي تجويز ڏني ته سائين جيڪر پنجاه پنجاه رپين جا ٻه نوٽ ڪري اڇلائيندا ته ٻن ماڻهن کي ملندا ۽ ٻه دعائون ملنديون. صدر چيو نيڪ

www.sindhsalamat.com

آهي ائين ڪريو. اتي هڪ ٻي وزير پاڻ وڻائڻ لاءِ عرض ڪيو ته سائين منهنجي صلاح آهي ته ڏهن ڏهن جا ڏهه نوٽ ڪري اڇلائجن ته ڏهن حاجتمندن جو ڪم ٿيندو ۽ ڏهه دعائون ملنديون. مٿان هڪ ٻي وزير هنن کان چاپلوسيءَ ۾ گوءِ کڻڻ لاءِ تجويز ڏني ته، ”سائين منهنجي صلاح آهي ته هڪ هڪ جا سؤ نوٽ ڪري اڇلجن، سؤ ماڻهو کڻندا ۽ سؤ دعائون ملنديون. صدر چيو ڀلا ائين ڪريو. اتي هڪ ٻي باڪ ۽ انقلابي وزير همت ڪري عرض ڪيو ته. ”سائين گستاخي معاف ڪجو مون مسڪين جي صلاح آهي ته خود توهان کي ئي کڻي هيٺ اڇلائجي ته ڏهه ڪروڙ ماڻهو خوش ٿيندا ۽ ڏهه ڪروڙ زبانون دعائون ڪنديون.!؟

اهڙا اهڙا لطيفا ٺاهيا هئا ماڻهن.

*** هيءَ ثابت سچي ڪٿا مون هڪ ڪچهريءَ ۾ هڪ معتبر ماڻهوءَ کان ٻڌي، تفصيل سان سچي ڪهاڻي جي صورت ۾ لکيم ۽ اٽڪل ڏهه سال اڳ هڪ رسالي ۾ ڇپي. هتي مختصر ڪري سڄي ئي ٻيهر ٿو لکان. ڏسو ته انساني سڀاءُ ڪيڏو نه عجيب مانڊاڻ آهي.!

ساماري تعلقي جي هڪ وڏي ڳوٺ جو وڏيرو راڄ اشراف پريو مڙس نمڻ کمڻ وارو ۽ ڀلارو ماڻهو هو. سڄي راڄ لاءِ ڍڪ ۽ ڇانو به هو ۽ ڀلائي ۽ برڪت به. عمر ۾ اڌ کان مٿي چڙهي آيو هو پر هزار حيلن دعائن ۽ دوائن کانپوءِ به اولاد جي آس نه پي پنيس. هونئن سڄي ڳوٺ جي ننڍي وڏي جي محبت ۽ مان جو مالڪ هو پر ڪنهن پنهنجي ڄاڻي

www.sindhsalamat.com

جي چاه جو جيئن سڪايل هو تيئن سڪايل ئي رهيو. لڪا نٿي ڏنائين، ڪلمڪ ۽ خوش خلق هنڌين ماڳين مشهور هو پر اندر ۾ اهي چاڪ هئس سي سدائين ٻي چڪيس.

هڪ ڀيري هڪ وڏي دعوت ۾ وڏيرو به مهمان هو. ماني هلي ٿي ته ماڻهو دستور آهر ڪانيون ٻڌي ڪچريون مچائي ويهي رهيا. ڪي وڏيري جي چوڦير هن جي رس رهاڻ ۾ جنبي ويا. هاڻي ڀانت ڀانت جي ڳالهه پئي هلي، ٿهڪ ۽ ڀوڳ به ڀيا ٿين ته ڪوتون ۽ ڪهاڻيون به، جيڪي ڳوناڻن جو ساه به آهن ۽ گراه به. پر انهيءَ سڄي ڪاج دوران وڏيري جي اک هڪ سداملوڪ مسڪين چوڪري تي ڪٽي رهي جنهن ٿورو پرڀرو ٻين ڪمين ڪاسبين سان گڏ ويٺي ٿانو ڌوتا. وڏيري ڇڻ ڪا وچايل شئي لڌي. نيٺ ماڻهو ٿڙي پڪڙي ويا ته وڏيري پنهنجي خاص خادم ڪان چوڪري جي حقيقت پڇي. هن ٻڌايس ته اهو چوڪرو..... مرهيات جو پٽ آهي، نالو يوسف اٿس، ٻئيم ۽ بيواهو آهي، هٿي هٿي پورهيو ڪري پنهنجو خرچ ڪڍي، ۽ رهي ڪري چاچي وٽ.

وڏيري ان چوڪر کي پنهنجو پٽ ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو ته نوڪر حيرت ۾ پئجي ويو. چي سائين هو ته تنهنجي در جو نوڪر ٿي به ڀاڳين وارو ٿيندو، پٽ بنائڻ جي ڪهڙي ضرورت اهڙي گهٽ ذات نڌڪٽي چوڪر کي؟ پر وڏيري جو فيصلو اٽل هو. ڪنهن سان صلاح نڪا سولي نه ڪنهن کي ڪڙڪ به پئي ۽ ساڳي رات چوڪري جي چاچي کي گهرائي چوڪري جي ٻانهن گهري وڏي. هن

www.sindhsalamat.com

جي لاءِ ته ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا. هو پاڻ اتي جو اتي يوسف جو هٿ وڏيري جي هٿ ۾ ڏئي هليو ويو. ٻي ڏينهن ڳوٺ وارا وڏيري جو فيصلو ٻڌي تپرس ۾ پئجي ويا.

يوسف وڏيري جو سڪيلڌو گود ورتل پٽ ٿي پيو. حويليءَ ۾ هنلاءِ ڪمرائي جدا ڪيا ويا، زندگيءَ جي آسائشن جا سڀ سامان موجود ڪيا ويا. وڏيري توڙي سندس گهر ڀاتين جو ڇوڪري تي آر رکيو محبت ۽ ميٺ ڏني تنهن هن يتيم جي اندر ۾ لڪل وصفن تان ڄڻ دز لاهي انهن کي اجروءِ اڳروڪري ڇڏيو— ڇا رنگ روپ ڪڍيائين، ڇا گڻ ۽ لڇڻ ڏيکاريائين ڇا سونهن ۽ سيرت جي مورت بڻيو ڄڻ هوئي ڪو اصيل بڻائتو خانداني ۽ وڏيري جو ڏاڏي پوٽو! هرڪو چوي ته ڪوگپ ۾ لتل ميڻو هو جو ڌوپي اصل اڇو ٿي پيو آهي. وڏيري جا ته ڍَوَ ٿي پيا، حويليءَ جي سونهن وڌي ۽ سڀ دشمن داغ ٿي ويا. کندڪون کڻڻ وارن مڙنئي کڻي ماٺ ڪئي. وڏيرو چوي ته آنڊن ڄائو هجي ها ته به ههڙو ڪونه ٿئي ها.

وري جو ڇوڪري پڙهڻ ڪرڻ تي شوق رکيو تنهن به سڀني کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون. پهرين مولوي ۽ پوءِ ماسترن وٽ دهرا سبق ۽ امتحان پاس ڪري ڏيکاريائين ته به واه واه ٿي وئي. وڏيري هن کي پهرين ساماري ۽ پوءِ ميرپورخاص جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ميرپورخاص ۾ هن لاءِ هڪ نويڪلي ننڍي جاءِ خريد ڪئي وئي جتي ڪڏهين رهي ڪڏهين جيپ ۾ ڳوٺ اچي— ٻين کي اهڙا

www.sindhsalamat.com

عيش ملن ته جيڪر ڪري پون پر هي ويتر ويو سڌرندو ۽ ٺهندو. ڊبل پروموشن وٺندو هو اڌ وقت ۾ ميٽرڪ پهرين ڊويزن ۾ پاس ڪري آيو. سڄي ڳوٺ ۽ حويليءَ ۾ همبوڇيون پئجي ويون. هاڻي وڏيري هن جو شوق ۽ صلاحيتون ڏسي هن کي زرعي ڪاليج ٽنڊي ڄام ۾ داخل ڪرايو. هو اتي هاسٽل ۾ رهڻ لڳو. اتي شاگردن کي ته موهي ڇڏيائين پر عملي جو به هيرو بنجي ويو. هيڏانهن هڪ زمين ٽڪر هنجي نالي ڪيو ويو ۽ هڪ جدا حويلي هنجي نالي ٺهرائي وئي ساڳي ڪوٽ ۾.

وقت سدائين هڪڙي سَنڌي هڪڙي رفتار هلي سو ڪڏهين ٿيو ناهي. وڏيرو ته يوسف جي صورت ۾ پنهنجون آسون پڄائي ويهي رهيو، پر هنجي عزيزن قريبن ڏٺو ته سڄي ملڪيت ۽ بادشاهي ٿي وڃي هڪ ڪمذات يتيم جي هٿ ۾. هنن پوڙهي وڏيري تي اچي زور ڀريو ته ٻي شادي ڪر پنهنجي خاندان مان، ته من اولاد جي سبيل نڪري اچي: وڏيري ته صفا نابري واري ڇڏي پر هوڏانهن به روايتن جا جهونا دئيت هئا سي ڪٿي ٿا مڙن. ڪيترن ڏينهن جي بحث تڪرار حجت بازي ۽ سختيءَ نيٺ وڏيري کي زير ڪري وڌو، ۽ هو ٻي شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو — ماٺ ميٺ ۾ رات وچ ۾ وڏيري کي هڪ ارڙهن ويهن سالن جي نوجوان الهڙ ۽ البيلي ڪنوار پرڻائي ڏنائون جا آڪهه مان هئي. اها ٻوٿاڙا ٻَڌَ به ايتري تڪڙي ۽ ڳجهه ڳوه ۾ ٿي جو يوسف تائين به خبر پهچڻ نه ڏني وئي جو انوقت آخري

www.sindhsalamat.com

سال جو امتحان ڏئي رهيو هو. امتحان ٿي لٿو ۽ اڄا هاسٽل ۾ ئي هو جو وڏيري اهو احوال چوائسي موڪليس. هو اها خبر پڌي خوشيءَ جو اظهار نه ڪري ته ڇا ڪري.؟ وڏيرو منجهيل ۽ ناخوش هو پر يوسف ڏاڍو خوش ٿيو.

امتحان پورو ٿيو ته يوسف دل گهرين دوستن جي زور ڀرڻ تي ڳوٺ اچڻ بدران هنن سان گڏجي سڌو ڪراچيءَ گهمڻ هليو ويو. وڏيري ڏانهن چٺي موڪلي چڏيائين ته ڪراچي گهمي چئن ڏينهن اندر ڳوٺ ايندس ۽ اچي نئين ماءُ جا پير چمندس. اتفاق اهڙو ٿيو جو ڪراچي پهچندي ئي هو پهرين ڏينهن اوچتو بيمار ٿي پيو. دوستن پهرين پهرين ڊاڪٽر اتي هوٽل ۾ آندو پر بيماري جي نوعيت ڪجهه اهڙي هئي جو هنکي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو. دوست شڪل شڪار چڏي هنجي ٿهل ٽڪوڙ کي لڳي وياه وڏيري کي اطلاع نه ڪيائون ته متان پريشان ٿئي. ڪجهه ڏينهن جي علاج بعد ڊاڪٽرن يوسف کي موڪل ڏني پر انهيءَ تاڪيد سان ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه هفتا هو ٿانيڪو آرام ڪري ۽ ڪيڏانهن ٻاهر نه نڪري. هاڻي وڏيري ڏانهن اطلاع موڪليو ويو، هو هڪدم پاڻ ڪراچي آيو ۽ يوسف کي ساڻ ڪري ڳوٺ وٺي آيو. ڳوٺ پهچي هنکي سندس نوڪلي حويليءَ بدران گڏيل حويليءَ ۾ ئي ترسائڻ مناسب سمجهيو ويو. اتي هنجو ڪمرو اڳ ئي الڳ هو پر حويليءَ جي اندر ۽ در درن سان ملڻيل.

نئين سانئڻ، نئين پٽ راڻي. هنکي پهريون پيرو ڏٺو ته

www.sindhsalamat.com

ڏسندي ئي رهجي وئي-! پاڻ به لڪن جو نٽ هئي جهڙي سڄي سنڌ ۾ ٻي ڪا ڪانه هوندي، پر هيڏانهن يوسف به ته يوسف جي مثال هو. هوءَ هڪ عمر چڙهيل پوڙهي جي پياري پيل هئي، هي جو ڦوڳ ڦلاريل شهزادو ڏنائين ته اهوئي وساري ويٺي ته هنجو ساٿس سڳ ڪهڙو آهي-! يوسف هنجي پيرن تي هٿ رکيا ته هوءَ بت بڻجي وئي ـــ نه ڪجهه ڪڍي سگهي نه ڪجهه ڪري سگهي. قصو ڊگهو آهي، تفصيل گهڻا آهن ـــ هاڻي اها چڪتاڻ هلي، امتحان هليو ۽ هڪ عجيب دڪدائڪ ماءرو بنجي پيو. هوڏانهن محبت جا مچ هئا، يا چئجي ته عشق جو انڌ هو، ۽ هيڏانهن پنهنجي حيثيت جي شناس، احسانن جو احساس، مروت، مرم ۽ ذاتن جي نازڪ نوعيت جو خيال هو. يوسف هنڪي ماءَ جي درجي ڪان ذرو به هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ تي تيار نه ٿيو.

يوسف جي صحت سڌرڻ جي بدران ڪرڻ لڳي، طرح طرح جون جهوريون اچي مزمان ٿيس. اهڙي آپدا جو ڪنهن کي حال به نه پڌائي سگهي ڪنهن کي دانهن به نه ڏئي سگهي. جنهن جو دادلو هو تنهن کي ڪيئن دانهن ڏي-؟ مورڳو خوف ۽ خطرن جي احساس اچي سو گهو ڪيس. نيٺ هن پنهنجي جدا جويليءَ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. جهٽ پٽ سڀ بندوبست ڪيا ويا، نوڪر چاڪر ۽ ضرورتن جا سڀ سامان حاضر ڪيا ويا، هيڏانهن هن نئين وني ۽ کي اچي گمان ٿيو ته يوسف جو هيڏو بي مروت ۽ "بي محابو" ٿيو آهي سو هاڻي ضرور وڏيري سان ڳالهه ڪندو، پوءِ متان

www.sindhsalamat.com

اوچتو اچي ڪو عتاب سر تي ڪڙڪي، تنهن کان ڇو نه اڳ ئي ڳالهه ناهي پنهنجو بچاءُ ڪجي! هن اتاولائي ڪري هڪدم وڏيري کي چئي ڏنو ته- ”يوسف مون ۾ اک ٿو رکي، مونکي ڇڪي ٿو. جواب ڏنو اٿمانس تڏهين ڪاوڙجي وڃي الڳ ويٺو آهي-“ وڏيري جا ٺپ ٺري پيا- مار-! ڪمذات سو نيٺ ڪمذات ٿيو، سڀ ليڪا لنگهي ويو، ٻي حيا پنهنجي ماءُ تي ٿو بري نيت رکي-! غيرت جي احساس هن جا سڀ هوش وڃائي ڇڏيا- هن هڪ فيصلو ڪيو، پڪو فيصلو ۽ پنهنجن ٻن خاص وفادار ۽ ڀروسي لائق ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته صبح ساجهر جڏهين يوسف هوا خوريءَ لاءِ ٻنيءَ تي اچي ته اتي ئي ڪهاڙين مان ڪڍي پورو ڪري ڇڏيوس ۽ لاش چپ چپات ۾ دفن ڪري خون جا سڀ نشان مليا ميٽ ڪري ڇڏيو! جنهن وڏيري لاءِ مشهور هو ته ٻليءَ جو مرڻ به ڪونه سهيو سگهي، سو هيڏو حڪم ڏاڍي دلجاءِ سان ڏئي ويٺو.

ٻي ئي ڏينهن يوسف فجر ڌاري هوا خوريءَ لاءِ ٻنين تي وڃي انهيءَ وڻن جي جهنڊ ۾ ويٺو جتي روز ويهندو هو، ته اهي قاتل ڦري آيس. ٻيو اتي پکي نڪو پکڻ، چوطرف سانت هئي. يوسف پهرين ته ڇرڪ ڀري هنن ڏانهن نهاريو، پر ساڳي ئي پل اهڙو ڌيرج ڪري ويو ڄڻ انهيءَ انجام لاءِ اڳ ئي تيار ويٺو هو، ڄڻ اهوئي ڪجهه ته گهريائين ٿي-! هو سندس سج جهڙي منهن ۾ اڃا نهارين ئي پيا جو هو پيو چوي: ”دير نه ڪريو، بابا سائين کي انتظار هوندو،

www.sindhsalamat.com

ههڙي ماسري منهنجو جيئڻ هونئن به ڪو ٺهي ٿو-؟ جلدي پنهنجو ڪم ڪريو ۽ پڪ رکو ته آءٌ ذري جيتري دانهن به نه ڪندس-"- هو اهڙا خطا ٿيا جو هن کان هٿ جوڙي موڪلائي موٽي ويا ۽ وڃي وڏيري کي ٻڌايائون ته اهو پاپ اسان کان نه ٿيندو.

اهو ڏينهن گذريو، رات پئي، يوسف، وڏيرو ۽ هوءَ حبيبياڻي- ٽئي پنهنجن پنهنجن بسترن تي پاسا ورائيندڙ هئا، ٽنهي جي من ۾ مانڌاڻ متل هو پر هڪڙي کي ٻي جي خبر نه چار ته ڪير ڪنهن جي لاءِ پيو ڦٿڪي ۽ جاڳي- ٽنهي وٽ پنهنجي پنهنجي ويڌن— نيٺ هوءَ پاڻ نه جهلي سگهي، اٿي، هيڏانهن هوڏانهن جي پڪ ڪري، ته خدا کانسواءِ ٻيو ڪير به ڏسڻ وارو ڪونهي، هوءَ پٻن ڀر پهرين پنهنجي ڪوٺيءَ مان ۽ پوءِ اڱڻ اڪري حويليءَ مان به نڪتي ۽ پاڻ لڪائيندي يوسف واري جاءِ ۾ هلي آئي. ويڙهو هڪڙوئي هو. وڏيري به اهو سڀ ڪجهه ڏٺو، هو به پنهنجو ڀريل روالور کڻي هن جي پٺيان پيو. هوءَ پٺيان کان بي خبر ۽ اڳيان جي اميدن ۽ آسن جي آڌار ڇڪبي سڌي يوسف جي ڪمري ۾ هلي آئي جو بستري تي سڌو سنئون ليٽيو اکيون ڇت ۾ کپايو پنهنجي منورٿ ۾ غلطان هو ۽ جنهن ڪمري جو در به هاسيڪار کليو ڇڏيو هو ته ٻاهريون در به بند ڪرڻ نه ڏنو هئائين— ته ڀلي زندگيءَ جو قرض وٺڻ وارا هتي ئي اچي وصولي ڪن. هن کي ٻيو ڪو رستو نه سجهيو هو، وڏيري جو شڪ دور ڪرڻ لاءِ هن سان وات

www.sindhsalamat.com

ٺڪاڻي ڪرڻ جو حوصلو نہ هوس نہ حالات کي منهن ڏيڻ جي ڪا واه ٿي مليس. هڪ بيمار ۽ نٻل، ٻيو پنهنجي حيثيت ۽ هنن جي احسانن جي بار جو احساس—— بس پنهنجي پاڻ کي حالات جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائين——.

هوءَ يوسف جي ڪمري ۾ آئي ۽ بي اختيار ٿي هن جي پيراندي‌ءَ کان ويهي پنهنجو ڳوڙهن سان آلو منهن کڻي هنجي پيرن تي رکيائين. يوسف بنان چرڻ پرڻ جي ليٽيو رهيو، پر جڏهين هوءَ سندس پيرن کي چمڻ لڳي تہ هو پير ڇڪي اٿي ويٺو:- ”امان، مهرباني ڪر، مونکي ڪارو نہ ڪر، تون منهنجي ماءُ آهين-!“ وڏيري، جو هاڻي هڪ دريءَ جي آڏ ۾ اچي بيٺو هو، اهي اکر ٻڌا تہ دنگ رهجي ويو نہ تہ هاڻي ئي هو ٻنهي تي گولين جي وسڪار ڪرڻ وارو هو-!

تنهن کانپوءِ جا هنن ٻنهي ۾ گفتگو هلي، ڇڪتاڻ هلي تنهن وڏيري تي سڀڪجهہ عيان ڪري ڇڏيو- هاڻي هو لوه ڏئي اندر آيو تہ ٻنهي ڇرڪ ڀريو. ڏوه جي احساس ۽ بيگناهي جي احساس ۽ انهن جي نتيجن ۾ فرق آهي- يوسف دلجاءِ سان ويٺو رهيو ۽ هوءَ زوم مان ٻاهر ڀڳي- وڏيرو يوسف کي دلاسي جا ٻہ اکر چئي هنجي پٺيان پيو. پر انهيءَ کان اڳ جو هن جا وار وڏيري جي هٿ ۾ اچن يا هو گولي هلائي، هوءَ ڪوٽ جي کوه تي پهچي وئي ۽ کن پل ۾ کڻي انهيءَ ڀريل اونهي کوه ۾ ٽپو ڏنائين——! يوسف جو پٺيان پي آيو تنهن رڙ ڪئي. ”بابا- امان کي بچايو-“ وڏيري چيو- ”نہ پٽ، ڪني آگر وڍي چڱي آهي-!“

www.sindhsalamat.com

*** وقت وقت جي ڳالهه آهي، **سچ ٻه پاڇا آهن**.
۽ اهڙا ڪيترائي پهاڪا هتي ڦهڪائي سگهجن ٿا. هي اسان
جا مهاجر ڀائر جنهن حالت ۾ هتي آيا اهڙي ڪار به شل
ڪنهن سان نه ٿئي. سڀ جا سڀ ته باه ۽ رت جا ميدان
اورانگهي ڪونه آيا. اڪثر ته اتان اُٿيا ۽ هتي اچي ويٺا، پر
جيڪي سچ پچ قيامت مٿان قيامت گذاري، لڄون لٽائي،
جگر جي ٽڪرن جا لاش سهسائي مال وجهه وڃائي هتي
پهتا تن جي ڀوڳنائن جا احوال به وساري نٿا سگهجن، نه
وسارڻ گهرجن.

رات ڏينهن انهن قافلن جي آمد جي ڌم لڳي پئي هوندي
هئي، مسلم ليگ نيشنل گارڊ وارا، ٻيا رضاڪار، شهر جا
وڏا توڙي ننڍا سرندي وارا توڙي مولائي رات ڏينهن هنن
مهمانن جي پذيرائيءَ ۾ هڪيا تيار بيٺا هوندا هئا. ڊوڙ ڊوڙان
پئي پوندي هئن، ريل گاڏين جي ڇتين تي به مهاجرن جا
حشام هوندا هئا ته گاڏن ۾ به ٻڪرٻوساٽ هوندي هئي،
نيشنل گارڊ وارا ته ايترا با اختيار هئا جو سيٽي وڄائي ريل
کي جتي چاهيندا اتي بيهاري سگهندا هئا ۽ جيسين هو
موڪل نه ڏين گاڏي نه ڇٽندي هئي، انهن ته جيڪي
خاڪشوري ڪئي سا ڪئي پر عام خاص ماڻهن به جيڪو
پاڻ پتوڙيو سو به هڪ تاريخي مثال آهي، مهاجرن جي ڪٽڪن

www.sindhsalamat.com

کي گاڏيءَ تان هنن جا سامان ڍوئي ڪيمپن تائين پهچائڻ، ڪو انڌو آهي ڪو اپاهج آهي ڪو جهور ٻڍو آهي ڪو بيمار آهي؛ (ههڙي افراتفري ۾ سڄا به انڌن مثل جيس دڳ ماڳ جا سڃاڻو ٿين تيسين اهي ٻين جي آچار) انهن کي هٿ کان وٺي دڳ تي آڻڻ ۽ ٿانيڪو ڪرڻ وري انهن ڪيمپن ۾ به هنن جي رهڻ سهڻ گندي ڪپڙي کاڌي پيتي جو سڀ بندوبست ڪرڻ ۾ هنن گهٽايو ڪونه. رڳو حڪومت جي وس جي ڳالهه نه هئي جا اڃا پاڻ پنهنجن پيرن تي نه هئي. ڪن رضاڪارن پوڙهن، اپاهجن ۽ بيمارن کي ڪلهن تي کڻي ڪيمپ ۾ پهچايو ڪن هنن جا ڳرا ڳرا بار کنيا. هڪڙو جهونو اڃا به چوندو آهي ته ”مون هنن جا سل بٽا (مرچن پيسڻ جا پٿر) به کنيا ۽ ڪلها اڃا به پيا ڏکن.“

مطلب ته رضاڪارن جون رات ڏينهن جون ڊيوٽيون هيون جي ڏاڍي متعديءَ سان نڀايائون. هڪڙي سيٺ جو نوجوان ۽ عياش پٽ هڪ ڀيري هڪ ڪئميرا کڻي مهاجر ڪيمپ جا فوٽا ڪڍڻ آيو. پهريون سڀڪنهن سمجهيو ته عام نوعيت جا فوٽا ٿو ڪڍي پر جڏهن ڏٺائون ته ڳولهي ڳولهي وڃي ٿو هنن جي نوجوان عورتن ۽ ڇوڪرين جا فوٽا ڪڍي ته جهلي ڏاڍي مار به ڏنائونس ۽ ڪئميرا ڦري ان مان رول ڪڍي زائل ڪري ڇڏيائون. اهڙا هنن جي چادر ۽ چار ديواري جي حفاظت جا به ڪيئن قصا. مطلب ته مجبورن جي مجبوري مان به ڪنهن کي فائدو وٺڻ نه ڏنو ويو. ويتر هنن جي جان مال عزت ۽ لڄ جي پوري

www.sindhsalamat.com

رکشا ڪيائون- سچ پچ اهي مهاجر انوقت اسانجا ڏاڏا دادلا هئا. اسين ته ننڍا هئاسين ته به مائٽن جي حڪم تي ڏڳي گاڏين توڙي نوڪرن جي مٿن تي کاڌي پيتي جوسامان- ڪڏهن رڌل- ڪڏهن اڻ رڌل- کڻي کڻي وڃي ڪيمپ ۾ پهچائيندا هئاسين. اتي هنن جو لباس، طور طريقا ۽ ٻولي ٻڌيو پيا عجب کائيندا هئاسين جا هندوستاني فلمن جي ٻوليءَ کان ڪي قدر مختلف هئي. فلمون هندستانيءَ ۾ هونديون هيون پر هنن جون ٻوليون رياستي هيون. ڪنهن وقت کڻي ڪنهن مهاجر ڪا فرمائش ڪئي ته خوش ٿي وٺي گهر ڏانهن ڊوڙندا هئاسين- اها گهربل شيءِ هن کي پهچائي ڏاڍي خوشي محسوس ٿيندي هئي ... اسان هنن ڀائرن جي اچڻ تي ته جشن ملهايا خوشيون ڪيون ۽ جيڪا پڄي سگهي مهماني ڪئي.

هڪ ڀيري هڪ مهاجر "ڇاڇ" جي فرمائش ڪئي ته انهيءَ اکر جي معنيٰ مطلب سمجهڻ يا پڇڻ کان اڳ ئي اٿي گهر ڏانهن ڊوڙيس- گهر پهچي منجهي پيس ته اها ڇاڇ ڪهڙي شيءِ-؟ هتان هتان گهڻو پڇيم تڏهن پتو پيو ته ڏڌ گهريو اٿس. لوٽو ڏڌ جو ڀري وڃي ان مهاجر ڀاءُ کي پهچائي آيس-

هيڏانهن هندو ڏسو ته انهن لٽيل پٽيل ڪٽڪن کي ڏسيو به پيا ٽهن ۽ ڀڄن، ڊڄن ۽ جهرن. قدرتي ڳالهه هئي. هندوستان ۾ هندن ۽ سکن جي هٿان مسلمانن جو قتل عام پئي ٿيو ته هنن کي ڊپ قدرتي هو ته متان هتي انتقامي طور سندن قتل ٿئي- جهليو پيا جهليون ته به نه پيا ترسن- وڃو وڃو

www.sindhsalamat.com

جهاتيون پايو مهاجرن جا جٿا ڏسن ۽ موٽيو اچن ۽ ٽپڙ ٻڌن ته: ”آءُ ويندس ئي ويندس“ روڪڻ وارا به نيٺ ماٺ ڪري ويهي رهيا ته آخر- ”جيڪي وڃان وڃان ڪن سي رهي رهندا ڪيترو-“ ٻيا ته اهي هئا جي هندن جي وڃڻ ۽ مهاجرن جي اچڻ ۾ خوش هئا ته اسان مسلمانن جي اڪثريت ٿيندي ۽ اسانجو راڄ ٿيندو اسلامي- پر پوءِ ته اهو سلسلو ايترو هليو جو پوءِ سڀ حيران ٿي ويا ته هي وري ڇا؟ تانجو مولوي خيرمحمد نظاماڻي صاحب اخباري ايڊيٽوريلن ذريعي دانهون ڪيون: ”بارڊر بند ڪريو ـــ!.....“ پوءِ، جن سان جهيڙو هو سي ويا هليا ته هاڻي ڪنهن سان وڙهون-؟ تنهن ڪري هاڻي پاڻ ۾ پيا وڙهون- الله الله سڀ خواب خيال ٿي ويو- تحريڪ جو دور به عجيب هيجان ۽ اتساه جو دور هو- اسين ته نعرا هڻي هڻي پنهنجون نڙيون ويهاري ڇڏيندا هئاسين- ڀائرن وانگر هزارين سال گڏ رهندڙ هڪڙي ٻولي ڳالهائيندڙ هندن کي پيا اکيون ڏيکاريندا هئاسين- هن وقت جا منهنجي شريڪ حيات آهي سا به انوقت ننڍين ڇوڪرين جو ٽولو ٺاهيو گهٽين ۾ ”مسلمين زنده باد“ جا نعرا هڻندي وتندي هئي- مسلم ليگ ڪڏهن چوڻ نه آيس- هزار سمجهائڻ جي باوجود هو مسلم ليگ کي مسلمين چوندي نعرا هڻندي وتي- اڄ اهي ڳالهيون ياد ٿو ڏياريانس ته چوي ٿي- ”ٻار هئاسين نادان ۽ اڻڄاڻ، ٻيو ته اوهانجي پٺيان هئاسين ـــ“....

مدبر اڃان ئي پيا چون ته جي ڪانگريس مسلم اقليت جا مامرا دور انديشي سان نبيري ها ته هندوستان جو ورها گو ئي

www.sindhsalamat.com

ڇو ٿئي ها يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙا خوني حالات ته نه پئدا ٿين ها جي پوءِ ٿيا.

اهي پراپڪاري جا ڪم رڳو هنن جي ڪيمپن ۾ رهڻ تائين ڪونه هئا. پوءِ به مڪاني ماڻهن محبتون مروتون ڏيڻ وٺڻ ۽ هنن کي ورسائڻ ۽ پير پختا ڪرڻ ۽ وک وک تي هنن جي پوري سهائتا ڪئي ۽ هنن کي ترجيح ڏنائون. مطلب ته مڪاني ماڻهو پوءِ به هنن جا ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا ۽ ٿي رهيا آهن، توڙي ميدان سياسي هجي يا اقتصادي، سماجي هجي يا مذهبي....

فسادن جي جهل پل لاءِ هتي مڪاني طور تي جوڳو بندوبست هو پر تڏهن به پنجابي مسلمانن جي هٿان اسانجي علاقي جا ٽي هندو قتل ٿيا: هڪ ڪيولرام قيصراڻي، ٻيو ڀاڀڙاجاتيءَ جو مُکي ڏيپچند ڀاڀڙو ۽ ٽئين جو نالو ياد نه رهيو اٿم. ڪيولرام قيصراڻي جو هڪ قصّو ڪتاب جي پهرين حصّي ۾ لکيو اٿم. ڀاڀڙو مکي به اشراف هندو هو. جنهن جاءِ ۾ هنوقت باٽا وارا مولوي ٿا رهن سا هنجي جاءِ هئي. ڀاڀڙا قوم جا ڪي رسم رواج هندن کان ڪجهه مختلف هئا. هي مکي صاحب هميشه هڪ خاص قسم جي لباس ۾ نظر ايندو هو. ڌوتي ۽ پهراڻ يا گيڙو رنگ جو يا اڇو، مٿان واسڪوٽي تنهن جي ڊزائن به عام هندن کان مختلف، مٿي تي اڇي سولوهئٽ جهڙي مخصوص ٽوپي جهڙي ڪو اڇي چن سان لِتل هجي يا پلاسٽر آف پئرس مان ٺهل هجي، اکين ۾ سرمي بدران ڪا ڳاڙهي رنگ جي ٻور وجهندو هو

www.sindhsalamat.com

تنهن سبب اڪيون هميشه ڳاڙهيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هئس ۽ نرڙ تي هڪ وڏو تلڪ - مطلب ته پاڻڙو ماڻهو پنهنجي خاص وضع سبب سڀني کان نرالو ۽ پري کان پڌرو هوندو هو- واقعي واري ڏينهن هي ويچارو سيٺ حاجي محمدسومار يوسفاڻي سان گڏ هنجي موٽر ۾ حيدرآباد کان هيڏانهن ايندڙ هو جو راهوڪي وٽ پنجابين گاڏي روڪي، سيٺ کان ۽ ڊرائيور کان به ڪلمو پڙهائي پڪ ڪيائون ته مسلمان آهن ڪي نه- باقي ڏيپچند جو ته لباس ئي پڌرو هو- هنن ڪيس ٽنگ کان جهلي ڇڪي گاڏيءَ مان ٻاهر ڪڍي اتي جو اتي لئين سان ڪٽي ماري ڇڏيو پوءِ لاش کي گهلي اتي ئي هڪ ڪامي ۾ اڇلي ويا- سيٺ حاجي سومار اچي هتي اطلاع ڏنو-

هندو ماڻهن پنهنجن گهرن جو وکر ته ڪيترا ڏينهن هٽ بازارن ۾ تين وال ڪيو ۽ جيڪي ملين سو ميڙيائون- بازار ۾ ميلي وارو سمان هوندو هو- ريڙي واري شئي بن آنن ۾، سؤ واري ڏهن روپين ۾، ڪڻ بابا ڪڻ پئسا ڇڏاءِ- ڪي ته پيا هوڪا هڻندا ته "باقي داٽا سي به وڪاڻا" هندو سيٺين ساهوڪارن جا پار به بازار ۾ چادرون وڇايو گهريلو شيون وڪڻندا هئا- ڪن فرنيچر ورتو ڪن لائيٽ جو سامان ڪن ڪجهه، جيڪي هونئن نٿي پچي سگهيا سي به پوءِ "ٻال وجهه" وارا ٿي پيا- پوءِ به هندو سڪ سان اسپتال جي مقامي طور تي نفرتون هجن ها ته ڪجهه نه ڪجهه فساد ضرور ٿين ها- ڪڏهن ڪا مذهبي ڳالهه، سابه تحريڪ جي زماني ۾، اتي

www.sindhsalamat.com

ته ڪو تڪرار ضرور اٿندو هو سو به جلد فيصل ٿي ويندو هو. ڳالهه فساد تائين نه پهچندي هئي نه ٿاڻي تائين نه ڪامورن تائين. راڌاوئد ۾ نبري ويندي هئي. هڪ ڀيري گانڌي چونڪ ۾ ئي هڪ نيم سياسي جلسي ۾ تقرير ڪندي هڪ ٻاهران آيل هندو ليڊر هندو ڌرم کي سياست سان نٿي ڪندي، گيتا جا ڪي شبد ٻڌايا ڏاڍي واه واه ٿي. پر اتي منهنجو والد اٿي بيٺو ۽ اسٽيج تي اچي قرآن ۽ حديث جي حوالن سان تحريڪ جي پهلوئن کي سمجهائڻ لڳو، جلسي ۾ مسلمان نالي ماتر هئا پر هنن مسلمانن الله، حق الله، صدق الله جي نعرن سان اڀ کڻي سر تي کنيو. جلسو پورو ٿيو. ته وڏن پاڻ ۾ ويهي فيصلو ڪيو ته اڳتي سياست ۾ مذهب کي نه آڻبو. تنهن بعد وري اهڙوجنون جاڳڻ ئي نه ڏنو ويو. مثالي ڀائيچارو قائم رهيو مذهبي معاملن ۾ ڦٽاڪا ۽ ٻيون ڦشريون ڪونه هيون، هوش گهڻو جوش گهٽ زور گهڻو شور گهٽ ۽ عمل گهڻو ۽ ڏيکاءُ گهٽ هو. متان سمجهو ته مونکي يا منهنجي خاندان کي هندن مان ڪي ذاتي فائدا هئا انڪري پيو هنن جي سارا ڪريان. اسانکي به هنن مان اڪثر حزميتون رسنديون هيون. هتي عمومي جائزو پيش ڪيو اٿم نه ڪي ذاتي. ٻيو ته اڪثر اسين به ته هنن سان ڪڏهين ڏاڍيون ڪري ويندا هئاسين.!

اهي ڪوڙا آهن جي چون ٿا ته ورهاڱي کان اڳ مسلمان هندن جا غلام نوڪر ۽ پٽيوالا هئا. هو تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي شرمناڪ ڪم ۾ رڌل آهن ۽ پنهنجن عيبن

www.sindhsalamat.com

تي پردو وجهڻ جي سهي ٿا ڪن. ورلي ڪو مسلمان ڪنهن هندو سيٺ وٽ نوڪر هوندو هو بلڪه هندو پڙهيل ماڻهو مسلمان سيٺين وٽ منشي هوندا هئا. باقي مزدور پورهيت طبقو ته هر طبقي جو ڪم ڪندو. مسلمان مڱٽهار هندوءَ جي شاديءَ تي وڃت وجهڻ، مسلمان حجام هندوءَ جا وار ناهڻ يا مسلمان اونار هندوءَ جو اُن هڪلڻ ڪان انڪار ته نه ڪندو. اهڙي طرح موچي سوچي سڀ هندو هئا جي مسلمانن جون جتيون به گنڊيندا هئا. باقي تجارتي اقتدار هندن جو هو سو هاڻي ٻي رنگ ۾ آهي..... اهي به ڪوڙا آهن جي چون ٿا ته هتي مذهب جو وايو منڊل نه هو. شهري آبادي وڏ ۾ وڏ سادا پنج هزار هئي ته به هتي عيدگاهه ۽ وڏي جامع مسجد سميت گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه مسجدون هيون- خانقاهون ۽ درگاهون تنهن ڪان سواه هيون- سنڌ ته صوفين جو سنسار هئي. هتي جو ديني Pattern سڄي اپڪنڊ ۾ نرالو هو. عجيب ڳالهه آهي جو اسين سنڌ کي باب‌الاسلام به چئون ٿا ۽ وري هتي اسلام جي آمد جو وقت سادا تيرهن سؤ سال بعد جو ٻڌايون ٿا يعني دروازو کليو ۽ سادا تيرهن سال کليو رهيو اسلام ٻوءِ داخل ٿيو آهي-؟

پاڪستان ٺهڻ بعد شروع ۾ ته ٽپال جون ٽڪليون ئي ڪجهه ڏينهن (١٩٤٨ع) تائين جائز سڪي Legal Tendel طور هليون- اهي ئي شهنشاه جارج ڇهين جي فوٽن واريون ٽڪليون ۽ ڪرنسي نوٽ تن تي لفظ پاڪستان ڇپي هلايائون جيسين ٻنهنجو سڪو ۽ نوٽ ٺهيو. پهرين ته اسانوٽ هڪ

www.sindhsalamat.com

پئسي وارا ٿونگر سڪا هٿا نٽ بولٽ جي وائسر جهڙا سي به سالن جا سال هليا. مقصد هو ڏاڍو جي بچت ڪرڻ- آفيسن ۾ ٽاچنين جي بدران ٻپر جا ڪنڊا ۽ پيپر ويٽس جي بدران پٿرن جا ٽڪرا عرضي ٽائين استعمال ٿيندا رهيا. اخبار جي فوٽي ۾ گورنر جنرل يا وزيراعظم جي ميز تي به ٽيليفونون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون ته حيران ٿيندا هئاسين ته "هڻ-! به به ٽيليفونون-"؟ برابر تڏهين وزيراعظم ۽ وزيرن جي آفيسن ۾ پورا فائل ڪور به ڪونه هئا، پر سائين انهيءَ اڻ هوند ۽ ڪوٽ ۾ به ڪم ديانتداري ۽ ايفيشنسي سان ٿيندا هئا. (پوءِ انگريز جي پئدا ڪيل بيوروڪريٽس اچي ملڪ جون واڳون ورتيون ته "آزاديءَ جو سچو پچو لطف" اچي ويو-!) خير انهيءَ نئين تعمير جي سلسلي ۾ اسڪول ڪاليج ٿيا ۽ ڪاليج يونيورسٽيون. سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس اڳي نو وديالو ڪاليج هو.

*** **والد صاحب** شهر ۾ پنهنجي مخصوص سماجي پوزيشن سبب سياست ۾ هميشه آزاد رهيو- نه ڪنهن جماعت ۾ شامل ٿيو نه ڪنهن سان Exclusive وابستگي رکيائين. دامي درمي قدمي سخني تحريڪ پاڪستان جي ڪامل حمايت ۽ سهڪار ڪيائين پر پنهنجي پوزيشن کي هميشه غير جانبدار ۽ اڻ لاڳاپيل رکيائين، اهو ئي سبب هو جو هو مسلم‌ليگ جي جلسن ۾ هميشه شريڪ رهيو پر هندن سان ساڳيائي پائراڻ تعلقات هوندي به ڪانگريس جي جلسن ۾ ڪڏهن به نه ويٺو. پر جڏهن پنڊت نهرو هتي آيو ته هندو

www.sindhsalamat.com

دوستن جو چوڻ ڪري هن جو استقبال ڪندڙن ۾ شريڪ ٿيو ۽ جلسي ۽ وينو (نهرو جي آمد جو ذڪر پهرين حصي ۾ ڪيو اٿم)۔ اها هندن جي به هڪ سياسي مصلحت هئي ته جي هن اهم شخصيت کي آجيان ڪندڙن ۾ شريڪ نه رکبو ۽ هو الڳ رهندو ته ممڪن آهي ته هندن جلسي ۾ ڪا گڙبڙ ٿئي ۽ جلسو ڦٽائڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي وڃي۔ ان جي برعڪس هنجي شريڪ ٿيڻ سان جلسو ويتر وڌيڪ ڪامياب ٿيندو۔ ان مصلحت تحت ئي هنن دوستي ۽ پرائن سماجي ناتن جي واسطي سان بابا کي سيني ڪان اڳيان ڪيو۔ ٻيو ته هو مذهبي جنونيت ۽ ڪٽرپڻي کان آزاد هو۔ آزاديءَ جي هلچل جي حمايت، ڪيائين پر ان لاءِ ثقافتي تعصب ۽ مذهب جي نالي تي نفرتون پيدا ڪرڻ ڪان باغي هو۔

تنهن کان سوا، سموري آزادي جي تحريڪ دوران هتي سڄي هندوستان ليول جو ڪو مسلمان ليڊر آيو به ڪونه جنهن جي به اهڙي ئي آجيان ۽ پذيرائي ڪري سگهجي ها جهڙي نهرو جي ٿي۔ تحريڪ دوران مسلمانن مان هتي سنڌ وزارت جي ليول جا ليڊر ايندا رهيا تن جي خوب آجيان ٿيندي رهي۔ قائداعظم صاحب ته ڪڏهن حيدرآباد به ڪونه آيو نه ته تندي الهيار سميت پر پاسي علائقن جي ماڻهن طرفان به خوب آجيان ٿيس ها۔

١٩٤٦ع تائين به هتي مسلم ليگ جي ڪا باقاعدي تنظيم ۽ تحريڪ ڪانه هئي۔ انفرادي جذبا لاڳاپا ۽ وابستگيون هيون۔ پوءِ پير غلام مجدد صاحب سرهندي ۽ هتي اچي مسلم ليگ

www.sindhsalamat.com

لاءِ ميمبر چونڊيا. اهو ميڙ چمڙ ناڪي تي سائين موج‌علي شاه واري پڙ ۾ (جنهن کي ڪربلا به چون) ٿيو. هن صاحب ڀڪراءِ ووٽ وٺي ماسٽر ولي‌محمد طاهرزاده کي صدر، سيد گل‌محمد شاه زضوي کي نائب صدر، غلام‌رسول ميمڻ (ولد حافظ محمدقاسم ميمڻ) کي ٻيو نائب صدر ۽ محمدپنيل نودائي (چنا) کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو. انهن صاحبن پنهنجي ليکي ۽ پنهنجي سطح تي جيتري ٿي سگهي اچي مچي ڪئي. باقي سياسي اثر ۽ تبديليون ته اڄ توڻين به گهرن جي هٿ وس آهن جو اسانجي سرشتي ۾ جاگيرداري وارو عنصر اجا به اثرائتو ۽ هميشه ڪارفرما آهي. پاڪستان جي قيام بعد سيٺ حاجي حاجن پاٽولي بوسفائي مسلم‌ليگ جو صدر چونڊيو. اهي سرگرميون مقامي سطح تائين ئي رهيون. هتي پيپلزپارٽي جي قيام تائين ڪابه سياسي جماعت نمايان نه ٿي سگهي. هوڏانهن متين سطح تائين مسلم‌ليگ جو جيڪو حشر ٿيو سا سڀ کي خبر آهي.

ايوب خان مسلم‌ليگ جي هڪ وڏي حصي تي قبضو ڪيو (جا ڪنوينشن ليگ ٿي) ته لوسي قسم جا سياستدان سڀ ان ۾ شامل ٿي وياه اهڙا سياستدان اڳ رسوخ جا صاحب ٿيندا آهن. چونڊون ڪٽندا آهن پر انهن کي عوامي محبت ۽ مقبوليت ڪڏهين حاصل نه ٿيندي آهي.

هتي بحرحال شهر جي حوالي سان سياست ڀڃاڻي پاٽولين مان نڪتي ته وري شهر ۾ ڪا نمايان شخصيت ڪنهن سياستدان جي نه اپري. اهو آخري تاجدار اسانجو

www.sindhsalamat.com

چاچو خانصاحب حاجي محمدسومار بچاڻي (مرحوم) هو جنهن محبت ۽ مروت جي ناتي اها پڳ سيد محمدحسن شاه (پورل شاه) جي حوالي ڪئي جو شهر کان ٻاهر شاهپور ۾ رهي، ۽ اڃا انهيءَ پڳ جو پڳدار آهي. هاڻي البت اسانجي انهيءَ ئي چاچي جو فرزند عبدالستار بچاڻي انهيءَ ئي پڳ ۾ حصيدار ٿيو شهر ۾ پنهنجي پڇاڙيءَ وينو آهي ۽ تيزيءَ سان اڀرندڙ آهي....

www.sindhsalamat.com

*** حاجي رحيم مجيداڻو جنهن جو ذڪر پهرين حصّي ۾ ڪري چڪو آهيان سچ پچ وڏو هاتڪ هو. هڪ ڀيري اسانجي هڪ ٽهاڻ مينهن کي ڪڻڪ جي ناڙي چرندي هڪ وڏو تيلو نڪ ۾ گهڙي ويو ۽ گوشت ۾ اهڙو کُپي ويو جو نڪرڻ جي ڪا واه نه رهي. ڀاڳين ته زور لاتا پر وڌرنري ڊاڪٽر به جواب ڏئي بيهي رهيو. مينهن جي هڪ فوٽ ڊگهي نڪ جي آپريشن ڪيئن ٿئي.؟ مينهن جي حالت اهڙي هئي جو اکين کان وٺي ناسن تائين سڄو نڪ سڄي دڙو ٿي پيس ۽ سور کان ڪنڌ لاڙي ويهي رهي نڪو کائڻ نڪو پيئڻ. سڀڪو چوي ٻيلي هيءَ مينهن مشڪل بچي. حاجي رحيم کي خبر پئي ته هن مينهن ڪاهرائي هڪ وڏي واٽرڪورس جي هڪ ويڪري پيٽ وٽ آڻي بيهاري ۽ چئن پنجن جا مڙدن کي سڏي حڪم ڏنائين ته جلد ڪري مينهن کي پاڻيءَ ۾ ڍاريو ۽ خوب گوتا ڏياريوس. ماڻهن چيو حاجي مينهن اڳي ئي مرڻ ۾ تون ويتر ٻوڙيو ٿو مارينس.! پر حاجي چوي ته جيئن آءٌ چوان تيئن ڪندا وڃو بنان دير جي. هاڻي هيڏي پربت جيڏي ڍور کي پاڻيءَ ۾ غوطا ڏياري ڪير.! پر حاجيءَ جو حڪم ٽارڻ تهان وڌيڪ ڏکيو هو. هو هدايتون ڏيندو ويو ۽ همراه اچي مچي کي لڳي ويا.

هنن مينهن کي ڌِڪ ڌِڪان ڪري نيٺ پاڻيءَ ۾

www.sindhsalamat.com

ڌاريو ۽ ٻوءِ رسن سان اڳيان ۽ پويان پير ٻڌي سوگهاڪيائونس، ٻوءِ ڪنڌ ۽ مٿي ۾ واڏا واجهه ٻڌي انهن جو هڪڙو ڇيڙو اڳين ٽنگ ۽ ڇاتيءَ وٽان لنگهائي پوئين پاسي ڪان ڇڪي جهليائون- واٽر جي هڪ پاسي وري ٻيا همراه اڳين ٽنگ ۾ ٻڌل رسي جا ڇيڙا ڇڪي جهلي بيٺا هاڻي مينهن ٿي ڪتي ٻلي ڪان قابو، ٽنگن ۽ منهن سوڌي رسن ۾ سوگهي جن جي هٿن ۾ رسن جا ڇيڙا تن جي وس ۾. حاجيءَ حڪم ڪيو ته سڀ رسا وڻي زور سان ڇڪيو. رسن کي جا ڇڪ آئي ته مينهن جو ڪنڌ جهڪڻ لڳو جيئن ريل جي سنگل کي ڇڪي اچي، بيوس گگدام گيگ گهٽي ٿي ڪئي پر رسن جو مانڊاڻ اهڙو هو جو نيٺ سڄو ئي ٻوٽ وڃي پاڻيءَ ۾ پيس ۽ لڳي غوطا کائڻ. ڇڙهيون هٽڻ جي ڪري ته به رسن ۾ سوگهي، رسن کي ڇڪ اهڙي زوراڪي جو ڪنڌ مٿي به نه ڪري سگهي، لڳي اٿڙجڻ. حاجي ڏسي ته هاڻي ٿي ٻڌي ته هڪل ڪري ته رسا ڍرا ڪريو، رسا ڍرا ٿين ته مينهن جو ٻوٽ پاڻيءَ مان نڪريو اچي، وري حڪم ٿئي ته رسا ڇڪيو، رسا ڇڪجن ته ٻوٽ وريو وڃو پاڻيءَ ۾ ڪپيس- بس جيئن ليور يا اسپرنگ سان ڪنهن شيءِ کي هيٺ مٿي ڪجي تيئن مينهن جو منهن هينئر پاڻيءَ ۾ ٽب ته هينئر پاڻيءَ ڪان ٻاهر، ٽنگون چارئي ٻڌل ۽ گوڏن ۾ ڍرڪيل سا چرڻ پرڻ ڪان زور، هر غوطي تي نڪ پاڻيءَ سان ٻڌجو وڃينس ۽ جنهن وقت منهن پاڻيءَ ڪان ٻاهر نڪرڻ ته ونيو هڪ وڏو زوردار ڦوڪارو هڻي ته پاڻيءَ جا ڇڻ

www.sindhsalamat.com

ساندارا نڪ مان نڪريو اچن- سڀ ڪم حاجيءَ جي هدايت سان پيو ٿئي، خلقون اچي تماشو ڏسڻ بيٺيون.

ڇڪ ڇڪان جو اهو عمل ڪيترو وقت هليو تانجو مينهن هڪ ڀيري جو منهن پاڻيءَ مان ٻاهر نڪرڻ تي وڏي ڇون ڪري ڦوڪارون هنيون ته اهو نڪ جي گوشت ۾ پيوست ٿيل وڏو تيلو تيروانگرهنجي نڪ مان نڪري وڃي پري پيو— سڄو رت ۾ ڳاڙهو سرخ. ان وقت آواز به اهڙو ٿيو جڻ ڪا توپ ڇٽي. اتي ئي مينهن وڏا وڏا ساه کڻي ڄڻ هڪ وڏي آفت مان ڇٽڻ جو اظهار ڪيو- شام ٿيندي ٿيندي هن جي منهه جي سوڄ به لهي وئي ۽ بلڪل چاق چڱي ڀلي ٿي وئي.

اهوئي حاجي رحيم ڍڳي يا مينهن جي ڪُڪ تي پاڻي وجهي سهي ڪري ويندو هو ته اها ڍُڪي آهي يا نه ۽ هي ته ويم ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت ٿيندس- هوا کي سونگي برسات جي اڳ ڪٿي ڪندو هو، هوا جي رخ مان ڪيتريون ڳالهيون سهي ڪري ويندو هو- هر ڳالهه صحيح نڪرندي هئس- ڀوڳائي به پهرين نمبر جو هو- ڪنهن ڪچهري ۾ ويهي ۽ اها کل خوشيءَ جو ميڙو نه ٿئي ته سمجهو ڪچهري نه هئي خواب هو. نماز روزي جو به پابند ته حلال حرام کان به چڱيءَ پر واقف، صحت مند کڙو تڙو منهن تي نور ۽ بشاشت، بس ماڻهن ۾ ملائڪ هو. پوڙهو پر جوانن کان سرس، اڻ پڙهيل هو پر پڙهيلن کان، وڌيڪ سياڻو.

هي اهو وقت هو جڏهن مونوٽ اهي ٽئي ٻل موجود هئا جيڪي سياڻن جي چوڻ موجب جنهن وٽ هجن سو

www.sindhsalamat.com

ڀلي جيئي، جنهن وٽ ٽنهي مان ٻه هجن سو به ڀلي جيئي ۽ جنهن وٽ ٽنهي مان هڪڙو هجي تنهن جو جيئڻ به واه واه. يعني:- هڪڙو ڀائرن جو ٻل، ٻيو ڇاتيءَ جو ٻل ٽيون پئسي جو ٻل. آءٌ انهن ٽنهي قوتن جو ٽنهي نعمتن جو مالڪ هوس- زميندار ۽ صاحب اقتدار جو پٽ هوس، نوجوان ۽ تندرست توانو هوس ۽ چئن ڀائرن جو ڀاءُ هوس. تنهن سبب ڪڏهن ڪڏهن اهڙي حرڪت به ڪري ويندو هوس جا اهڙن "ٻلوانن" جي محض وندر هوندي آهي. ظلم جو احساس ته تڏهن ٿيندو آهي جڏهن پاڻ سان ظلم ٿيندو آهي يا اهي ٻَلَ باقي نه رهندا آهن. وسيلا هجن سگهه هجي ته ظلم انسان جي وندر ورونهه آهي، اهي نعمتون وينديون رهن ته هو نيڪ بنجي ويندو آهي— يعني نارسائي واري پارسائي.!

هڪڙو گڏهه روز رات جو اچي اسان جو باغ ڀيليندو هو ۽ ڪو اهڙو ڪنهن جنات يا غيبات جو سيکاريل ۽ هيرايل هو جو ماريونس ڪٽيونس، ڊوڙائي ڪڍونس، ڊوڙائي ڊوڙائي ميلن تائين پري ڇڏي آياسينس، آڪيڙا ڏناسينس، ٻڌي بند بکون اڃون ڏيکاريوسين ۽ پوءِ هڪ ڀيري ته نيٺ هڪ ڍڳي گاڏيءَ سان سلهاڙي هڪ تمام پراهين سڄ ۾ ڇڏي آياسين پر اهو جن گڏهه هڪ نه ٻي رات وري اسان کي پنهنجي باغ ۾ نظر آيو. همراه کٽ ٿي پيا. نقصان نقصان جي ماڳ مورڳو سڀ ڪمي ڪڙمي رت ٿي پيا. هڪ ڀيري ڍڪ ۾ ڏنوسين ته ٽن ڏينهن بعد وري باغ ۾ نظر آيو ڍڪ وارن کان پڇا مان معلوم ٿيو ته ڪو همراه

www.sindhsalamat.com

مالڪ ٿي آيو ۽ ڏنڊ ڏئي ڇڏائي ويو. مالڪ جو ڏس پتو اسانکي ته ڇا انهيءَ خفتي حاجي رحيم کي به نه پئجي سگهيو ته گڏهه ڪنهن جو آهي ڪٿان ٿو اچي جي اوطاق يا ڪنهن هاري وٽ ٻڌي ٿا ڇڏيونس ته هڪ ته رات ڏينهن هينگون ڏئي سک ڦٽائيندو ٻيو کاڌ خوراڪ جو خرچ ڳچيءَ پوندو مالڪ اچي نه اچي، هجيس نه هجيس تيسين اهو حرج خرچ ڇو ڀريون! مطلب ته چڱا پريشان ٿياسين. ڪا وٽ نه هجي.

هڪ ڏينهن صبح جو گهوڙيءَ تي چڙهي نيم موجب باغ تي پهتس ته ڏٺم ته همراه انهيءَ شينهن جيڏي گڏه کي وڻ سان ٻڌيو پيا ڪٽين، چي سائين رات وري اچي باغ ۾ پيو آهي. بس هاڻي آءٌ به پاڻيءَ مان نڪري ويس، بندوق ساڻ هئي، هڪدم هڪ نمبر جا ڪارتوس ڀري سڌي ڪيم ته بس اڄ هن کي پورو ضرور ڪندس نه ته جند نه ڇٽندي. اڃا گهوڙو چاڙهيم ته حاجي اچي سامهون ٿيو ته ترس منهنجي ڳالهه ٻڌه. مونکي حاجيءَ جي سڀاءَ جي خبر هئي، هو رحمدليءَ ۾ به مثال هو، سمجهي ويس ته به ٽي تاويلون ڏئي هن مجرم کي ڇڏائي ويندو. مون ضد ٻڌي ته هو اچي بندوق جي نال جي سامهون بيٺو. چوڻ لڳو: ”آءٌ هن کي ڇڏائڻ جي نٿو ڪيان، آءٌ پاڻ ڀانيان ته هنکي سچي پچي سيکت ملي. هڪ ٻن گولين سان هي اڦٽ مري پوندو سا ته ڪا سزا نه ٿي، جيڪو مئو سو ڇٽو سزا ته اها جا هو ڀوڳي ۽ يا عمر ياد ڪري.“

۽ پوءِ حاجي جا سزا تجويز ڪئي سا هيءَ هئي ته باغ

www.sindhsalamat.com

جي ڀر ۾ جو ڦٽل پراڻو کوه آهي تنهن ۾ ڌڪو ڏئي ڇڏجيس ته اتي بکون ڪاٽي ڦٽڪي ڦٽڪي مري وڃي يا ڪو نانگ بلا چڪ هڻيس تنهن ۾ مري. مطلب ته ٺهه پهه مارڻ کان اذيتون ڏئي مارڻ بهتر ٿيندو، اها تجويز مونکي وڻي، پاڻ پڇتايم ته اجايو ٿي گوليون خرچ ڪيم هاڻي ٺهه پهه حاجيءَ جي تجويز تي عمل ٿيو. گڏهه کي ڳٿر کان ٻڌي کوه وٽ آندو ويو، آئون گهوڙيءَ تي ئي سوار بيٺو رهيس، همراهن ڌڪو ڏئي گڏهه کي کڻي انهيءَ ڦٽل سڪي کوه ۾ اڇليو. کوه ڪو ڇهه فوٽ اونهون مس هو باقي سڄو لٽجي چڪو هو. گڏهه پهرين ته اندر وڃي ڦهڪو ڪيو پر اتي جو اتي اٿي بيهي رهيو ۽ منهن آسمان ڏانهن ڪري لڳو اڀ ڦاڙ هينگون ڏيڻ، حاجيءَ چيو بس هاڻي ڪتي ٻلي کان قابو آهي، جيڪي کاڌو اٿس تنهن جو اتي ئي حساب ڏئي پورو ڪندو. منهنجي به تسڪين ٿي وئي. همراهن کي هدايت ڪري ڇڏيسين ته نگراني ڪندا رهن، ڪو گڏهه کي ڪڍڻ اچي يا ڌڻي هئڻ جي دعويٰ ڪري ته ان کي جهلي مونوٽ وٺي اچن ته سڀ ليکا لاهيونس.

دستور موجب ٻنپهرن جو اوطاق ۾ آياسين، حاجي ٻنپهرن جي ماني اوطاق ۾ اسانوٽ کائيندو هو، آءٌ سمهي پوندو هوس ته هو به گهڙي ساعت اک پوري وٺندو هو ۽ ٽپهريءَ جو وري ٻنيءَ تي روانو ٿي ويندو هو. اسان ماني کاڌي، آئون اچي پينگهي ۾ ليٽيس ته هو به اچي ڀرسان گلم تي ويهي رهيو ۽ پينگهي کي هلڪا هلڪا لوڏا ڏيڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com

پوءِ کِلي چوڻ لڳو ”صاحبزادا۔ هڪ ڳالهه ياد رکجانءِ ”ظلم رهندو ظالم نه رهندو۔“

چيم: ”ڇاٿو چوڻ چاهين؟۔“ چوڻ لڳو: ”ائين ئي هڪ ٻه آکاڻي ياد اچي وئي، چئين ته ٻڌايانءِ“ — چيم: ”چڱو ٻڌائي ته پوءِ ٿا سمهون، هونئن به گهڻا ڏينهن ٿيا آهن تو کان ڪا آکاڻي نه ٻڌي اٿم۔“

پوءِ هن آکاڻيون ڇيڙيون ته ننڊ ته وئي واءُ ٿي آءٌ مورڳو هڪ عجيب پرستان ۾ وڃي پهتس۔ هڪ ته هن جو ٻڌائڻ جو انداز ئي وڏي ڪاريگري وارو ٻيو اهي ننڍيون ننڍيون اثر ڪندڙ وارتائون هيون رڳو ظلم ۽ ظالم جي موضوع تي — بادشاه جو ظلم، امير جو انياءِ، ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ ڏمر ۽ انهن جا دل ڏاريندڙ انجام۔! اهڙيون آکاڻيون ٻارن جي ڪتابن ۾ پڙهندو هوس۔ پر حاجيءَ جو انداز ئي نرالو هو۔ اکر اکر دل ۾ پيهندو ويو۔ جيئن جيئن منهنجو ڏيل ڏڪندو ڏسي تيئن تيئن هو مزي سان دلجاءِ سان اثرائتي انداز ۾ ٽوٽڪا ۽ ڪهاوتون ٻڌائيندو وڃي۔ آخر ۾ جڏهن هن هڪ ظالم ڪنڀار جي آکاڻي ٻڌائي ته ڪيئن هن پنهنجي گگدام گڏهه کي درياءَ ۾ ٿي ٻوڙيو ته پاڻ ٻڏي ويو — ته مون کي اهو گڏهه ياد آيو جنهن کي صبح کوه ۾ ڌڪو ڏئي آيا هئاسين۔ مون چيو! ”حاجي۔ ڪم ته اڄ پاڻ به اهڙو ڪري آيا آهيون۔!“

گنڀيرتي چوڻ لڳو! ”ها بابا، ڏس ته سهي تون کائي پي ڍءُ ڪري ٿڌا شربت پي هتي ٿڌي ڪمري ۾ پينگهي ۾ پيو

www.sindhsalamat.com

آساس وٺين ۽ هو ويچارو ساه وارو بي زبان بي ڌريو نٿهڻ اُس ۾ بک ۽ اڄ ۾ هڪ ڦٽل کوه ۾ پيو آهي، هي جي آسمان ڏانهن نهاري ٿو آهون ڪري سو اصل ۾ ڏٺيءَ کي پيو دانهن ڏي.“

ڊڄي چيم! ”پوءِ ڇا ڪجي؟“ ته پاسو مٽائي چوڻ لڳو: ”ڪبو وري ڇا، آخر زمينداري به ته هلائڻي آهي نه، ته ماڻهو کلندا ته اوهين هڪڙي زناور کان به عاجز ٿي پيا، نيٺ مري کپي ويندو. اڳتي الله شل معاف ڪري، توبهه آهي ظلم رهندو باقي....“ حاجيءَ مونکي اهڙي طرح ٻوڙيو ۽ تاريو ڊيڄاريو ۽ ڌتاريو تپايو ۽ ٺاريو جو آءٌ ان ئي وقت اٿي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويس ته هلي ٿا گڏهه کي کوه مان ڪڍون. حاجي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو چي: ”پوءِ ڇا ڪبو؟“ چيم ”جيڪا تنهنجي صلاح.“ تڏهن کلي چوڻ لڳو! ”ته پوءِ هيئن ڪر جو تون ڪاڙهي ۾ پاڻ کي هلاڪ نه ڪر، آءٌ وڃي ٿو گڏهه کي ڪڍائي پنهنجي گهر ڪاهي وڃان، اتي مونوٽ ٻڌو بيٺو هجي، آءٌ هن جا رانڀاٽ ۽ پنهنجو سک ٿو سهسايان تون گاهه پٺي جو خرچ ڀر، جيسين قسمت اسانوٽ هوندس اتي بيٺو چرندو. جي ڪو ڌڻي آيس ته هنکي دڙڪو دهمان ڪري گڏهه واپس ڪبس ته وري ڇيڪ نه ڇڏيس. ائين گناه به معاف ٿيندو ۽ ثواب به ٿيندو.“

هو مونکي انهيءَ فيصلي تي پڪو بيهاري روانو ٿي ويو. ڏسو حاجيءَ جا ڪم! جنهن جانور کي مارڻ لاءِ تيار هئاسين سو هاڻ سندس در تي ٻڌو بيٺو هينگون ڏي ۽ سندس

www.sindhsalamat.com

سک ڦٽائي ۽ منهنجي حرج خرچ تي چري ۽ چاٻا ڏي، ڀوڪرون هڻي ۽ پڇ لوڏي ڄڻ پڻس جي ڪا ڌراوت اسانوٽ رکيل هئي! پر ڇا حاجيءَ مونکي هڪ سبق نه سيکاريو-؟ هڪ وڏو ڪيس کڻڻ کان نه بچايو-؟ منهنجن خزانن ۾ ڪا کوٽ نه پئي پر ڪهڙو نه سهڻو سبق سکيس! ۽ هن اشراف مونکي اهو سبق ڪهڙي نه حرفت ۽ زنده دليءَ سان سيکاريو-!

www.sindhsalamat.com

وري ڪو **پاڪستانيت ۾ گم** غرق ۽ جذب ٿيڻ ۾ اسان ڪا ويرم وڌي؟ جيئن ڪو اڙهين جو تتل ماڻهو ٿڌي پاڻيءَ جو **تلاءُ** ڏسي ۽ ڪپڙن لاهڻ ۾ ويرم ئي نه ڪري. اصل لاهي پاهي بيهي رهياسين. هر ميدان ۾ ۽ هر مرحلي تي. اسان گهرن ۾ توڙي گهرن کان ٻاهر پنهنجا اصلوڪا طور طريقا، رهڻ سهڻ کاڌو پيتو، لباس ٻولي ۽ رويو سڀ جهٽ بدلائي وڌا. گهرن ۾ سل بٽا به رکي ڇڏياسين، پان کائڻ لڳاسين، پاجاما ۽ شيروانيون پاتيوسين. سليم شاهي جتيون ۽ ڪانپوري ٽوپيون واپرائڻ لڳاسين، **ميلادون**، قواليون، مشاهرا وغيره جي هندوستان ۾ ته صدين کان هئا پر سنڌ ۾ ڪڏهن به جاءِ نه پائي سگهيا هئا سي هاڻي پاڪستانيت جي محابي هتي خوشيءَ خوشيءَ رائج ڪياسين، پراڻيون سنگتون اتي ئي رهيون نون سان وڃي عشق جا ناتا جوڙياسين، پنهنجو تشخص ڪڙو ڪري هڪ نئون ۽ اجتمائي تشخص بنائڻ تي اصل سندرو ٻڌي بيٺاسين، شادين ۾ سهرا لکائي پڙهياسين پوءِ انهن کي فريم ڪرائي رکوسين. ننڍا ته اڃا جيئن تيئن وڏن جي اڳيان ته شل نه سنڌ ۽ سنڌيت جو ڪو اکر اڪلون ته هو اصل پاڻيءَ مان نڪري ويندا ته بس هاڻي ڇاجي سنڌ ڇاجو بنگال ڇاجو پنجاب، فقط پاڪستان آهي ٻيو ڪجهه نه آهي. اسان چيو يا بسملاه اکين تي. سچ پڇو

www.sindhsalamat.com

ته ڪن سالن لاءِ ته سچ پچ سنڌ گم ٿي وئي هئي-!

۽ ٻولي سان ته اهڙي ڪار ڪئي سين جهڙي لڌڙو ڪري ڇوڪرن سان- سڀ ڪجهه ذري گهٽ تيا ڳي ڇڏيو سين، ٽي طلاقون نه ته ٻه طلاقون ته ڏئي ويٺاسين، اڳين فارسي گهوڙي چاڙهنسي هئي پوءِ انگريزي ڪَرَ کڻڻ جو ڪارڻ ٿي هاڻي بابا اڙدو ڙي اڙدو ـــ اردو پڙهون، اردو لکون اردو ڳالهايون، گهرن ۾ به گهرن کان ٻاهر به- ٻارن کي اردو ڳالهائيندو ڏسون ته پيا گدگد ٿيون ڀانيون ته زالون به جيڪر امراءُ جان ادا ٿي وڃن ته واه واه- ڪنهن کي سنڌيءَ ۾ ئي خط لکون ته ان ۾ به غالب اقبال يا مير جو هڪ ٻه شعر نه لکيوسين ته سمجهو بنهه بي ذوق ۽ بي علم آهيون. ڪا سنڌي اخبار رسالو يا ڪتاب کڻي ٻاهر نڪرندي ڦڪائي ٿئي ته ماڻهو ڇا چوندا ته اڃا پيو سنڌي پڙهي ـــ! اوّل ته اهي جريدا ذري گهٽ بند ئي ٿي رهيا هئا. مون پنهنجي ٻارن کي چوڙيدار پاجامو شيروانيون غرارا ۽ سونهري ڪانپوري دکني ٽوپيون پارايون آداب عرض تسليمات وغيره سيکاريا. اسڪول ۾ اردو بيت بازيءَ جو چيمپئن هوس، ميلادن پڙهڻ ۾ آءٌ اڳرو، قومي ڏينهن تي ملي نغما پڙهڻ ۽ سڀني کان سرس اردو تقريرون ڪرڻ ۾ به اسين اڳرا، هو جن شين تان کلن چٽر ڪن سا ڇڏيو ڏيون ته ضرور ڇٽڪي آهي جو هو کلن ٿا، ادب آداب نشت برخواست گفتگو به بدلائي هنن جهڙا ٿي بيٺاسين، ڀانيون ته سڱاوديون ٿين ته هنن سان ته رهڻ سهڻ ٿئي ته به هنن سان؛ پوءِ ته ڪي سڱ سياپا به ٿيا، سيڻپا

www.sindhsalamat.com

به ٿيا، هنن کي پنهنجا گهر تڙ ڏيکارياسين پينگهن ۾ ويهاري لوڏا ڏناسين، هو ٿڙيا، ڇرڪيا، ڊنا، ته به کلياسين ڪونه، چيوسين وڻيو ته اسانجا پينگها کڻي وڃي گهرن ۾ رکو ۽ لڏو پر هنن کي اهي لوڏون نه وڻيون. ڪيترا سرڪاري نيم سرڪاري سماجي فائدا مليا ته هنن جي حق ۾ دستبردار ٿياسين. هر جاءِ هنن کي اڳيان ڪيوسين رڳو انهيءَ عشق ۾ ته هاڻي سڀ هڪ آهيون ڀائر آهيون فقط ۽ فقط پاڪستاني آهيون، ٻارن کي اسڪولن ۾ داخلائون ڏياريندي مادري ٻولي اردو ڪرائيسين، جهونيون وضعون فقط جهونن وٽ وڃي باقي رهيون پر هنن به اسانکي ڪڏهن ننديو ڪونه ته هي ويس ۽ ٻولي ڇو مٽائي ڇڏي اٿو، پاڻ سرها پيا ٿيندا هئا. جنهن گهر ۾ اخبار "جنگ" يا "انجام" نه ايندي هجي يا ڪو اردو رسالو نه وٺندا هجن ته پڪ ڄاڻو ته ان گهر ۾ ڪو پڙهيل آهي ئي ڪونه. سنڌي اخبارون فقط ۽ فقط اهي جهونا پڙهندا هئا جي عمر جي پوئتي پوڻ سبب اردو اصل نه پڙهي سگهيا، اها هڪ مجبوري هئي.

"مواخات" جي دعويٰ نٿو ڪريان پر ٥٨ع ۾ ڏاڍيون جتيون اڳسائڻ بعد مونکي واپڊا ۾ نوڪري ملي سا مون ساڳي نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪندڙ ۽ انٽرويو ۾ ناڪام ٿيندڙ هڪ مهاجر نوجوان جي حق ۾ ڇڏي ڏني جو هن پنهنجون مجبوريون ٻڌائي مونکي قائل ڪيو هو. آءٌ ڏاڍي خوشيءَ سان اها قرباني ڏئي اچي گهر ويٺس ۽ پوءِ ٻين آفيسن جي درن تي نوڪريءَ لاءِ سيس نوائيندو رهيس جتان مونکي

www.sindhsalamat.com

اهڙا جواب ملندا هئا جي لکڻ جهڙا ناهن پر دل تي نقش آهن. واپڊاگاڏي کاتي واري آفيس انهيءَ ڳالهه جي شاهد آهن.

مطلب ته پاڪستان سان پورو عشق رکيوسين ۽ پاڪستانيت لاءِ پنهنجا پراڻا رنگ ڊاهي ڇڏياسين. ڪير ائين نه چوي ته ازل کان ئي اجاڙ پسند هئاسين. اجاڙ پسند نه اڳ هئاسين نه هاڻي آهيون. قائداعظم جي اها شاهدي رڪارڊ تي آهي ته- "پاڪستان ان وقت ئي وجود ۾ اچي ويو هو جڏهين اپکنڊ جي پهرئين ماڻهوءَ ڪلمون پڙهي دين قبول ڪيو-" اهو پهريون ماڻهو آءٌ هوس.... ۽ هي جي پاڻ ۾ ڦيرا آنداسين جي مٿي لکيا اٿم سي ان ڪري نه جو صفا چٽ چرٻٽ هئاسين ۽ سڌريل دنيا ۾ ڪڏهين نه رهيا هئاسين يا ڪو سڌريل ماڻهو پهريون ڀيرو ڏٺا هئاسين— اسين ڇهه هزار سالن جي انتهائي سڌريل تهذيب جا وارث هئاسين. پر اهو سڀ ڪجهه ملڪ سان ۽ ملڪ جي مڙنئي ماڻهن سان محبت سهڪار ۽ هم آهنگي جي ثابتي ڏيڻ لاءِ ڪيوسين جيئن پاڪستان ٺاهڻ ۾ اڳرا هئاسين تيئن چاهيوسين ته پاڪستاني ٿيڻ ۾ به اڳرا ٿي ڏيکاريون— سا ميار لاٿيسين. سنڌي ماڻهو اهڙو سچو جو في الحال سياسي ۽ اقتصادي ڌاڙا به سهسائي ويندو ۽ چوندو ڀلي پهرين ڀائر کائين پوءِ آءٌ به پيو کائيندس. البت جڏهين پڳ ۾ لڄ ۾ ۽ عزت نفس ۾ اچي هٿ پوندس، چٿرون ۽ ڇيڙون مذاقون ٿيندس تڏهين اک پٽيندو ۽ پوءِ ٻيو ڪجهه نه پڄندس ته موٽي پنهنجي جاءِ تي ضرور ويندو- پوءِ ڀلي رجعت پسند سڏائي-!

www.sindhsalamat.com

*** هڪڙو انڌو پينار هوندو هو- لکانو فقير- نمائي سڀاءَ جو چشڪيدار گفتگو سبب هي جتي ڪٿي ڏاڍو گهريو ويندو هئو- جتي ويٺو اتي چهر بهر ٿي ويندي هئي- سڏ ڪبس ته جواب ۾ جيءُ جي بدران چوندو "جيئٽ"، بس سدائين پيو کلندو کلائيندو- مسخرو ڪونه هو نه ڪو پاڻهي وڌي ڪنهن سان ڇيڙ ڪندو هو، ايتري هن غريب انڌڙي ۾ همت ڪٿي جو ڪنهن سان وڌي لڳي- ڪير سڏ ڪندس حجت مان ته اچي بيهندو يا ويهندو نه ته پنهنجو منهن وٺيو پيو پنندو- "شخر الحمد الله ٻانها الله جا بسم الله...." بس اها هوندي هئي هن جي صدا- خدا ڪارڻ خيرات وٺي ويندو هو ته پاڻ وري خدا ڪارڻ اداس دلين کي کلائي سجاڳ ڪري ويندو هو.

جنهن ڳالهه مونکي هن جو احوال لکڻ تي مجبور ڪيو آهي سا آهي هنجي اها عجيب اندروني سوجهي جو نپٽ انڌو هوندي به ڪنهن کي ٽوڪ هڻندو ته اهڙي جو اصل هن جي منهن مهانڊي تي ٽڪ وانگر ڦهڪي ايندي ڄڻ هنجو چهرو قد بت چڱي طرح ڏسي پوءِ ٽوڪ هنئي اٿس.... ڪير سڏ ڪندس "لکانا" چوندو "جيئٽ" هو چوندس "لکانا اچئيءَ ٿي-" چوندو "ڀلي اچي-" پوءِ چوڻ وارو ڪوشش ڪري ٺاهي ٽوڪ هڻندو. ٽوڪ ٺهي ته ٺهي، لڳي نه لڳي ڪير کلي نه کلي لکانو ويچارو هن جي دل رکڻ لاءِ ضرور

www.sindhsalamat.com

گهڻ گهڻ ڪري ڪلندو. ٻوءِ چوندو. ”ٻلا هتان ٻه اچي؟“ هو چوندو ”ضرور اچي“ ٻوءِ ٻڌو لڪاني جي ٽوڪ سڄي بازار ۾ ڪل جا ڪوڪرا پئجي ويندا. ٽوڪون وقتائتيون معني مطلب واريون ۽ پڇندڙ. لڪاني جون ٽوڪون ۽ جوابي ٽوڪون هنڌين ماڳين مشهور هيون. اهڙن ڪاڻ ڪلاڻ وارن جي ڪوٽ ڪانه هئي جي وياڪل دلين جي آئٽ جو ڪارڻ ٿيندا هئا. گهڻو ڪري بازارن ۾ هوندي هئي اهڙي خوشيءَ جي خوراڪ جا مفت ملندي هئي ۽ ٽڪلن ماندن جو ٽڪ لهي ويندو هو. ٻيو نه ڪو هراس نه ڪو هول نه خفو نه خفقان، چاڪاڻ ته نه ڪا جلسي جلوس تحريڪ ۽ ايجيٽيشن جي فضا نه ڏاڙن ڦرن جو اهڙو ڏهڪاءُ نه هڙتالون نه مظاهرا نه يوم احتجاج نه يوم تشڪر نه يوم رنجات وغيره. جمعي جو ڏينهن سچ پچ عيدالمومنين ۽ سيد الايام هو، اهو ڏهڪاءُ جو ڏينهن ٻوءِ ٿيو جو آزاد ٿي چڪاسين. تنهن سبب اڄ جيتريون اعصابي بيماريون نه هيون.

ٻيو هو هڪڙو واچ ميڪر.... جيڪو گفتگو ۾ هروپرو به انگريزي جملا سنڌي اسٽائيل ۾ ضرور به ضرور گهالهائيندو چاهي مخاطب ڪير به هجي ۽ مٿان ئي وري انهن جملن جو ترجمو به ضرور ڪندو ويندو ”اي يار ويئر آر يو گوئينگ. ڪيڏانهن ٻيو وڃي؟“ ”اي پروهات از يور آئيڊيا، تنهنجو ڇا خيال آهي؟“ ”ول يو درنڪ دي ٽي. چانهه پيئندين؟“ وغيره. يار دوست چون ته يار هروپرو هرڪنهن سان انگريزي ڇو ٽو گهالهائين؟ جواب ڏيندو.

www.sindhsalamat.com

”اوهان کي ڪهڙي خبر انگريزي ڳالهائڻ سان گراهڪ تي رعب ٿو پوي.“ چوندس ڀلا پوءِ مٿان ئي ان جو ترجمو ڪري ٻيڻو وقت ڇوٿو وڃائين.؟ چوندو. ”اهو ان ڪري ته هن ويچاري انگريزي الاهي سمجهي ڪي نه سمجهي، آخر هرڪوئي ته مون وانگر انگريزي ڪونه ٿو ڄاڻي.“. ڄاڻندو پاڻ به ايتري هو جو ڪنهن سچي پچي انگريزيدان يا اينگلوانڊين سان واسطي پئجي ويس ته پگهر نڪري ايندو هوس. خشڪيون چڙهي ويندیون هئس. اهو ماڻهو ويندو ته ٿڌو شاهي شوڪارو ڀري چوندو. ”مار! چورن مٿان مور به پيا آهن دنيا ۾.“

هڪ حاجي صاحب ڪپڙي وارو، ڀوڳائي چرچائي ڪونه هو. سنجيدو اشرف هو پر زنده دل ۽ Witty پهرين نمبر جو هو. ڪنهن گراهڪ ڪپڙو وٺندي چيس ته ڏس حاجي ڪپڙو ڦٽو يا ڦاٽو ته تون ٻڌل آهين. حاجي جواب ڏيندو. ”يابا. آءٌ سڄي عمر ٻڌل آهيان، تون رڳو هيئن ڪجانءِ جو نه سبجانس نه پائجانس نه ڌوئجانس، صندوق ۾ سنڀالي رکي ڇڏجان پوءِ به جي ڦٽو يا ڦاٽو ته بابا تنهنجي جتي منهنجو مٿو.“

سائين حسن شاه جي محفل ۾ هڪ ڳوٺاڻو جوان ايندو هو. بخشو نالو هوس. اوّل ته جيڪا به ڳالهه ڪندو اهڙي شڪل ٺاهي ڪندو جو کل پاڻئون پاڻ پئي ايندي. هڪ ڀيري ٻاهران ئي ڏاڍو ڳنڀير ٿيندو آيو ته اسانجو حيران ٿيڻ قدرتي هو. پڇيوسين ”بخشا ڏي خبر آهي ته خير.؟“ وڏو

www.sindhsalamat.com

ٿڌو شوڪارو پري ڦان تي هڪ پاسي ويهي رهيو. چي! ”بس بابا ڇڏيو انهيءَ ڳالهه کي.“ هاڻي تہ اسان جي هورا کورا وڌي. سڀ ٻيا واري واري پڇن تہ ٻڌاءِ تہ سهي ڳالهہ ڇا آهي؟ هي هر ٻيري ران تي هٿ هڻيو چوي. ”الا. اڙي هاءِ افسوس.“ اسان جو تجسس تيئن وڌي. گهڻو پڇيوسين تہ چوڻ لڳو!

”بس بابا ڇا ٻڌايان. مون ٻڌو آهي تہ هڪڙي ڏينهن آءٌ بہ مري ويندس.“ اتي ٿهڪن جو ٽاڪوڙو مچي ويو. ”اڙي بخشا هڪڙي ڏينهن تہ نيٺ سڀني کي مرڻو آهي.“ چي! ”بس اهائي ڳالهہ تہ خراب آهي نہ. باقي ٻيو ٻ ڙئي خير آهي.“

ڪڏهن قياست جي حساب ڪتاب جون ڳالهيون هليون تہ بہ هي ڪانہ ڪا ڪنڊ ڪڍي ڪان ڪونہ رهندو. چوندو: ”اڙي بابا چوٽا ايترو ڊڄو. مولا مهربان آهي ڪونہ ٿو ڪنهن کي دوزخ ۾ وجهي، آءٌ تہ هٿ ٻڌي چوندوسانس تہ مولاسائين تو پاڻ هي جهان پيدا ڪيو تو پاڻ اسان کي خلقيو هاڻي خطائون بشڪ ڪر ڪاوڙ ڇڏ ۽ مونکي ڏي بهشت جي هڪ ڪونڙيءَ جي چاڻي تہ وڃي سمهي ننڊ ڪريان باقي ٿون چاڻ تنهنجي ٻي خلق چاڻي.“

ڪڏهن پڇندو. ”ٻلا اتي بهشت ۾ سگريٽ ٻيڙي پيئڻ ڏيندا.؟“

ڪنهن چيو! ”نہ بابا نہ، اتي اهي شيون هوندي ئي ڪونہ.“

www.sindhsalamat.com

چوندو. ”يار ماري ڇڏئي. پر ٺهيو.....“

اهڙن موضوعن تي اڪثر ڪنهن وڏي جا دڙڪا جهليندو تڏهن ماٺ ڪندو.

مرحوم عبدالحميد منتظر اڪثر چوندو. ”باشا. دال ڀاڄي به ڪا کائڻ جي شيءِ آهي.؟ اهي شيون آهن چرڻ جون. کائجي ته هميشه گوشت کائجي ڀلي ڪتي جو گوشت هجي.“ اهو ”باشا“ هن جو تڪيه ڪلام هو. انعامي باند تي عرصي تائين انعام ڪونه نڪتس پوءِ چوندو وتيو. ”پئسن جو اهڙو ڀاڳ ڪٿي جو اسان مولائين وٽ اچن.“

.... شاه سان گفتگو ٿئي ۽ کِل نه اچي ته سمجهو ته ٻڌڻ وارو ٻوڙو آهي يا صفا مرده دل. ڪنهن کي بندوق کڻي ويندي ڏسندو ته چوندو. ”ڪتي جي ٽنگ ابتي جهليو وڃي.“ ڪنهن کان خير خيرعافيت ڪندي ايئن نه چوندو ته ٻار ٻچا خوش آهن بلڪه پڇندو ته ڦرڙا ٻرڙا ته خوش بيٺا آهن ڍو تي آهن يا بک تي. سدائين سنجيندو ٿي ڳالهائيندو ڪڏهن پاڻ نه کلندو. انگريزي اکرن سان ته هن سيد سڳوري کي اهڙي چڙ هئي جو مجال آهي مروج لفظ به انگريزي ۾ اڪليس، ڪير سمجهي نه سمجهي پر چوندو پنهنجو ٺاهيل اکر. موٽرسائيڪل کي ڦٽ ڦٽيو، سائيڪل کي ٻه ڦيٿي، واچ کي ڪانٽي مٽڻي، بلب کي گولو، بٽڻ کي ٻيڙو، پنکي کي به چوندو بجليءَ جي ڦرموٽي، چوندو پنهنجا اکر آهن ته پوءِ انگريچي ڇو ڳالهايون. ملنگ مڙس هو، ڪڏهن مسجد ۾ ويٺو هوندو ته ڪڏهن راما پير جي مندر ۾ وڃي نرڙ کي

www.sindhsalamat.com

تلڪ به هڻي ايندو، چوندو هِتي به هُو هُتي به هُو- ڪنهن چيو سائين فلاڻو شادي ٿو ڪري ته ڇرڪ ڀري چوندو- ”اڙي ويچارو..... ماڻهو ته سمجهو آهي پوءِ هي ڇا ٿيس!“ هڪ ڀيري ته هڪڙي گهوٽ جي سرگس ۾ گهوڙي تي چڙهيل گهوٽ کي وڃي جهليائين! ”يار ڳالهه ته ٻڌ، خدا کي مڃ اڃا به وقت اٿئي لهي وڃ انهيءَ ڳالهه تان-“ گهوٽ ۽ ڄاڃي ششدر ٿي ويا.

هڪ غريب اشراف شيدي هو محمدابراهيم پر سڏيندا هئس اِڀرو- پڙهو گهمائڻ جو ڪم ڪيو پيو پيٽ قوب ڪندو هو- پر هڪ عادت هئس ته ته پڙهو (ڊنڊورو) پورو ڪري آخر ۾ واسطيدار آفيسر جي نالي سان گڏ پنهنجو به نالو ضرور وٺي ڇڏيندو- مثال طور- ”بحڪم جناب مختيارڪار صاحب ٽنڊوالهيار محمدابراهيم شيدي-“ يا ”حسب حڪم جناب ايڊمنسٽريٽر صاحب ٽنڊوالهيار ميونسپلٽي محمدابراهيم شيدي....“ وغيره- ڏاڍي کل ٿيندي هئي. نيٺ تنبيهه ٿيس تڏهن ايتري ترميم ڪيائين جو ڊنڊوري ڏيارڻ واري جو نالو پهرين وٺي ڇڏيندو ۽ ڊنڊوري جي آخر ۾ وري به پنهنجو نالو ضرور چوندو- غريب ۽ اشراف هو تنهن سبب ڪنهن وڌيڪ دڙڪو دهمان نه ڪيس- هڪ ڀيري هڪ جانٺي جوان سان جهيڙو ٿي پيس، هي ويچارو اڀرڙو ۽ نٻل، هُن به جهٽ ٻک وجهي کڻي پٽ تي ڪيرايس ۽ مٿان چڙهي ويٺس. هاڻي اِڀرو ويچارو وڏي چپ ۾ اچي ويو پر ڏسو ته برابر چوندو وڃي- ته ”تو مونکي دسيو آهي پر ياد رکجان

www.sindhsalamat.com

چپي آءٌ به ڇڏيندوسانءِ-" ٻڌو هن ڀورڙي جو ڀورڙائي وارو ڊائيلاگ- ماڻهن اچي ڇڏاين ته اِپرو ويچارو ڪپڙا ڇنڊي هڪ طرف اٿي هليو- غريب نماڻو ۽ ڪمزور ويچارو ڪري به ڇا ٿي سگهيو- اهو ڊائلاگ ڦٽيس.

چمنداس نالي هڪ هندو عريضي نويس هو جنهن کي عام خاص چمنو سڏيندا هئا. عجيب عادت هئس ـــ ظاهر ۾ نپٽ ٻوڙو، ٻٽيهن نسن جو زور لاهي ڳالهائيو تڏهين مس ٻڌندو پر جي ڪنهن رڳو سڙٻات جهڙي آواز ۾ ڪو اگرو اکر ڳالهايس ته جهٽ چڙي پوندو- "ڇا چيئه، گاڙيون ٿو ڏين-؟" اڙي ڪاڪا اهڙي وائي ته جهٽ ٻڌيو وٺين جيڪو سڄر ڪنن وارو به نه ٻڌي سگهي باقي هر ڳالهه لاءِ تنهنجي اڳيان نڙگهٽ ڦاڙي رکجي تڏهين ٻڌين، اهو ڇا-؟ چوندو: "بابا برو اکر آءٌ ٻڌندو ڪونه آهيان، ڏسندو آهيان" هڪ ڀيري هڪ مسلمان ڪنهن تڪرار ۾ پئجي ويس. جڏهين هن چيس- "اڙي چمنا، ڪو الله کان ڊڄ-" هن چيو- "اڙي بابا آءٌ هندو ماڻهو الله کي مڃان ئي ڪونه ته هن کان ڊڄندس ڪيئن-؟" هن چيس- "ڀلا پنهنجي رام ڀڳوان جو ڪو شرم پوئي-" چمني جواب ڏنو- "رام ڀڳوان منهنجو، آءٌ ڄاڻان هو ڄاڻي، تون رام ڀڳوان کي مڃين ڪونه ته هنکان ڪيئن ٿو ڊيڄارين!-" اصل ڳالهه تان نه لٿو ۽ مسلمان ڀائوءَ کي لاجواب ڪري اٿاريائين.

هڪڙي شاه جي ڪچهريءَ ۾ هڪ نوڪر شاه جي ڪتي کي ڪنهن ڳالهه تان گار ڏني- سمجهو هڪ روٽين گار

www.sindhsalamat.com

هئي- اتي هڪڙي ٻي نوڪر محض شاه جي خوشنودي ۽ خوشامد خاطر انهيءَ نوڪر کي ڇڙٻ ڏني- ”اڙي ڇورا، شاه جي ڪتي کي گار نه ڏي، ها-“ نوڪر ٺهه پهه جواب ڏنو- ”يار تون ته ائين پيو ڪاوڙجين ڄڻ پڻهين کي گار ڏني اٿم، ٺهيو معاف ڪر ڀلا-“ سائين سميت سڀني کان ٽهڪ نڪري ويا. حجتي نوڪر هڪ ٻي ۾ ٽڪربا آهن ته اهڙا اهڙا گفتا ٻڌڻ لاءِ ملندا آهن جو بس ڀلي- چوندا آهن:- ”اٺ ڪڏي نه ڪڏي اوٺار ضرور ڪڏي.“ نوڪر چاڪر مڙئي گهڻا آڪرا هوندا آهن.

اسانجي گهر پهريون ڀيري فون لڳي ته ادا (مرحوم) جي ڪمري ۾ رکي وئي- اسانجي نوڪرياڻي مائي حميت ڪمري جي صفائي ڪري اوڇڻ کڻي فرنيچر جي ڇنڊ ڦوڪ ڪندي جڏهن فون وٽ پهتي ته هڪي بيهي رهي ته هي الاهي ڇا آهي، هن کي به اگهان يا نه- ايتري ۾ ئي فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي، آءٌ ٻاهران ڊوڙندو فون کڻڻ اندر آيس ته ڏسان ته مائي بتال ٿيو بيٺي آهي. مونکي ڏسي ڊانهڻ لڳي. ”ائي ابا خدا رسول جو قسم مون ته هٿ به ڪونه لاٿو اٿمانس مُئي پاڻهي پئي وڄي-“!- مون فون ٻڌي واپس رکي ته حيران ٿي پڇڻ لڳي- ”ابا ڇو اڄ ڀتين سان پاڻمرادو پيو ڳالهائين-؟ چاق ته آهين؟“ جيسين مائيءَ کي فون جي حقيقت جي پروڙ پئي تيسين ڀوڳ ڪري ڇڏيائين.

”اجهو اهو خال آهي-“ اهو فقرو سائين وڏل شاه (مرحوم) جو تڪيو ڪلام هو- ڳالهه ڪهڙي به موضوع تي هجي

www.sindhsalamat.com

آخر تان وڃي اتي ٽٽندي ته ”اجهو اهو حال آهي.“ وزم هڻيو ايندو هو ۽ طرح طرح جا دانائي ۽ دلبريءَ جا گفتا چوندو بلڪ جهونگاريندو هو ڄڻ پنهنجي منهن پيو ڳالهائي. ڳري ۽ ڏڪندڙ آواز ۾ اهو جملو ٺهڪندو به ڏاڍو هو. هڪ ڀيري پيس ڪوٽ راند ۾ سائينءَ کي پنهنجو ڀيڇي ڪري ويهاريم. اها خبر نه هئم ته هتي به هو مولائين واري ڪار ڪندو. راند هلي ته ڏسان ته حڪم جي پتن سان منهنجي ئي هر ننڍي وڏي پتي کي ويٺو ڪاٽي.! آءٌ سندس ڀيڇي کڻي ڪنهن رنگ جي ٻِڪ ڇڏيان يا ٽِڪ هي اشراف حڪم جي يڪي بادشاه يا راڻيءَ سان انکي به ڪاٽيو رکي ۽ مٿان چوندو وڃي: ”هٿ کڻ بابا هٿ کڻ مولا جي حڪم سان سڀ هٿ پنهنجا آهن.“ ۽ جي ڪنهن ٻي رنگ جو يڪو يا بادشاه ڇڏيان ته انکي به حڪم جي ڪنهن پتي سان ڪاٽيو رکي. حڪم جا پتا آيا به ڪي هيڪاندا هئس. ٻيا رانديگر به پيا ٽهڪ ڏين ۽ آئون پيو ککو وکو ٿيان. کڻيو دانهن ڪريان ته سائين هي ڇاٿا ڪريو هي هٿ ته هونئن به پنهنجو هو. ته جواب ۾ اهائي عاجزي ته. ”اجهو اهو حال آهي.“ وري هن مولائي مڙس سان ڪڏهن به راند ۾ نه ويٺس پر راند راند ۾ واه جي وندر ٿي وئي. اها راند به کٽي سين هارئي سين ڪانه.

هڪ وڏيرو هو وڏين گهاٽين مڇن وارو، پن جي ٻيڙي پيئندو هو. ڦاروهي جي پن جي ٻيڙي اڪثر ٻرندي ٽڙڪاٽ ڪندي ۽ چڻنگون ڇڏيندي آهي جيئن ٽانڊن مان ٽڙڪاٽ

www.sindhsalamat.com

نڪري. هڪ ڀيري هن اهڙي ٻيڙي دکائي ته ٻيڙي وٺي ٽڙڪاٽ ڪرڻ لڳي. وڏيري ٻيڙي هڪدم وات مان ڪڍي اڇلي ڇڏي ڪنهن پڇيو- ”وڏيرا ڇا ٿيو-“؟ چي! ”ٻيڙي ماڳهين مڇون ٿي پٽيون-؟!“

مڊل اسڪول ۾ اسانجو هڪ ٽيچر هو ماستر لکيراج، نهايت سنجيدگي سان ڀوڳ ڪرڻ ۾ اهڙوئي استاد هو. ڪنهن چيو. ”سائين هنکي ڏسو هي مونکي ذري ذري پيو ڌڪ هڻي.“ سائين چيو! ”بابا ڏس- ڌڪ ڀلي هڻ پر ذري ذري ته نه هڻ.“ دوعي مدعي ٻئي کلي ويهي رهندا. ✿✿✿

www.sindhsalamat.com

*** رشوت تڏهين به هئي پر ڪيئن ۽ ڪيتري-؟
پڌندا ته حيران ٿيندا. سچ پچ رشوت جو انوقت جو ريٽ لکندي ڦڪائي پئي ٿئي.

غريب غربو اڌريو ۽ اڌيڙو هوندو ته هٿ جوڙ ڏند ٿيڙ ۽ نڙت ڪري ڪاموري کي نهال ڪري ڇڏيندو، ايڏا متيرو هوندو ته ساراه جا به چار اکر چوندو ته "بادشاه جي تون هن ڪرسيءَ تي نه هجين ته انگريز جي بادشاهي ڪا هلي سگهي ٿا؟ نه نه اصل نه، تو جهڙا ڪامورا هيڏانهن قلم ڇڏين ته هوڏانهن انگريز جو تخت اونڌو." بس سائين ڪامورو لٽو گيهه تي، ڪم ته ڪري ڏيندو پر اڙهين لاه انهيءَ همراه کي ياد رکندو. باقي جيڪي Aristocrat قسم جا ماڻهو سي سامهون اچي ڪرسيءَ تي ويٺس ته هو شائستي گفتگو فضيلت ۽ شناس جا چار گفتا طلبيندو، هن سگريٽ پيش ڪيس شان واري مرڪ مرڪيو ۽ نهايت تميز سان ڪم گهرياڻينس ته ڪامورو اتي ئي قابو ٿي ويندو. ايڏا به ڪنهن نصرپور جي ڪيرپڙن جو تس، هالا جي جنديءَ جو ڪو وڙ يا هڪ به تتر ڪڪڙ موڪليو (سو به لڪائي ڇپائي) ته بس اهو ڪامورو چڪ وڍيو مريد ٿيو هميشه هميشه لاءِ. ڪم ته هميشه پيو ڪندو پر جتي ڪٿي ساراه واه واه پيو ڪندو، پلي بدلي ٿي وڃي ٻي پاسي يا رٽائر ٿي ويندو هڪي

www.sindhsalamat.com

پر سو کڙيرن موڪلڻ واري جي زندگيءَ ۾ توڙي هنجي موت بعد پيو هن جو اهو گُڻ ڳائيندو توڙي هنجي اولاد مان ڪو گڏيس ته هن جي به اهڙي ئي پذيرائي ڪندو ۽ هر هر چوندو ته ”يار تنهنجي والد جا مونتي وڏا وڙ آهن، هن هڪ ڀيري مونکي فلاڻي شيءِ موڪلي هئي.!“ اها هئي رشوت سائين.

جائز ڪم لاءِ ته رشوت جو تصوّر به ڪونه هو. وڌ ۾ وڌ ڪامورو ارڏو هوندو ته ڪجهه ڍر وجهندو هڪ ٻه پنڌ ڪرائيندو يا ”اٺ نه ڪڏي اٺار ضرور ڪڏي.“ جي مصداق هنجو پٽيوالو يا ڪلرڪ ڪنهن کي آڪڙ شاڪڙ ڏيکاري سگريٽ ٻيڙي يا وڌ ۾ وڌ چانهه جو ڪرپ ڇڏائي سگهندو ته وڏو ڇيهه ٿيو، باقي ناجائز ڪم ڪاموري کي چوي ڪير.! البت وڏيرا سيٺيون ۽ وڏا ماڻهو جن جون رسايون مٿي تائين هيون سي ڪامورن کان اڇي مڇي ڪڏهين ڪي بي وقتا ڪم به وٺي ويندا هئا تنهن ۾ ڪامورو مٿين حڪمن تي ڪم ڪري ڏيڻ تي مجبور هوندو هو. اهي ٿيا ڪي خاص ڪم سي به ڪڏهن ڪڏهن، باقي عام لوڪ سان ڪُتي پٽ واري ڪار ڪانه هئي. ورهاڱي کان پوءِ به ڪافي عرصو اهڙو ماحول رهيو جيسين رشوتن کي رواج ڏيڻ ۽ وڌائڻ وارا ساه سنڀالي هوشيار ٿي اچي ڪرسين تي نه ويٺا تيسين اهڙو انياءُ ڪونه هو. پوءِ ته بابا پٽ پٽان ۽ ڇڪ ڇڪان ٿي وئي. جائز ڪمن تي به رشوت لڳي ته رشوت ڏيڻي پئي نه ته سڀ گر سکيل ڊرائيور کي لائيسنس

www.sindhsalamat.com

ڪيئن ملي، اي گريڊ ۾ پاس ٿيل شاگرد کي داخلا ۽ سڀ قانوني گهرجون پوريون ڪندڙ کي نوڪري ڪيئن ملي. اهي رشوت جون برڪتون آهن جو جائز ڪم به ٿيو ته وڃن-!

منهنجي هڪ زميندار سوٽ هڪ ڪم لاءِ هڪ داروغي کي پئسا ڏنا هن ڪم جو واعدو ڪيو پر ڪا اهڙي دستوري رڪاوٽ پئجي وئي جيو انهيءَ ڪم ۾ ڪجهه ديڙ پئجي وئي- مونوارو سوٽ بنهه اتاولو، ديڙ نه پيو سهيو سگهي- داروغو هڪ ڏينهن اوطاق تي ئي هلي معافي وڻڻ آيس ته برابر ديڙ ٿي آهي پر ڪم ٿيندو ضرور، اوهين رڳو به چار ڏينهن صبر ڪريو. مون واري سوٽ، اتي ئي چئن ماڻهن جي وچ ۾ چئي ڪڍيس ته "ميان گونهه به ڪاڏو اٿئي؟ ڪم به نٿو ڪرين ڏين."! داروغو اهي اڪر پڌي اهڙو هارجي ويو جڻ دل جو دورو پيو اٿس. اڪر به نه اڪلي سگهيو- اتان ئي اٿي گهر ويو ۽ ورتل پئسا آڻي سوٽ کي ڏنائين ته مهرباني ڪري رقم واپس وٺو باقي ڪم جيئن ته جائز آهي سو ضرور ڪري ڏيندس. اهي ئي سا گڏيا نوٽ هن اهڙا جا اهڙا واپس ڪيا جي الڳ رکي، ڇڏيا هئائين ته ڪم ٿيندو ته پوءِ ڪتب آڻيندس. چند ڏينهن ۾ ڪم به ڪري ڏنائين. رشوت خور هو پر سنڌ سرڪار جو پراڻو ملازم هو سو اهو مهڻو سهسائي نه سگهيو. هي فقط ٽيهه سال اڳ جي ڳالهه آهي داروغو چاهي ها ته پوءِ انتقامي ڪاروايون ڪري سوٽ جا فصل سڪائي ڇڏي ها، پر ائين به نه ڪيائين. سچ پچو ته اهڙا پراڻا ملازم جهڙا ڪم جا اهل Efficient هئا اهڙائي قانون

www.sindhsalamat.com

توڙي عام لوڪ جا وفادار هئا. رشوت ڇو ڪانه هئي پر سائين هيءَ ياجوج ماجوج واري ڪار ڪانه هئي.

تڏهن اهڙا ماڻهو جام هئا جي نقصان سهسائي ويندا هئا، خواهشون ۽ سڌون پَلي ڇڏيندا هئا پر رشوت ڏئي ڪم نه وٺندا هئا ته خدا جا گناهگار ٿينداسين ۽ قانون جا ڏوهي به. ڪي ته سفارشون به نه ڪرائيندا. ڇاجو اينٽي ڪرپشن کاتو، وڏي آفيسر تائين دانهن پهتي ته ڪامورو ڪلارڪ اهڙو سوگهو ٿيندو جو وري جڏهن جو ڇٽي. پيئسو جي ورتو ته ڪم لازمي طور ڪري ڏيڻو هوندو هو سوبه پڪو ۽ پختو. هاڻي ته کائي پي نٿا مڃن. تڏهن زر جي افراط ڪانه هئي، پوءِ ڍاوا ايترا نه ساماڻا هئا جو اڻ هوند وارن تي چڙهت ٿئي، ضمير ڏاڍا ۽ سگهارا هئا، قانون ۽ خدا جو خوف غالب هو انهيءَ ڪري اهي بڇڙايون نه هئڻ جي برابر هيون. ڀلا جي ڪو بنهه بي غيرت بي مهابو ڪامورو ڪڙو اهڙو هوندو جو رشت گهڻي وٺندڙ هوندو ته به رشوت ڏيندڙ سان اک ته نه ملائي سگهندو هو پر پنهنجي پٽيوالي کان ئي پيو ڪئو کائيندو ته متان مهڻو نه ڏئي ڪڍي. اهڙو مرم هوندو هون.

. اوهين چوندا ته ڀلا تپيدارن جي لائي لاپي بابت ڇاٿا چئو؟ ته سائين هاري غريب نه ڍَل ڀرو نه ڏن ڀرو، اهي چٽيون هونديون هيون زميندارن تي جي لوڀي هئا ته ٺوڳين کان ٺڳبا ته ضرور، ڪڙمين ڪاسبين جا حق ڦٻائيندا هئا ته اوجهه ڏيندا هئا تپيدارن مختيارڪارن وٽ لائي لاپي رسائي ۽ حاضريءَ جي شڪل ۾. اشرافن جو مان الڳ ۽ سوايو

www.sindhsalamat.com

هو باقي هنن لاٻڙڻوين کي مان ملندو هو پئسي تي ۽ ڏيتي ۽ تي، پوليس ۽ روينيو کاتي جا هٿ ٻڌا ٻانها هئا ئي اهي لوسي زميندار جن نيٺ انهن کاتن کي گند ڪري ڇڏيو جو انگريز به آذرت ٿي پيو نيٺ ائنٽي ڪرپشن کاتو قائم ڪيائون سو به ٻي مهاڀاري لڙائي کانپوءِ يعني ڪي سال اڳ باقاعدي ٿيو، تنهن مان سمجهو ته رشوت جو زور ڪڏهين ٿيو آهي. ٻئراج جون زمينون عام ٿيون ١٩٣٦ع کانپوءِ. زمينداريون وڏنديون ويون ته خرچيون ڏيڻ وٺڻ جو ڪم به آهستي آهستي تيز ٿيو جو آخر زمينداربن کي تحفظ ۽ استحڪام ڏيڻو هو. زمين پو ڪيندڙن وٽ رهي ها ۽ غلط وڪرا ۽ ورهاستون نه ٿين ها ته نه وڏا زميندار پئدا ٿين ها نه اهي سندن بيايمانيون روينيو کاتن ۾ جڙ جهلين ها. سڀ خرابيون اقتصادي اونچ نيچ مان ئي ته پئدا ٿينديون آهن.

محمدعمر نالي هڪ ڪڇي هو جو ڦوٽن واري خوشبودار چانهه ڏاهڻ ۾ يڪتا ۽ يگانو هو. هن جنهن هنڌ چانهه جو ڏيئو ڪرڻ ٿي چاهيو اتي ميونسپل جي آڪٽراءِ انسپيڪٽر رڳو ان ڪري ويهڻ نه ڏنس جو هن ڪيس هڪ آنو روزانه "منتلي" ڏيڻ نه قبوليو. انسپيڪٽر پنهنجو زور ڏيکاريو ۽ ڏيئو ڪرڻ نه ڏنائينس ۽ هيڏانهن هي چوي ته ميونسپل جو روزانه چار آنه ٽيڪس پريندس پر هن کي اهو هڪ آنو رشوت نه ڏيندس. هي اشراف پورهيت سڄي عمر هڪ پيتلي سماوار ۾ چانهه ڪٽي گهٽيءَ گهٽيءَ ڦيري ڪري چانهه وڪڻندو ٻچن جو پيٽ قوت ڪندو رهيو پر رشوت نه ڏنائين.

www.sindhsalamat.com

هي ڳالهه فقط ٽيهه سال اڳ جي آهي. توڙي اهڙا ڪامورا ۽ ڪلارڪ ڏٺاسين جن آڇيل رشوت به موٽائي ڇڏي، جائز ڪم بنان پئسي ڪري ڏنائون ۽ ناجائز ڪم تي ڪڏهين هٿ نه ورين.

باقي جي آفيسن جي ايفشنسي، ڪم جو باقاعدي اڪلاءُ ۾ باقاعدگي جا قصا لکان ته نئين ٽهيءَ جي ماڻهن کي ته اصل اعتبار ڪونه ايندو. هيئن سمجهيو ته جيڪي بي‌قاعدگيون اڄڪلهه اسپتالن، مذهبي ايوانن ۽ عدالتن ۾ عام جام آهن سي ڪڏهن پوليس روينيو ۽ اريگيشن کاتن ۾ به اڻ لڀ هيون. اڄ آپريشن جي ميزن تي ٿي سوديبازي ٿئي اڳي اهڙو بڇڙو ڪم ڍيڍ به نه ڪندو هو.

هي جي طرح طرح جا فراڊ، ڌوکيبازيون، بي ايمانيون، نيون نيون حرفتون، ملاوٽون ۽ ٻيا دولاب جا ڪم عام ٿا ڏسون تن جو ان وقت ته ڪير تصور به نٿي ڪري سگهيو. ڪير سوچي به نٿي سگهيو ته ترنج يا مالٽي مان انجيڪشن جي ذريعي رس ڇڪي اهو الڳ وڪڻبو ۽ اهو مالٽو الڳ. قرآن‌پاڪ ۾ چرس يا هيروئن وجهي اسمگل ڪبي يا قوالن جي طبلن ۾ يا هاڪي ۽ بئٽ ۾! هر شئي جي ڪوالٽي ۽ ڪئانٽٽي ۾ ڏٺي وائٺي ڪتر ٿيندي، ملاوٽ جا نت خوان ڪم ايجاد ٿيندا! عورتون پنهنجين شرمگاهن ۾ سون لڪائي اسمگل ڪنديون! ٻارن کي قتل ڪري انهن جي جسمن ۾ هيروئن لڪائي اماڙبي! هر اصل شئي جو نقل، اصل شئي جي دوڪان تي پهچڻ کان اڳ اتي موجود هوندو.

www.sindhsalamat.com

ڇا لکي ڇا لکجي-؟ اهي سڀ ڪم پوءِ جا آهن، اڳي اهڙا ڪم خوب ۾ به نه هئا. نشا پتا اڳ به ڇو ڪونه هئا، پر اهي نشئي پتئي دين ايمان ۽ انسانيت کان ٻاهر ڪونه نڪرندا هئا، ڪم ڪرت سان لڳا رهندا هئا، منهن لڪايو هلندا هئا. سينو ساهي ڪونه هلندا هئا.

ڀلا هندن کي اهڙي سڪ ۽ ارمان مان ڇوٿا ياد ڪريون-؟ ان ڪري جو هو سنڌ سان سنڌوءَ سان ۽ سنڌيءَ سان اسان جيترو ئي پيار ڪندا هئا تنهن ڪري "پنهنجا" لڳندا هئا.

***ڳالهه هيءَ به سورنهن آنا صحيح آهي پر ٿوري گهاٽي واڌيءَ سان ٺاهي ٿو لکان نه ته مزو نه ڪندي.

هي به ننڍپڻ جو هڪ لطيفو آهي— پهرين تصور ڪيو انهيءَ ڪيفيت جو جيڪا هني وچولي جي علاقن ۾ آرڙه جي مند ۾ پوئين رات ۽ پرڀات وقت پئدا ٿيندي آهي- يعني ٿڌڙيون نشي ۽ آنند واريون هيرون ۽ ڏکڻ جو فرحت ڏيندڙ واءُ جنهن کي پرڏيهه جي سيلانن به بهشت جي هوائن سان تشبيهه ڏني آهي، انهيءَ مند ۾ صبح سوير بسترو ڇڏي اٿڻ به وڏي جهاد جي ڳالهه آهي. رات کڻي بنان اوڍڻ سمجهي ڀر ڀيڄ ڀنيءَ جو رلي يا اجرڪ کان سواءِ سمهي نه سگهبو. رُت اهڙي ٺرندي هئي (هاڻي فرق آهي) تنهن کان سواءِ بت ۾ جو آلڪس ۽ آرس ٿو ٿئي سو به سڀڪو ڄاڻي. هاڻي ٻڌو اصل قصو:-

اسين پنج ڀائر گهر جي وڏي اڳڻ ۾ هڪڙي ئي قطار ۾ سمهندا هئاسون. وڏن لاءِ کٽولا ۽ ننڍن لاءِ منجي پر سڀ

www.sindhsalamat.com

هڪ لائن ۾ هڪ ٻي جي ڀر ڀر ۾ لڳولڳ. بابا تهجد پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ ويندو هو ۽ يڪي فجر جي نماز به پڙهي گهر ايندو هو، ۽ اچي مونکي اٿاري مسجد روانو ڪندو هو. اڃا اَڃَ نه آيل هوندي هئي. نماز پڙهي مولوي صاحب کان قرآن‌پاڪ جو سبق وٺي اچڻ منهنجو روز جو نيم هو. بابا منهنجي وهيءَ آهر اها خاص رعايت ڪندو هو جو جماعت وقت نه اٿاريندو هو بلڪ نماز جماعت سان پاڻ پڙهي پوءِ اچي اٿاريندو هو، ائين اڌ ڪلاڪ انهيءَ ”غفلت جي گرداب.“ واري مٺي ننڊ جو وڌيڪ ملي پوندو هئم. ننڊ مان اٿارڻ جو بابا هڪ خاص يڪ ٽڪ طريقو ڳولهيو هو — يعني منهنجي مٿان رلي ڇڪي لاهي اندر ڪوٺيءَ ۾ اڇلي پاڻ اوطاق تي هليو ويندو هو. انهي ويل بنان اوڇڻ جي ڪيئن ٿو سمهي سگهجي سو سمجهي وڃو، بدن ۾ سيانٽو پئجي ويندو هو ته ننڊ موڪلائي ويندي هئي، نيٺ اٿڻو پوندو هو ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو اوٻاکيون ڏيندو اکيون مهٽيندو مسجد ڏانهن هلڻو پوندو هو.

هڪ ڏينهن صبح جو هو نيم موجب مسجد مان آيو ۽ منهنجي رلي ڇڪي ڪوٺيءَ ۾ اڇلي اوطاق تي هليو ويو، آءٌ اٿي ته ويٺس پر اڄ آلڪس ۽ ننڊ جو غلبو ڇڏي ئي نه، بت تي ٻرو ۽ اکين ۾ ڄڻ مٽي ڀرجي وئي، بدن ٿڌو بسترو ڇڏڻ لاءِ اصل تيار نه ٿيو. آخر ڇا ڪيم جو ڀر ۾ ستل ٻي نمبر ڀاءُ جي رلي ڇڪي پاڻ پائي لت کوڙي سمهي پيس. هاڻي هنکي اٿڻو پيو، هيڏانهن هوڏانهن نهاري معاملي کي

www.sindhsalamat.com

سمجهي ويو پر هاڻي وڏي ڀاءُ تان رلي ڪيئن لاهي، نيٺ هن به اهوئي ڪيو جو مون ڪيو، يعني هن پنهنجي ڀر ۾ ستل ٽئين نمبر ڀاءُ جي رلي ڇڪي لاٿي ۽ پاڻ پائي ڊگهو ٿي سمهي رهيو، جنهن تان رلي لهي تنهن کي لازمي جاڳڻو پوي، هن ٽئين نمبر به اٿي اکيون مهٽي حالات جو جائزو ورتو ۽ پاڻ کان ننڍي جي رلي لاٿي، چوٿين نمبر سان به ساڳي ڪار ٿي، هو به اٿيو ۽ هن پاڻ کان ننڍي يعني پنجين نمبر جي ننڍڙي لنڊي رلي ڇڪي ۽ منهن کان ڪلهن تائين ورائي سمهي پيو، هاڻي جو اهو ننڍڙو اٿيو ته کڻي آسمان سر تي کنيائين. ان وقت سيانٽي جهڙي ڪيفيت ٿيندي آهي ۽ ٿڌڪار برداشت نه ٿيندي آهي، هن وٺي رانڀاٽ ڪيا، سڀ کان پهرين سجاڳي مونکي ٿي، اٿي ويٺس ۽ کن پل ۾ سڄو معاملو سمجهي ويس، ڏوهه جو احساس ۽ مٿان موچڙن جو ڦهڪو ساريل هو. ٻيا ڏوهه اڃا بخشجي ويندا هئا، باقي نماز ۽ قرآن تان نٿائڻ جو ڏوهه وڏي سزا جو پيغام هوندو هو، جهٽ ڪري رلي کڻي اٿيس ته بابا جي اچڻ کان اڳ هن همراهڙي کي پرچائي رلي پارائي سمهاري ڇڏيان، پر جيسين پنجين نمبر کٽ تائين پهچان تيسين بابا پهچي ويو، هٿ ۾ گهوڙي جو لغام هوس ـــ تنهن سان ئي شروع ٿي ويو. ڏاڍي مار ملي- نماز به قضا ٿي ۽ ٻت به نپجي ويو-!

سائين ننڍپڻ جي ان دور ۾ ماسترن ۽ مائٽن کان جيڪي مارون کاڌيوسين تن جي عضوا اڃا پيا شاهدي ڏين، تڏهن اصول ئي اهو هو ته "مائٽ يا ماستر جي مار ٻار جي سنوار،"

www.sindhsalamat.com

تڏهن وري ذري ذري ڳالهه تي تنبيهه ۽ هيٺ ڦيٺ ملندي هئي، اڃا وڏي ڏوهه تي سزا، برابر ان ۾ سنوار هئي نه ته مائٽ پنهنجي جگر جي ٽڪري جو اهڙو ويري ته نه ٿيندو جو هونئن هنجي منهن تي مک به نه ويهڻ ڏيندو، هن جي منهن تي گهنج به نه برداشت ڪندو، ڪو ٻيو سندس ٻار کي ٿيلهو به ڏيندو ته هي ان سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيندو پر پاڻ بيهي پنهنجي انهيءَ ئي معصوم کي ڪٽيندو-؟ اها خيرخواهي هئي نه ڪي بدخواهي، خير اهو ته ٿيو دقيانوسي زمانو، پر هاڻي جيڪي دادلا ٿي ٿا نپجن تن جو حال ڏسو پيا—. هاڻي قدر بدليا آهن ته ڇا اسانجي اخلاقيات جو ڏيوالو نه نڪتو پيو آهي؟ اهو ان ڪري جو اسين مشرق وارا وچون رستو ڪڏهين نه هلياسين، يا بنهه هن ڇيڙي تي يا بنهه هن انتها تي- برابر اڳي اولاد تي ڪجهه ضرورت کان زياده سختيون به ٿينديون هيون جنهن پيڙه سبب هنجون گهڻيون صلاحيتون به پيڙهجي وينديون هيون پر پوءِ جو اولاد کي آزادي ڏني اٿئون ايتري به نه ڏيڻي هئي- نتيجا ڏسو پيا. هميشه اعتدال وارو رستو وٺون ها ته بس.

*** هتي ٻوڌي به آيا— ورهاڱي کان گهڻو اڳ- هڪ ٽولو هو انهن جو ڳيئڙن جو، ڪلهن تي هيڊيون ڪفنيون، هٿن ۾ جمن ۽ وڏيون لٺيون، پيرن ۾ چاکڙيون ۽ مٿا اگهاڙا پر واتن تي ٻوٿارا ٻڌل- هنگلاچ ۽ لاهوت لامڪان کان پنڌ ئي پنڌ ماٺ ئي ماٺ، پنندا مڱندا کائيندا، سوبه اهڙي طرح جو گهرن نه پيا، ڇا هندو ڇا مسلمان پاڻهي پيا

www.sindhsalamat.com

اچي دان ڀيٽ ڪن، هتي شهر ۾ هل هلاچو مچي ويو ته گوتم ٻڌ جا پيرو يعني ٻوڌي آيا آهن. ننڍا وڏا هندو مسلمان سڀ ڊوڙي پيا هتن کي هڪ نظر ڏسڻ. هي سامين جو سٽ ماٺ ميٺ ۾ اچي ريلوي پليٽ فارم تي هڪ طرف پڙاءُ ڪري ويٺو. ماڻهو سامهون پرڀرو بيهي رهيا. نيٺ ٻوڌين مان هڪڙي منهن تان اهو پيلو ٻوتاڙو هٽائي چيو. ”اوهان مان جي مسلمان هجن سي اڳيان وڌي اچن ۽ ڀر ۾ ٿي ويهن.“ گل‌محمد شاه رضوي سميت ڪي مسلمان اڳيان وڌي ويجها ٿيا. انهيءَ اڳواڻ آشيرواد ۽ آسيسون ڏنيون ته ”اوهان مسلمانن جو نبي‌ص سچو نبي‌ص آهي جو اسانجي مهاتما هن جي ورود جي بشارت ڏني هئي اوهان جو دين سچو آهي ان تي قائم رهجو.“ وغيره پوءِ وري اٿي اهوئي پنڌ ڀيٽيائون جمڙائو واري پاسي. الائي ڪيستائين ويا ڪيئن ويا.! ٻڌ ڀڪشو اهي پهريون ۽ آخري ڀيرو ڏٺاسين.

اسانجي مڊل اسڪول ۾ هڪ ماستر پرسرام هو جو جين ڌرم جو پڪو پوئلڳ. نڪ تي رومال رکي هلندو هو، بت ۾ کئي لڳي ته وٽ سٽ کائيندو پر کنهندو ڪونه. جيت جڙي کي مارڻ اصل مهاپاپ سمجهندو هو کڻي اهو ڪيترو به موذي هجي. هن جو پيئڻ جو پاڻي به هڪ صاف پيتلي لوٽي ۾ سندس گهران ايندو هو جنهن تي اڇي رنگ جو رومال سوگهو ٻڌل هوندو هو. هو ڪنڌ ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي ٽڪائي لوٽو اٽڪل ٻه فوٽ مٿي جهلي پاڻي نائي پيئندو هو. ٻيو پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر جهمٽ مل هو

www.sindhsalamat.com

جيڪو پاڻي چٻاڙي پيئندو هو ـــ ڍڪ ڀري پوءِ ڪيترو وقت ويٺو چاٻا ڏيندو هو. بهرحال هندو ڀائرن کي کائيندي پيئندي عجيب رنگ ڪندا ڏٺاسين. هو صحت بابت ڏاڍا خبردار هوندا هئا.

www.sindhsalamat.com

*** ستين ۽ سترهين آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي فيلڊ مارشل ايوب خان "غير آئيني"، "غير جمهوري" ۽ "غير اصولي" قدم کڻي فوجي راج قائم ڪيو ۽ حڪومت تي قبضو ڪيو. ملڪ جي دانشورن، سچن سياستدانن ۽ سنجيده تعليم يافتن ماڻهن تہ انهيءَ عمل کي ناپسند ڪيو ۽ نندڙو پر ملڪ جي عام لوڪ (عوام) اها بي‌قاعدي محسوس نہ ڪئي چاڪاڻ تہ عام لوڪ اڪثر سببن Causes ۽ سبب تي ڌيان نہ ڏيندو آهي، نتيجن کي ڏسندو آهي- ايوب خان جي حڪومت قائم ٿيندي ئي جو ملڪ ۾ پهريون پيرو، غير متوقع توڙي گهربل طرح طرح جا سڌارا ٿيا، امن امان ٿيو، اقتصادي معاشي استحڪام قائم ٿيو، ملڪ جي ٻين هنڌن ساڪ وڌي عزت ملي، ڪرپشن گهٽي حد تائين گهٽجي وئي، انتظامي ڊسپلن قائم ٿيو، ڪيترين تبديليون ٿيون، ڏانڊلي سان فيل ڪيل شاگرد پاس ٿيا، روڪيل نتيجا ظاهر ڪيا ويا، آٽ آٽ سال اڳ جو چورايل مال ۽ پڇايل عورتون (چاول ٻارن سميت) ۽ ڦٽايل حق موٽي مليا، ملاوٽ انهيءَ حد تائين بند ٿي وئي جو ماڻهو نج شيون کائڻ پيئڻ ڪري بيمار ٿي پيا، صفائي سٿائي ۽ سستائي ٿي- تہ ماڻهن جي سڀني طبقن جو هن مان خوش ٿيڻ قدرتي ڳالهہ هئي، عام لوڪ محض منطقي يا ڪتابي نڪتن تي پنهنجو

www.sindhsalamat.com

سک نہ سهسائيندو آهي. هو پهرين نتيجن کي ڏسندا آهن پوءِ نيٺ اصل دشمن کي بہ سڃاڻي وٺندا آهن. توڙي ايوب خان جي Takeover جي وقت ملڪ جي وزارتن ۽ اسمبلين ۾ جا بادشاه گردي ۽ مڇي مارڪيٽون هيون تن جي مقابل بہ اها تبديلي بهتر سمجهي وئي.

هن ريفرنڊم ڪرائي لڳ ڀڳ ٩٦ سيڪڙو ووٽ وٺي پنهنجي انهيءَ قدم جو عام ماڻهن کان فيصلو ورتو. اهو بنان ڌانڌلي وارو ريفرنڊم ٿيو، ماڻهن جي عيوضين خوشيءَ سان ”ها“ ۾ راءِ ڏني هئي- ۽ پوءِ پنهنجي وعدي موجب مارشل لاءِ بہ جلد هٽائي (چئن سالن کان بہ گهٽ عرصي ۾)- ڪنهن نہ ڪنهن نوع جو جمهوري عمل جاري ڪري ڇڏيو فقط پنڌرهن مهنن ۾ عام چونڊون ٿيون جي ملڪ جون پهريون عام چونڊون هيون. ٻيو تہ اڳوڻن حاڪمن جي ڪنڌ ۾ ڪلي هئي سو سچا پچا هزمئجسٽي ۽ رعونت وارا هئا- هن اهي روايتون ٽوڙيون. بنيادي جمهوريت جي نظام کان وٺي اعليٰ ايوانن تائين هڪ طرح جي سياسي ۽ عوامي چرپر رهي. انهيءَ بي-ڊي. سرشتي سياسي ۽ انتظامي سکيا عام ڪئي ۽ ڪيترا سياستدان ۽ ”ڪم جا ماڻهو“ پئدا ڪيا، نہ تہ ان کان اڳ سياست رڳو رئيسن جي حويلين ۾ هئي يا پيشہ ور سياست بازن جي در جي ٻانهي. هاڻي هڪ سطح تي اقتدار ۽ انتظام ۾ گهڻائي حصي دار ڪيا ويا، ۽ آئين ٺهيو تہ عام لوڪ کان علاوه بورڙوا طبقي بہ سندس انهيءَ بنيادي ڏوه کي في الوقت بخشي ڇڏيو. اليڪشن ٿي تہ نہ ڪنهن

www.sindhsalamat.com

مخالفت ڪئي نه بائيڪاٽ، سڀني حصو ورتو. وري جو مٿان سيپٽمبر ١٩٦٥ع واري جنگ ۾ ملڪ ۽ قوم کي هڪ سوڀ ۽ وقار مليو ته گهڻا داغ ڌوپي پيا ۽ گهڻا دشمن داغ ٿي ويا. ابلاغ جي ذريعن جي لاڳيتي پروپيگنڊا ٿيندي هئي پر انهيءَ ۾ سچ گهڻو هوندو هو، ڪجهه ملڪ ۾ ظابطن ۽ قاعدن جي پوري پوئواري ۽ ڊسپلن عام لوڪ کي ايوب خان جو گهڻو گرويدو ڪري ڇڏيو، قاعدا قانون منجهيل مبهم ۽ جلد جلد ڦرندڙ گهرندڙ نه هوندا هئا ٻيو ته جيڪي ٿيو سو اسان لاءِ غيرمتوقع هو، نيون تبديليون هيون، نيون ڳالهيون هيون نوان ماڻهو هئا! هن جيڪي واعد ڪيا سي سڀ وقت سر پورا ڪيا، جيڪي چوندو هو تنهن تان اتي جو اتي ڦرندو ڪونه هئو. زبان جو وقار هو.

ڏسندا هئاسين ته ڇا شهر ڇا ٻهراڙيون سرهائي کان پيون ٻهڪنديون هيون، نت نوان فائدا پي مليا، ٻهراڙي جي ڪيترن سگهڙن کان مون ايوب خان بابت ڪيترا قصيدا ٻڌا جي هو ڳائي ٻڌائيندا هئا، ايوب خان کي هو پنهنجي مخصوص وات وڻيءَ ۾ "ائب کان" چوندا هئا. ماڻهن لاءِ ته مارشل لاءِ جو لفظ ئي نئون ۽ نرالو هو. "مارشل لاءِ هيئن چيو آهي، مارشل لا هيئن پئي ڪري" وغيره. ايوب خان کي ته اسين "نجات دهنده" چوندا هئاسين پر عام لوڪ لاءِ سچ پچ ڪو نئون اوتار ڪو نئون ديوتا ظاهر ٿي پيو هو (انهيءَ پرستاريءَ ۾ سڀ ئي صوبن جا ماڻهو هڪ هئا) ۽ اهو اوتار هو "مارشل لاءِ." ڪراچيءَ ۾ هڪ عورت هڪ

www.sindhsalamat.com

فوجي سپاهي کي چيو- ”ائي ادا مارشل‌لاءِ مونکي رستو ته پار ڪراءِ.“ سو اڃا ياد اٿم- بنان ڪنهن خون خرابي واري انهيءَ انقلاب ماڻهن کي ڄڻ هڪ اونده مان ڪڍي سوجهري ۾ آندو تنهن سبب هو ايوب حڪومت مان خوش هئا- ذري ڪنهن ڏنگي هلت جي رڳو ڏيکائي ڏني ته هن کي به فقط اشاري ۾ مارشل‌لاءِ جو دڙڪو ڏيڻ ڪافي هوندو هو. مطلب ته شروع ۾ سڀ سڌا ٿي ويا. اخبارن ۾ برابر شينهن ۽ ٻڪري هڪ گهاٽ پاڻي پيئڻ جون خبرون ايندڀون هيون پر انهن ۾ وڌاءُ تمام گهٽ هو گهڻو سچ هو سو فسطائيت نه هئي، اخبارون سرڪار کان ڊڄنديون ته هيون پر جيڪي ڪجهه لکڻو پوندو هون سو اڳ ئي سچ هوندو هو- ڪجهه به هو اخبارن پنهنجو اعتبار نه وڃايو هو نه ڪي ريڊيو ڪنهن نئين Goebilism کان ڪم ورتو. توڙي پرڏيهي اخبارون (ڀارت سميت) پاڪستان ۾ اندروني سڌارن بابت، ساراه جا داستان لکندي نه ٿڪنديون هيون. ابلاغ جي ڪارپت قائم هئي اهي سرڪاري دولاب بازي ۾ پاڻ ملوث نه هيون. قانون نافذ ٿيندا هئا ته ايترا غير مبهم هوندا هئا جو عام ماڻهو به واقف هوندو هو ۽ پاڻ پنهنجو بچاءُ يا ان مان لاڀ پرابت ڪري سگهندو هو. سستائي ۽ انجي نتيجي ۾ خريداري ايتري وڌي جو وري مارشل‌لاءِ جا آرڊر جاري ڪري خريداريءَ جون حدون مقرر ڪرڻيون پيون. هي جو حلواين جي دوڪانن تي، هوٽلن ۽ ٻين ڪاروباري مرڪزن تي ڄاريون هڻڻ جو رواج ڏسو ٿا سو شروع انهيءَ

www.sindhsalamat.com

دور ۾ سرڪاري حڪم سان ٿيو نه ته اسانڀ ايترو شهري شعور به ڪونه هو. اسڪولن ۾ يونيفارم جو رواج به تڏهين ٿيو. ڪيترا فلاحي ڪم ان دور جي يادگار آهن انهن جي فهرست ڊگهي آهي. هن مارشل لا جي سڀ کان وڏي خوبي اها هئي جو بدمعاش کي ڊپ هو ۽ اشراف کي خوشي ۽ دلجاءِ هئي. ڪي وڏا وڏا اسمگلر سچ پچ پڪڙيا — تڏهن اسمگلنگ هيتري عام ۽ سينه زوري واري هئي به ڪانه — انهن ۾ مها اسمگلر قاسو اڌارو عرف الحاج محمدقاسم ڀٽي به هو جنهن مقدمو هلندي سابق صدر اسڪندر مرزا، بيگم اسڪندر مرزا ۽ ڪيترن ٻين پرده نشينن جا پردا کنيا ته ماڻهن کي طاق لڳي ويا، اهي دلچسپ ۽ ڇرڪائيندڙ بيان روز قومي اخبارن جي زينت بنبا هئا ۽ ماڻهو ڏاڍي چاه سان اهي انڪشاف پڙهندا هئا قاسو اڌارو ٿيندي ٿيندي سلطاني گواه بنجي ويو. اهوئي محمدقاسم ڀٽي پوءِ ساڳي سرشتي تحت الحاج محمدقاسم صاحب ممبر بنيادي جمهوريت ڀٽه وليج بنيو! اهڙي طرح روز ڇرڪائيندڙ خبرون ايندڙيون هيون. ڇا به هجي تڏهن گڏهه کي گهوڙو ۽ گهوڙي کي گڏه ثابت ڪري وڃڻ واري منهن جي پڪائي ۽ منهن تي مڃائڻ وارا ڪم ڪونه هئا.

ايوب خان ڊسمبر ١٩٥٩ع کان پاڪ جمهوريت ٽرين ۾ سڄي ملڪ جو دورو ڪيو سو به هڪ تاريخي رنگارنگ دورو هو. مشرقي پاڪستان (مرحوم) ۾ اهو دورو ٽرين کان علاوه پاڪ جمهوريت اسٽيمرن ۾ به ٿيو، اتي به

www.sindhsalamat.com

ايوب خان جي عام لوڪ طرفان تاريخي آجيان ٿي. هتي گاڏيءَ ۾ ڪي بندوبست هئا. بلي! صدر صاحب ۽ سندس عملي جا گاڏا ته جن بندوبستن سان هئا سي هئا پر صحافين اديبن، شاعرن، غيرملڪي اخبار نويسن ۽ ٻين مهمانن جي گاڏن جو به شان نرالو هو. بس هڪ رنگارنگ هلندڙ ڦرندڙ شهر هو جنهن ۾ سڀ انتظام هئا ۽ جتي هيءَ گاڏي بيهي اتي ان جو مواصلاتي رابطو نه رکو ان شهر سان بلڪه ٻين ملڪن سان به جهٽ پٽ ٿي ٿي ويو ته جيئن ٻاهرين ملڪن جا صحافي آساني سان خبرون موڪلي سگهن (سنڌي اديبن مان هڪ مرحوم مولانا غلام محمد گرامي هو ۽ هڪ ٻيو صاحب جنهن جو نالو ياد نه اٿم) مطلب ته هي ڀهريون صدر هو جنهن عوامي رابطي جو مثال قائم ڪيو نه ته اڳي واريون حڪومتون اسانکي مغل ـــ شهنشاهن واريون حڪومتون لڳنديون هيون. تڏهين هي ڀهريون ڀيرو مضبوط ۽ موثر حڪومت ايتري مقبول ٿي. نه ته اسانوٽ هڪ سال ۾ چار وزيراعظم ايندا ويندا هئا. خواري هئي.

آءٌ مرحوم ايوب خان جي ڀرپور شخصيت، فهم تدبر ۽ بردبباديءَ جو ڀهريون ڀيرو تڏهن قائل ٿيس جڏهن هو انهيءَ ٽرين ۾ حيدرآباد ترسيو (تڏهن گاڏيءَ جو هنڌ اجا ڪراچي هو) قصو ڏکهو آهي. اطلاعات ڪاتي ۾ هوندي مونتي به هڪ ڊيوٽي هئي ملڪي ۽ غيرملڪي صحافين جي ويهڻ جو بندوبست ڪرڻ جي، جنهن ۾ منهنجو باس هو مرحوم درمحمد قريشي انفرميشن آفيسر. مون چا ڏٺو چا

www.sindhsalamat.com

ڀسيو ڇا محسوس ڪيو ــــ؟ انهن غيرملڪي صحافين جا معني مطلب وارا چپندڙ ٿوڙي عبرت آموز گفتا ۽ فقرا ٻڌم، سي لکڻ جو امر ڪونهي۔! اسٽيشن تي ته جنهن طمطراق سان آجيان ٿي تنهن جو به مثال تاريخ ۾ نه ملندو پر جلسه گاه ۾ ماڻهن جو هڪ سمونڊ اٿلي پيو هو جنهن جهڙو مثال پوءِ ذوالفقارعلي ڀٽي کانسواءِ ٻيو ڪير به ٻڌا نه ڪري سگهيو۔ جلسه گاه ۾ مائيڪرو فون ۽ لاؤڊ اسپيڪرن جو انتظام نگار ريڊيو وارن جي ذمي هو۔ تڏهن اليڪٽرانڪ جو ايترو جديد سامان نه هو۔ مڪاني ڪامورن اڳوڻي "مغل شهنشاهي" موجب ڊائس ايڏو اوچو ۽ اتاهون ناهيو هو جو انّ تي ٻيهندڙ ماڻهوءَ کي جلسي ۾ موجود ماڻهو ڇامڙن جهڙا لڳن۔ ايوب خان ڇهرين ته اها روايت ٿوڙي جو انتي رڪيل صوفي جي بدران ماڻهن جي سامهون اچي ٻيٺو ڳالهن ڪرڻن ۽ غاليچن کي هٿائي ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ٻه هن ماڻهن کي حيران ڪيو جو اها به نئين ڳالهه ٿي۔

نتيجو اهو ٿيو جو ڪمشنر صاحب (مرحوم نياز احمد) ۽ ڊپٽي ڪمشنر (ابونصر) کي به اُٿي ڪڙو ٿي ٻيهڻو پيو ۽ انهيءَ خاص صوفي تي صدر جا اي۔ ڊي۔ سي۔ ۽ باڊي گارڊ ويهي رهيا۔ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي روايتي لئه ڦٽي وئي۔ پوءِ ته اتي جي ڊي انتظاميءَ سبب خود ايوب خان جي لئه ڦٽڻ لڳي جو لاؤڊ اسپيڪرن جو سڄو انتظام ماڻهن جي ٻيهه ٻيهان سبب ڊانوان ڊول ٿي ويو۔ هاڻي ڦڙ ڦوٽ پڻجي وئي، ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر اسان جو ڊائريڪٽر جميل الزمان

www.sindhsalamat.com

۽ ٻيا وڏا عملدار توڙي صدر جو حفاظتي عملو سڀ ڊوڙيا ڊڪيا، نگار ريڊيو وارو جدا بتال ٿيو وتيو- اڃا ڪجهه کڙڪو شڙڪو ٻڌڻ ۾ اچي ۽ صدر صاحب چوي خواتين و حضرات—! ته ماڻهو ويٺو واڪا ڪن ته آواز نٿو اچي- وري اهائي ڦڙ ڦوٽ ڊوڙ ڊوڙان- وري تارون صحيح ٿين ته صدر انگريزي، اردو ۽ پشتو ۾ جدا جدا سوال ڪري ته "هاڻي ٻڌڻ ۾ اچي پيو-؟"

پري پري کان جواب اچي "نٿو ٻڌڻ ۾ اچي- نٿو ٻڌڻ ۾ اچي-" ته صدر صاحب پڇي! "پوءِ منهنجو هي سوال ڪيئن ٻُڌوَ-؟" ته هتان ماٺ وري اهوئي گوڙ-! برابر هن جو سوال سمجهي پي جواب ڏنائون پر تقرير لاءِ چون ته نٿي ٻڌڻ ۾ اچي-!

حقيقت هي هئي ته ماڻهن هن جو آواز صاف ۽ چٽو ٻڌڻ ٿي چاهيو ۽ ماڻهن جي ئي گپا گيهه سبب ڇڙون ۽ تارون Dislocate ٿي وڃڻ سبب آواز آخري ماڻهن تائين برابر نٿي پهتو ۽ نه ئي انوقت سڀڪجهه ٺيڪ ڪرڻ ٽيڪنيشنز جي وس جي ڳالهه هئي. هيڏانهن صدر کي شڪ ته متان ساڻس ڪو ڀوڳ ته نه پيو ٿئي- ماڻهن ته سندس سوال سندس لهجي ۽ اڻ صاف اکرن مان سمجهي پي جواب ڏنا ۽ هن سمجهيو ڪا سياسي شرارت آهي- پوءِ تقرير پوري نه ٿي سگهي (ان وچ ۾ ئي مون غيرملڪي صحافين جا ڪيترا فقرا ٻڌا جن سان گڏ آءٌ ويٺو هوس) صدر نيٺ تقرير اڌ ۾ ڇڏي (بظاهر پوري ڪري) هليو ويو- سڀني ڪامورن جا مٿي تي هٿ اچي ويا ته

www.sindhsalamat.com

نوڪري تہ وئي پر مٿان ڪما ڪاروائي نہ ٿئي (پر پوءِ ڪجهہ بہ نہ ٿيو). هيڏانهن ماڻهن ايوب خان جي تقرير کان محروم رهجي وڃڻ سبب گهڻو غم غصي جو اظهار ڪيو ۽ مون پاڻ ڏٺو تہ اهي خلقون ڏاڍو افسوس ڪنديون ويون جڻ وڏي نعمت کان محروم ٿيا آهن. **اهو چاه ان ڪري ٿيو جو ماڻهن پهريون حاڪم پنهنجي ويجهو ۽ پاڻ سان مخاطب ڏٺو.** ايوب خان انهن جلسن ۾ ڪن ماڻهن جا اهڙا اهڙا بيباڪ ۽ ڪٽا جملا ٻڌي بہ تدبر کان ڪم ورتو ۽ هميشہ وانگر سڀيون سمجهاڻيون ڏنيون جو ٻيو ڪوبہ چيف مارشل لاء اڊمنسٽريٽر ۽ ڪل اختياري صدر نہ برداشت ڪري سگهي ها. سچ پچ اهڙيون انتقامي ڪاروايون نالي ماتر ٿيون، ڪوڙا يا ڦٽڪا ڏورا مليا سي بہ رڳو شروع ۾ سمگلرن ۽ چوربازاري يا ٻين اهڙن ڏوهن تي. سياستدان کي فيالحال ٻُٽ بند ڪيو ويو جي واقعي ملڪي انتشار جو سبب هئا. عام لوڪ هنن جي انهيءَ بند تي بيحد خوش هئا. ان جي ابتڙ ماڻهو ايوب خان جي مارشل لاء هتائڻ واري فيصلي تي هن کان ناراض هئا. (پر اهي رڳو سنڌي نہ هئا). اصل ۾ سڀني صوبن جي هم آهنگي ايوب حڪومت جو هڪ وڏو عنصر هئي، پوءِ اها وفاقي هم رنگي اهڙي وئي جو هڪڙو وڏو عنصر ڪٽجي ويو باقي جي الله کي پارت.

خير انهيءَ دور جون گالهيون گهڻيون پر ايترو چئبو تہ اها هڪ لوڪ راج جهڙي مارشل لاء حڪومت هئي جا پوءِ جلد ئي مارشل لاء هتائي محدود ۽ پابند جمهوريت

www.sindhsalamat.com

Restricted-Democracy ۾ بدلائي وئي جا ايوب خان جي خاص سياسي فلسفي جو هڪ جز هئي. سياستدان ۽ سندن سرگرميون پهرين ستن سالن تائين بند ڪيون ويون پر پوءِ انهيءَ مدي کان اڳ ئي اهي پابنديون لاٿيون ويون. پوءِ ته ڄڻ رڍن جو واڙو کلي پيو، ملي جي ڊوڙ مسجد تائين ته سياستدانن جي اٻوجهه عوام تائين. وڃي ماڻهن جي ڳٿر ۾ هٿ وڌائون ته ميان اٿو، اسلام جمهوريت ملڪ سڀ خطري ۾ آهن. حقيقت ۾ ملڪ ۾ وري انتشار سياستدانن ۽ سياست جي انهيءَ آزاديءَ کان پوءِ پکڙيو. خير. ماڻهن انهن گرگن کي وري به ايترو آڌر ڪونه ڏنو. اصل ڦرڪو تڏهن ڦريو جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو، خان صبور خان، ۽ ٻيا ايوب خان جي خلاف ٿي پيا. ملڪ ڪالاباغ هٽي چڪو هو، مجيب اگرتلا سازش ڪيس ۾ اندر هو تنهن اوڀر پاڪستان ۾ رنگ ڪيا. عام لوڪ کي نوان ليڊر کپندا هئا. سو هو انهن جي پٺيان لڳا. گرگن اچي مچي ڪئي، پوءِ ته بابا هڪ طوفان کڙو ٿي پيو پر اهو طوفان پوءِ جي انيڪ طوفانن کان گهڻو گهٽ ۽ جهڪو هو. ساري ڀٽو صاحب کڻي ويو باقي ٻين به پاڻ ملهائڻ ۾ ڪسر ڪانه ڇڏي. چور چوري ڇڏيندو هير ڦير ته نه ڇڏيندو. ڪمال کي زوال قدرتي ڳالهه آهي پر اسين جلد ڪمال ۽ جلد زوال چاهيندا آهيون. نتيجو ڪهڙو به ٿئي رئونشي جا ڪوڏيا هوندا آهيون. ائين ناهي ته ايوب خان جهڙي شينهن مڙس جي شروع ۾ يا پوءِ ڪا مخالفت نه ٿي. گهڻائي بيباڪ صحافي، قلمڪار ۽ دانشور

www.sindhsalamat.com

۽ پارليامينٽرين هئا جن سينو ساهيو دانهن ڪئي ۽ حق جا نعرا بلند ڪيائون پوءِ قيد ۽ بند جون صعوبتون ڪاٽيائون- حسين شهيد سهروردي پنهنجين ايبڊو جي پابندين خلاف مقدمو پاڻ لڙيو جنهن جي اجازت هئي جڏهين ته توقع ئي نه هئي ته ڪو حڪومت جي فيصلي خلاف آواز اٿاريندو. مولانا غلام غوث هزاروي پهريون ڀيرو عائلي قانونن جي خلاف زبردست طوفان کڙو ڪيو ۽ ايوب خان کي پڳهرائي ڇڏيو- محمدعلي بوگرا آئين تي نڪته چيني ڪندي اسمبليءَ ۾ ايوب خان جي وزير قانون منظور قادر کي خوب لتاڙيو ۽ هنکي "روسي راسپوتين" جو نالو ڏنو جنهن جو پوءِ ڏاڍو چوڻول هليو ۽ پاڪستان جا ماڻهو راسپوتين جي نالي ۽ حقيقت کان واقف ٿيا- خود ايوب خان جو سڳو ڀاءُ سردار بهادر خان اسمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ هو ۽ تنقيد نڪته چيني ۽ مخالفت جا اهڙا رڪارڊ قائم ڪيائين جي ڪنهن نه ڪيا- مشهور هو ته اها نوراڪشتي آهي-؟! بهرحال تڏهن مخالفت کي ايڏي جهل نه هئي جيڏي اڄڙي آمر جي دور ۾ هوندي آهي.

هن وقت غير جماعتي چونڊن جو چوڻول آهي- اهو تجربو ايوب خان به ڪيو پر جڏهن اسمبليءَ ۾ بجيٽ پاس ڪرائڻ جو مرحلو آيو ته ڏٺائين ته اها ڏانڊلي نه هلندي. جيئن ته شناس ۽ تدبر وارو ماڻهو هو، سمجهي ويو ته اصولن ۽ بين الاقوامي مڃيل جمهوري قدرن کي ايڏي منهن جي پڪائيءَ سان لتاڙي نٿو سگهجي، جماعت هئڻ ضروري آهي-.

www.sindhsalamat.com

ان ڪري جلد ئي سياست ۾ داخل ٿيو (يا سياست کي پاڻ ۾ داخل ڪيائين پر سائين ٻهروپ ڪونہ ڌاريائين) ان لاءِ ٺهيل ٺڪيل— پر ليڊرشپ جي انتشار جو شڪار جماعت— مسلم‌ليگ- تي قبضو ڪيائين- مسلم‌ليگ جي ليڊرن رسہ‌ڪشي ڪئي، ميان دولتانہ الڳ ڪائونسل ڪوٺائي تہ ايوب خان (ڀٽو صاحب سميت) ان جي الڳ ڪنونشن ڪوٺائي- ڪيترا ميمبر هيڏانهن ٿيا ۽ ڪيترا هوڏانهن. پهريون ڀيرو مسلم‌ليگ ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي- ايوب خان واري ڌڙي جو نالو ڪنونشن ليگ ٿيو تہ دولتانہ واري ڌڙي جو نالو ڪائونسل ليگ- لفظ "مسلم" ويچارو هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو. مسلم‌ليگ تي پهريون ڌاڙو تہ تڏهين لڳو جڏهين ان جي ئي ڪُک مان ريپبليڪن پارٽي ٺهي. بهرحال زور تہ وري بہ سرڪاري مسلم‌ليگ ٿي- ائين خان صاحب هڪ سياسي جماعت جو سربراه ٿي اهو جمهوري سقم بہ دور ڪري ڇڏيو- هو عالمي سپرگرگن جو غلام ٿي تاحيات مارشل‌لاءِ تحت حڪومت ڪري سگهي ها ۽ Freinds, not Masters جو نعرو هڻي عالمي چوڌرين کي ناراض نہ ڪري ها پر هو ان جي بجاءِ لولي لنگڙي جمهوريت جو قائل هو، ۽ اها حقيقت آهي تہ ماڻهن جي رضا جي باوجود هو مارشل‌لاءِ مان ناخوش ۽ نامطمئن هو ۽ انکي هٽائڻ جي تڪڙ هئس. هُن دور ۾ جي ترقياتي ڪم ٿيا اهي ۽ انهيءَ جو اثر اڄ بہ ڏسجي ٿو- ڪمال هجي يا زوال، هميشہ تہ رهڻو ناهي، ايوب خان بہ ڏهہ سال حڪومت جا پورا ڪري

www.sindhsalamat.com

هليو ويو پر عزت سان وقار سان، توڙي پنهنجن گهڻن مخالفن ۽ دشمنن کي پشيماني ۽ پڇتاءُ جو داغ به ڏئي ويو. آخر هنکي اڄ ايترو ياد ڇوٿو ڪيو وڃي.؟ يحييٰ خان، اسڪندر مرزا، غلام محمد، بوگرا، چوڌري محمدعلي ۽ ٻين کي ڇو نٿو سارجي؟ هو عاليجاه ۽ عالمپناه ته ڏاڍا سٺا هئا پر ڪم ڪونه ڪيائون. ماڻهن کي ڪي ڪم کپندا هئا.

مارچ ٦٩ع ۾، مون ريڊيو تان سندس الوداعي تقرير حبيب بينڪ ميرپورخاص جي اسٽيشن روڊ برانچ سامهون درزي جي دوڪان تي ٻڌي. جتي ريڊيو تقريباً سڄو ڏينهن ئي وڄندو هو. يا ڀٽي صاحب تي هلندڙ ڪيس جي ڪارروائي يا ٻي سياسي اکاڙ پڇاڙ چاه سان ٻڌبي هئي. اتي مرحوم غلام محمد لغاري ڪامريڊ به اچي ويهندو هو ۽ اڪثر انهيءَ درزيءَ سان سياسي بحث ۾ اٽڪيو رهندو هو. درزي ايوب خان جو حامي ۽ لغاري مخالف، پر لغاري صاحب انهيءَ درزيءَ جي هزار حجتن ۽ دليلن جي باوجود هن کي قائل ڪري ويندو هو. فيٺ اهو درزي به آخر ۾ ايوب خان جو مخالف ٿي پيو (واءُ ته اڳي ئي وري چڪو هو ۽ هي ماڻهو هميشه واءُ سان ورڻ وارا). جنهن وقت هي تقرير نشر ٿي تنهن وقت به لغاري صاحب اتي ئي ويٺو هو. تقرير ٻڌندي مون ايوب خان جي ڪيترن مخالفن جي اکين ۾ پاڻي ڏٺو. لغاري صاحب "هيٺ ٿئي" "ها ٻيو وري" چوندو ايوب خان جي سبڪدوشي جي اعلان تي خوش ٿيندو رهيو. پر جڏهن تقرير ختم ٿي ته يقين ڄاڻو مون هنجي اکين ۾ اداسي

www.sindhsalamat.com

۽ ارمان جا پاڇا ڏنا۔ تقرير ختم ٿيڻ بعد هن ڪٿي چپ ڪئي ڪو تبصرو نہ ڪيائين۔ اسان پڇيس تہ سائين هاڻي تہ ٺيڪ ٿيو نہ؟ اداسي سان چوڻ لڳو! ”بس هاڻي ٺهيو۔“ ياد رهي تہ سنڌ جي هن سپوت آمريت ۽ سامراجيت سان موندي دم تائين ٺاه ڪونہ ڪيو۔ انهيءَ ”ٺهيو“ جو مطلب هو تہ فيالحال اسان بہ ضد ڇڏي۔ (ايوب خان آئين موجب اقتدار اسپيڪر يا چيف جسٽس جي حوالي ڪرڻ بدران ڪمانڊر انچيف کي ڇو ڏنو۔؟ ڇا قوم ڪان انتقام وٺڻ لاءِ؟ يا هنکي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو هو۔؟ فوج هنکي توڙي عارضي حڪومت کي ڪو ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو هو تڏهين بہ هنکي فوج ڪان بي خوف ٿي آئيني قدم ڪٽڻ کپي ها.... بهرحال انهيءَ سوال جو جواب بہ سياسي تجزيہنگارن وٽ موجود آهي.....) خير لغاري صاحب جلد اٿي ويو۔ اقي ئي هڪ سياسي مخالف ڏاڍي ارمان سان هڪ شعر پڙهيو جنهن جي هيءَ هڪ مصرع اڄا ياد اٿم:

”اک دهوپ تهي جو ساتهہ گئي آفتاب کي“

يعني انهيءَ آمر جي وڃڻ تي هن جي مخالفن جو اهو حال ٿيو۔ اڄ جو اڪثر هن کي ياد ڪيو ٿو وڃي تنهن جو بہ ضرور ڪو سبب آهي۔ ارنسٽ بارڪر جي اکرن ۾ آءٌ تہ هنجي حڪومت کي ”جمهوري آمريت“ چوندس يا اها ديسي چوٽي تہ: ”لاچار کي آچار ڪونهي۔“ ڇو تہ بدمعاشن کي ڊپ هو اشرافن کي سهولت هئي۔ پلا هن آمر جي وڃڻ بعد سڀ خير ٿي ويو ڇا۔؟

www.sindhsalamat.com

ايوب خان انڪساري ۽ گهٽي ڏيکاريندو هو پر ان ۾ ڀڄڙي ايڪتنگ رياڪاري ۽ عياري نه هئي، نه ئي هن پاڻ وٽائڻ خاطر پاڻ کي ڪٿي پٽ تي ڪيرايو، نه ڪنهن جي اڳيان رڪوع ڪيائين، نه هيڪاندي ڏنڊيڙ ڪيائين- هن جي باوقار شخصيت جو هر ملڪي ۽ غيرملڪي قائل هو- هنجي انڪساريءَ ۾ وقار هو گفتگو ۾ خلوص هو- سياسي انتقامن جي ٻيگهي مثل ڪانه هئي- بلڪه سياست کان آزاد ٿي ماڻهن سڪ جو ساه کنيو هو.

هن جي حوارين ۽ خوشامدي وزيرن هنکي هميشه يقين ڏياريو ته ملڪ ۾ سندس مقبوليت ۾ ڪو خاص فرق نه آيو آهي، ريفرنڊم ڪرايو ويو ته وڏي اڪثريت سندس اقتدار جي حق ۾ راءِ ڏيندي وغيره—— سندس نالي جو مسجدن ۾ خطبو پڙهائڻ جون تياريون هيون پر هن نه مڃيو- ريفرنڊم جي تجويز جو اعلان به ٿيو هو مگر ايوب خان ملڪ ۾ چند جلسا جلوس ڏسي انهن ۾ ڪن نوجوانن جي مارجي وڃڻ جو پڌي، توڙي لاهور ۾ گورنمنٽ هاؤس تي مخالف لکين نوجوانن جي يلغار جي ڪيفيت پنهنجن اکين سان پروڙي اعلان ڪيو ته "بس منهنجو ريفرنڊم ٿي چڪو هاڻي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهڻ مناسب ناهي-" نه ته هن سياستدانن سان افهام تفهيم جون به سڀ گهرجون پوريون ڪيون—— متان هن جي اها لچڪ هن جي زوال جو سبب ٿي——؟——

سنڌ کي سندس حڪومت مان هي ڏک رسيا جو هڪ

www.sindhsalamat.com

ته ون يونٽ مستحڪم ٿيو، ۽ ٻيو ته تعليمي سڌاري جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جا حق ماريا ويا. عام اڪثريت هن جي واه واه ۾ مشغول هئي جنهن جا سبب مٿي لکيا اٿم باقي دانشور طبقو برابر دانهن ڪوڪ ڪندو رهيو ۽ قربانيون ڏيندو رهيو. نوڪر شاهي به برابر ايوب خان جي وقت ۾ متاري هئي مواڙ ٿي ۽ پوءِ اهائي هنکي آڏي آئي. پوءِ ائين ٿيو جيئن قدرت هميشه ڪندي آئي آهي. يعني هڪڙي آمر جو اڏيل هيڏو اجيت ۽ اڏول ڪوٽ (ون يونٽ) ٻي آمر يعني تحيي خان ٽوڙيو ۽ چونڊن جون فهرستون سنڌيءَ ۾ لکڻ جو مطالبو قبول ڪيو توڙي سنڌ وارن کي جاڳرتا جي گسن جا ڏس مليا. ١٩٧٠ع جي سياري ۾ جي ٻوليءَ وارا فساد ٿيا سي منهنجي مشاهدي موجب ١٩٧٢ع وارن فسادن کان وڌيڪ خطرناڪ هئا. يحيي خان حڪومت جي ذري غفلت به ملڪ جو نقشو بدلائي سگهي ها. هاڻي ان معاملي تي ويهي ٽيڪا ٽپڻي ڪبي ته هي هڪ سياسي ڪتاب ٿي پوندو ۽ سياسي ڪتاب مونکي لکڻو ناهي نه ايوب خان جي وڪالت ڪرڻي آهي فقط حال کي ماضيءَ سان ڀيٽيو آهي. ملڪ ۾ گهڻائي ليکڪ اهي پوتاميل لکيو ويٺا آهن جي نيٺ ڪڏهن ظاهر ٿيندا. منهنجي بيان ۾ اوهانکي ڪجهه به چتائي ۽ ڪجهه اڻ پورائي ڏسڻ ۾ ايندي تنهن جو سبب گهڻو بيان ٿوري گنجائش آهي.

ايوب جان جي ئي دور ۾ ڪوڙن ڪليمن وارن جي لاک لاٿي وئي، ڏهن هزارن جي ملهه تائين جي ايواڪيو پراپرٽي

www.sindhsalamat.com

مقامي ماڻهن کي خريد ڪرڻ جي اجازت ملي، ڪروڙين روپين جا ڪوڙا ڪليم پڪڙيا ۽ پاڪنڊين کي سزائون مليون. هن جي مخالفت جو اهو به هڪ سبب ٿيو. ٻيا جيڪي سڌارا ٿيا تن ۾ ڌانڌلي تمام گهٽ ٿي. گبرن کي ڌڪ لڳو ضرور ۽ عام لوڪ کي فائدو ۽ حوصلو مليو ضرور. ڌڪ دشمن جو به ڳائجي سائين. هو گهٽ ۾ گهٽ ويساڌاري ڪونه ٿيو. ميڪاولزم گوئبلزم ۽ سوفسطائيت جو هن تي ڏوه نه رکي سگهبو. هڪ پرڏيهي انگريزي رسالي جا اکر ياد اٿم ته ”عجب آهي جو پاڪستاني ماڻهو ايوب خان کي ڊڪٽيٽر ٿا چون. تنهن جو سبب هي آهي جو هو ڄاڻن نٿا ته ڊڪٽيٽر ڇا ٿيندو آهي.“

منگلابند ۽ ٻين اهڙن انيڪ تاريخي تعميري ڪمن کان علاوه هن دور ۾ هڪ دلچسپ ڪم هي ٿيو جو ڪورنگي ڪراچيءَ ۾ فقط ڇهن مهنن جي ٿوري عرصي ۾ پندرهن هزار سٺا ۽ پڪا ڪوارٽر ٺهرائي ”مستحق مهاجرين“ جي حوالي ڪيا ويا! جن جي ليز ۽ قسطن جي رقم ايتري معمولي هئي جو ننڍڙو ٻار کيسي خرچي مان به ڀري سگهي. بحاليات جي وزير جنرل اعظم خان جي هٿ هيٺ اهو الادين جي چراغ وارو ڪم ٿيو، هن صاحب ئي هڪ مهاجر ڪٽنب کي پهرئين ڪوارٽر جي چاٻي ڏئي انهيءَ ڪم جو افتتاح ڪيو ۽ ان غريب سان سندس انهيءَ ڪوارٽر ۾ هڪ کٽولي تي گڏجي ويٺو. ماڻهن اهڙو نظارو به پهريون ڀيرو ڏٺو جنهن جي هڪ مختيارڪار مان به اميد نه هئي ته ڪنهن غريب

www.sindhsalamat.com

ڪي ايترو ويجهو ويهندو. پوءِ اهي ئي ڪواٽر پاپنڊين جي باوجود "ڪئچ ٻال." راند وانگر هڪڙن مان ٻين ۽ ٻين مان ٽين هٿن تائين منتقل ٿي ويا سي قصا الڳ آهن. ايوب خان ٽڏهين ڇاتو جڏهين "ايوب ڪتا هائي هائي." جا نعرا ٻڌائين. خير ان دور ۾ اهڙيون ڪيتريون وڏيون ۽ وسيع ڪالونيون ٻيون به اولهه توڙي اوپر پاڪستان ۾ ٿهيون.

هيءَ ته هئي هڪ "ڊڪٽيٽر." جي ڪهاڻي منهنجن مشاهدن جي بنيادتي منهنجي زباني، جنهن مان ڪيتريون ڪهاڻيون ٺهن ٿيون. هاڻيَ آخر ۾ انهيءَ "آمرانه دور." کان اڳ جي "عادلانه." دور جي به هڪ جهلڪ ڏسي ڇڏيو جنهن لاءِ اسان جا "صاحب اصول." حضرات چون ٿا ته ايوب خان نه اچي ها ته اج اسانوٽ به پارت جهڙي مظبوط جمهوريت هجي ئي هجي ها. هو اهو نٿا سمجهن ته هتي جمهوريت جي ديويءَ جا ازل جا هڙومان پهرين ئي پهچي ويا هئا ۽ اڳواٽ موجود ڪيا ويا هئا ۽ هتي فلاحي مملڪت ٺهڻي ئي ڪانه هئي.

ملڪ جو پنجابي گورنر جنرل غلام محمد تاج برطانيه جو مقرر ڪيل هو. هو هڪ بيورو ڪريٽ، ترقي ڪري وزير خزانه بنايل هو ۽ پوءِ سربراه مملڪت جي ڪرسيءَ تي ويهاريل هو. ذهني ۽ جسماني طور بيمار اهڙو جو هڪ ڪرسيءَ کان ٻي ڪرسيءَ تائين ٻن مصاحبن جي سهاري کانسواءِ نه پهچي سگهندو هو. انهيءَ ئي حالت ۾ هن جي عياشيءَ جا اهڙا اندر سيائي قصا ٻڌبا هئا جو تاڪ لڳي

www.sindhsalamat.com

ويندا هئا. خدا ڄاڻي انهن مان ڪيترا ڪوڙا ڪيترا سچا پر اهڙائي هئا جهڙا اڄ يحييٰ خان جا ٿا ٻڌون. گاريال به پهرئين جوڙ جو هو ۽ عيار به اول نمبر جو.

خير سائين تاج برطانيه جي مقرر ڪيل هن غير عوامي بيورو ڪريٽ گورنر جنرل صاحب ٢٤ آڪٽوبر ١٩٥٤ع تي هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي ٽي اکر لکي ملڪ جي چونڊيل اسمبليءَ کي منٽن ۾ ٽوڙي ڇڏيو بنان ڪنهن قانوني، اخلاقي، سياسي يا شرعي جواز ۽ ڏوه جي! ۽ اها اسمبلي عام اسمبلي نه هئي بلڪ آئين ساز اسمبلي هئي سائين. اسمبلي ڪنهن به ملڪ جو هڪ مقدس ۽ مان وارو ادارو هوندي آهي. خير اسان وٽ ته اهڙيون ڳالهيون هونئن ئي شاهن جي هڪ راند هئي. ساڳي صاحب ١٩٥٣ع ۾ هڪ ٻي ڪاغذ ٽڪري تي ٽي اکر لکي ملڪ جي شريف طبع وزيراعظم خواجه ناظم‌الدين کي برطرف ڪري ڇڏيو هو جيڪو پنهنجي قوم (بنگالي) ٽوڙي هتي به سيني ۾ مقبول هو سواءِ انهن صالحين جي جن هنڪي "قائدِ قلت" جو خطاب ڏنو هو جيئن سيني کي ڏيندا آهن. هن وزيراعظم کي گورنر جنرل هائوس (ڪراچي) ۾ گهرائي ڏاڍي "عزت" ڏني وئي ۽ جڏهين هو هيٺ لٿو ته هڪ بنان جهنڊيءَ واري موٽر ڪانسواءِ ٻيو هن لاءِ ڪجهه نه هو جڏهين ته چند منٽ اڳ هو وڏي اهتمام سان اٽ پهتو هو. هي ياد رهي ته خواجه صاحب نه صرف عوام جو چونڊيل هو پر چونڊيل اسمبلي مان اڪثريت سان اعتماد جو ووٽ به وٺي چڪو هو. خير

www.sindhsalamat.com

سائين هڪ ٻي ڪاغذ ٽڪري تي ٿي اکر لکي محمدعلي بوگرا کي "وزيراعظم" مقرري ڪيو ويو ـــ جيڪو ڪو عوامي سياسي اڳواڻ نه بلڪ امريڪا ۾ سفير هو. اسمبلي جي بنگالي اسپيڪر مولوي تميزالدين خان سنڌ هاءِ ڪورٽ (ٽڏهين چيف ڪورٽ) ۾ انهيءَ انياءِ جي خلاف رٽ وڌي ۽ فيصلو سندس حق ۾ ٿيو. (ٽڏهين سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس شايد عبدالحفيظ شيخ صاحب هو). حڪومت انهيءَ فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي ۽ اتان فيصلو گورنر جنرل جي حق ۾ ٿيو. الله الله خيرصلا. (سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس شايد جسٽس منير هو). ڏاڍيون ڪهاڻيون آهن هن دور جون به. ياد اٿم ته سپريم ڪورٽ ۾ اهو ڪيس هلندي هڪ ڀيري مولوي تميزالدين صاحب ۽ سندس وڪيل وڙا ريل گاڏيءَ ۾ ڪراچيءَ کان پنڊي سفر ڪري رهيا هئا ته رستي ۾ رات جي وقت کي "ڏاڙيل" هلندي گاڏيءَ ۾ سندن ڪمپارٽمنٽ ۾ گهڙي آيا ۽ مقدمي جا سڀ ضروري ڪاغذ فائل ۽ بجڪا ڪڍي "اونده جو فائدو وٺي" گم ٿي ويا ۽ مدعي ۽ سندس وڪيل مقدمي جي ضروري رڪارڊ ڪانسواءِ هتين خالي شنوائيءَ تي حاضر ٿيا. بهرحال پوءِ ته اهو ڪوئي ٻليءَ وارو ڪيل ۽ پتلين جو تماشو هلي پيو ۽ اڃا پيو هلي. پوءِ بوگرا جو به ساڳيو حال ٿيو. هي "مضبوط" گورنر جنرل صاحب من ماني ڪندو رهيو، هن صاحب ڪمانڊر انچيف ايوب خان کي هڪ به دفعو لکت ۾ حڪم ڏنو ته ملڪ جو انتظام سنڀالي

www.sindhsalamat.com

(سنڌس سرپرستي ۾) ميگر هن آڪاز ڪيو. [فرينڊس نات مئاسٽرمن. ازه محمد ايوب خان.] ان وقت جتي ڪتي اهڙو چوڻيون هونديون هو ته ٿلهڪ الائي چا ڀيو تتي ۽ فقط هڪڙو ڏهن ڀيو ڪم ڪري ۽ اهڙو آهي جي. جي. صاحب. يعني گورنر جنرل. اسين رهمبشه ڪوئي ڀلي ۽ جي راند ۾ خوش رڙاڏي ڪي واه واه، چڙهندي ڪي خوش رهڻو ۽ ڪرندي ڪي هيٺ ڦيٽ ڪرڻ ۽ ٿهڪ ڏيڻ وارا ڪو ڪهڙي به جرئت ڪهڙي به ارادي سان ڪنهن کي ذليل يا مغلوب ڪري ويندو ته ڏند ڪڍي چوندا هئن ته "واه واه پيٽسان واه جو دنسي ويس، مزش اڏهيمر آهي" وغيره. ڪوئه سمجهندا هئن ته ايهي ۽ جو اسانجي لحق ۾ نيٽ انجام ڄاڻ ائين ڏاڍو ڏاڍو ٿيندو تو رهي. جڏهين اهي مضبوط دماغ ۽ بدن آخر مغرور ايئن ته هنڪي تتي جي اسپتال ۾ قتو ڪري ڇڏيائون. پوءِ به رلمان واه واه ڪئي. اسڪندر مرزا گورنر جنرل ٿيو ته به واه واه. هن پنهنجي King's Party ريپبليڪن پارٽي ڪاهي ۽ خان غفار خان جو ڀاءُ ڊاڪٽر خان صاحب وزير اعلي ٿيو جيئو ٿيڻ غير جمهوري هٿڪنڊن سان، ته به واه واه. ڊاڪٽر خان صاحب کي ڪنهن چرو هٿي قتل ڪري ڇڏيو ته به اسان رهيئن شاباس ڪملي. خان غفار خان کي جڏهين سندس ڀاءُ جي قتل جي خبر پڌرائي وئي ته اهن خوش ٿي چيو ته "چنگو ٿيو، غفار خان جي اصول ماڻهوءَ جو اهوئي انجام هئڻ گهڻي." مطلب ته رنگ پنيان رنگ، سمن پنيان سڻن، ڪوڏي ڪوڏي، تماشي پنيان تماشو. مارڪز تڙوڙي صوبن ۾ ٿيندو رهيو.

www.sindhsalamat.com

غلام محمد مري ويو ته هن کي ڪراچي جي گورا قبرستان ۾ دفن ڪري آيا ۽ هيڏانهن گورن جي ديسي صاحب اسڪندر مرزا جي مطلق العناني، طوائف الملوڪيَ ۽ عيش ڪوشيءَ جو دور شروع ٿيو اهڙو جو اوڌ جي نوابن جو دور وسري ويو. لوڪ راڄ ۽ عوامي مملڪت جي ديوي پنهنجا ڪپڙا بچائي ڪنهن طرف هلي وئي ۽ سامراجي وئشائن جا رقص شروع ٿي ويا. ڪڏهن اسمبليءَ ۾ ڌڪن ۽ مڪن سان ڊپٽي اسپيڪر پيو قتل ڪيو وڃي ته ڪڏهين اسپيڪر کي چريو پيو قرار ڏنو وڃي. ڪڏهين چونڊيل وزيراعليٰ، شير بنگال فضل الحق صاحب کي، جنهن لاهور واري قرارداد پيش ڪئي، وزارت تان لاهي گورنري راڄ قائم ڪري هن کي ريڊيو ۽ اخبارن جي ذريعي غدار پيو قرار ڏنو وڃي. چوڌري محمدعلي، آءِ. آءِ. چندريگر، حسين شهيد سهروردي ۽ آخر ۾ فيروز خان نون چار دن کي چاندني جيترا ڏينهن وزيراعظم رهي. ”آکے بيٹھے بھی نہ تھے اور نکالے بھی گئے۔“ جو راڳ ڳائيندا رخصت پيا ٿيندا وڃن. (تڏهين پنڊت نهروءَ چيو هو ته پاڪستان ۾ وزيراعظم جي بدلجڻ ۾ ايتري دير به ڪانه ٿي لڳي جيتري مونکي ڌوتي بدلائڻ ۾ ٿي لڳي.)- مطلب ته اهڙيون حالتون هيون جو ڪا طاقت ٻاهران اچي اسانکي پنهنجي غلاميءَ ۾ قبول ڪري ته به واه واه ۽ جي پنهنجي فوج مان ڪو صاحب اچي ملڪ بچائڻ ۽ حالتون سڌارڻ جي بهاني سان حڪومت ڪري ته به اسانجي اکين تي. ته سائين اهو

www.sindhsalamat.com

هو ايوب خان کي واه واه ڪرڻ جو اصل سبب متان سمجهو تہ آءٌ جمهوريت جو مخالف ۽ آمريت جو حامي آهيان!

www.sindhsalamat.com

*** ڊچي ڊچي ٿو هيءَ ڳالهه لڪان متان ڪو ڪاوڙجي پوي—پنجاه جي ڏهائي جي آخر ۾ هڪ ڀيرو ميرپورخاص ويندي پليٽ فارم تي ويٽنگ روم ۾ وڃي ويٺس، اتي هڪ جا مڙد بزرگ ڀروچ به اچي منهنجي پر ۾ ويٺو، جيسين گاڏي اچي تيسين اسين پاڻ ۾ ڪل ڪيڪار ڪري ڳالهين ۾ جنبي وياسين، هن جيڪب آبادي ڀروچ هونئن ته گهڻيون ئي وٽندڙ وارتائون ٻڌايون پر انهن ۾ هڪڙي اجا نٿي وسريم- چيائين: ”سائين مان حج به ڪري آيو آهيان، اتي هڪ ڀيران هيئن ٿيو جو مديني ۾ نبيءپاڪ صلعم جن جي روضي تي سندن مزار مبارڪ جي بنهه پر سان ويهڻ جو وجهه ملي ويو- بس سائين لٽان ڪوڙي ويهي رهيم. روئان ويٺو ۽ صلواتان پڙهان ويٺو ڀانيان ته اٿان ئي نه ني.... اتي سائين هڪ مصري آيو سو نڪتا ڪيائين هم نڪا تم پنهنجان ٻئي ٻانهان منهنجي پٺن ڪنئون ورائي هٿ منهنجن گوڏن ۾ وجهي مانڪي سڄو جو سڄو ڪٽي ڪٽي پٽيان واري صف ۾ رکيائين ۽ پاڻ مونواري جاءِ تي ويهي رهيو- مان ته سائين روضه رسول صم جو لحاظ ڪري پهريان ته چپڙي ڪري ويهي رهيس پر پوءِ خيال آيم ته نبيءپاڪ صم جن ڇا چوندا ته ڀروچ ٿي ڪري مار ڪائي ويو، هڪ مصري جي هٿئون ڇاڀڙيءَ وانگون ڪچي ويو.! بس سائين مانجي غيرت اهڙي طرح اٿل ڪاڏي جو اتي جو اتي

www.sindhsalamat.com

اٿي ان مصريءَ کي ٻه ٽي مڪان وهائي ڪڍيم- هو به سائين سگهارو هو اٿي بيٺو ۽ مانسان ٻکجي ويو. بس اتي جو اتي روضي جي ڄارين آڏو اسين هٿين ٻکين پئجي وياسين. دل ۾ ته گهڻوئي چوان. ته هتي نه جهيڙو ڪيان پر سائين وري اهوئي غيرت جو سوال آڏو اچي ته نبي پاڪ صه جن ڇا چوندا! ته ٻروچ هار کاڌي. سائين ڏاڍو ماريو مانسءَ اهڙو جو ياد ڪندو هوندو. تانجو سپاهين اچي اسان ٻنهي کي سوگهو ڪيو ۽ هڪ قاضيءَ وٽ وٺي هليا تنهن اسانجو ناهه ڪرائي ڇڏيو.....!"

*** پٺاڻ، پٺاڻ، پٺاڻ! آخر هو ڇا جو انهن اکرن سان شهر ۾ هراس پکڙجي ويندو هو؟ ارڙهين صديءَ جي آخر واري مدد خان پٺاڻ جو سنڌين جي دلين تي ڌاڪو اڃا هو ڇا؟ ماڻهو پنهنجا ٻار سنڀالي گهر ڀيڙا ڪري در ئي بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ بيٺا اندران جهاتيون پائيندا هئا. خود ٻارن جو ته گهر جي اندر هوندي به پيو ساهه سڪندو هو. زالون هٿ کڻي پيون دعائون گهرنديون. ڪي مرد پنهنجن پنهنجن پاڙن ۾ اڪيلا نه پر جهڳنو ڪري بيهي رهندا ۽ هڪ ٻي کان احوال ۽ اطلاع ٻڌي پيا خوف کائيندا- "هان!" "ائين؟" "پوءِ!" اسڪول جي موڪل وقت مرد ۽ پڻ ڪي زالون، اسڪولن ڏانهن ڊوڙندا ته موڪل ٿيندي ئي پنهنجن پنهنجن ٻارن کي وٺي اچي گهرن ۾ ٿانيڪو ڪجي. ٻه چار پوليس وارا به شهر جي رائونڊ تي نڪري پوندا ۽ ڪي شهري "رضاڪار" به چوڪسي ڪندا انظر

www.sindhsalamat.com

ايندا جيڪي ظاهر ۾ ڇاتي ڇڪيو هلندا پر ڏيل ۾ ڏرندا ۽ ٽڙڪندا هوندا.

اهو هو پٺاڻن جي اچڻ جو هراس. بس ڪٿان ڪو افواه اٿيو ۽ سچ پچ ڪنهن ڪن پٺاڻن کي ڪٿي ڏسي ورتو ته شهر ۾ ڄڻ ديو گهمي ويو—بابا ٻارن کي قابو ڪريو شهر ۾ پٺاڻ ڏٺا ويا آهن. بس جيئن ڪتي ٻليءَ جي خطري کان ڪڪڙيون پنهنجا چوزا وٺي کڏيءَ ۾ پرن هيٺ هڻي ويهن تيئن مائرون پنهنجن ٻارن تي آرو ڪري ويهي رهنديون. شهر گهٽ ۾ گهٽ ٻارن کان ته خالي ٿي ويندا ڄڻ ڪو Pied Piper وٺي ويو اٿن. اهو سڀ ان ڪري جو اڪثر ٻار انهن قبائلي پٺاڻن هٿان کڄي ويندا هئا ۽ وڃي بيگار ڪيمپن ۽ خرڪار ڪيمپن ۾ واڙبا هئا. انهن سان جي ظلم ٿيندا هئا تن جي تصوير ڪڏهين ڪڏهين هاڻي به اخبارن ۾ چٽبي آهي. اڃا به مرحوم محمدصديق مسافر پنهنجي ڪتابڙي ”غلامي ۽ آزادي جا عبرت انگيز نظارا“ ۾ اهڙي تصوير ڇڪي آهي جو پڙهندي لڳ ڪانڊارجو وڃن. اهو ڪم فقط اهي قبائلي خرڪار پٺاڻ ڪندا هئا جن جو تمام قديم کان اهو پيشو هو. باقي ٻيا محنتي پٺاڻ جيڪي واٽرڪورسن جي کاٽي کڻڻ ۾ پنهنجو ثاني نه رکندا هئا يا روڊن ۽ ٻين تعمير جي ڪمن ۾ هنن کانسواءِ ڪم ئي نه هلي سگهندو هو توڙي سڌريل خانداني پٺاڻ اشراف ته هتي هونئن ئي هئا. انهن کان نه ڀئو نه ڀولو.

انسانن جي تجارت قديم کان هئي ۽ ڪن صورتن ۾

www.sindhsalamat.com

هاڻي به آهي. اهو ڪم هتي ايشيا ۾، خاص ڪري پاڻ واري اپڪنڊ ۾ انگريزن ۽ عربن جي سرڪردگي ۾ ٿيندو هو جن جو "فيلڊ ورڪ" ڪندا هئا اهي قبائلي جابلو پٽاڻ- هي جي هيترا سارا شيدي سنڌ ۾ آباد آهن سي به انهيءَ انساني تجارت جي نتيجي ۾ آيا. عرب ۽ انگريز هنن ڪي زنجبار، نيروبي ۽ تنزانيا ۽ ٻين افريقي ساحلي علاقن مان آڻي هتي ميرن پيرن ۽ حاڪمن وٽ وڪڻندا هئا. اهي ئي آقا اهي ڪڏا ڪم هتي قبائلي پٽاڻن کان به ڪرائيندا هئا. اڌهن موضوعن تي وڏا وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن. ياد رهي ته شيدي ڪي محض جهنگلي ڪونه هئا. آفريقا جي ڪيترن ملڪن تي هنن جون اڄ به حڪومتون آهن ۽ امريڪا ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ هو پنهنجو وجود ۽ اهميت مجرائڻ لاءِ گورن سان سينو ساهيو ٻيٺا آهن. هتي سنڌ ۾ به رڳو ئي غلام ٿي ڪونه آيا. محمد بن قاسم جي لشڪر سان مختلف حيثيتن ۾ آيا ۽ پوءِ به عربي گورنرن سان گڏ ايندا رهيا. سيٺ نائون مل هوتچند (١٨٧٨-١٨٠٤ع) جي ڪتاب يادگيريون جي مولف سر ايچ. ايوان. ايم. جيمس موجب. "روايت آهي ته شيدي گجرات جي بادشاهن ۽ هندوستان جي شهنشاهن جي سامونڊي ٻيڙن جا اميرالبحر هئا. هنن ڪيترا دفعا بمبئي جي سموري جزيري تي قبضو ڪيو هو. انگريزن بمبئي ورتي تنهن ڪانپوءِ به شيدين به دفعا بمبئي جي ٻيٽ تي قبضو ڪيو سواءِ برٽش ڪاسل (قلعي) جي."

اهي شيدي بادشاهه هتي اهڙي ريت رچي وسي ويا جو

www.sindhsalamat.com

جيئن ڪير ملي ڪنڊ سان- نہ هنن کي محمد بن قاسم سان ڪنهن نسبت ۽ ناتي جو غرور ڪندو ڏٺوسين نہ مهاجرين مدينہ جي جانشين هئڻ جي هنام هئندي ڀڙوسين. نہ اسلام آڻڻ وارن ۾ پاڻ کي شمار ڪن نہ اوائلي مسلمان هئڻ جي دعويٰ ڪن، جيتوڻيڪ آهن. هڙي نمڻ ڪمڻ واري ڀيار پاڻوه واري قوم سنڌ ۾ ٻي ڪانہ هوندي.

ٻيو هراس پڪڙيو هو "ملانا" جي مرض جو. توبهہ توبهہ، ڪهڙي نہ ڇرڪائيندڙ ۽ ساه سڪائيندڙ فضا پيدا ٿي ويندي هئي-! سرڪاري طور تي ئي اعلان ٿيندو هو تہ ماتا منهن ڪڍيو آهي هوشيار ٿجو- بس پوءِ ماڻهن جا منهن لهي ويندا هئا- ميونسپل طرفان صفائي سنڀائي جي مهم خاطر خواه ٿيندي هئي، ٽڪا لڳندا هئا، پر گهڻو گهر جا رک ۽ پرهيز ٿيندي هئي سا جي هميشہ ٿئي تہ جيڪر بيماريون ٿين ئي نہ. هندو پنهنجن گهرن جي درن تي نم گاڙها مرچ پير جا پن ۽ ٻيون شيون مچو ڪري لٽڪائيندا تہ مسلمان قرآني نقش هٿي چڙهندا، پنگي بالبشاهي توڙي ڪنهن مٿي ميري ماڻهوءَ کي تہ در جي چانئٽ تي ئي ڪونہ بيهڻ ڏيو هو. ڪاڏي پيٽي ۾ بہ بد پرهيزي واريون توڙي ملين، مسڪن، مرغن ۽ مفرح قسم جون شيون بند ڪري گهٽي ٿئي سنائي دال جي ٻيچ ٻڌي ۽ جي ڪنهن کي اتفاقي تپ تڙو ٿي ٻيو تہ بابا بس پلي، اهو ماڻهو پهتو مڪمل قدرنطين ۾. اصل مناڻهو ٻيو ماڻهوءَ کان ڇرڪندو، ساه جي آواز کان ئي ٻيو خوف ڪائيندو- هندو فقيرن جي پارن جا ٽولا گهٽين ۾ نڪري ايندا ۽ ماتا

www.sindhsalamat.com

جو مشهور گيت ڳائيندا:

”ٻاجهه ڪجان ٻچڙن تي مائي آهن تنهنجا ٻار.“

عقيدو اهو هون ته ائين ماتا ديويءَ کي ٿا ريجهائين ته ڪروڌ ۽ ڪوپ نه ڪري. اهو گانو سي. ايڇ. آتما ۽ ساٿين جي آواز ۾ اڄ به ڪڏهين آل انڊيا تان ٻڌبو آهي. هاڻي ماتا جي مرض کي ٻنجو اچي ويو آهي ته به اهو گانو ٻڌيو بت کي سيسرات وٺيو وڃي. ماتا کي اسين مائي به چوندا هئاسين. توڙي هڪ ٻيو گيت ”ٺار ماتا ٺار دل جي ٻچڙن کي ٺار“ به ڳائبو هو جو پڻ اڪثر آل انڊيا تان ٻڌبو آهي.

وڏڙا ٻڌائين ٿا ته جڏهين **پهريون ڀيرو هوائي جهاز** فضا ۾ ڏٺو ۽ ان جو آواز ٻڌو ويو تڏهين ماڻهن جو خوف هراس ڏسڻ وٽان هو. پردي دار زالون ڪوٺين ۾ لڪي ويون باقي پردو نه ڪندڙ زالون توڙي مرد ٻاهر گهٽين ۾ نڪري پيا. ”هي رام هي ڀڳوان، يا الله يا رسول“ جا نعرا بلند ٿي ويا، ڪي گوڏا کوڙي پٽن تي ويهي ٻاڏائڻ لڳا ڪي اڌ بيهوش به ٿيا. جهاز ڪي ٽي چار چڪر هنيا. شروعاتي جهاز کٽارا قسم جا ٻيا هيٺ اڏامن، آواز ۽ گوڙ گهڻو، بس ماڻهن سمجهو حضرت اسرافيلءَ پنهنجي ڪم سان لڳي ويو. ڪن چيو ڌرتي پئي ڌٻي، ڪي چون ديوتائن جو ڪروڌ آهي اهي اڏند کٽولن تي چڙهي گرز کڻي آيا آهن. سڀڪنهن کي پنهنجي ڳالهه. گهڻن اڳ به ٻڌو ضرور هو ته اهڙا جهاز ٺهيا آهن جن ۾ ماڻهو ويهندا ۽ اهي پکيءَ وانگر اڏامندا پر تڏهين به ڪنهن اعتبار ڪونه ڪيو هاڻي ڏسي به نٿي مڃيائون. پوءِ

www.sindhsalamat.com

ڪيترا ڏينهن انڪي قيامت جي نشاني چوندا رهيا.

اها ته اجا به ڪجهه پراڻي ڳالهه هئي، پر اجا ڪلهه ڪلهوڻي ڳالهه آهي جو ميونسپل وارن ٽڪا آندا ۽ ڊاڪٽرن وٽ انجيڪشنون آيون تن ڪان ڪو ماڻهن خوف ڪاڏو-! بلي-! هينئر ته ٻار به مس ٿا روئين پر تڏهن سڀي يا ٽڪو هٽائيندي وڏن کي ٻاڪارون ڪندو روئندو ڏسو ها- خير سڀي هٽائڻ نه هٽائڻ وري به سندن وس هو اڪثر ڊاڪٽر کي به جواب ڏئي ٻيهندا هئا پر ٽڪا ته سرڪاري حڪم سان لڳندا هئا تنهن تي ڏاڍا مزا ٿيندا هئا- ماڻهن کي ريڙن ٻڪرين وانگر واڙي هڪ جاءِ ڪبو هو. هاڻي ٽڪو تيار ٿيڻ وقت به هنن جي هاءِ ٻانهن ڊگهيڙڻ کان گوٽنات ۽ جنهن وقت ٽڪو لڳندو تنهن وقت آڻن واري رڙ هوندي. سور کان ڪونه روئندا هئا پرڻڪي يا سڀي لڳڻ کي پنهنجي بدبختي توڙي ارمان جي ڳالهه سمجهي روئندا هئا--- ته ڏسو ته سهي اڄ ٽڪي يا سڀي هٽائڻ جهڙا ٿيا سين-! يا سمجهندا ان ۾ ضرور ڪو شر آهي. گهڻو دير سان وڃي اعتماد ٿين يا انهيءَ تي مجبور ٿيا. هاڻي وري سڀيءَ بنان علاج تي اعتبار نٿو ٻيهين.

پوءِ جا ايڪسري جي "بنواسري" آئي تنهن به ماڻهن کي ڏاڍو هيسايو. سڀيءَ جي نالي تي ته پاڻ کي مظلوم بڻائي ٻين جون همدرديون ماڻيندا. همدرديون ڪرڻ وارا چوندا: "ويچارو فلاڻو ڏاڍو اڳهو ٿي پيو آهي اصل اهڙو جو ڊاڪٽر چوي ٿو سڀي لڳندي تڏهين ٺيڪ ٿيندو-" ته پڌڻ وارو ڪنن جون پاڙيون جهلي چوندو "بابا توبهه آهي. شل نه ڪنهن کي اهڙي جر لڳي-" پر انهيءَ کان وڌيڪ مهما جي

www.sindhsalamat.com

ڳالهه ايڪسري تي ٿي. ڪنهن کي ڊاڪٽر ايڪسري ڪرائڻ جي "بد خبر" ٻڌائي ته ويچارو مرڻ کان اڳ مرڻ لڳندو ته مار! فوٽو نڪرندو؟ روئندا ايندا مائٽن وٽ ته ڊاڪٽر چوي ٿو فوٽو نڪرندو. توبهه توبهه ڪنهن کي اهڙي نه لڳي جو وڃي مشينن ۾ پوي. ڪي انهيءَ کان ڪيٻائن ته انهيءَ فوٽي ۾ ماڻهوءَ جا سڀ آنڊا گجيون پيا ڏسڻ ۾ اچن، اهڙو اگهاڙو ڪير ٿيندو. ڪي فوٽي لاءِ تيار ٿيا ته به ايڪسري مشين ۽ وڏيون ميزون ڏسي ڀڄي آيا. سمجهيائون چير ڦاڙ ٿيندي. ايڪسري تي اعتماد به دير سان ٿيو.

سائين اڳي بيمار، سيمار ٿيو به آخري عمر ۾ هو ۽ اهو گهڻو ڪري مرض الموت ئي هوندو هو ان ڪري جيڪو بيمار ٿيو سو گهڻو ڪري موڪلائي چوڪلائي بديون بخشائي وصيتون نصيحتون ڇڏيندو هو ۽ شاه جا ڪي بيت پڙهي بيماري اڪلائيندو هو. پر جي ڪو ڀاڳن سان چڙهي پيو ته "غسل صحت" ٿيندا هئا، بيماري ۾ پڇڻ لاءِ اچڻ وارن کان وڌيڪ اهي مبارڪون ڏيڻ ايندا هئا. تڏهين بيماريءَ جو هراس هو ان ڪري جو ورلي ٿينديون هيون، هاڻي ته جيئڻ جي جاکوڙ ۾ مرڻ هڪ راند ٿي پيو آهي. اڳي به جيئڻ جو حرص هو پاڻ اڄ کان سوايو پر جيئڻ لاءِ اهڙا سامان نه ٺاهيا هئاسين جي جيئڻ به جنجال ڪن ۽ کن پل ۾ حياتي به ڦري وٺن. ڪي ته اهي ڀلارا ماڻهو جي مرڻ سان به محبت رکندا هئا ته جيئڻ سؤ کو ٿي پوندو هون، ٻئي گدرا مٺ ۾ ڪندا هئا. باقي گهڻا اهڙا هئا جي موت کان

www.sindhsalamat.com

گهڻو خوف کائيندا هئا ته جيئڻ سڦل ڪرڻ لاءِ روحاني اخلاقي ۽ عقيدن کي اندر ۾ اڏائيندا هئا. اڄ ماديت جو دور آهي ته نه جيئڻ ۾ مزو نه مرڻ ۾. تڏهين وات جو چيو مڃيندا هئاسين آندي جي پوڳنا جو ڀئو نه ڪندا هئاسين پر ته به ڏندن جو ڪم آندن کان نه وٺندا هئاسين. جيڪي وات کي وڻيو سو ڪائي به ويندا هئاسين ته به آندو ڏاڍو هو سو سڀ سهي ڏيندو هو. هاڻي آندي جي عذاب جي خوف کان وات جو چيو به موڙايو ڇڏيون ته به صحتون سنيون نه آهن. عجب ابتو قصو آهي!

*** **حبيب بئنڪ ميرپورخاص** ۾ هوس ته هڪ پوءِ ڀائي سيٺ جي ماڙيءَ تي رهندو هو. مسواڙ بئنڪ پريندي هئي. جاءِ ڪشادي هئي، خاص ڪري انجو بورچيخانو ته ايڏو سنهجاڻنو هو جو ماني ٻاهر نه آڻي پوندي هئي، سيارن ۾ ڪچهريون ئي ات ٿينديون هيون. توڙي آءٌ سياري ۾ شيو به رڌڻي جي پيراهين ڪنڊ وٽ بيهي ڪندو هوس جتان دريون ٻاهر ڪلنديون هيون. ٻاهه جوسيڪ، ٻارن سان گپ شپ، چانهه جون سرڪيون سگريٽ جا سوٽا ۽ رکي رکي دري ڪولي ٻاهر به نظر وجهي وٺندو هوس. ڪاڏي جي ٻوءِ تي ٻک تيز ٿي ويندي هئي ۽ نيرن جو ڏٺو ملي پوندو هو.

هڪ اهڙو ئي سياري جوتکو ڏينهن هو، لري پي لڳي، ٿئي ٻار ڦٽي ڦوڪارو ڪري اسڪول جي پيڪيدار يونيفارم پايو وارن ۾ ڳاڙهيون رتيون پيرن ۾ اچا ڍڳها جوراب ۽

www.sindhsalamat.com

پالش ڪيل بوٽ پايو ننڍڙين موڙين تي نيرن لاءِ هڪيا ويٺا هئا. بيضا، چلها ۽ فرينچ توس تري تري پي هنن جي اڳيان رکيا ويا. ايتري ۾ سندن ٽانگو به اچي ويو ۽ جعفر ڪوچوان هڪل ڪئي- ”اچو بابلا اچو جعفر جو ٽانگو اچي ويو-“ — اهڙا ڏيک ڏسي حال ۽ مستقبل کان دلجاءِ ٿيڻ لڳندي آهي، ڪجهه ٽانءِ ۾ ڀرجي وڃبو آهي ۽ ڀانئبو آهي ته جتي ڪٿي سڀ خير آهي—

آءٌ شيو ڪرڻ ۾ رڌل هوس جو ٻاهر گهٽيءَ ۾ ننڍن ٻارن جو لڙ، ڊوڙن جو ڌڌڪو ۽ ڪنهن زائفان جي دانهن ڪوڪ جو گڏيل آواز ڪن پيم. سيءَ سبب دريون بند هيون. ڪجهه تجسس پيدا ٿيو ته هڪ دريءَ جو تاڪ کولي ٻاهر نظر ڪيم— ڏٺم ته هڪ مسڪين صورت پوڙهي زائفان هڪ ننڍڙي ديڳڙي کنيو ٿڙندي ٿاٻڙندي پئي هلي ۽ ننڍن ننڍن ٽيٻرن جي هڪ ننڍڙي فوج آهي جا هوءِ هوءِ ڪندي ذري پٺ وٺيس ذري اڳ ڦريو اچيس ۽ ذري پاسن کان پئي لامارا ڏيس، ۽ هوءَ آهي جا جيئن مکيون مڇر هڪلبا آهن تيئن پئي هنن کي پنهنجا نٻل هٿ الاري پنهنجو بچاءُ ڪري. مٿي تي ديڳڙي لوڏو کائي ته ان کي جهلي، بت جهلي، گندي ٺاهي، ڪجهه ڀڻ ڀڻ به ڪندي وڃي، پر ڇورا پچر نه پيا ڇڏينس، هوءَ هيٺي ۽ اڪيلي هو ڏاڍا ۽ گهڻا. ههڙو سيءُ جوماڻهن جا منهن پيا ساوا ٿين پر هن غريب کي بت تي ململ جو هڪ سنهو چولو ۽ هڪ ڇيٽ جي شلوار بت تي آهي ٻي اها ڇنل پوتي مٿي تي. پيرن ۾ جا

www.sindhsalamat.com

اسپنج جي چمپل اٿس تنهن جو ٻه هڪڙو پادر سائي رنگ جو ته ٻيو گلابي رنگ جو ـــ پڪ ڪنهن اروڙيءَ تان ڪنيا هئائين اهي پادر ـــ انهن مان ٻه هڪڙي پادر جون ڪهيون ذري ذري نڪريو وڃن ته اهي ٻه وڪون ڪٽڻ کان ٻه ٻيوس ٿيو پوي، ديڳڙي پٽ تي رکي جتي ٺاهڻ ويهو رهي ته اهي چوڪرا ديڳڙيءَ مان چٽن جون منيون ڀريو ڀريو ڪٽيو وڃن ۽ ڀريان ٻيهو چاڻا ڏين ۽ ڪلن. هوءَ ويچاري الرون ڪرين، پاراتا ڏين ۽ ڦٽون وجهين، جيئن تيئن ڪيو جتيءَ جا ڪشا ٺاهيو ديڳڙيءَ جو ڍڪ درست ڪريو اڳتي هلي ته ڇورن جو لشڪر ٻه پويان لڳيس. اڃا ٻه وڪون هلي ته جتيءَ جا ڪشا وريو ڪليو وڃنس ـــ وري اهائي ڪار، اهوئي سلسلو ـــ!

ٻن اڍائي منٽن ۾ مون اهو جيڪو ڪجهه ڏٺو تنهن منهنجي دل کي چپ ڏئي ڇڏي. پانيءَ هڪ وڏي تارازي آهي، تمام وڏي تارازي، هن سڄي سرشٽيءَ جيڏي تارازي، جنهن جي هڪڙي پڙ ۾ منهنجو اهو سڄو گهر آهي ٻارن ٻچن مال متاع ۽ مون سوڌو، ۽ ٻي پڙ ۾ اها مائي آهي چٽن جي ديڳڙيءَ سوڌي ـــ! منهنجي مٿي کي ڦيري اچڻ لڳي ۽ پاڻ کي ڪنهن پاتال ۾ ٻيهندو سمجهيم. ڪڏهين گهڻو هيٺ ٻيهو وڃان ۽ ڪڏهين تمام مٿي وڃو ٽنگجان. هيانءَ ٻڏڻ لڳيم.

مون اتان ئي رڙ ڪري چوڪرن کي دڙڪو ڏنو، مٿان جعفر هنن کي چڙهيو، هو ڪڪ پن تي ويا. مائيءَ مٿي نهاريو ـــ الا!! اهو معصوم، مسڪين ۽ اياڙو اڻيو منهن

www.sindhsalamat.com

ڪو قيامت تائين وسرڻ جهڙو آهي! تارازيءَ جا ٻئي پڙ ڀيا هيٺ مٿي ٿيندا تہ اهڙا مظلوم مهاندا تہ حياتيءَ ۾ وک وک تي ڀيا آڏا ايندا ــــ مون مائيءَ کي مٿي سڏ ڪيو: ”امان، او مائي، اسانکي چڻا وٺڻا آهن، هن درڪان مٿي چڙهي آ.“ هن هڪوار اڻ وسهندي اک سان مونڊانهن نهاريو، ويچاريءَ پانيو تہ پوڳ ٿو ڪري. پڪ ٿيس تہ ڏهين ٻئي پادر لاهي هٿ ۾ ڪيائين ۽ هڪڙي هٿ سان ديڳڙي سنڀالي مٿي چڙهڻ لڳي. ڏاڪڻ ايپي هئي، هوءَ ڏاڪو ڏاڪو ڪندي مٿي چڙهي آئي پر بورچيخاني تائين پهچندي ذري گهٽ هانپارو وٺي ويس.

جيتي هڪ طرف ۽ ديڳڙي اڳيان رکي هوءَ واري واري سان اسان پنجن ئي چٽن کي ڏسي مونہ اهي ميريون ۽ گاڙهيون اکيون کپائي اتي رڌي جي در تي ئي ويهي رهي، جيئن ڪو ٻڌو ٻانهو حڪم جي انتظار ۾ ويهي. مون پڇيو: ”امان، ديڳڙيءَ ۾ ڪل گهڻن پئسن جا چڻا اٿئي، سڀ ئي وڻون تہ گهڻا پئسا ٿيندا؟“ هن ٻارن جي اڳيان رکيل طعامن ڏانهن هڪ اچاتري نظر ڪئي ۽ ڍڪل آواز ۾ جواب ڏنو. ”ابا شل خوش آباد هجين، ٻچڙا رجيئنئي، اڏو اڌ تہ چورن کائي ڇڏيا، هنن جو بہ ڪهڙو ڏوه هن نياڳي جتيءَ هلاڪ ڪيو اٿم هنن ماشومن کي ڇو ڏوه ڏيان اهي تہ هوندائي آهن حرڪتي. باقي چڻا تن رپين جا وڪي بچيا آهن، سڀ وڻندئو ڇا؟“ رڌي جو ماحول ڏسي هن وري شڪ ۽ ويچارگيءَ سان اسان کي ڏنو، سمجهائين جاڙ تا ڪن،

www.sindhsalamat.com

مون زال کي اشارو ڪيو، هن هڪ ٿالهي کڻي اڳيان رکيس، هن وري به بي يقينيءَ سان اسان ڏانهن نهاريندي اها سڄي ديڳڙي ٿالهيءَ ۾ نائي ڏني. مٿان ڍڪڻ تي جا ساون مرچن جي ڪتر ۽ ٿورو ڪچومر بچيل هو سو به ٿالهيءَ جي پاسي تي لاهي رکيائين. مون کيس پنجن وارو نوٽ ڏنو. ”امان اچي، هي پنج ئي روپيا رکي ڇڏ.“ هوءَ صفا پڙ ڪڍي بيٺي، ”چي ابا خدا خوش رکئي مونکي خيراتون ۽ واڌيون وٺيون هجن ها ته ههڙي حالين در در ڇو ڀٽڪان ها، پر اهو رلڻ سٺو ٿي ڀانيان بي حق وٺڻ کان.“ گهڻو زور ڀريوسينس ته به پنج روپيا نه قبوليائين. لاچار روپئي روپئي وارا ٽي نوٽ ڏنامانس جي وٺي هٿ ۾ ڪيائين.

هاڻي چيوسينس. ”ماسي ٿورو اندر طرف سري ويهه ڪجهه باه جو سيڪ ته وٺ سيءَ ۾ سڄي سرخ ٿي پئي آهين، نڪا لوئي نڪا اجرڪ، انهيءَ وائلي جي وڳي ۾ ڪيئن پئي هلين ههڙي سيءَ ۾؟“ چيائين. ”امر الله خوش رکنو، لوئي دشو ڪرڻ جهڙي آءٌ رنڙي جڏهين ڪا ٿيان، في الحال ته پيٽ قوت ئي مس ٿو ٿئي، هن جڏي جيءَ کي اجهو هن چمپل وانگر گهليو گهليو پئي پڄايان، رات ٿئي ته چنيءَ چارئي پاند ريڙهيو صبح ڪريان، پنڻ مڱڻ مونکان نٿو پڄي، درن گهرن جي بزگيري مون ضعيف لاءِ وڏو کاپارو پوءِ ڪڏهين ڪهر رڌيو کڻان ڪڏهين گجر بصر، هڪڙي پاڙي کي ڦيري ڏيو اچان ته اٽي لپ نڪريو اچي.“

www.sindhsalamat.com

مون جهٽ جهٽ ڪري شيو پيورو ڪيو. هڪڙو اڦراٽو رڪيبيءَ ۾ رکي ڏنوسينس ته کائڻ کان جواب ڏئي بيٺي چي: ”اڄ کاڌم ته وات هري پوندم ۽ نڀاڳو سڀاڻي به سڌ ڪندو، اهڙو هيئين کي هيرايان ئي ڇو جو نيٺ وڃي پنڻ تي پوان، روح جهليو پليو چڱو آهي، ڪير ٿو روز روز ڪنهن کي کارائي-“ هوءَ ذري ذري اٿڻ جي ڪري اسين زور ڪري ويهاريونس. نيٺ چانهه جو اڌ ڪوپ قبول ڪيائين. ڪجهه کوٽيوسينس ته اندر کولي ويهي رهي- ”بس ابا دورنگي دنيا جا اهي دستور ازل کان آهن ڪڏهين ڇٽ پٽن تي ڪڏهين پٽ ڇٽن تي، آءٌ به ماڙهن جهڙي ماڙهو هيس مڙس ناڪي منشي هو الله جه، هڪ پٽڙو ڏنو هئم سو پائي ڄڻ ٻنهي جهانن جي مايا ميڙي ويٺي هيس. آئندي جون آسون پنڊيون پي ڏٺم. پر جو چوندا آهن ته هڪڙي بندي من ۾ ٻي جا ڪري الله جه، مڙس نوڪريءَ مان رٽائر ٿيندي ئي اچي کٽ ورتي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هٿن مان ويو هليو، چيائون مٺن پيشابن جي پراڻي بيماري هئس، خدا کي خبر، نوڪريءَ ۾ هوندي ڪڏهين ڪا رنجهه ڪنجهه ٿيندي هئس پر ڪڏهين لکايائين ڪونه. مڙس کي روئي ويٺس پر جو پٽ کي وڌندو ويجهندو ڏٺم ته اهو ڏهاڳ جو ڏک وندري ويو، باچو ساچو کائي پورو ڪيوسين ته هاڻي سڀ بار اچي انهيءَ ماشوم تي پيو، صبح پڙهڻ ويندو هو ۽ شام جو وڃي پورهيو ڪندو هو، مونکي هڪڙو سنڌن جو سور ٻي ڪا اندر جي جهوري، اوڙي پاڙي ۾ سانجهڻ پورهيو ڪيم پر جالي نه سگهيس. ته به گذر پي ٿيو. پوءِ الائي ڪهڙي ڪرڻي آڏي آئي جو

www.sindhsalamat.com

هڪ رات گهر کي اوچتي باه لڳي ۽، اک ڇنڀ ۾ سڄو گهر ته سڙي ڦلهيار ٿي ويو پر منهنجو اهو ڪونڌر جوان پٽ به باه جو بک ٿي ويو، ابا باقي وڃي بچيس آءٌ نڀا ڳي ۽ گهر جون چار ڀتيون ۽ ڇت، سي به اڌ سڙيل. روئي ڌوئي ويهي رهيس. پوءِ ته ديما ڳ ئي جاءِ نه رهيم، ڪيترا ڏينهن ته بتال ۽ بي سڌ ڇت ۾ اکيون کپايو پئي هوندي هئس، نيٺ صبر اچي ويم. هاڻي پئي ساه پساه جي تسبيح ڳڻيان جيسين ڪي داڻا پورا ٿين-"

اسانجي اکين ۾ پاڻي تري آيو، ٻار هيسجي هن ڏانهن نهارڻ لڳا ته هوءَ ڦڪي کِل کلي هنن کي دلداري ڏيڻ لڳي. ٻارن کي دلگير ڏسي هنکي ڪو پڇتاءُ پي ٿيو. خود سندس اکين ۾ ڀٽن جهڙي سڄ هئي، شايد روئي روئي لڙڪن جو ذخيرو به کٽائي ويٺي هئي. بس منهن تي ڏجهڻ ۽ ڏرڻ جا ڪي اهڃاڻ هئس پر اهي به سکڻا سکڻا جيئن ڪي سڪل پن پيا هلڪي هوا ۾ چرندا پرندا آهن. عجب دکدائڪ ماحول ٿي ويو اسانجي گهر جو. گهڻيون آزيون ايلاز ڪري واسطا ۽ قسم سنهن وجهي هڪ ڪپڙن جو وڳو، هڪ لوئي ۽ هڪ چمپل وٺڻ تي راضي ڪيوسينس، ڏاڍي نه نه ڪري نيٺ قبول ڪيائين پر ڦڪي ڦڪي ائين پئي ٿئي ڄڻ ڪو ڏوه ڪندي هجي. وري به ڇا ڪيائين جو ٻار اٿي اسڪول اسهڻ لڳا ته اهي چڻن وارا ورتل ٽي روپيا هڪ هڪ ڪري ٽنهي ٻارن کي خرچي ڪري ڏنائين ۽ هنن جي مٿن تي هٿ ڦيري هزار آسيسون ۽ دعائون به ڏنائين. چي ماءُ ڪري

www.sindhsalamat.com

سڏ ڪيو اٿو ته منهنجي اها ڀيٽا قبول ڪريو نه ته واپس وٺو پنهنجا هي سامان-!

هوءَ اسانجون ڏنل اهي نعمتون کڻي هڪ ڪڇ ۾ ڪري ٻيءَ ڪڇ ۾ اها ڦٽل جتي ۽ ديڳڙي کنيي دعائون ڏيندي پيرين اگهاڙي اٿي رواني ٿي. اسان زال مڙس کي صبح مرداني اهڙي ماٺ لڳي جو ڀنل اکين سان هڪ ٻي کي ڏسندا رهجي وياسين پر هنکان نه ڏس پتو پڇيوسين نه ٻيهر اچڻ جي دعوت ڏني سينس. هوءَ به جا ان ڏينهن وئي ته وري انهيءَ گهٽيءَ ۾ نه ڏٺي سين. هن سچ چيو هو ته ڪير ٿو ڪنهن کي روز کارائي ڪير ٿو ڪنهن جي پورت ڪريو سگهي. برابر، جيسين سڄو سرشتو نٿو بدلجي تيسين ساهميءَ جا ٻئي پڙ پيا هيٺ مٿي ٿيندا. مونکي به ڪيترا سبق مليا. مون ان ڏينهن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو ته- ”دنيا ۾ جيسين هڪڙو ماڻهو به دکي ۽ ناخوش آهي تيسين مونکي سکي ۽ خوش ٿيڻ جو ڪو حق ڪونهي-“ پر اهي لکڻ لکائڻ ۽ پڙهڻ پڙهائڻ جون ڳالهيون آهن ٻين کان واه واه وٺڻ لاءِ، ٻين کي پنهنجن خيالن جي عظمت جتائڻ لاءِ. عمل جو نالو نشان ڪونهي نه ته اهي اوچ نيچ جا سرشتا بدلجي نه وڃن-!؟

www.sindhsalamat.com

*** هي ڪتاب سهيڙيم پي جو **محترم مير حاجي محمد بخش ٽالپر** صاحب جو هڪ طويل تفصيلي خط مليو جنهن ۾ موصوف ٽالپر ميرن جي خانوادي بابت ڪي تفصيل ۽ وضاحتون ڏنيون آهن. انهن وضاحتن مان جيڪي ٽنڊي الهيار سان واسطو رکندڙ آهن سي هتي ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان ته جيئن پڙهندڙن کي معلومات به ملي ۽ تاريخي ڇنڊ ڇاڻ ڪندڙن کي به ڪي ڏس ملن. مير صاحب لکيو آهي:

”اوهان صاحبن جو ڪتاب ”اڳي ايئن هياس ميرپورخاص مان ورتم ۽ پڙهيم، اهڙيون يادگيريون قلمبند ڪرڻ تمام ضروري آهن جو پنجاه سؤ سالن بعد اهي تاريخ طور ڪم اينديون. اوهانکي شابس آهي جو اهڙي مڙسي ڪئي اٿو. تاهم اوهان صاحبن ميرن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي سو منجهيل آهي ان ڪري ڪجهه حقيقتون لکڻ ضروري ٿو سمجهان.... شهرن جي ڀرسان قديم شهرن جا ويرانا ۽ کنڊر هئڻ ممڪن آهي جيئن ميرپورخاص جي ڀرسان ڪاهوءَ جو دڙو، جنهن کي ڪلاسيڪل لکندڙن هرماٽيلا به چيو آهي، هو پر هاڻي نابود ٿي ويو آهي. اهڙي طرح ٽنڊي الهيار جي ڀرسان به ڪو کنڊر يا ويرانو هجي ته ممڪن آهي پر ان مان ڪو سڪو يا مورت يا بت يا ڪنهن اهڙي طرح جي شئي جو لڀڻ ضروري آهي.... مير الهيار خان ٽنڊي الهيار

www.sindhsalamat.com

جو برابر باني هو. مير فتح خان کي ٽي پٽ هئا جن سنڌ جي فتح ۾ حصو ورتو ۽ سنڌ جو حصو به ملين. انهن مان وڏو هو مير الهيار خان دوئم جيڪو درويش صفت انسان ۽ مشهور شاعر فقير عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو شاگرد هو. شعر ۾ سندس استاد شايد مير ضياءالدين ضياءُ ٺٽوي هو، مير الهيار خان حڪومت نه ورتي بلڪ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ستاره جنگ مير ٺارو خان جي حوالي ڪئي. مير الهيار خان ٻه شاديون ڪيون — هڪ ٽنڊي آدم جي باني آدم خان ري جي همشيره سان ۽ ٻي ڀوڏيسر تعلقي ننگرپارڪر مان. هن کي فقط هڪ فرزند مير مسو خان هو جنهن جو مڱڻو ٽنڊي غلام علي جي ميرن مان ٿيو. هو اڃا سورهن سترهن سالن جو هو جو هڪ سازش وسيلي زهر سان شهيد ٿيو. مير الهيار وري ٽوپي ۽ جتي نه پاتي. رهائش ٽنڊي الهيار ۾ هئس ۽ عيسوي سن ١٨١٦ع ۾ وفات ڪيائين. ان وقت ٻيو ڪوبه مير ات (ٽنڊي الهيار ۾) ڪونه رهندو هو. مير ٺارو خان واليءَ ميرپورخاص کي ٻه فرزند هئا — مير غلام حيدر خان ۽ سرڪار عادل جنگ مير علي مراد خان ٽالپر. مير ٺاري خان جيئري پڳ ٻڌڻ لاءِ مير غلام حيدر کي چيو جنهن قبول نه ڪيو ته پڳ ننڍي ڀاءُ مير علي مراد خان ٻڌي. هن ٣٧-١٨٣٦ع ۾ وفات ڪئي. کيس ٽي فرزند هئا: وڏو شير سنڌ شير جنگ مير شير محمد خان، ٻيو نمبر مير حاجي شاه محمد خان ٽيو مير حاجي خان محمد خان. هزهائنس مير شاه محمد خان پنهنجي حڪومت ۽ رهائش ٽنڊي الهيار ۾

www.sindhsalamat.com

ڪئي. هن جو ڪو مير الهيار خان سان تڪرار نه هو ڇوته هو مير الهيار خان جي وفات وقت چند سالن جو هو ۽ سڳ ۾ سندس پوٽو هو. ميرشاه محمد سيوهڻ طرف ڪرنل رابرٽس سان وڙهندي پير آري جنگ ۾ زخمي ٿي قيد ٿي پيو. هو ٻين حڪمرانن سان گڏ پونا، ساسور، ڪلڪتي ۽ هزاري باغ طرف رهيا ۽ (پوءِ) ٻين سيني ميرن کان اڳ آزاد ٿيا. مغل پٺاڻن مان هزاري باغ مان شادي ڪيائون جنهن مان هڪ فرزند مير وزيرخان ٿيو. واپس حڪومت وڃڻ بعد وري به ڪڏ پريسان نئون ڳوٺ ٻڌي اچي ٿنڊي الهيار طرف رهيا. ات وري به ٿنڊي سومري جي نظاماڻين مان شادي ڪيائون.... ٿنڊي الهيار کان نصرپور تائين علاقو ماڻڪاڻي ميرن جو هو. بعد ۾ (مٿي ذڪر ڪيل) مير وزيرخان کي هڪ فرزند مير جان محمد جان ٿيو جو اڪثر ميرپورخاص ۾ رهندو هو، هنکي فقط هڪ دختر هئي جنهن غفيفه جي شادي ڪانه ٿي.... هن وقت ڪوبه اولاد نرينه مير شاه محمد خان جو ڪونه آهي.... سيد نا گوري رضوي جي اڳي ٿامي جي برتنن جو واپار ڪندا هئا سي قريباً ميرن جي حڪومت جي شروعات ۾ عمرڪوٽ، سامساري ۽ ٿنڊي الهيار ۾ رهيا. بي مثال حڪيم فيرومعر به ٿنڊي الهيار ۾ رهيو. ٿنڊي الهيار ۾ امام بخش شاه نا گوري ميرن جو خاص ماڻهو هو. مير شيرمحمد طرفان جنگ ميائي جي ٻي ڏينهن ميائي جي ميدان تي انگريزن سان مليو هو. اهو ذڪر نيپئر جي ڪتاب ۾ به آهي. باقي خزاني واپس ڪرڻ جي ڳالهه روايت آهي، انجي

www.sindhsalamat.com

ڪا ثابتي نه آهي نه وري اهڙو ڪو سڪو ٿي سگهي ٿو- والسلام-"

ميرصاحب سان ٻوءِ به خطن جي ڏي وٺ رهي. سندس خط مان ٿنڊي الهيار سان تعلق رکندڙ هي ٿڪرا تاريخي اهميت جا آهن ان ڪري لکيا اٿم. انهن سان منهنجي هن ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ لکيل هنن ٻن ڳالهين سان اختلاف ٿئي ٿو- (١) ته ميرِ الهيار خان جي ميرِ شاه محمد خان سان ڪا اٿيٽت هئي ۽ (٢) ته سيد امامبخش شاه جي هٿان ميرن جي خزاني جي حفاظت ۽ انهيءَ امانت جي واپسي ٿي هئي. باقي سڀني ڳالهين جي هن خط مان تصديق ٿئي ٿي. بهرحال هن بيان کي ڪتاب جي پهرئين حصي سان ملائي پڙهبو ته ڳالهه واضح ٿي ويندي. ڪاش ميرصاحب موصوف جي خطن مان اهو واضح ٿي سگهي ها ته ٿنڊي الهيار جي قلعي ۾ ميرِ الهيار خان جي وفات بعد ڪير رهيو ۽ ١٨٤٣ع ۾ سنڌ جي انگريزن جي فتح بعد ان قلعي ۾ سرڪاري آفيسون قائم ٿيڻ ڪان اڳ ڪير سڪونت پذير هو. ٻيو هي ته جي قلعي دار ميرِ (جيڪو به هو) ۽ ميرِ شاه محمد خان وچ ۾ ڪا اٿيٽت نه هئي ته ٻوءِ ميرِ موصوف جو انهيءَ قلعي ڪان ٿورڙي مفاصلي تي ڪڏ پويان جدا وستي وسائڻ جو ڪهڙو سبب هو-؟ ميرِ الهيار خان سان يا قلعي جي متصرف ڪنهن ٻي ميرِ سان ضرور ڪو اختلاف هوندو نه ته ساڳي قلعي ۾ رهن ها. ٿي سگهي ٿو ته ميرِ الهيار خان ڪانپوءِ ميرِ شاه محمد خان ئي قلعي ۾ رهيو هجي ٻوءِ ان تي انگريزن جي قبضي

www.sindhsalamat.com

۽ پنهنجي گرفتاريءَ بعد واپس اچڻ تي اچي اهو گوٺ ٻڌو هجيس جو انگريزن قلعي ۾ نه رهڻ ڏنو هجيس. جيتوڻيڪ جهونن کان روايتون ٻڌيون اٿئون ته مير انگريزن جي فتح بعد به قلعي ۾ رهندا هئا.

مون پهرئين حصي ۾ جنهن "مير جي گوٺ" جو ذڪر ڪيو آهي ته ڪڏ جي پرينءَ ۾ مير شاه محمد ٻڌايو هو تنهن جا ڪنڊرات ڪلهه تائين موجود هئا، توڙي اتي هڪ بورڊ به "گوٺ مير شاه محمد" جي نالي لڳل هو. هاڻي اها زمين پڪي آباديءَ هيٺ اچي وئي آهي. ڏريڪٽر ۽ بلڊوزر گهمائڻ وارن نون مالڪن کي اتان ڪي سڪا به مليا آهن جي هو فيالحال ڪنهن کي ڏيکارين نه پيا. منهنجي ڪتاب جي ٻنهي حصن ۾ ڪا تاريخي ڪرانالاجيڪل ڊيٽا ته ڪانهي بلڪ يادگيرين جا تاثراتي ڪتاب آهن پر تڏهين به تاريخي احوال لکندي گهڻو احتياط ۽ سنجيدگي کان ڪم ورتو اٿم، تحقيق ۽ جستجو به ڪجهه نه ڪجهه ڪئي اٿم محض الل‌ٽپ ڏڪا نه هنيا اٿم. اول خير شهر بابت تاريخي تحقيقي ڪتاب الڳ لکڻ جو موقعو نصيب ٿيو ته تحقيق توڙي روايتن تي ٻڌل حقيقتون ترتيب ۽ تفصيل سان لکيون. روايتون به بهرحال اهميت رکن ٿيون. مير صاحب موصوف جي ئي هڪ ٻي خط ۾ ڏنل مزيد احوال موجب:-

"مير شيرمحمد خان جو جنم ١٨١٠ع ۾ ٿيو هو ته مير شاه محمد خان جي پيدائش اغلب ١٨١٢ع ڌاري ٿي، ١٨٣٦ع تائين سندن والد مير علي مراد جي وفات ٿي تنهن

www.sindhsalamat.com

بعد ٽنڊي الهيار وارو پرڳڻو، جنهن ۾ نصرپور ۽ اگهاماڻي تاڻين جو علاقو شامل هو، مير شاه محمد خان جي حڪومت ۾ آيو. مير موصوف ٽنڊي جي قلعي ۾ ئي رهيو. انگريزن سان مير شيرمحمد جي معرڪي ۾ مير شاه محمد به گرفتار ٿيو ۽ ٻاهر اماڻيو ويو ۽ بعد ۾ ١٨٥٣ع ۾ مير شيرمحمد سان ئي گڏ لاهور کان موٽيو ۽ هتي هڪ جداگوٺ ٻڌي رهائش اختيار ڪيائين. ڇاڪاڻ ته قلعو انگريزن وٽ هو...."

هيءَ ڪجهه وڌيڪ معلومات ملي جنهن سان مزيد وضاحت ٿي. بهرحال تاريخي معاملا هميشه ئي تحقيق طلب هوندا آهن. ڪنهن جي به ڳالهه پٿر تي ليڪ نه هوندي آهي.

منهنجي مزيد تحقيق موجب:- هتي ناگوري پاڙي ۾ هڪ مسجد اچا آهي جا ميرن جي عام مختيار سيد امامبخش شاه ناگوريءَ سن ١٢٠٥ هجري ۾ ٺهرائي هئي. انهيءَ سيد امامبخش شاه جو ذڪر ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ به ڪيو اٿم. انهيءَ ئي مسجد جي ويڙهي ۾ هڪ ڪوه ۽ اهي تهه خانا هئا جنهن ۾ هن ٽالپر ميرن جو خزانو لڪايو هو جڏهين هو انگريزن سان جنگ ۾ اٽڪيل هئا. جنگ ختم ٿيڻ بعد هن انهيءَ خزانيءَ جي هڪ هڪ پائي ميرن کي پهچائي ڏني هئي. امامبخش شاه جو فرزند غلامرمرتضيٰ شاه انهيءَ جنگ ۾ ئي شهيد ٿيو هو. (سنڌ فتح ڪرڻ بعد) انگريزن امامبخش شاه تي تمام گهڻو زور ڀريو ته ميرن وانگر انگريزن جو به عام مختيار ٿي ڪم ڪري پر هن صاف جواب ڏنو ته "ڪافر ۽ غاصب جي چاڪري نه ڪندس"

www.sindhsalamat.com

تنهن تي انگريزن ڪاوڙجي انهيءَ مسجد کانسواءِ باقي سندن سڀ جايون ۽ جائداد ضبط ڪئي ۽ سيد واپس ناگور هليا ويا. پوءِ جڏهين ڌاپر ٿي ۽ انگريز به ٿڌا ٿيا تڏهين امام بخش شاه واپس اچي ساڳي پاڙي ۾ جايون وٺي رهائش اختيار ڪئي ۽ هتي ئي وفات ڪيائين. سندس قبر هتي جي وڏي قبرستان ڪنڊي وسيءَ ۾ آهي.

سندس پوٽن مان نور محمد شاه، شير محمد شاه ۽ لطيف شاه به هت رهيا. ناگور مان سندن ٻيا پاڙا به هتي آيا جن مان سيد تقي شاه وڏو وضعدار اشراف بزرگ گذريو آهي جنهن سان منهنجيون به رهاڻيون ٿيون. تنهن کانسواءِ ورهاڱي کانپوءِ به انهن سيدن جا ڪي وڌيڪ گهر هتي آيا آهن ۽ مختلف قسم جا ڪاروبار ڪري رهيا آهن. سيد امام بخش شاه جي قبر به هاڻي گم آهي. پاڻ اتي سٺ چوڪنڊيون ٺهرايون هئائين جي سندس حياتيءَ ۾ ئي سندس عزيزن جي ميتن سان ڀرجي ويون پاڻ انهن کان ٻاهر دفن ٿيو. پرهن وقت نه اهي چوڪنڊيون آهن نه ٻيون قبرون سلامت ـــ جيئن جيئرن تي چڙهت ٿئي تيئن مئلن تي به ٿي ـــ! خير ـــ هنوقت اتي هڪ ناگوري سيد پناه علي شاه جي قبر البت سلامت آهي جنهن جي ڪتبي تي سن ١٣٠٠ هه هجري لکيل آهي.

www.sindhsalamat.com

*** انوقت عمر ڪا ڏهه بارهن سال مس هئي-
وفائي صاحب وارو رسالو "توحيد" اسانوٽ باقاعدگي
سان ايندو هو- هڪ تازو پرچو آيو ته ڪٿي ويٺس ڏسڻ- ٽائيٽل
تي هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جو فوٽو ڏنل هو جنهن جا ڪپڙا
ليڙون مٿو اگهاڙو ۽ مسڪين صورت تي مٽيا هئي، آءٌ
فوٽوءَ ۾ محو ٿي ويس- فوٽو جي هيٺان هي بيت لکيل هو-
"ڪلهن ڦاٽو ڪجرو مٿو اگهاڙو- منهنجو ڪجاڙو ڀينر هن
ڀنڀور ۾-" ۽ انجي هيٺان ڏنگين ۾ لکيل هو- "شاه". لفظ
ڪجرو ڪانسواءِ ٻي سڄي بيت جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي
وئي- هاڻي فوٽي کي ڏسيو بيت پڙهان ۽ بيت پڙهيو وريو
فوٽي تي اکيون کپايان اندر ۾ هڪ الاهي جوت، ڪي
عجيب اڌما ۽ ڪي اٿلون پئدا ٿي پيون- بيت ۽ فوٽي جو
پاڻ ۾ جو ربط ۽ سنبنڌ هو تنهن مونکي منڊي ڇڏيو- اٿي
آيس بابا جي خاص ساٿاري سائين جاني شاه وٽ جو ڪرسيءَ
تي پاٿولي هنيو اخبار "سنسار سماچار" ۾ غرق هو- پڇيو مانس
هي ڪهڙي شاه جو فوٽو ۽ بيت آهي جو هيٺان ڏنگين ۾
شاه لکي ڇڏيو اٿن-؟ تڏهن ويهي سمجهائڻ لڳو ته فوٽو ته
ڪنهن عام ماڻهوءَ جو آهي باقي بيت حضرت شاه ڀٽائيءَ
جو آهي، پوءِ بيت جي معنيٰ ۽ تشريح سمجهايائين ته اندر
اجري پيو- اهو پهريون ڀيرو آءٌ پورب پڇم اتر ڏکڻ جي

www.sindhsalamat.com

شاعرن جي شاه جي عظمت ۽ مرتبي کان واقف ٿيس- پوءِ تہ گربخشاڻي صاحب وارو رسالو کنيو ويٺو پڙهندو هوس ۽ جاني شاه کان معنيٰ مطلب پڇندو هوس.

وقت گذرڻ سان ڏٺم تہ هندو مسمانن کان وڌ ۽ مسلمان هندن کان وڌ، ڇا غريب ڇا تونگر ڇا مزور ڇا مالڪ ڇا پڙهيل ڇا اڻ پڙهيل، سڀ شاه جا اهڙائي ازلي عاشق هئا جهڙا پنهنجن اوتارن ۽ اولياءن جا، سواءِ ڪٿر ملن جي جن کي خاص ڪري شاه جي "روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم-" واري بيت تي ڏاڍا خار هئاه ٻيو ٻين ٻولين جي مذهبي لٽريچر جو اثر پر خاص سبب هي تہ هو انهيءَ "فهم" کان عاري هئا جنهن سان هڪ رواجي مهاڻو ماڇي بہ مالا مال هو- پر سائين انهن ئي ڪٿ مست ڪٿرن کي جڏهين آخري عمر ۾ ڪا بيماري لڳي ۽ موت اکين اگيان اچي ٻيٺو تہ انهن کي بہ روئي روئي شاه جا بيت جهونگارينداِ ۽ هاءِ هاءِ ڪندا ڏٺم- ان ويل پيا چوندا- "ڪين ساڳا هيم سپرين جاڙون ڪيم جي- سوڍا مونکي سي موڻي آيون منهن ۾-"! ۽ اهڙا ڪيترا بيت ور ور ڪيو پيا پڙهندا جو حيراني ٿيندي تہ اهي ياد ڪڏهن ڪيائون-! طوطو ڪيتريون ئي ٻوليون سکي پرتڪليف جي وقت اهائي ٿيائون ٿيائون ڪندو.

پنجاه جي ڏهائيءَ جي آخر کان مرڪزي حڪومت، خاص ڪري ايوب خان جي حڪومت پٽ شاه تي ۽ شاه جي روزي تي ڏاڍو آر رکيو اتي ڏاڍا ترقياتي ڪم ٿيا- روضي ۽ مسجد جي ڏاڍي پر گهور ٿي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي

www.sindhsalamat.com

حڪومت تاتين صدر ۽ گورنر ڀٽ شاهه تي حاضريون ڏنيون. (تنهن بعد فقط گورنر، يعني شاه کي وري صوبائي ڪري ڇڏيائون). هتي سائين حسن شاه جي روبرو هڪ سفيد سونهاري واري بزرگ ٻڌايو ته- شاه جي آسڻ تي راتين جون راتيون جاڳي کائنس سوال ڪيم ته مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو ته هاڻي حڪومت اوهان تي ايڏي مهربان ڇو ٿي آهي-؟ نيٺ هڪ رات ڀلاري ڀٽائيءَ جواب ڏنو ته ”اسانجي مزار تي ڀولڙن ٿي ٽپ ڏنا انهن جي پٺيان..... ڇڏيا اٿئون-“

— والله اعلم— ڪيڏو ڏک ٿيم انوقت جڏهين ٻڌم ته هتي ڪاليج ۾ ڇوڪرن طرفان شاه رح جي ورسي ملهائي وئي تنهن تي شاه جو عارفاڻو ڪلام ڳائڻ جي اجازت نه ڏني وئي ته اهو غير اسلامي فعل آهي-!؟ الله الله- نازيه زهيب ۽ سلمىٰ آغا وارا گانا ۽ ايڪشن به شاه جي ڪلام کان وڌيڪ مبارڪ ۽ مباح ٿيا....! تاڙين جي ڦهڪي سان نبيءَ جو نالو به شاه جي ڪلام کان وڌيڪ اسلامي فعل ٿيو-!؟

*** ٽنڊي الهيار جي **جيد شاعر احسان فقير** جو ذڪر ٻين صفحن ۾ ڪيو اٿم. هتي هڪ ٻيو مقبول عام شاعر به گذريو آهي— اصل نالو لکانو، قوم جو شيدي ۽ تخلص **خاڪي** هوس. ڏاڍا سٺا سهڻا بروزن ۽ برمحل شعر چوندو هو، ذوق ۽ نظر وارن جون وٽس محفلون مچنديون هيون، مير جي ڳوٺ ۾ ٿاڪ هوس، اکر به ڏاڍا سهڻا لکندو هو. پنهنجو توڙي پنهنجن پسنديده شاعرن جو ڪلام ڪاپين ۽ بندين تي ڏاڍي ترتيب ۽ سهڻائيءَ سان لکي ڇڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com

ورهاڱي کان ڪجهه اڳ جهان ڇڏي ويو.

اسين ٽنڊي وارا اهڙا نکڻا ٿياسين جو نه سندس ڪلام محفوظ ڪيوسين نه سندس اهي بياض محفوظ ڪري سگهياسين. هن وقت ڪيتري جستجو کانپوءِ به ڪو اهڙو ماڻهو نه هٿ آيو جنهن کي سندس ڪلام ياد هجي، نه اهي ڪاپيون ۽ بنديون ٿيون هٿ اچن. بس سندس صحبتين کي سندس نالو ۽ هي هيترو احوال ياد رهيو آهي جو هتي لکيو اٿم.

ماضي قريب جي شاعرن مان هڪ **عبدالحميد تخلص "منتظر"** سومرو هو جو خاص ڪري غزل ۾ ڀڙ هو. عبرت اخبار ۾ اڪثر غزل ڇپبا هئس. هتي هڪ مشاعري ۾ مخدوم محمد زمان طالب مولي صاحب سميت ڪيترن شعر ۽ سخن جي صاحبن کان داد ۽ تحسين جون جهوليون ڀرجي مليس.

خانداني اشراف هو، سندس ڀائر ۽ ڀائٽياوڏن سرڪاري عهدن تي فائز رهيا پر هي پنهنجي خوددار ۽ انا پسند سڀاءَ سبب سدائين عسرت ۾ رهيو. مختلف قسم جون خانگي ملازمتون ڪيائين پر "بزگير" ٿيڻ جو ڏانءُ نه آيس تنهن ڪري ڪٿي ٽڪي نه سگهيو. ڪٿي ڪنهن به موضوع تي ڪو بحث ڇڙي ته ڏسو عبدالحميد منتظر جا وزندار ۽ وقتائتا دليل، چڱن چڱن دانائن کي بحث مباحثي ۾ دسي رکندو هو. اوائلي زندگيءَ ۾ مذهب کان عاري عليحدو هو پر پوءِ جي تن جون تاڪيون کليس ته رچي راس ٿي پيو. هتي ٽنڊي الهيار ۾ نبي سڳوري صلعم جن جو ههڙو عاشق ٻيو

www.sindhsalamat.com

ڪونه گذريو. حضور صلعم جن جو نالو ٻڌنديئي اکيون ڀرجي اچنس، پاڻ نالو مبارڪ وٺي ته گلو ڀرجي اچيس، پوءِ مون جهڙن ڪيترن ناستڪن کي پاڻ سنئين راه تي آندائين ۽ سڀئي ڪفارا ڏئي ڇڏيائين. اڌ زندگي ته تجرد ۾ گذاريائين. حضور صلعم جن جي شان ۾ ڪيتريون مدحون ۽ نعتون چيائين ۽ محفلن ۾ پڙهيائين. پنهنجو ڪلام ڳائي به ٻڌائيندو هو ۽ شعر ترنم سان پڙهندو هو. محفل ۾ رنگ رچي ويندو هو. ١٩٧٦ع ۾ وفات ڪيائين.

هتي مولودين ۾ ڀلا ڀائي محمدهاشم مڱڻهار ۽ پوءِ محمدرحيم مڱڻهار وڏو نالو ڪڍيو. هاڻي سندن پوين مان محمدايوب مڱڻهار اهائي لاٽ ٻاريو بيٺو آهي، پهرين جوڙ جو مولودي ۽ ٻاريءَ جو مک آهي. عثمان مڱڻهار به سٺو مولودي هو، هاڻي سندس پٽ ايوب جي ٻاريءَ ۾ آهي. ايوب جو پيءُ گهرام به گهڻو مقبول مولودي هو. هتي جي مولودين جي سڄي سنڌ ۾ هاڪ آهي....

*** جن اڪيچار گهاٽن جو پاڻي پيتم انهن ۾ هڪ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد به هو. انوقت ريڊيو اسٽيشن هوم اسٽيڊ هال ۾ هئي، ايئرڪنڊيشنڊ وغيره ته ٺهيو پر پنکا به پورا سورا هئا. اسٽوڊيو بوٿ ۾ ته گرمين ۾ برف جون وڏيون وڏيون لاديون ٽبن ۾ وجهي رکيون هيون پر بوٿ ON AIR هجي ته پنکا به بند ڪيا ويندا هئا. بس پوءِ رجهندا هئاسين. اڃا اليڪٽرانڪس ۽ ٽيڪنالاجي اڃا هي جديد اوزار نه آيا هئا. ڊراما گهڻو ڪري سڌا LIVE

www.sindhsalamat.com

نشر ٿيندا هئا. مرد ڊرامه آرٽسٽ کي ڏه روپيه ۽ عورت آرٽسٽ کي پندرهن رپيا ملندا هئا ٻيو نڪو آمدورفت جون سهولتون نه ڇا. پوءِ اها سهولت به رڳو عورتن کي ملي. مرد اهوئي لش لش ڪيو ايندا هئا. صوتي اثرات جا رڪارڊ ئي پورا نه هئا. گهڻا اثرات اسانکي پاڻ پيدا ڪرڻا پوندا هئا ـــ مثال طور ڏماڪي جي آواز لاءِ ڦوڪڻو مائڪ وٽ جهلي سئيءَ سان ڦاڙڻ، زنجيرن هٽڪڙين جو آواز ڪيڏ لاءِ چابين جو ڇڳو ڇڪائڻ، ٻڌڻ ترڻ ۽ ٻيڙيءَ جا ونجهه هلڻ جي آواز لاءِ پاڻي جي ڀريل پيالي ۾ هٿ وجهي ڇلڪائڻ وغيره. ڪنهن ڪنهن آرٽسٽ کي هڪ هڪ ڊرامي ۾ آواز ۽ لهجو بدلائي ٿي ٿي پارٽ ڪرڻا پوندا هئا. مون ڊرامه "سندباد جهازي" جي سيريل ۾ هڪ هڪ سفر ۾ چار چار پارٽ به ڪيا. اتي ئي ڏيو جو اتي ئي جن جو اتي ئي ڪنهن ماڻهوءَ جو. پير تسم پا وارو پارٽ ته اڄ گهڻو ٿو ياد اچيم.

تڏهن واحد ڊرامه ليکڪ ۽ پروڊيوسر هو سيد منظور نقوي صاحب جو اڃا به آهي ڏاڍو مشفق مهربان ۽ نندين وڏن جو يار. مصطفيٰ قريشي سان ڏيٺ ويٺ اتان ٿي، بيشڪ آل رائونڊر پڙ فنڪار هو. ممتاز مرزا، مشتاق مغل، سيما، عبدالحق ابڙو (هاڻي سڀ ٿي وي تي آهن) منظور مغل، غني حميراڻي، مس منور مغل، نصرت چنه، سڪينه چنه ۽ ٻيا سڀ اتي هئاسين، مٿان هو محمد بخش انصاري صاحب اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ۽ وڏو فنڪار جهڙو روبسٽ آفيسر تهڙو رچيل اداڪار، شل نه ڪنهن ڊرامي جي هدايتڪاري جو

www.sindhsalamat.com

ذمو کڻي اصل سڀني جي لاک لاهي ڇڏيندو، ڌڙڪا، ڇڙٻون ۽ طنز. پهرين ته پاڻ سڄو اسڪرپٽ شروع کان آخر تائين پڙهندو، سڀني ڪردارن جا ڊائلاگ پاڻ مختلف لهجن ۽ آوازن ۾ چوندو، پوءِ اداڪارن کي چوندو هاڻي چئو پنهنجا پنهنجا ڊائلاگ انهيءَ انداز ۾. سڀ هن کان ڪئه کائيندا هئاسين. هن جي رڳو نهار کان ئي چڱو خاشو آرٽسٽ هارجي ويندو هو.

سيد صالح محمد شاه، جيئي بچي شال، تڏهن نئون نئون آيو هو بلڪ آسان کان پوءِ، ريڊيو تي ڪم ڪرڻ جي ڏاڍي تانگهه هئس، مون وٽ گرين هوٽل ۾ ملڻ ايندو هو، چوندو: ”يار ڪڏهن اهو وقت ايندو جو آءٌ ريڊيو تي اناؤنسر ٿيندس، منهنجو آواز فضائن ۾ گونجندو ماڻهو منهنجو آواز پنهنجن گهرن ۾ ٻڌندا، آءٌ اناؤنسر ڊيسڪ تي هوندس، ساڄي بوٽ ۾ روبينه هوندي، يا محمد ابراهيم ۽ کاٻي بوٽ ۾ ڪي ٻيا فنڪار، ۽ آءٌ اناؤنس ڪندس. ”هاڻي روبينه کان حضرت شاه لطيف جي ڪافي ٻڌندا.“ تڏهن اسان کي اهڙو امڪان نه پي ڏنو، ته هن جون سڌون سندس اميدن کان به وڌيڪ پڄنديون. پوءِ ته ماشاءالله سڀني کان اڳرو ٿيو، شل سدا هجي. عام لوڪ ۾ ههڙو هر دلعزيز فنڪار ٻيو ڪونه ٿيو.

انهيءَ شغل ۾ ڪي ڀوڳ به ٿيا، ڪي لکان ٿو: سخت گرميون ۽ جهولا هئا جو ڊرامي ”راجا ڏاهر“ جي ريهرسل پئي ڪئي سين سو به عين ٻنپهرن وقت. منهنجو هي پهريون ڊرامو هو. پنکن جي هوا به کائڻ ٿي آئي. انصاري صاحب

www.sindhsalamat.com

ڏاهر جو پارٽ پي ڪيو ۽ مشتاق مغل سيناپتيءَ جو. انهن ئي ٻن ڪردارن جا ڊائلاگ ايڏا ڊگها، گهڻا، زوردار ۽ بار بار ورجائيندڙ ۽ ٽڪائيندڙ هئا. ”سيناپتي.!“. ”جي مهاراج.“ جي اکرن جي ته لانڊ هئي. هي ٻئي جهونا اداڪار ڊائلاگ ادا ڪري کٽ ٿي پيا. پر جيئن ته اهي ئي ڪردار اهم هئا ان ڪري محنت ترڪ ڪرڻي نه هئي، مشتاق مغل ويچارو. ”سيناپتيءَ“ جي جواب ۾ ”جي مهاراج“ ”جا آگيا مهاراج.“ ”ها مهاراج نه مهاراج.“ چئي چئي نڙي سڪائي ويٺو هو. نيٺ نقوي صاحب سڀني جي ماندڪائي جو خيال ڪري ساهي کڻڻ جي مهلت ڏني. سڀني اسڪرپٽ رکي آرس موڙياسين ۽ ڪرسين تي ٽيڪون ڏئي ساهي پٽڻ لڳاسين. نقوي صاحب چانهه جو آرڊر ڏنو. هيڏانهن مشتاق مغل جو ڪرسيءَ تي مٿو ٽيڪيو ته اتي ئي هلڪو جهوٽو اچي ويس، ٿڪل جو هو. انصاري صاحب کيسي مان سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍي کوليو ته اهو خالي هو، خار مان اهو هڪ طرف اڇلي هن پٽيوالي کي سڏ ڪيو. ”فلاڻا.!“ اتي مشتاق مغل ڇرڪ ڀري اٿيو ۽. ”جي مهاراج.“ چئي اسڪرپٽ تي اکيون ڦيرائڻ لڳو. ۽ پوءِ ڦڪو ڦڪو ٿي کلڻ لڳو. سڀ کلي کلي کيرا ٿي پياسين، هن جي اها بدحواسي اڃا نٿي وسري. مشتاق هي اکر پڙهي ته معاف ڪري....

هڪ آرٽسٽ هئي مس زيد — شيخ. هڪ اڌ ڪلاڪ جي ڊرامي ۾ هن ماءُ جو پارٽ ادا ڪيو ۽ سيما ڌيءَ جو. اسڪرپٽ موجب هڪ پارٽ ۾ هن کي مظلوم ڌيءَ جا درديلا رڙين

www.sindhsalamat.com

۽ اوچنگارن سان چيل ڊائلاگ ٻڌي هن کي ڏيرج سان تسليون ۽ دلاسا ڏيڻا هئا. شروع واريءَ ريهرسلن ۾ هو اهو پارٽ پڄائي وئي پر ڊرامي جي نشر ٿيڻ کان فقط هڪ ڪلاڪ اڳ فائنل ريهرسل وقت هن هڪ عجيب مسئلو ڪڙو ڪري ڇڏيو، انهيءَ ريهرسل وقت هوءَ سيما جا اهي درديلا ڊائلاگ ۽ ايلاز ٻڌيو اچو روئڻ ۾ ڇٽڪي، اوچنگارون ڏي ۽ سڏڪا ڀري-! تان جو پنهنجا ڊائلاگ ئي نه پئي پڙهي سگهي بلڪ اسڪرپٽ هڪ طرف جهليو ويئي لڙڪ اڳهي ۽ ٽڏا ساه ڀري- سچو پارٽ گڙبڙ ٿيو وڃي- هر ڀيري سمجهايونس دلاسا ڏيونس ته دل ڏاڍي ڪري پنهنجو پارٽ ڪر هي ڊرامو آهي ڪا حقيقت ناهي نه تون ماءُ آهين نه هوءَ مظلوم ڏيءَ آهي- ان وقت ته هوءَ سمجهيو وڃي پر وري جا ريهرسل شروع ٿئي اهي ڊائلاگ اچن ته هي صاحبه وريو اچو روئڻ ۾ پوي، ڊائلاگ ۽ اداڪاري اتي ڇٽي- نيٺ جواب ڏئي ويئي- نقوي صاحب اچي پريشان ٿيو ته ڊرامون نشر ٿيڻ ۾ باقي اڌ ڪلاڪ هاڻي متبادل اداڪاره ڪٿان آڻجي-! ڏاڍي ڪوشش ۽ ڊوڙ ڊڪ سان منور مغل کي آندو ويو جنهن اهو پارٽ ڪري ڊرامون اڳهايو- اهڙا ڪئين دلچسپ اتفاق ٿيندا هئا- اداڪارن جون ڪيتريون دلچسپ بدحواسيون ۽ لطيفا ايئن ٻڌندڙن تائين پهچي ويندا هئا.

هي ٥٩-١٩٥٨ع جون ڳالهيون آهن، سائين خيرمحمد نظاماڻي صاحب جن کي منهنجو ريڊيو تي ڪم ڪرڻ اصل ڪونه وڻندو هو- هن جي ئي تڪرار ۽ حڪم جو احترام ڪندي ريڊيو ڇڏيم-

✿✿✿

www.sindhsalamat.com

*** پنجتيهه سال اڳ جي هڪ نرالي ڪٿا پڌو....

هتي جو هڪ سينيو پٽ پڙهيل گڙهيل توڻين پرڻيل ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ، جوان جوشيلو ۽ ٻرجستو، تمام تيز فهم، اهڙو مورڪ نه جهڙي مور ڪپائي جو ثبوت هن واقعي ۾ ڏنو اٿس. مون وٽ گاهي بگاهي ڪچهريءَ تي ايندو هو. گهڻو ڪري ان وقت جنهن وقت ٻنهرن جي ڪاڙهي ۾ مزور پورهيت ڪان سواءِ باقي سڄو لوڪ ننڊ ۾ غلطان هوندو هو، گهڻين گلين ۾ گهڻو ڪري سانت هوندي هئي ۽ آءٌ جو اڃا ٻنهرن جي ننڊ تي نه هريو هوس ويٺو پڙهندو يا يارن سان رهاڻ ڪندو هوس.

هڪ دفعي هي پان چپاڙيندو آيو ته آءٌ اڪيلو هوس. هي چڻ ڪا خاص خبر ڪنيو آيو ايندي ئي چوڻ لڳو. "اڄ، اٿي هيڏانهن اڄ هڪڙي شيءِ ڏيکاريانءِ" آءٌ هن جي افعالن ۽ شوقن ڪان چڱيءَ پرِ واقف هوس ۽ اهڙيون گهڻيون دعوتون هن جي واتان پڌي چڪو هوس. چيرتون وڃي ڏوڙ پاءِ آءٌ نٿو اچان. هي هڪدم پويان پير ڪري هليو ويو. اتي منهنجي من ۾ به ڪجهه شيطان ڪجهه هورا ڪورا ڪجهه ڪو نئون تماشو ڏسڻ جي سڌ جاڳي. اتي پير پير ۾ پائي وڃي در جي پٽيان لڪي هن جو اهو نئون ۽ تازو درامو ڏسڻ لڳس. سامهون گهڻي سڄي سچ ٻيو ڪاڙهيو ۽ لوه، ڏسيان

www.sindhsalamat.com

ته هي همراه اسان واري ٿلهي تي چڙهيو بيٺو آهي ۽ سامهون مرزائن واري جاءِ جي در تي هڪ نوخيز نوجوان فقيرياڻي پئي صدا هڻي! ”بابا- الله جي نالي تي مانيءَ ٽڪر، بابا الله جي نالي ڀت ذرو-“ هاڻي هن صاحبزادي ششڪار سان هن کي سڏ ڪيو، هوءَ آهستي آهستي ڪري هلي اچي سامهون بيٺس ۽ هٿ وڌائي ساڳي صدا دهرايائين- مون غور سان ڏٺو ته حسن جوڀن جو شاهڪار هئي پر گري گدلي ڪپڙا رڳ ۽ ليڙ ليڙ، مٿي جا وار ڄڻ کهه جي گاه جا ٻوڙا، منهن ميرو پر اکين ۾ ڏاڍي سونهن، بدن حساب سان گهڙيل ۽ ڪڪوريل، سمجهيم هڪ وار وهنجاري سنهجاري تيل ڦليل ڦڻي ڦوڪارو ڪري عمدو لبيس پارائي ويهارجيس ته جيڪر راجڪماري لڳي-! هٿ ۾ هڪ وٽو هوس جست جو- هن صاحبزادي هڪدم پنجن روپين جو نيرو نوٽ ڪڍي آڇ ڪيس- ”اچي هي وٺي وڃ-“ (ان وقت جا پنج روپيه هن وقت جا ڏيڍ سئو روپيه)- مون ڏٺو ڇوڪريءَ جي اکين ۾ ڪسيري جيترو چمڪو به ڪونه ٿيو، هن جي منهن ۾ ڏسندي اهائي مانيءَ ڀور ڀت گراه جي صدا هڻندي رهي- همراه ڏٺو ته وئي هلي ته هار ٿيندي، هار جو احساس هو سهڻ وارو نه هو- هن هڪدم ڏهين وارو نوٽ ڪڍي هن ڏانهن ٻگهيڙيو- ”هان- وٺ هي ڪٽي وڃ، بس تون نوٽ وٺي هلي وڃ ٻيو ڪجهه نه گهرجي هان، اچي-“ اتي ڇوڪريءَ جنهن ڪروڌ ۽ بڇان سان هن ڏانهن نهار ڪئي تنهن مون کي ئي ڏڪائي ڇڏيو- هڪ ڀونڊو هن جي منهن ڏانهن

www.sindhsalamat.com

ڪري- ”آخ ٿو-“ ڪندي هڪ طرف هلي وئي- ٻيءَ گهٽيءَ ۾ هن جون اهي مانيءَ ٽڪر جون صدائون ڪجهه دير لاءِ پڙلاءُ ڪنديون رهيون ۽ پوءِ گم ٿي ويون- هي صاحب پگهر ۾ شم ٿي ويو، ڦڪائي گاڏڙ غصو ۽ هار جي احساس گاڏڙ بيعزتي جي احساس منهن ئي سائو ڪري ڇڏيو هئس- اتي مون کنگهڪار ڪئي، هن پٺ ورائي جو مون کي بيٺو ڏٺو ته اڃا گهڻو هارجي ويو- اندر اچي بيٺو ته دٻي مان ڊي- مورئر جي سگريٽ ڪڍي دکائي ڪنهن عميق ۾ غرق ٿي ويو- هيڏانهن منهنجون ٽوڪون، طعنا ۽ کلڻ ۽ هوڏانهن هن جو تپڻ ۽ تئو کائڻ- پوءِ چوڻ لڳو- ”خبر ٿئي، خبر ٿئي، مون وڏين وڏين کان شڪست نه کاڌي پر هي گولاڙي ڀيڻسان.... ڏس ته سهي-“ چيم- ”تون ٿورو هن جي ۽ پنهنجي ڀيٽ ته ڪري ڏس، هوءَ مسڪين خانه بدوش ڪمزور ڇوڪري ۽ تون هڪ معزز خاندان جو معزز فرد پر ٻنهي جي ڪردار ۾ ڪيڏو نه تفاوت آهي-“ هو ٽپ ڏئي اٿيو- ”کڏ ۾ وڃي پئي ڪردار ٻردار، آءٌ هن کي ضرور مات ڪندس- ويندي ڪيڏانهن-“ ايئن چئي سگريٽ جو دٻو ماچيس کڻي پير سٽيندو هليو ويو- آءٌ کلي ويهي رهيس- سمجهيم ته اجهو ٿو ٺپ ٺريس ۽ ماڻڙي ڪري ڪنهن ٻي شغل ڏانهن متوجه ٿئي جيئن هميشه ڪندو آهي- پر سائين نه ـــ هن اهو ڪجهه ڪيو جنهن جو خواب خيال به نه هو- عيشي ماڻهو گهڻي تڻي ته ڪائنر ٿيندو آهي پر ڪٿي ضدي به ٿي پوندو آهي خطرناڪ حد تائين ضدي-! ٻڌي ۽ ڏٺي

www.sindhsalamat.com

ٻئي گڏي ٿو لکان اوهين پڙهو- ۽ عبرت وٺو-

هن ڇا ڪيو جو مون وٽان اٿي انهيءَ ڪاڙهي ۾ ئي سڌو دارالعلوم وٽ انهن خانہ بدوشن جي اڏي تي وڃي پهتو- اتي چيائين مکيءَ کي سڏيو مون کي هڪ ضروري ڳالهہ ڪرڻي آهي- هو غريب ششدر ٿي ويا، مکي اچي حاضر ٿيو، هن مکيءَ کي الڳ ويهاري پهرين پنهنجي واقفيت ڪرائي ۽ پوءِ پڇيائين: ”هڪ رات لاءِ گهڻو وٺندا آهيو-“؟- مکيءَ لاءِ اهي اکر غير متوقع هئا. هو اٿي بيٺو- چي-: ”صاحبزادا ڄڀ کي لغام ڏي ۽ هتان اٿي هليو وڃ نہ تہ ڪاتين هيٺان اچي ويندين، اسان صدين کان اهو ڪسب نہ ڪڏهين ڪيو آهي نہ ڪنداسين، جي اسان جو ڪو مرد يا عورت اهڙي بڇڙائي ڪري تہ ڳڀا ڳڀا ڪري ماس ڪانگن ڪتن جي حوالي ڪريونس، تون ڀليو آهين-“ هي صاحب ڊنو تہ ڇا پر اڃان ئي هوڏ سوائي ٿيس، چي- ”ٺيڪ آهي، آءٌ اوهان کان هن جو سڱ ٿو گهران مون کي پرڻائي ڏيو آءٌ اوهان جون سڀ رسمون ريتون پوريون ڪندس ۽ هن کي پنهنجي ڪٽنب ۾ ڪري رکندس-“

سردار چيو: ”سوال ئي نٿو پئدا ٿئي- اسان جي قوم قبيلو دين ڌرم تو کان بلڪل الڳ آهي نہ اسين ڌارين ۾ سڱ ڏيون نہ وٺون- اسان جا قديمي رواج صدين کان نہ بدليا آهن نہ بدلبا، دل ڌوئي دکيءَ ۾ رک ۽ هاڻي مهرباني ڪري هليو وڃ اسان غريبن کي تنگ نہ ڪر-“

انساني سڀاءُ عجيب آهي، ڪنهن وقت ڪنهن اهڙي

www.sindhsalamat.com

مرحلي تـ اچي بيهندو آهـي جو منفي يا مثبت ڪيفيت ڪهڙي بـ هجي مهميز وٺي مٿي ئي مٿي چڙهندي ويندي آهي- هن صاحب جي به ضد ۽ انا جي احساس جي ڊگـري جيئن ٻوءِ تيئن چوٽ چڙهندي وئي، هاڻي چوڻ لڳو:-

"چڱو آءُ پنهنجو دين پنهنجو گهر ٻار پنهنجو خاندان بلڪ شهر يا ملڪ به ڇڏي اوهان جي قبيلي ۾ اوهان جي نيات ۾ ٿو شامل ٿيان، ٻوءِ...."؟ اتي سردار سوچ ۾ پئجي ويو، پنهنجن ڪن ساٿارين کي سڏيائين پنهنجي ٻوليءَ ۾ هنن سان مشورا ڪيائين ۽ نيٺ نرمائي سان هن کي ٻڌايائين. "اسين رات جو قبيلي جا سڀ مرد ۽ زالـون سڀا سڏايون ٿـا ۽ تنهنجي انهيءَ ڳالهه تي سوچ ويچار ڪريون ٿـا، صبح جو تـو کي اهو فيصلو ٻڌائينداسين-" هي صاحب اها ڳالهه مڃي اٿي آيو- سردار هن جي بيباڪي اڏول ارادي ۽ حوصلي کان ڊپريس ٿي ويو هو- خير هي جوان هليو آيو پر هنن کي ٻولائي آيو ته فيصلو سندس حق ۾ هئڻ گهرجي نه ته قيامت برپا ڪئي ويندي--- سردار اصل ۾ اها هڪ سٽا سٽي هئي هن مان جان ڇڏائڻ لاءِ، سڀا ڪوٺائڻ بهانو هو هن کي ٿارڻ جو--- هي اتان اٿي سڌو مون وٽ آيو ۽ سڄي روداد ٻڌايائين جا مٿي لکي اٿم، آءٌ به اچنبي ۾ پئجي ويس ته هن کي هي ڪهڙو جن سوار ٿيو آهي، ڏاڍو سمجهايومانس پـر ڏٺم تـ هن جي ضد ويتر وڌندي وڃي- چوڻ لڳـو: "آءٌ بـ سر تـريءَ تي رکي بيٺو آهيان هن منهنجي چاه کي ٽڏو هنيو آهي ٻيو ته هن جي لغار اهڙي لڳي اٿم جو ڌرتي آڪاش هڪ ڪري

www.sindhsalamat.com

ڇڏيندس پر انهيءَ ڳالهه تان لهندس ڪونه، اڄ رات گهر ڪونه ويندس بلڪه ناڪي واري هوٽل تي ويهي هنن جي فيصلي جو انتظار ڪندس-" ٿوري دير ڪچهري ڪري هو مون کي حيران ۽ منڊل ڇڏي هليو ويو- ههڙو قصو هتي ڪڏهن نه ٿيو- نه اميرن ۾ نه غريبن ۾- هي هن کي ڪهڙو جنون اچي سوار ٿيو آهي- پر اڃا به اميد هئم ته رات پوندي پوندي هن جي اها ديوانگي واءُ ٿي ويندي- پر نه ـــ رات جو مانيءَ بعد وڃي ڏسان ته برابر سهيو سنڀريو ٺهيو ٺڪيو ناڪي واري هوٽل تي ويٺو آهي-! يا خدا خير ڪجان-! هاڻي مون اچي سڄي ڳالهه پيرائتي سندس والد کي ٻڌائي- هن اشرف جا ڇهو ئي ڇڄي پيا- ڪو ننڍڙو ٻار ته ڪونه هو جنهن کي ڌڪ بجو ڪري ويهاري ڇڏي، هيڏو سارو پرڻيل ٻاريتو مڙس جيڏو پٽ، هي ڇا ٿو ڪري، هاڻي ڇا ڪري-؟ عزت وارا ماڻهو، سڄي خاندان جي عزت کي ٿو ڍينگر اچي-

پڻس ماڻهو موڪليس ته اچي هڪ ضروري ڳالهه ٻڌي وڃ پر هي نه آيو چي ٿورو دير سان ايندس هت به ضروري ڪم سان ويٺو آهيان- ٿوري دير بعد پڻس وري هڪ ماڻهو ڪوڙ ٺاهي موڪليو ته تنهنجي ننڍڙي ڪڪي اوچتو اهڙي بيمار ٿي آهي جو بچڻ جو آسرو ڪونهي جلد اچ- هي خدا جو بندو تڏهن به هوٽل تان نه اٿيو، ڪوڙ سهي ڪري ويو هو يا پنهنجي هوڏ جي اثر هيٺ هو- هاڻي پڻس کي عزت ناموس ۽ ٻچن جي بچاءَ لاءِ ترت ۽ فيصلي ڪن قدم کڻڻو هو- مجبور

www.sindhsalamat.com

هو. آخر ٻن ڀائرن ۽ ٻن نوڪرن کي ساڻ ڪري اچي هن تي هوٽل ۾ ڪڙڪيو، ڪنهن جي هٿ ۾ ڇمڪ ڪنهن جي هٿ ۾ نيٽ ۽ ڪنهن جي هٿ ۾ رول، ٻي سڀني جي اکين ۾ ڪاوڙ ۽ جوش. هن کي چيائون اٿي گهر هل. هلين ٿو يا نه؟ هاڻي هن کي اٿي هنن سان هلڻو پيو، هوٽل تي ويٺل ماڻهو حيران ٿيو پيا ڏسن ته هي ڪهڙو لقاءُ! مائٽ هن کي گهر وٺي آيا پر هو ويهڻ جي نه پيو ڪري. پڻس چيس: ”اڙي اهو ته ٻڌاءِ ته جي هن ڪهيري خانه بدوشن مان ڪو مرد پنهنجي ڪا نياڻي پسند ڪري ۽ پاڻ کان سڱ گهري ته پوءِ؟“ هي ٺهه پهه چوڻ لڳو. ”بيشڪ اهو سڱ قبول ڪرڻ گهرجي. عشق محبت تي ڪا پابندي نه وجهجي ڪنهن جي جذبات جو پورو احترام ـــ“

بس بابا اهو فلمي جملو اڃا پوروئي مس ٿيو ته هن عاشق صادق تي ڇمڪن نيٽن ۽ رولن جي وسڪار ٿي وئي اهڙي اوچتي جو هن جون پاڻ اکيون ڦاٽي اچي نراڙ سان لڳيون! وٺ وٺان پادر ڀونڊا ڳالهاڻ ۽ موچڙن جو مينهن، هڪڙو پيءُ ۽ چاچا پيا هن هيڏي ساري جوان کي ڪٽين ڄڻ ڪپهه جي دن پئي پڃجي. ڌڪ بچائڻ جي مهلت ئي نه پئي مليس، هن جي زال ۽ ٻار به پيا ڏسن ته ٻيا ڀاتي به، رڳو ويچاري ماءُ پئي ڇڏيو ڇڏيو ڪري ۽ هٿ ٻڌي. سڄي پاڙي ۾ گوڙ پئجي ويو سڀ مرد نڪري آيا ننڍا ٻار ته وڃي اهو کيل ڏسڻ بيٺا. تان جو ڪن وڃي هن کي ڇڏايو ۽ هو ڪنڌ ۽ پٺا ٺپيندو وڃي پنهنجي ماڙيءَ تي ٻارن وٽ بيٺو. کن پل

www.sindhsalamat.com

۾ ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي ته فلاڻي صاحب فلاڻي ڳالهه تان ٻيءَ ۽ چاڻن کان هيئن مار جي ڦيهه کاڌي آهي-

بزرگ هڪدم نوڪر ڊوڙايا ته وڃي خانه بدوشن کي چئو ته هڪدم راتو واه لڏا پٽي هليا وڃن. اصل صبح به ڪنهن ٻي هنڌ ڪن- نوڪر وڃي ڏسن ته ميدان اڳيئ ئي خالي لڳو پيو آهي هو اڳ ئي اسهي چڪا هئا- هن ڪٽ منست همراه جو صبح ٿيندي عشق پشق ۽ انا جو احساس ته رفو چڪر ٿي ويو، پر هاڻي جو هيڏي بيعزتي خواري ٿيس ته ٻه ڏي هفتا ته ڦڪائيءَ کان گهران ئي ٻاهر نه نڪتو پوءِ به ٿورو ٿورو ڪري نڪتو جيسين اها ڳالهه نئين پراڻي ٿي وئي- واه ڙي موچڙا تنهنجو ڪرشمو—!

www.sindhsalamat.com

*** سيد گل محمد شاه رضوي، مان واري رضوي نا گوري خاندان جي هڪ غريب فرزند، پرائمري ماسٽر طور رٽائر ٿيو، سنو ليکڪ ۽ مترجم ۽ صحافي اشرف نماڻو ۽ حياوان، اچا حيات آهي پر گوشه نشين، نه ڪنهن جي هٿي ۾ نه ڪٽي ۾- هن جو ذڪر ان ڪري ٿو لکان جو هن بي‌پهچ ۽ بي‌وسيلي اشرف هتي اهي پراپڪاري ڪم ڪري ڏيکاريا جو بي ڪنهن فرد يا گروه کان نه ٿيا- گهر ويٺي درخواستون لکي واسطيدار عملدارن توڙي سربراهن ڏانهن موڪلي هنن کان شهر ۾ واڌاري ۽ سڌاري جا ڪم وڻڻ وارو هتي هڪڙو هي ماڻهو هو- پگهار مان گهر ٻار جي پورت مس ٿئي پر هن مرد مجاهد جو ڏکلين قلم ڪاغذ ۽ ٽپال جو خرچ برابر پيو ٿئي- هي جو ٿندي الهيار ۾ بجلي وقت کان اڳ آئي، هي جا هتي شگر مل کلي پئي آهي توڻين هتي اسٽيشن تي (١٩٤٢ع ڌاري) جو پليٽ فارم ٺهيو ۽ پيا ڪيترا ڪم ٿيا سي هن غريب ماسٽر جي انهن ڪاغذي ڪوشش جو نتيجو آهن- درخواست لکندو ۽ در در وڃي ماڻهن کان صحيون وٺي صدر گورنر وزيراعظم يا ٻي واسطيدار ڪاموري ڏانهن موڪليندو ۽ پوءِ وينو رمائندر موڪليندو جيسين اهو ڪم ٿئي- هن جي سچائي هئي جو اڪثر مطالبا پورا ٿيس. ڪيترن سربراهن جا هن وٽ جوابي خط موجود

www.sindhsalamat.com

آهن، ڪيترا اچي هتي ملاقاتي ٿيس. ڏسندؤ ته سمجهندؤ ته الجلولو غير حاضر دماغ پورالو ماڻهو آهي جو پيو پنهنجي منهن هلي. اکيون ئي سدائين هيٺ ڪيو هلي.

شادي پلي کان حيدرآباد تائين راجا واري ريل پئي (پهرين وڏي لائن پوءِ ننڍي ۽ هاڻي وري وڏي لائن آهي) ته سڌو جوڌپور جي راجا کي خط لکيائين ته ٽنڊي الهيار ۾ پليٽ فارم ته ٺهرايو. بروقت ريلوي جا آفيسر آيا ۽ رپوٽ تيار ڪيائون ۽ جلد ئي پليٽ فارم تيار ٿيو جو اڃا آهي. ١٩٣٦ع ۾ سنڌ کي بامبي کان آزادي ملي ته دادو ضلعو ٿيو ۽ لائيٽ دادو ۽ ميرپورخاص لاءِ منظور ٿي. هن صاحب گورنر ۽ ٻين کي لکيو ته ٽنڊي الهيار ڪهڙو گناه ڪيو؟ اهو عرض بروقت اگهاڻو ۽ انهن ٻنهي ضلعن سان گڏ لائيٽ ٽنڊي الهيار لاءِ به منظور ٿي. فٽنگ وغيره جي ٺيڪي جو لائسنس بي-آر هرمن موهٽا ڪمپنيءَ وٽ هو جنهن جو مالڪ هو سيٺ شورتن موهٽا، هنن جي آفيس ووڊ اسٽريٽ ڪراچي ۾ هئي، رضوي صاحب وري گورنر وٽ ڪاغذي گهوڙا ڊوڙايا ته هن علائقي لاءِ پاور هائوس ئي جدا ٽنڊي الهيار شهر ۾ قائم ڪيو وڃي جو هي شهر وڌندڙ آهي. اها درخواست به قبولي وئي پر هتي ڪيترو وقت پاور هائوس لاءِ زمين نه ملي سگهي، پلاٽن تي هئا گبرن جا قبضا، وڃو اثر رسوخ هلائين ته هتي نه ٺاهيو هتي ٺاهيو. نيٺ سالن بعد جدا پاور هائوس جو ٺهڻ اتي منظور ٿيو جتي هن وقت ٽيليفون ايڪسچينج آهي. پر تيسين پاڪستان ٺهي ويو. انهن سببن

www.sindhsalamat.com

ڪري هن وقت تائين اسان جو ڪنڪشن حيدرآباد سان آهي- ١٩٤٨ع ۾ سول ڪورٽ ۾ هن اشراف جي مطالبي تي قائم ٿي.

اهي آهن درويش جا ڪم- هن جي ٻي ڪوشش سان هتي ٽيڪسٽائل مل ۾ اصولي طور منظور ٿي پر اجا قائم نه پئي ٿئي، هائي هو ٻئ ٽڪي پيو آهي پر جيسين وت ست هوس هن اڪيلي سر ڪيڏا نه ڪم ڪيا! هن جي ڪمن جي فهرست طويل آهي- شاباس اسان شهر جي واسين کي هجي جو ڪڏهن شاباس به ڪانه ڏنيسونس، نه ڪو اعزاز مليس نه ڪٿي هن جي "خدمات کي خراج تحسين-" پيش ڪيو ويو نه هن اهڙو انعام ڪڏهن طلبيو نه ڪڏهن اهڙي آس رکيائين- سمجهو هڪ پينار آهي جو هڪ ڪائونسلر کان وٺي گورنر ۽ وزيراعظم تائين جهولي جهلي پنندو اسان جون جهوليون پريندو رهيو- اسين "مدي پائي من ۾...." وڏا وڏا جلسا ڪريو نڙي ڦاڙيو وڏا مطالبا ٿا ڪريون وڏيون قراردادون ٿا پاس ڪريون پر هڪڙي پنگيءَ جي بدلي به نٿا ڪرائي سگهون- هي "محبت پائي من ۾-" گهر وينئي ڪاغذن ذريعن هيترا ڪم ڪري ويو-! هن جي پيدائش جي تاريخ اسڪول رڪارڊ موجب ٣١ ڊسمبر ١٩١٤ع پر حقيقي ٢٢ مئي ١٩١٣ع مطابق جمادي الثاني ١٣٣٣ هجري ڏينهن خميس جو آهي. ٦٩-١٢-٣١ تي ماستريءَ مان رٽائر ٿيو. بي اولاد آهي.

هي ياد رهي ته اڳي (شايد سرڪاري ٽوڙي عوامي

www.sindhsalamat.com

ماڻهو ڏاڍا گيدي ۽ ڪانئر هئا جو....) رڳو ڪنهن ننڍڙي هفتيوار اخبار ۾ ڇوٽو موٽو ليک ڇپجي پيو ڪا شڪايت يا مطالبو شايع ٿيو ته ان جو بروقت نوٽس ورتو ويندو هو بروقت ڪاروائي ٿيندي هئي ۽ ڪوشش ٿيندي هئي ته اڳتي اهڙي شڪايت ئي پئدا نه ٿئي جو اخبار ۾ اچي ۽ انتظاميه بدنام ٿئي. انهيءَ مستعديءَ جو صاف سبب هي هو جو شڪايتون ورلي پئدا ٿينديون هيون، اخبارن ۽ انهن ۾ لکڻ وارن جو مان هو، (هو لوسي، بليڪ ميلنگ ڪندڙ ۽ اختيار جو ناجائز فائدو وٺڻ وارا نه هوندا هئا) حڪومت ۽ انتظاميه کي پنهنجي ساک پت جو فڪر رهندو هو ۽ مسئلن جو ايترو بي حساب ڍير به نه هوندو هو جو نه ڪو لکي سگهي نه ڪو انهن کي حل ڪري پورو پئي سگهي، نه منهن جي پڪائي هئي نه نودپائي.

اخبار ۾ شڪايت ڇپجندي ئي تحقيقات ٿيندي هئي، واسطيدار ڪامورا ليکڪ سان به اچي ملندا هئا ۽ ٻين واسطيدارن سان به، ۽ ترت تدارڪ ٿيندو هو. قلم جي صاحبن کان وڏا وڏا گبر ڊڄندا هئا جي ڪهاڙين ۽ تلوارن کي منهن ڏئي ويندا هئا پر قلم جي اڳيان عاجز هوندا هئا. قلم وارا به قلم جو ڀرم ۽ مرم رکندا هئا، رضوي صاحب وانگر غريب هوندا هئا پر قلم جي معاملي تي سودي بازي نه ڪندا هئا. هاڻي اسمبلي ميمبرن ۾ به اوترو مُرم نه رهيو آهي جي راڄ کان ووٽ وٺي ڪامياب ٿي پوءِ اڳتي ووٽ وڪڻن ٿا ته ڄڻ راڄ کي وڪڻيو اچن.

www.sindhsalamat.com

*** نئين نسل کي هي باور ڪرايو ويو آهي ته هي جدت ترقي سڌاري ۽ خوشحالي جو دور آهي جڏهين ته اڳي اونده هئي، جهالت هئي، بيماريون هيون جن جو پتو نه پوندو هو ۽ ماڻهو ڇڙهيون هڻي مري ويندا هئا، ٿوري مفاصلي جو سفر ڇڙه ڪڍي ڇڏيندو هو، دنيا جي خبر سالن تائين نه پوندي هئي ـــ وغيره وغيره ـ ۽ هاڻي ڏسو ته هر ڳالهه جي ڪيڏي سهولت آهي. برابر بادشاه، پر ڪبوتر وانگر اکيون پورڻ يا اٺ پکيءَ وانگر سسي لڪائڻ به نٿو ٺهي. ڇو نه نئين نسل کي ٻڌائجي ته اڳي بيمارين، وبائن، جنگين ۽ حادثن ۾ مرڻ وارن جو تعداد اڄ جي مقابلي ۾ پنج سيڪڙو مس هو، اڄ جو اڌ مئل مريض رڳو پئٿالاجيڪل ٽيسٽس ۾ باقي رهيل جهلو به وڃايو پورو ٿيو وڃي اڳي رڳو طبيب تائين پهچڻ جي هڪڙي منزل هڻڻي هوندي هئي، هاڻي ته هرڪو ڀاڙي ٿو هلي اڳي سچي پچي طبعي ٻل تي هلندو هو. باقي گهر جي اندر ججهي ساز سامان جو هئڻ خوشحالي آهي ته خير نه ته 'سڪون' نالي جي جا شئي اڳي وک وک تي ملندي هئي سا هاڻي اڻ لڀ آهي. لکيو اٿم ته اڳي ماڻهو هزار سياسي سماجي ڪم ڪاريون عبادتون رياضتون گهر گرهستي جا فرض سڀ پورا ڪري به اهڙا ڏسبا هئا جڻ ازل کان واندا نکمڻا ۽ بيڪما آهن جن کي ڏسي به بت ۾ آلڪس پيو پئدا ٿيندو هو. اهو هو سڪون جو اڄ ڪونهي. بحث تڪرار ڪندئو ته وار تان کل لاهڻ ڪجهه مشڪل نه ٿيندو پر حقيقت کي ڪيترو ڪوڙو ڪري سگهبو!

www.sindhsalamat.com

*** ڳائڻ ۾ ننڍي لاڪون ڏاڍو سريلو هئس، هاڻي ته سگريٽ ۽ نزلي نڙيءَ جو ڪم پورو ڪري اچي ڦڦڙن کي ورتو آهي. پرائمري اسڪول ۾ توڙي مڊل ۽ هاءِ اسڪول ۾ ڳائڻن جو اڳواڻ هئس. حيدرآباد ۾ ته هڪ ميوزڪ ڪمپيٽشن ۾ ڳايو هوم. آغا سليم پهريون ڀيرو اتي ڏٺو هوم جو هن وڌي اچي هٿ ملايو ۽ داد ڏني هئي. شايد ياد هجيس. حميد سنڌي ۽ ناصر مورائي کي به شايد ڪجهه ياد هجي، خير.

اڃا پرائمري ۾ هوس ته به رات جو دير تائين جاڳڻ، ڳڻتيون پچائڻ ۽ — جي بابا جن گهر ۾ نه هجن ته.... راڳ جهونگارڻ جي عادت هئم. هڪ رات پينگهي ۾ ويٺي ڪو ڪنور ڀڳت جو ڏوهيڙو پچايم ته امڙ سڏ ڪيو ته اچي کير پي وٺ، چيم اڃا دير سان پيئندس دير سان سمهندس، هوءَ ڪم هاج کان فارغ ٿي اٿي ۽ چوندي وئي ته ديگڙيءَ ۾ باقي تنهنجي حصي جو کير آهي ڀلي سمورو پي ڇڏجان. چيم ها.

سڀ سمهي رهيا ته آئون کير پيئڻ اٿيس ۽ وڃي وڌڻ واري جاءِ تي موڙي تي ويٺس. ديڳڙيءَ جو ڍڪ لاٿم، پوءِ سوچيم ته هاڻي گلاس ۾ اوتڻ جو ڪهڙو ضرور سمورو ئي مون کي پيئڻو آهي ته ديڳڙيءَ ۾ ئي ٿو پي وٺان. اها وڏي جست جي ديڳڙي کڻي وات تي رکيم، سرڪين جي ۽ ساه

www.sindhsalamat.com

جي آواز مون کي عجيب احساس ڏياريو— ديڳڙي جي اندر آواز ڪيئن نه گونجي ۽ سوايو ٿو ٿئي!- کير پورو ٿيو ته ٿوري- "آ-" ڪيم- واه- واه-! گلو اڳ ئي سريلو مٿان وري اِها گونج ۽ پڙاڏو-!- بس اتي ئي شروع ٿي ويس ماستر چندر جي هڪ گيت سان- ديڳڙي ۾ منهن ذري گهٽ اڌ اندر ۽ مٿي تائين ڍڪيل، ديڳڙي ٻنهي هٿن سان جهليل، گانو چالو ۽ هٿن جي آگرين سان ڊيٻڪ تنهن کان سواءِ پئي وڄي- کن پل ۾ هر ڳالهه کان توڙي پنهنجي "انجام" کان بيخبر ٿي ويس- گانو اچي ڪلائمڪس تي پهتو ته ڪنن ۾ هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو- اتي ئي ديڳڙي منهنجن هٿن مان ڇڏائي ٽڪاٽ ڪندي وڃي پري پئي، کير جي ڇنڊن سان ڀريل منهن کڻي حيراني کان جو مٿي نهاريان ته سامهون بابا بيٺو آهي-! هاڻي هوش ٺڪاڻي آيو، اٿي بيٺس، ٻن ٽن چماٽن جي صورت ۾ انهيءَ شاندار ميوزڪ آئٽم جي داد وصول ڪيم ۽ منهن ڌوئي سمهي پيس— شرع ۾ وضعدارين جي پابند ۽ راڳ رنگ جي مخالف بابا سائين جي بدران اتي ڪو راڳ جو قدردان هجي ها ته وٺي هلي ڪنهن فلمي ميوزڪ ڊائريڪٽر سان ملائي ها پر— ٺهيو.... اسان جو گهر ۽ اوطاق مليل هئا ۽ وچان دروازو هو- بابا گهڻو وقت اوطاق تي هوندو هو- پر اڌ منٽ جي نوٽس تي گهر اچي سگهندو هو-

www.sindhsalamat.com

*** واڻيا ماڻهو، خاص ڪري سنڌ جا هندو واڻيا هميشه کان هيٺا مشهور. گوشت خور مسلمانن جي مقابلي ۾ هي ويشنو (ڀاڄي خور، گوشت کان پرهيز ڪندڙ) اڃا به ڪمزور. مسلمان وري هش ۾ خوش ٿنڊ ڦونڊ لئه ۾ اجائي جوش ۾ پنهنجون توانايون خرچ ڪن ان ڪري گهڻو ڪجهه ناهيو ڪونه سگهن، هندو وري بنهن سامهون نه وڙهي سگهن ته پٺيرا ڌڪ هڻن ۽ حرفت هوشياريءَ سان جام پئسو ۽ مال ميڙيو وجهن. مسلمان ته شوقن تي پئسا وڃائن ۽ چون ته شوق جو ڪهڙو ملهه؟ ته واڻيا وري ملهه ۽ مال تي شوق قربان ڪريو ڇڏين ۽ چون ته گهڙ ٻازي ڏياري ملهائڻ وري ڪهڙي عقل جي ڳالهه! ٻئي ڌريون پاڻ کي حق تي سمجهڻ واريون. روايت آهي ته حضرت امام حسن رضه تمام گهڻي خير خيرات ڪندو هو جنهن جهڙو مثال ٻي ڪنهن کان قائم نه ٿيو ڪنهن ڏاهي مصاحب هڪ ڏينهن چيس ته. ”سائين ايڏي فضول خرچي ڪو ڀلائي جو ڪم (خير) ته ناهي.“ حضرت امام جواب ڏنو ته ”ڀلائي جي ڪم ۾ ڪيڏو به خرچ ڪجي ان کي فضول خرچي ڪونه چئبو، خير ۾ وري ڪهڙي فضول خرچي.!“ هاڻي ويهي ويچار ڪريو ته ڪهڙي ڳالهه ڪنهن سان ٿي ڦهڪي.! خير خيراتون ٻئي ڌريون ڪنديون هيون باقي عيش ۾ فضول خرچي هڪڙي

www.sindhsalamat.com

ڌر کان گهڻي ٻيءَ کان گهٽ ٿيندي هئي. ڍلا ڀلا هر قوم هر جاتيءَ ۾ هوندا ئي آهن.

هي واضح هجي ته هندن سنڌ مان پئسا ميڙيا ته اهي به سنڌ تي خرچ ڪيائون سنڌ کي جوڙيائون ٺاهيائون ڌرمائو ۽ خير جي ڪمن جي وسيلي، جڏهن ته مسلمان گهڻو ڪري مسلمان کي ڦري چٽ ڪري دولت "بازارين" ۾ نازنينن تي شوقن ۽ عياشيءَ تي يا پيرن مرشدن ميلن ملاکڙن ۽ گهڻن زالن تي پاڻيءَ وانگر ليٽندو هو. هندو پئسي وارو جاءِ مٿان جاءِ جوڙائيندو يا رفاحي ادارا ٺهرائيندو، وڌ ۾ وڌ ڌيءَ پٽ جي شاديءَ تي خرچ ڪندو هو. هيءَ سنڌ گهڻيءَ تڻيءَ هندوءَ جي ٺاهيل آٿو. البت مسلمانن شهرين جو گهڻو زور جي هوندو هو ته مسجدن تي هوندو هو، ڪي ٿورا برابر پر اپڪاري ٿيا. هيءَ چوڻي عام هئي ته فلاڻو پئسو ڪمائڻ ۾ هندو آهي پر خرچڻ ۾ مسلمان اٿئي.

اها هيڻائي جا هندن جي سڀاءُ ۾ هئي انهن کان گهڻا هندو مستثنيٰ به هئا. پنجاب، بلوچستان، لس ٻيلي ۽ اتر سنڌ جا هندو هيٺين سنڌ جي هندن کان وڌيڪ سگهارا ۽ جانٺا بي ڊپا ۽ مڇڏ قسم جا هئا (سک به ته هندن مان ٿيا) ته هيٺين سنڌ جا هندو وري ذهني طور تي سگهارا ۽ سچيت هئا تنهن ڪري سياست بازي ۾ اڳتي هوندا هئا. ڏسو ته حيدرآباد جي عامل هندو نائون مل هوتچند (١٨٧٨ع-١٨٠٤ع) ڇا ڪري ڏيکاريو. ٽالپر ميرن کان ڏک ۽ تڪليف رسيس ته انگريزن سان سهائتا ۽ سازباز رکي ٽالپرن جي سرڪار جو

www.sindhsalamat.com

تخت اونڌو ڪري ڏيکاريائين ۽ سنڌ جي تاريخ بدلجي وئي- وري اهي هنن جون فطري هيٺايون هيون جن هنن کي وڌيڪ نياز نمرتا نهٺائي ۽ نمڻ کمڻ وارو بنائي ڇڏيو هو. هاڻي سرڪشي ڪروڌ جوش خروش رکو ٻين کي ڏکيا لڳو ۽ واه واه پرايو يا هيٺا ٿيو ۽ ٻين کي آزارڻ جي پاپ کان بچو. ٻنهي مان هڪ صفت ڇڏڻي پوندي ته ٻي پلئه پوندي. هڪڙي لاڀ تان هٿ کڻبو تڏهن ٻيو لاڀ هٿ ۾ ايندو- فطرت جو قانون اهو آهي-

عام هندن جو عام لباس هو ڌوتي ۽ ڪڙتو ۽ مٿان صدري. اهو به عجيب لباس آهي جنهن ۾ نه سونهن نه ساڀيا نه وقار نه شخصيت ۽ ڊيل ڊول جو ناهه نه پوري اوگهڙ ڍڪبي هئي، پر هنن کي شابس هجي جو اهو ڌرمي لباس ڇڏيائون ڪونه، پنجابي به لهنگا گوڏون ٻڌن پر اهڙيون بلائتيون جو ڪيڏي به ڇڪ ڏيون ته به نه لهنديون، زالن جا لهنگا به اوڏائي محفوظ، پر هندن جي ڌوتي ڪڏهن ته هلندي سندس ئي پيرن ۾ اٽڪي ته ڇڙيو پوي جي ڪير ڇڪي ته الائي ڇا ٿئي-! ٻيو اهي ڌوتيون سادي هلڪي ڪپڙي جون اڇيون ئي اڇيون- نه رنگ نه ڊزائن. پئسي وارا البت اوچي ململ جي ڌوتي پائن تنهن جو پاند ايڏو هيٺ ڪن جو ان جي ڪنڊ ڏاڍي نزاڪت ۽ رعونت سان هٿ جي چپٽيءَ ۾ جهليو هلن، پر غريب غربو هلڪي بافتي يا سادي وائل ۽ ململ جي ڌوتي ٻڌي ۽ ان جو به اڌ وال بچائڻ خاطر ان کي بڪين کان به مٿي ٻڌي- بهرحال مون

www.sindhsalamat.com

پنهنجي سانڀر ۾ ڪا اهڙي مسخري ٿيندي ڪانه ڏٺي جو ڪو هندو ڪٿي اگهاڙو ٿيو يا ڪيو ويو هجي. پوءِ نئين دور جي جوانن پائجامي ۽ پتلون تي زور رکيو. جهونا چون ته ڌوتي ڇڏي ته ڌرم ڇڏيو. هونئن پائجامون به هنن جي عام لباس ۾ هو. ڪن ٿورن ۾ تنگ پاجامو به. پر هنن اصل ڌرمي لباس نه ڇڏيو. هندو پنهنجي ڌرمي توڙي سماجي ثقافتي روايتن کي جلد تياڳڻ وارا نه ٿيا.

عام هندن ۽ خاص ڪري ويشنو هندن جو وڻندڙ کاڌو هو دال چانور پاپر پٽاٽا گوبي واڱڻ سانڌاڻا ۽ بيسڻ جون ٺهيل ٻيون شيون- يعني سڀ گيس بادي ۽ آڦاڙي واريون-! مٽان هڏ ست هيڻو به تڏهن هون-؟ باقي پلي مٺايون ۽ ٻي چٽي چهر جا به شوقين هئا. شاهوڪار روز ٻي ڏينهن ته غريب به هفتي پنڌرهين ڏينهن پلو ضرور کائي. هندو ماڻهو روز صبح جو اشنان نه ڪري ته ڄڻ جيئرو ئي ناهي. مسلمان جمعي ڇٽيءَ تي وهنجي يا روز پر هندوءَ جو وهنجڻ سندس مرضيءَ تي ڪونه هو بلڪه هڪ ڌرمي نيم هو. هو بالٽي لوٽو کڻي ڌوتي ٻڌي گهر جي ٻاهران ٿلهي تي ويهي وهنجي تڏهين هلڻ جهڙو ٿئي. موسم ڪهڙي به هجي هو وهنجندو ٻاهرئين ٿلهي تي يا گهر جي آڳنڌ ۾. صبح ساجهر ڪير واڻين جي پاري مان لنگهي ته اها هڙ ٻڙ شڙ ٻڙ ضرور ٻڌي ۽ ڏسي. توڻي واڻيا ماڻهو پنهنجي رسوئي (رڌڻي) کي به روزانو بي ناغي ڇيڻي مٽيءَ جو ليپو نه ڏين تيسين رڌ پچاءَ جو سوال ئي ناهي. ڏياريءَ جو ڏڻ اچين ته اها تهه به تهه

www.sindhsalamat.com

تيل پتر ۾ لهرائي ۽ سڄي ئي گهر کي اندران ٻاهران ڦلعي (پوچي) ڪرائي ۽ سڀ سامان ڪڍي نئين سر ڇنڊي ڦوڪي ناهي رکي نه ته اهو واڻيو ناهي ڪا ٻي ذات آهي. واڻيو صبح جو دوڪان کولينڊي ۽ سؤ سوڙ ڪنڊو ڏالي تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي رام ڀڳوان ۽ لڪشمي ديويءَ جو نالو وٺي تالو کولينڊو، ساڄو پير دوڪان ۾ پهرين رکندو، ڇنڊ ڦوڪ پوري طرح ڪري ساهميءَ کي ۽ پاڻي جا ڇنڊا هڻندو، دوڪان ۾ ويٺي دخل ڏانهن پير نه ڌوهيندو، ٻهڻيءَ کان اڳ ڪنهن کي اوڌر اصل نه ڏيندو، پئسا ڳڻيندو ته هڪ ٻه ٽي ڪري نه بلڪه برڪت ۽ ٽي ڪري ڳڻيندو، ناپاڪائي جي حالت ۾ نه دوڪان تي پير رکندو نه ڪنهن شئي ۾ هٿ وجهندو، رک رکان ته سچ پچ هندن ۾ گهڻي هئي. گرا گنجا هنن ۾ به هٿا پر ٿوراه گهٽا هندو صفائي ستراائي ۽ سادگي جا ڪوڙيا هئا.

مسلمان پنهنجي مذهبي روايتن جو پاس ڪري هندوءَ کي السلام عليڪم ته نه چئي سگهندا هئا نه هندو مسلمانن کي رام رام چوندو. (پاڻ هو اسان کي عيد برات تي مبارڪون ڏيون. اينڊا هئا اسان هنن کي هولي ڏياريءَ تي وڌايون خير ڪيون ڏيندا هئاسين.) پوءِ سلام دعا ڪيئن ٿيندي هئي؟ بس وڌ ۾ وڌ نياز تي اهو عام ۽ مشترڪ توڙي غير متنازعه سلام هو هندو مسلمان جوه يا ڏند تيڙ، هيلو، ديوان سلام، حاجي صاحب سلام نياز وغيره جهڙن اکرن سان پليڪار ٿيندي هئي ۽ محبتن ۽ راڌا ويد جا سلسلا

www.sindhsalamat.com

پيا هلندا هئا.

هندو هڪڙي ئي ديس ۾ رهندي هڪڙي ئي ٻولي ڳالهائيندي اکرن جي اچارن ۾ اسان کان مختلف هئا. مثال طور س کي ش ۽ ر کي ڙ توڙي ڙ کي ر اچارين. ڻ جو اچار به اهو نه جو اسين اچاريون. مگڻو چوڻو هوندن ته منگرون چوندا. توڙي زبر زبر ۾ به تفاوت رکندا هئا، اسين چئون مُنهنجي ته هو چون مِنجي يا مينجي. سبب اهو هو جو هو قديم واڻڪيءَ تي قائم رهيا ۽ اسان جي سنڌيءَ تي عربي فارسي جو اثر قبوليل هو مذهبي لٽريچر جي ڪري. خاص واڻڪي ٻوليءَ جي ته الفابيٽ ۽ صورتخطي ئي جدا هئي. هتي گانڌي چونڪ ۾ واڻڪي سيڪارڻ لاءِ هڪ مڪتب کليو ته هندن سان گڏ ڪي مسلمان ڇوڪرا به پٿيون ۽ قرهيون کڻي وڃي واڻڪي سکڻ ويٺا جن ۾ هڪ آءٌ به هوس. پهرئين ڏينهن جو الف ب ت جو سبق مليم تنهن منهنجو مٿو ئي چڪرائي ڇڏيو ـــ سنڌيءَ ۾ پڙهون الف بي تي ٿي وغيره يا انگريزيءَ ۾ اي بي سي ڊي پر هنن جي الفابيٽ جا اچار ئي نرالا يعني: الف = آاو، ب = بٽو، ج = جٽجو، ت = تٽو، ل = للو، گ = گگو ـــ وغيره. هاڻي ٻڌايو ته ڪيئن پڙهجي؟ ڪن اکرن جو ته اچار ڪرڻ ئي شرم جي ڳالهه. تي ڏينهن پڙهيس چوٽين ڏينهن کان ويندي هي ڏينهن وري واڻڪي جو نالو نه ورتم.

حيدرآباد جا عامل هندو گهڻا پڙهيل گهڻا سڌريل ۽ پورا Aristocrats هئا. عامل ڪالوني ۽ حيدرآباد جي رونقن جي

www.sindhsalamat.com

ڪري ئي ته حيدرآباد کي سنڌ جو پئرس چئبو هو. نه موٽرون ايتريون هيون نه بسون لوڊنگون نه رڪشائن ۽ فور سيٽرن جي ٽران ٽران ۽ دونهون نه فضا ۾ غلاظت. وڪٽوريا بگيون هيون يا شان وارا ٽانگا جن ۾ ابلق گهوڙا ۽ انهن جي کرن جي ٽپ ٽپ ٽاپ ٽاپ ۽ پيرن سان وڄائڻ وارا گهنڊ هڪ عجيب قسم جو سمان پئدا ڪري ڇڏيندا هئا. تن ۾ ويٺل سوارين جي بدن جي هلڪي لوڏ ۽ شان ـــ ڇا ته انهن علائقن ۽ سڄي شهر ۾ رونقون هيون رنگ هئا ۽ خوشبوئون هيون، رنگينيون هيون ـ! شام ٿيندي زالون مرد سير سپاٽي لاءِ نڪري پوندا هئا، اڇا اجرا سادا توڙي اوچا لباس، چهرن تي ٻهڪار ۽ وقار ـــ بس چوطرف رنگ ئي رنگ ۽ ساءَ ۽ سهاءَ پکڙي ويندا هئا، پر نڪا بيهودگي نڪا ٽش ٽش ٽهه ٽهه نڪا ڦشري نڪا ٽڙڙپائي، مشڪون ۽ مرڪون شان ۽ سرهائيون هونديون هيون. اڄ جو جوان انهيءَ هٻڪار واري ماحول جو تصور به نٿو ڪري سگهي. بگيءَ جي سواري موٽر ڪار جي سواريءَ کان هزار ڀيرا وڌيڪ سهج ۽ سرور واري هئي، تڪڙ ۽ تيزيءَ جي ٻي ڳالهه آهي ـــ اڳي واري ڍلائي مان ڪجهه پرايوسون ته اڄ واري تکائي ۽ تڪڙ مان ڇا پرايو اٿئون سو سڀ ڏسون پيا ـــ رستا به ههڙا نه هئا بلڪه وڌيڪ صاف سهڻا ۽ پختا ۽ ڪشادا هئا.

ڇا صفائي هئي ڇا نزاڪتون ۽ نفاستون هيون لباس ۾، وهنوارن ۾، گفتگو ۾، ناتن جي نباه ۾. سڄي سنڌ سون هئي، رڳو هندن جي ڪري يا انگريزن جي ڪري نه بلڪه

www.sindhsalamat.com

سيني جي ڪري. متان سمجهو تہ ڪنهن هڪ جاتيءَ کي ٿو هيڪاندو ساراهيان. ڊلا ڀلا سيني جاتين ۾ هوندا آهن. اڄ جنهن سوچي سمجهي رٿيل ۽ سٿيل پروگرام موجب ثقافتي تاريخ کي مسخ ڪيو پيو وڃي تنهن جو هڪڙو جواب هي بہ آهي تہ ماضي ۽ ماضي قريب جي ذري پرزي حقيقت ڪاغذ تي اٽڪائي ڇڏجي نہ تہ اسان جي ايندڙ نسل کي اسان جي تهذيب ۾ رڳو طرح طرح جي بيهودگي، Hooliganism ۽ اها مسخ شده تاريخ ملندي ۽ هو پنهنجي ماضيءَ کان شرمندا ٿيندا.

جڏهين ٿنڊي الهيار ۽ حيدرآباد جون اهي هيڪارون هيون تہ ڪراچي، ٺٽي، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن جو ڇا شان هوندو؟ سنڌ سڄي ئي سورگ هئي سائين. ڪيترا تفريحي پارڪ ۽ باغ هئا، جتي ڪٿي پٿر ۽ سيمنٽ جون بينچون هيون. گدوءَ وارو باغ هينئر تہ اجڙ ٿيو پيو آهي، تڏهين ڪي رونقون ۽ رنگ هئا انهيءَ باغ ۾! ٻيڙيءَ جو سير تنهن کان سواءِ روح پرور. شهر ۾ هڪڙو پريم پارڪ ئي اڃا انهن کان نہ وسريو آهي جن ان جون هوائون کاڌيون ٿڌي ڇهر تي پيار ڪيو ۽ نت نرالن نظارن سان اکيون ٺاريون، اهي ڪي قديم گهاليهون تہ ڪونهن. هتي ٿنڊي الهيار ۾ هڪڙو بصر مل جو باغ ۽ ٻيو شامنداس چوڙيگر وارو باغيچو بهشت جا ٽڪرا هئا. ٻيا ننڍا وڏا باغيچا ۽ ميونسپل گارڊن تنهن کان سواءِ. انهن مان صحت بہ هئي ۽ تفريحي بہ هئي. هاڻي اهي تازيون ۽ پاڪ صاف هوائون

www.sindhsalamat.com

ڪٿي جي تندرستيءَ جون ضامن هونديون آهن: خاڪ ٿي ويون اهي رنگينيون.

مسلمانن جي عيدن تي جي رونقون ٿينديون هيون تن ۾ نه گوڙ نه هل هنگامون نه فشري ۽ بيهودگي. هندن جي هولي ڏياري دسهڙي ۽ ٻين ڏٺن جو ساءُ سماءُ به اهڙوئي ڀرپور ۽ وقار وارو جو ايمان تازو ٿي ويندو هو. مسلمانن جي شادي هجي يا هندن ۾، رنگ ۽ نور، سرهائين ۽ شادمانن جا دريا پلٽجي پوندا هئا شهر ۾. شاديون ۽ ٻيا ڏڻ ڪي بند ته نه ٿي ويا آهن پر— الائي ڇو، جهڙا احتجاجي جلسا هجن-؟! ورهاڱي کان پوءِ به حيدرآباد ڪن سالن تائين ڏسڻ جهڙي هئي جو عراق جي شاه فيصل مرحوم، چائواين لائي ۽ ٻين سربراهن کي دورو ڪرايائون. هاڻي ته پنهنجو صدر ۽ گورنر به ترسڻ پسند ڪونه ڪري.

ڪراچيءَ کي روشنين جو شهر ٿا چئو تنهن ۾ ڪيترا سچا آهيو-؟ ذرا پنهنجي دل تي هٿ هڻي ٻڌايو ته ڇا سچ ٿا چئو-؟ يا انهن کان پڇو جن ڪراچيءَ کي فقط پنجٽيهه سال اڳ ڏٺو هو. هن ئي شهر لاءِ پنڊت موتي لال نهروءَ اتي ئي رام باغ (هاڻي آرام باغ-!) ۾ تقرير ڪندي چيو هو:- Karachi is the Queen of India. اها انوقت جي ڳالهه آهي جڏهين ڪراچي خيرن جي اڃا سامائي مس هئي. پوءِ ته سندس جوڀن هيئن بگڙيو جو ڳهه ڳٺا ڳاهٽ ٿيندا ويس ته ماس ڪوربو ويس. تڏهين هن شهر کي "ڇورن نيپاڄ" به چوندا هئا ڇاڪاڻ جو ڇورن ڇنن جي هنجهه به هئي ۽

www.sindhsalamat.com

ساه گراه به. جنهن ڇوري ڇني کي ڪٿي روزگار نه مليو ٻيون سڀ واهون بند ٿيون ته سڌو ڀڄندو ڪراچيءَ. پوءِ اسٽيشن تي، بگي ۽ ٽانگه اسٽئنڊن تي، مارڪيٽن ۽ مسافرخانن تي بيهي رڳو آئي وئي جو سامان سڙو ڍويائين ته رات تائين ٻن روپين تائين جو "روز" ڪمائي وٺندو. بس گنج ٿيا. سڄو ڏينهن اهو رولاڙو، رات ٿي ته گهمي گهتي بائسڪوپ ڏسي ڪنهن فوٽ پاٿ تي سمهي رهندو، ٻي ڏينهن وري اهائي ڪار— پر سڀ خوشيءَ ۾، ٽهڪن ۾، ۽ ڏاڍي آنند سان. سڄي ڏينهن جي کاڌي پيتي ۽ چٽي چهر جو خرچ چئن کان اٺن آنن تائين، باقي بچت. ٤ يا ٦ مهنا ڪمائي موڙي ميڙي گهر کڻي ايندو ۽ پنهنجي بهتر آئندي لاءِ ۽ نئون سفر شروع ڪندو. تڏهين چئبو هو ڪراچي آهي ڇورن جو نيپاڄ. اڄ به آهي— بلڪ سڄي سنڌ سڳوري خلقن جو نيپاڄ آهي.

۽ سائين اعتبار ڪريو ته هن "ويچاري" شهر ٽنڊي الهيار جي کوهن جو پاڻي بمبئي دهلي ۽ ڀارت جي ٻين شهرن تائين سو کڙي ٿي ويندو هو! خاص ڪري قلعي واري کوه جو پاڻي شهر جي ٻين کوهن جي پاڻيءَ کان وڌيڪ ٿڌو، مٺو ۽ شفا بخش ڄاتو ويندو هو. خاص ڪري اهي هندو جيڪي هتي رهندا هئا پر پنهنجي واپار سانگي احمدآباد، بامبي ۽ رامپور وغيره ايندا ويندا رهندا هئا (جيئن مکي رامچند پريم چند) سي ٽامي يا پتل جي چونرن ۾ هتان جي کوهن جو پاڻي ڀري کڻندا هئا. چونرن جا پيٽ وڏا ۽ ٻوٿ سوڙها مڃ جي واڻ سان

www.sindhsalamat.com

مڙهيل هوندا هئا ته پاڻي آساني سان اوتي به سگهجي ۽ اندر ڪن ڪچرو به نه وڃي. اڪثر انهيءَ واڻ کي پيا پسائيندا ته جيئن چونرو ٿڌو رهي. ٽنڊي الهيار اسٽيشن تي گاڏي بيٺي ته ڪاسبي اڳ ئي اهي چونرا ڀريو بيٺا هوندا. گاڏي بيٺي ته خالي چونرا لٿا ۽ ڀريل چاڙهيا ويا جو سيٺ کي اڃا اڳتي وڃڻو آهي. اهو قلعي وارو کوه ميرن قلعي سان گڏ کڻايو هو. ٽنڊي جي زمين جي ڪک جو پاڻي اڄ به ٿڌو مٺو ۽ شفا بخش آهي جنهن جي شاهدي هئنڊ پمپ ڏين ٿا.

اهو حيدرآباد وارو سنڌ جو پئرس يعني هيرآباد سائين "سنڌ ورڪين" جو جوڙايل هو جن اهي جبل سرڪار کان ليز تي ۽ فل ريٽ تي وٺي اتي اها وسندي وسائي. سنڌي ورڪي! اها هڪ معاشي تحريڪ هئي ته: سنڌي ماڻهو گهرن جو آساس ڇڏي ٻاهر نڪرن ۽ واپار به ڪن ۽ سنڌ کي ٻين ملڪن ۾ ناميارو به ڪن. هنن کي نه قرض وٺڻو آهي نه امداد نه ڪا اهڙي ڳالهه ڪرڻي جنهن مان سنڌ کي ڪو ٽڪو اچي. اهي ڀائيبند سنگارپور، هانگ ڪانگ، نيروبي توڙي ڀارت جي شهرن ۾ نڪري پيا، اڇا اجرا، باوقار با وضح ۽ شانائتا رهن، واپار ڪن خوب پئسو ڪمائين ۽ "سنڌ سان وچن" موجب سڀ ڪمائي اچو هتي سنڌ سڳوريءَ جي ٺاه ۽ سينگار تي خرچ ڪن. پاڻ به ٺهن ۽ ٻين کي به ٺاهين. ڏاڍي عزت ٿيندي هئي سنڌ ورڪيءَ جي. مقصد پورا ٿيا ۽ اها تحريڪ ختم ٿي — سمجهو هڪ "ثقافتي انقلاب" هو — پر سنڌ ورڪي اڄ به عزت سان ياد ڪجي ٿو.

www.sindhsalamat.com

*** اطلاعات کاتي ۾ اسان جو ڊائريڪٽر جميل الزمان صاحب عجيب شخصيت جو مالڪ هو. مون تي گهڻو راز ۽ اعتبار هوس ۽ شايد ساڳي سبب مون لاءِ ٿي ڪڏهين ڏاڍو پراسرار بنجي ويندو هو. ڪڏهين ڇا ڪندو جو شام جي وقت جڏهين هيڏي ساري آفيس ۾ آءٌ ۽ هڪ به پٽيوالو رهيل ڪم نيڪال ڪري پڇڻ جي سانياهن ۾ هونداسين تہ بنگلي تان فون ڪندو ـــ "بچاڻي، منهنجي آفس کولاءِ ۽ پوءِ اندران در بند ڪري اتان فون ڪٽي مونسان ڳالهاءِ." آءٌ سندس ڪمرو کولائي اندر گهڙي در ٻيڪڙي اتان فون ڪٽي سندس نمبر ملائيندس. هو نهايت گمبير آواز ۾ مون کي هدايتون ڏيندو ويندو. "ٻيو ڪير تہ تنهنجي پرسان بيٺل ناهي.؟" (گفتگو بالڪل رازداري واري انداز سان....)

"نہ سر، آءٌ بالڪل اڪيلو آهيان."

"تہ هاڻي منهنجي ميز جي خانن مان ٽيو نمبر خانو کول."

"کوليم سر."

"ڏس ان ۾ ڊنهيل سگريٽ جو پاڪيٽ پيل آهي.؟"

"ها سر."

"اهو ٻاهر ڪڍ."

"جي سر."

"ڏس، ان ۾ سگريٽون گهڻيون آهن."

"ست سگريٽون آهن سر." آءٌ ڳڻي ٻڌائيندس.

www.sindhsalamat.com

”وري ڏس آٺ هونديون-“

”نہ سر، سَت ئي آهن-“ آءٌ وري ڳڻي ٻڌائيندس-

”چڱو هاڻي هينئن ڪر جو انهن مان ٻہ سگريٽون نهايت احتياط سان ڪڍ ۽ نهايت احتياط سان ڪنهن ٻي خالي پاڪيٽ ۾ وجهي فلاڻي پٽيوالي کي ڏي تہ مون کي بنگلي تي ڏئي وڃي-“

آءٌ حاضر سائين چئي فون رکڻ لڳندس تہ آواز ايندو:

”اڃا فون نہ رکجان.... ها، سگريٽون ڪڍيئہ-؟“

”ها سائين-“

”چڱو هاڻي احتياط سان پاڪيٽ بند ڪري ساڳي جاءِ تي رک احتياط سان، ڏسجان اتي ماچس بہ هوندو پر ان کي هٿ نہ لائجان ۽ نہ ڪنهن ٻي شئي کي ڇيڙجان، هاڻي خانو بند ڪري ڇڏ-“ آءٌ جو هيستائين اعصابي طور پاڻيءَ مان نڪري چڪو هوندس سو انهيءَ سڄي ڪم دوران پيو سمجهندس تہ اجهو ٿو سگريٽن مان ڪو بم نڪري، يا مٿان اچي ڪي ڇاپو هڻڻ وارا ڪڙڪن. توبهہ توبهہ ڳالهہ ڪي ڇا. پٽيوالو سگريٽون ڏئي واپس ايندو تہ چوندو— ”صاحب، پڇيو پي تہ بچاڻيءَ جو ڪهڙو حال هو-؟“. اڪثر اهڙين آزمائشن ۾ وجهندو هو.

ڪڏهين همت نہ ٿي جو پڇانس تہ سائين مون سان اهو ڊرامون ڇو ٿا ڪريو-؟ بهرحال ماڻهو ڀلوڙ هو. مون سان اها جاسوسي راند ڇو ڪندو هو تنهن جو آخر تائين پتو نہ پيو. استعفيٰ ڏنم تہ ڏاڍو ڏک ڪيائين، روڪڻ ۾ گهٽايائين ڪونہ، نيٺ گهڻو وقت وجهي پوءِ قبول ڪيائين.

www.sindhsalamat.com

— مون کي هن کاتي ۾ نوڪري به هن صاحب هڪ عجيب اتفاقي معاملي سان واسطو پوڻ بعد ڏني. محترم غلام محمد تنظيم، محترم محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ماما سائين حاجي عبدالرحمان پاٽولي هن مامري جا شاهد آهن، آءٌ تنظيم صاحب وٽ فتح اسلام اخبار ۾ هڪ سئو روپيه مهيني تي بيٺل هوس. "پوسٽ" ڪهڙي هئي تنهن ڳالهه کي ڇڏي ڏيو.

هڪڙي شام آءٌ ڪي هينڊ آئوٽ ترجمو ڪري تنظيم صاحب جي آفيس ۾ اچي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيس، هو پنهنجي ڪم ۾ رڌل ۽ آءٌ سگريٽ جي سوٽن ۾ گم. ايتري ۾ هڪ فاڪس وئگن- جنهن کي فاڪي چئبو هو- اچي در تي بيٺي ۽ هڪ ننڍي قد جو ڀريل بدن سان سوٽيل بوٽيل صاحب السلام عليڪم ڪري اندر داخل ٿيو. تنظيم صاحب اٿي ڏاڍي تپاڪ سان هن جي آجيان ڪئي. هو ڏاڍي گرمجوشي سان هڪ ٻي ۾ ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ آءٌ پنهنجن خيالن ۾ مگن ويٺو رهيس. مونکي ڪهڙي خبر ته هي صاحب سدرن زون (سنڌ ۽ بلوچستان) جي اطلاعات کاتي جو ڊائريڪٽر جميل الزمان صاحب آهي-! هيڏانهن تنظيم صاحب کي شايد منهنجو هئڻ نه پئي وڻيو، هڪ ته مون اٿي هن صاحب جي آجيان نه ڪئي هئي، ٻيو ٻه وڏا ماڻهو ننڍي ماڻهوءَ جو هئڻ ورلي برداشت ڪن— هن مون کان پڇيو- "ادا- انفرميشن وارا هينڊ آئوٽ ترجمو ڪري ڇڏيئه-؟" آءٌ الائي ڪهڙي پور ۾ هوس، هڪ ته خيرمحمد نظاماڻي صاحب جو ڪاريل ٻيو اڳ ئي واترادو، سو بي سوچي سمجهي شروع ٿي ويس انفرميشن کاتي جي ڪارڪردگيءَ تي، ـ کاتو آهي ڪي

www.sindhsalamat.com

چنڊال چوڪڙي، هي خبرون آهن، هي ٻولي آهي، هي سرڪاري صحافت، هي سرڪار جي ٻيلستي، ۽ الائي ڇا مان ڇا چئي ويس. ڏسان ٻيو ته تنظيم صاحب جي منهن جو پنو به ذري ذري ٻيو متجي، هو اکين جا اشارا به ٻيو ڏي پر جو آءٌ سمجهان. ايوب خان ڪان وٺي ڪلرڪ تائين سڀني کي ويٺو رهڙيان، نه ٽڪان نه ڪنهن ملاقاتيءَ جي موجودگيءَ جو خيال ٻيو ڪريان. ڇڻ اج نه ڳالهايو ته ڪڏهين ڳالهائيندس.

تنظيم صاحب هن صاحب ڏانهن نهاري ڦڪي ڪلڪار ڪئي- "صاحب يه، يه همارے دوست، بهائي، عارضي ملازم...." سمجهي نه ٻيو ته مون کي ڪتي فٽ ڪري جو ڳالهه نهي. اتي هن صاحب نه صرف پٽ ورائي پر ڪرسيءَ کي ڦيرائي مون ڏانهن منهن ڪيو:

"آپ کے خيال ميں انفرميشن والون کو کيا کرنا چاهئے کہ اخبار والون کو شکايت نه هو-؟" مون طرح طرح جون تجويزون تنقيدون ۽ تصويرون ڪڍي ڪٽي ڍڳ ڪيون ته هيئن هئڻ گهرجي هيئن نه هئڻ گهرجي- وغيره وغيره. گڏوگڏ اهائي سرڪاري ڪاتن تان اگڙي لاهيندو وڃان. مون ايئن پي ڳالهايو جيئن ڪو پاڻ گهڙيو دانشور ڪهن ڪافي هائوس يا ڪيفيٽيريا ۾ ويهي اصولي منطقي عقلي بحث ڪندو آهي پر هوندو آهي ٻهرئين نمبر جو نڪمڻو. هن صاحب ڏاڍي ڌيرج سان منهنجون ڳالهيون ٻڌيون ڪئي سوال جواب ڪيائين، ۽ ٻوءِ اتي اسان ٻنهي کان موڪلائي هليو ويو. تنظيم صاحب هن کي ڪار تائين ڇڏڻ ويو، ۽

www.sindhsalamat.com

جڏهين موٽي آيو ته مون سان شروع ٿي ويو- ”يار تون به ماڻهو ماڻهوءَ کي ڏسي ڳالهائيندو وڃ، هي ڊائريڪٽر صاحب هو....“ وغيره. سڀڪنهن کي خبر آهي ته هن کاتي جو اخبار وارن سان ۽ اخبار وارن جو هن کاتي سان ڪهڙو ٻه طرفو واسطو هوندو آهي. پوءِ ته مون به پڇتايو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪي اهڙا اگرا لفظ حڪومت ۽ ان کاتي لاءِ اچارڻ ڪا چڱائي نه هئي. آءٌ سچ پچ ڊڄي ويس، تنظيم صاحب سان معذرت ڪيم. هوڏانهن هن کاتي ۾ نوڪريءَ جي سڌ پي ڪيم هيڏانهن هي ڪم ڪري ويٺس-!

ٻي ڏينهن ڏيپلائي صاحب تلڪ چاڙهيءَ تي ئي گڏيو. چوڻ لڳو- ”هي جميل الزمان تي ڪهڙو جادو ڪري ڇڏيو اٿئي-؟ اڄ آفيس ويو هو سانس، چيائين هڪڙو ڪم جو ماڻهو ڏسي آيو آهيان ان کي ٽرانسليٽر ڪري ٿو رکانس. بس هاڻي تنهنجي نوڪري پڪي-“ ٻي ڏينهن ماما وٽ ويس (انوقت اتي پي. آر. او. هو). حقيقت پڇي مانس. چيائين برابر تنهنجي واکاڻ پئي ڪيائين. منهنجي به آس ٻڌي ۽ تنظيم صاحب کي به تسلي ٿي.

پوءِ مختلف ضروري مرحلا گذاري مون کي نوڪريءَ ۾ رکيائين. پهرئين ڏينهن پاڻ مون وٽ اچي منهنجي ٽيبل جي ڪنڊ تي ويٺو ۽ مون کي تاڪيد ڪيائين: ”تنهنجي مقرري جو فيصلو ته فتح اسلام جي آفيس ۾ ئي ٿي ويو هو. ياد اٿئي تو جا نڪته چيني ڪئي هئي-؟ بس هاڻي اهڙي نڪته چيني جو جيئن ٻي ڪنهن کي موقعو نه ملي.“

www.sindhsalamat.com

هي ايوب خان جي گولڊن پيرئڊ جو ابتدائي دور هو. هتي گهڻو ڪجهه ڏٺم، گهڻو ڪجهه ٻڌم ۽ پرايم. پر آفيسن ۾ جو ڊسيپلين هو سو وري نه ڏٺوسين.

*** هن ئي دفتر ۾ ڪريم بخش خالد صاحب — خدا حياتي ڏئيس — اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ٿي آيو. هي صاحب سڀ ڪم ۾ ماهر هو پر "صاحبي" ڪري نه ڄاڻندو هو. ننڍن وڏن سان هڪجهڙو، ۽ يارن جو ته اڃان ئي يار شروع ۾ رهڻ جي جاءِ لاءِ ڏاڍو ماندو هو، ڏاڍي ڊوڙ ڊڪ ڪيائين. روز ڪيتريون فونون کڙڪائيندو هو. هڪ ڀيري مون کي چيائين: "بچاڻي، تون نٿو ڪا جائڙي ٻائڙي هٿ ڪري ڏين؟"

چيم، "سائين، جائڙي به کپي ۽ ٻائڙي به؟"

تنهن تان ڏاڍو کليو. ڪڏهين ستائڻ خاطر اوچتو حجت مان حڪم ڪندو: "بچاڻي چانهه گهراءِ سڀني لاءِ، جلد ڪر." ڏاڍو تپ چڙهي ويندو هو. (اهو هڪ وڏو هال هو جنهن ۾ پاڻ، انفرميشن آفيسر درمحمد قريشي ۽ ڪلرڪن مترجمن سميت ڏهاڪو کن ڄڻا ويهندا هئاسين. سندس آفيس اڃا خالي نه ٿي هئي ان ڪري اتي ويهندو هو). لاچار سور ٻري سان چانهه جو آرڊر ڏيندس ئي مس ته چوندو. "بس ڇڙي چانهه؟ پئي ڪي بسڪيٽان ڪي سمبوسا سڙا به اچن ڪين رڳو چانهه؟" ڪل هڪ سئو روپيه پگهار، پوءِ گورنر ملڪ ڪالا باغ طرفان ڏه روپيه رونگ، ڪل هڪ سئو ڏه روپيه، تنهن مان ايترو خرچ؟ بهرحال ڳالهه مڃڻي پوندي. چانهه

www.sindhsalamat.com

سنمبوسا ايندا سڀ کل کل ڪري کائيندا ـــ پر جڏهين ٻاهر وارو بل وٺڻ ايندو ته هي صاحب هڪدم ٻٽئون ڪڍي پئسا ڏئي ڇڏيندو ۽ مون ڏانهن ايئن نهاريندو جيئن چوندو هجي ـــ ”ڏٺئي ڊيڄاري ڇڏيومانءِ ني-“

ٻيو هو انفرميشن آفيسر شفيع علوي صاحب ـــ گهڻو پڙهندڙ ۽ ڪڙهندڙ، سدائين ڪنهن عميق ۾ غرق، کلندڙ ۽ کلائيندڙ. امام بخش نياز صاحب اسسٽنٽ انفرميشن آفيسر نمبر ١ ته واقعي نياز وارو نماڻو ماڻهو هو. علي محمد مجروح صاحب سان هتي وڏا بحث ٿيندا هئا شاعري جي صنفن ۽ خاص ڪري جماليات جي حسن تي. اها ون يونٽ بلڊنگ ـــ هاڻي شهباز بلڊنگ ـــ منهنجيون ڪيتريون يادگيريون سانڍي.

*** روايتي لفظن ۾ کڻي ايئن چئبو ته **ماستر چندر** سنڌي غزل جي ڳائڪيءَ جو ”ابو“ هو، سنڌي غزل کي سهڻا سر هن ڏنا ـ وغيره. پر هيءَ حقيقت آهي ته سنڌي غزل ڳائڻ ۾ هن جيڪو انوکو ۽ اڇوتو انداز اختيار ڪيو تنهن ۾ ماستر هو پهريون نمبر. ڪنهن کان سندس ڏانءَ ۽ طرز جو نقل به نه ٿي سگهيو. ڪٿي فونو هجي ۽ ماستر چندر جا رڪارڊ نه وڄن سو ته ناممڪن هو. برابر هن جي چونڊيل ڪلام ۾ توڙي هن جي ڳائڻ ۾ مجلسي تفريحي رنگ سو هو پر ٻڌندڙ کي ڪنهن حد تائين تفريح ۽ هن جي جذبن ۽ احساس کي گهڻو ڪجهه ملي ويندو هو. ڀڳت ليلارام، ڀڳت جاڙو، ڀڳت سوڀو، مهاڪوي ڀڳت، ڪنور رام جا رڪارڊ دل ۾ روحانيت جا دونهن دکائيندا هئا ته چندر ۽

www.sindhsalamat.com

جيوڻي ٻائي جا روماني رڪارڊ مجاز جا مچ مچائي ڇڏيندا هئا. چندر گهڻي تڻي پرسرام ”ضياءَ“ جو ڪلام ڳايو.

هاڻي جو فلمي ۽ غير فلمي گانن ۾ خود معشوق جي رڙ پئي پوي ته آءٌ ههڙو ملوڪ، منهنجا وار ههڙا، منهنجا چپ ههڙا، منهنجو بدن ههڙو، انگ انگ ٿو ڦڙڪيم، عمر سورنهن سال ٿي وئي اٿم، تو کي پيار ڪرڻ سيکاري ڇڏينديس، هڪڙي ڪمري ۾ بند هجون ۽ چاٻي وڃائجي وڃي— وغيره. سو وري شاعريءَ جو ڪهڙو مهانگو معيار آهي-؟ اهي سڀ آزاديءَ جون نعمتون آهن سائين جي هاڻي اچي ڊسڪو تائين پهتيون آهن اڳتي به خدا خير ڪري. بهرحال سنڌي شاعري انهن هلڪائين کان گهڻي حد تائين پاڪ آهي...

اڳي اها ”دعوت عيش“ نه ڏبي هئي، تت ترو ترو تارا تارا، آگے هم پيچهے تم نه هئي ”رٺا ئي رهن پر هجين حياتي“ جهڙا روح پرور گيت هئا. شاعريءَ تي:

”هتي سڪڻ بي عدد. هتي پرينءَ پرواه نه ڪا.“ جون ڪيفيتون ۽ رنگ ڇانيل هئا.

***** ١٩٥١ع ۾ وزير اعظم لياقت علي خان**

امريڪا جي دوري لاءِ سنڀريو ته ملڪ ۾ ڏاڍو احتجاج ٿيو. قلمين توڙي سخنين ان دوري جي ڏاڍي مخالفت ڪئي هئي ته امريڪي سامراج سان اک اڙائڻ ۽ ويجهي پاڙيسري روس جي اهميت کي ريٽي ويتر هن کي پاڻ کان بدظن ڪرڻ ملڪ جي مفاد توڙي مستقبل لاءِ چڱو نه ٿيندو. پر سخت

www.sindhsalamat.com

احتجاجن جي باوجود لياقت علي خان دوري تي ويو ۽ امريڪي صدر ٽرومين سان رهاڻيون ڪري آيو. جنهن ڏينهن هو هتان اسهيو تنهن ڏينهن جي انهيءَ ئي اخبار جنگ جو ايڊيٽوريل احتجاجي هو جنهن جو عنوان هو- "کيون گئے-" ٻين اخبارن ۾ به دوري جي مخالفت ۾ ڪالم ڪارا ڪيا. تڏهين کان ٻنهي ملڪن ۾ "دوستي" آهي- ١٩٦٠ع ۾ امريڪي جاسوسي جهاز U-2 پشاور جي فوجي اڏي ٻڌبيڙ مان اڏاڻو جو روس وارن ڪيرائي لاهي وڌو ۽ روسي وزيراعظم خروشچوف نقشي ۾ پشاور تي ڳاڙهو نشان لڳايو. پوءِ بهرحال ايوب خان هتان امريڪي فوجي اڏا ختم ڪري ڇڏيا.

*** ايوب خان واري بيان ۾ لکيو اٿم ته "اوهين اسان مان اسين اوهان مان" وارو جذبو ۽ احساس هو ۽ "تو ۾ منهنجو ڇا ۽ مون ۾ تنهنجو ڇا-" وارو ماحول اڃا نه ٺهيو هو.

سيٽمبر- ١٩٦٥ع واري پاڪ ڀارت لڙائيءَ ۾ سنڌين، ۽ سنڌين جي هر درجي وارن، اوتروئي پاڻ ملهايو جيترو ڪنهن ٻي وطن پرست پاڻ مو کيو. اول ته هيءَ ڪا جنگ هئي يا مورڳو هڪ سترهن ڏينهن جو جشن هئي؟ نه فڪر نه تشويش نه ڪو انديشو، مٿائين هر ڪنهن جو منهن پيو ٽڙي ٽهڪ پيا پون، هڪ ٻي کي خوشخبريون ٻڌايون پيون وڃن، روز هڪ نئين ڪاميابيءَ جي خبر، بلڪه خبرون، ۽ روز نئون جشن-! ڇا سنڌي ڇا پٺاڻ ڇا پنجابي ڇا بلوچ ڇا بنگالي— ۽ ڇا هي مهاجرين مدينه جا جانشين. سڀ هڪڙي

www.sindhsalamat.com

ڌاڳي سلهاڙيا پيا هئا. ڪامل بلئڪ آئوٽ اهڙو جو اک نه ڏسي گوڏي کي، جنهن کي جيڪي وڻي سو ڪري وڃي، ڪنهن کي ڪل به نه پوندي ته واردات ڪير ڪري ويو، پر مجال آهي جو ڪا معمولي واردات به ٿي هجي. اهي چور ڌاڙيل هٿڙيباز ۽ بشني مورڳو چوڪيدار پهريدار ۽ رکوالا ٿي بيهي رهيا. رات جو بيگاه وقتن ۾ انهن ئي گهٽين ڳلين، ريلواين، پلين ۽ سرڪاري غير سرڪاري جاين تي پهرا ڏنا چوڪيون ڏنيون انهن چورن ۽ ڦورن. بدنام گنڍيڇوڙ بلئڪ آئوٽ ۾ ڪنهن جو کبسو نه ڪتري سگهيا.

هتي جو وڏو **بدنام غنڊو رمون ڀٽو**، جنهن کان اوڏن وڏن جو پيو ساه ويندو هو سو ڏسو ته ڪهاڙي کنيو ريلوي لائن ۽ اسٽيشن تي سڄي سڄي رات پيو پهرو ڏي. ڇا ملون مولوي ڇا سوٽاڙي سلفي باز موالي، ڇا ڄٽ جاهل ڇا جنٽلمئن سڀ جو هڪڙو جذبو هڪڙو اتساه. جيلن جا قيدي چون ته اسانکي ڀلي هٿڪڙين سميت مخاذ تي موڪليو پوءِ جي بچي اچون ته وري کڻي بند ڪجو، اسپتالن مان قيدي نياپا ڪن ته اسان جو باقي رت ست ڪم اچي ته وٺڻ ۾ دير نه ڪريو. غريب غربي به لڙائي جي چندي ۾ ڇا ڇا نه ڏنو. ڪنهن کان ڪجهه نه ڀڳو ته پنهنجو ڇنل ڦاٽل گرو گدلو بسترو ئي کڻي اچي اسٽال تي جمع ڪرائي ويا. نياڻين سياڻين قرآن جا ختما ڪڍيا، انا فتحنا جا ورد ڪيا، معصوم ٻارن پنهنجون خرچيون کڏڙين مان ڪڍي اچي بئنڪ ۾ ڏنيون، انڌن پينارن گڏ ڪيل ناڻو ڏئي ڇڏيو،

www.sindhsalamat.com

عورتن مڙسن کان مهر جي رقم وصول ڪري ڏني، هڪ هڪ سگريٽ ٣-٣ سئو روپين ۾ نيلام ٿي، هڪ هڪ رومال جا پنج پنج سئو روپيه لڳا، ڪي خوشيون هيون ۽ شادمانا هئا، ڪير چوندو ته جنگ پئي هلي-؟! اهو ماحول سڄي ملڪ جو هو ڪو هڪ ٻن هنڌن جو نه. اهڙو جذبو وري نه ٿيو ته نه ٿيو.

هڪ جهور ٻيڙي عورت پنهنجي شاديءَ جي نشاني طور رکيل چانديءَ جا زيور ڪل پنجويهن روپين ۾ وڪڻي کڻي آئي ته "ابا هي ڏوڪڙ ات موڪلي ڏي جتي لڙائي پئي ٿئي-" (تڏهين حبيب بئنڪ ۾ هوس). اتي ڪهڙن ڪهڙن ماڻهن کي چندو جمع ڪرائيندو ڏٺم سو ڇا بيان ڪجي-! ڪيترا هزار ايمان افروز قصا آهن. "ابوجهه اياڻا ڄٽ سنڌي ڀائو-" به ڏسو ته رات جي وقت ڪنهن کي لڪي ڇپي به ٻيڙي نه پيا پيئڻ ڏين ته بابا خيال ڪر ڏسين ٿو ته بلئڪ آئوٽ لڳو پيو آهي-! ڄڻي ڄڻي جي وات تي اها وائي ته ماڻهن ۽ ملڪ جو منهن مٿي ٿئي. وري مجال آهي جو انهيءَ امرجنسي مان ڪنهن ناجائز فائدو ورتو هجي، ڪنهن شئي ۾ گهوٻي هنئي هجي، چندي جي رقم يا شين مان ڪا هٿڙي هنئي هجي، آءٌ دلجاءِ سان چوندس ته ايئن انهن به ڪونه ڪيو جن جو اهو هميشه کان ڪسب هو. ڀلا جڏهين چور بيهي چوڪيون ڏيندا ته ايئن گِدي ڪيئن ٿيندي. هيئن سمجهو ته معاملو اڄ کان ابتڙ هو.

آءٌ لطيف آباد برانچ ۾ هوس. سخت بلئڪ آئوٽ ۾

www.sindhsalamat.com

لطيف‌آباد کان حيدرآباد پليٽ فارم تائين رکشا ۾ ايندو هوس. اسٽيشن تي اونده ۾ ڀوتن وانگر زالون مرد ٻار ٻيا ايئن بي‌ڏڙڪ پيا هلندا هئا ايمان ۽ جذبن جي سهائيءَ ۾. ڀوءَ به هٿوراڙيون ڏئي گاڏو تلاش ڪيو هو، ۽ اونده ئي انده ۾ همسفرن سان روح پروز ڪچهريون خبرون چارون ڪري اچي گهر رسيو هو. رات ڪي ڏينهن، اندر ڪي ٻاهر سهاءُ ئي سهاءُ هوءَ.

هڪ رات اچي گاڏيءَ ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺس. ڊپي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ پئسينجر هوــ هاڻي اسين ايئن پيا هڪ ٻي کي خبر چار ڏيون وٺون جيئن ڪو ٽيليفون تي ڳالهائي. نه منهن مهاندي جي خبر نه لباس جي، ڳالهائي تڏهين خبر پوي ته ڪهڙي ٻوليءَ وارو آهي. ايتري ۾ وڏي لائن تي هڪ گاڏي آئي مٿين سنڌ جي طرف کان. گاڏي ڇا آئي هڪ طوفان اچي ويو. نعرن جي جا گونج هئي تنهن آسمان تي ڏاريو ٻيو ماڻهن جو هڪ سموند انهيءَ گاڏيءَ مان لهي اسان جي گاڏيءَ ڏانهن اٿلي پيو ــ ”چڙهو چڙهو اها اٿو ميرپور واري گاڏي، هلو جهٽ ڪريو، وٺو وٺو، پيچ پا ڳاره، نعره تڪبير، الله اڪبر ــ“ سچ پچ انهن نعرن اسان جي ئي دل دهلائي ڇڏي. بس اهو ماڻهن جو سمند اسان جي گاڏيءَ تي پلٽجي پيو، جنهن ڪي جيڪو گاڏو سامهون پيو تنهن ۾ چڙهي پيو. سڀ گاڏا ستجي ويا. اسين سوڙها سڪوڙا تي وياسين. هاڻي هلي هنن جي هڪ هڪ گاڏي ۾ حاضري ــ فقير فلاڻو ــ! حاضر ــ فقير فلاڻو ــ ها هئو حاضر ــ! جنهن جو

www.sindhsalamat.com

نالو نہ موٽي سو پڪ ٻي گاڏي ۾. عجيب وايو منڊل ٿي ويو — هي سڀ پيرصاحب پاڳاري جا حر هئا جي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان گڏ ٿي آيا هئا ۽ عمرڪوٽ وڃي رهيا هئا جتي پير صاحب اڳ ئي ڪئمپ هڻيو ويٺو هو ۽ اتان حرن جا جٿا ٺاهي پي محاذ تي موڪليائين —

ٽنڊي ڄام تي، منهنجي ڀر ۾ ويٺل هڪ پئسينجر لٿو تہ جاءِ خالي ٿي ۽ حرن جو هڪ ليڊر اچي اتي ويٺو. هاڻي اسانجون خبرون هليون. هن ٻڌايو تہ مرشد سائين جو فرمان پهتو تہ سڀ حر سندن سڏ تي نڪري پيا آهيون. سڀاڻي صبح جو روانو ٿيڻ جي رٿ رٿي هئي سين پر زالن اسان کي رات گهرن ۾ رهڻ نہ ڏنو اصل بس ڪري بيٺيون چي مرشد جي سڏ کان پوءِ بہ هڪ رات زالن سان گذاريندا-؟ نيٺ رات جو ئي نڪري پيا آهيون. صبح ٿيندي اول خير عمرڪوٽ پهچي سائين وٽ حاضر ٿينداسين. مون پڇيو:

”هٿيار ڪهڙا کنيا اٿو-؟“

”اجهي هي هٿ هي ٻانهون جي آهن-“

”پر اڳيان بہ ٽئنڪون ۽ توپون آهن-“

”انهن کي ڳارڻ لاءِ تہ ڀيڄ پاڳارو جو نعرو ئي ڪافي آهي-“

”اوهانجو ڪمانڊر ڪير آهي-؟“

”مرشد پاڪ جو هي جهنڊو-“

”ميرپور جي اسٽيشن تي اوهان کي وٺڻ ضرور ڪو ايندو- جو عمرڪوٽ تائين رهنمائي ڪري-“

www.sindhsalamat.com

”پير سائين اسان سان اٺ ئي پهر گڏ ۽ رهنمائي ڪندڙ آهي. جيڪا گاڏي ڏٺيسين تنهن ۾ چڙهي پونداسين. اها عمر ڪوٽ نه هلندي ته ڪيڏانهن هلندي.!“

عجيب ايمان ۽ عقيدو ڏٺم هنن جو. خير. پاڳاري جي مريدن جي عقيدي جي هونئن به هنڌين ماڳين هاڪ آهي. هن ڀيري ته وري جنگ جو جذبو به شامل هو. پڇيم:

”اڳتي ڇا پروگرام هوندو.“

”رڳو مرشد جو اذن ملي باقي جوڌپور ۽ جيسلمير تائين نه پهتاسين ته ڄڻ گهران جهڙا نڪتاسين تهڙا نه نڪتاسين.“

”حڪومت ته اوهان مان ڏاڍي خوش ۽ متاثر ٿيندي.“

”اسانکي مرشد جو راضپو کپي، حڪومت ٻڪومت کي اسين ڪونه سڃاڻون.“

ٽنڊي تائين ڏاڍي روح پرور رهاڻ ڪندا آياسين. مڙس اصل هڻي وڃي هنڌ ڪرڻ لاءِ هڪيا بيٺا هئا، ۽ سچ پچ جيسلمير تائين هڻي وڃي هنڌ ڪيائون. فوجي اتهاس ۾ اهي حقيقتون محفوظ آهن ـ ڏسو ته فقط ويهن سالن ۾ ڇا مان ڇا ٿي ويو آهي.؟

پوءِ اهي ساڳيا جذبا ۽ اتساهه سچايون ۽ سماءَ ايڪهتر واري جنگ ۾ ڇونه هئا.؟ ۽ اڳتي جي ڪنهن کي ڪهڙي ڄاڻ.؟ ڪي اڀ اکئين ڏٺو پيو آهي.؟!

افسوس جو اڄ اسان ۾ ڪدورتون، بيزاريون، بدگمانيون ڀريون پيون آهن، حالات ۽ واقعات دلين تي ڪٽ چاڙهي

www.sindhsalamat.com

ڇڏي آهي تنهن سبب پنهنجي پراڻي تاريخ جي زرين حقيقتن کان ئي ڇڙڻ لڳا آهيون ۽ انهن کان REPUDIATE ڪرڻ لڳا آهيون ـــ تہ هيءَ تہ ڪلهہ جي ڳالهہ آهي. ۽ هيءَ حقيقت لڪل ڪانهي تہ ان دورتائين حڪومت ۽ عام لوڪ هڪ ٻي کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان هڪ ٻئي جو پنهنجو سمجهندا هئا ـــ تہ هن جنگ جي موقعي تي بہ هزارڳالهيون جڙيون، صنا سادن سچن ماڻهن کي چوندو ٻڌوسين تہ اسان خواب ۾ ايوب خان کي فلاڻو کي فلاڻو جهنڊو کڻندو ڏٺو آهي، ڪنهن چيو اسان آسمان ۾ سائو غاليچو اڏامندو ڏٺو، ڪنهن ملائڪ ڏٺا ڪنهن ڪو اشارو ڏٺو ڪنهن کي ڪهڙو مشاهدو ٿيو ڪنهن کي ڪهڙو، سرڪاري ابلاغ جي ذريعي شهادتن ۽ دليلن سان جي اهڙيون ڏسي عجيب ۽ دلچسپ ڳالهيون ٻڌيونسين تن تي تہ ڪٿي گهٽ اعتبار ڪيوسين جيتوڻيڪ تنڏهن اهڙا ڪوڙ ڪونہ گهڙبا هئا. پارٽ جي هڪ وڏي جنرل، جنرل ڪري اپاجي پٽ جو سڪر جي اسپتال ۾ بيان جنهن سڪر واري پل تباه ڪرڻ لاءِ جهازن سان ڪيترا حملا ڪيا ۽ ناڪام ٿيو ۽ نيٺ اعصاب جواب ڏئي ويس ۽ جهاز سوڙ لهڻ تي مجبور ٿيو، اهڙا هزارين دلچسپ قصا جن مان اڪثر سچا هئا پر هتي لکندس تہ مونتي ۽ منهنجي هن ڪتاب تي الائي ڪهڙو ٽپو لڳي ڇاڪاڻ تہ جيئن مٿي لکيو اٿم حالات ۽ ماحول دلين تي ڪٿر چاڙهي ڇڏيا آهن ۽ بجا طور ڇڙ ۽ بيزاري جو شڪار ٿيل آهيون.

هاڻ هڪ شئي تہ مون پاڻ هيءَ بہ ڏٺي جو صبح ڪاذب

www.sindhsalamat.com

جي وقت آسمان ۾ هڪ ڪڪر تلوار جي شڪل جو ٺهي بيهندو هو ايرنـدي طرف. اهـو منظر ڪيترا ڏينهن رهيو ۽ لڪين ماڻهن ڏٺو- اهڙي تلوار جي هوبهو صورت جي ڪڪري نه اڳي ڪڏهن مشاهدي ۾ آئي نه. پوءِ.

توڙين غير ملڪي اخبارن ۽ رسالـن ۾ جي بيان ڇپيا هئا سي بـه رڪارڊ تي آهـن ۽ شاهـد آهـن ته ان جنگ ۾ اسانجي فوج ۽ قوم ڪهڙي جذبي سان سرشار هئي- پوءِ ته اهڙو واءُ وريو آهي جو:

"چناں قحط سالی شد اندر دمشق
که یاراں فراموش کردند عشق"-

حقيقت هيءَ آهـي ته ان وقت تـائين ڪنهن قـوميت ڪنهن طبقي ڪنهن صوبي اهو نه سوچيو ته صدر يا وزيراعظم "پنهنجو" آهي يا ڪو ٻيو-!

*** پيئنگهو يا هندورو هاڻي جيئن پوءِ تيئن ماضيءَ جي ياد ٿيندو وڃي جو نه جاين ۾ پينگهو رکڻ جي گنجائش آهي نه مـاڻهن وٽ ايـڏي فراغت ۽ فرصت جو پينگهن ۾ ويهي پور پچائين. هي هڻ هڻان جـو دور آهي تنهن ۾ اهي آساس ڪٿي-!

تڏهين غريب غربو به پينگهو رکـي سگهندو هو. وڏن سرنـديءَ وارن وٽ تـه وڏا وڏا طرح طرح جـي ڊزائنن جا پينگها هوندا ڪن وٽ اچائي جنديءَ جا، پانت پانت جي چٽن گلن ۽ آرسين سان توڙي نواڙن سان مڙهيل، باقي گهٽ آمدني وارا به پير جا سادا سودا پينگها ٺهرائي وٺندا، آسائش

www.sindhsalamat.com

ساڳي لوڏ ساڳي باقي شو ڪٿي گهڻو ڪٿي ٿورو، پينگهو رڳو آسائش ۽ سهولت ئي نه هو بلڪ شان ۽ نيڪ بختي جي نشاني سمجهبو هو. دعائون ڪي ”پينگهن ۾ لڏڻ“ جون به ملنديون هيون. جنهن گهر ۾ سادو ڪي اوچو ننڍو ڪي وڏو پينگهو نه هوندو تنهن گهر کي مڙئي بي فيض سمجهبو هو. پينگهي ۾ لڏڻ سان جا آسيس ٿي ملي سا ڪنهن پينگهي واري کان پڇو. پينگهي ۾ لڏڻ ۽ ڀلي گهوڙي جي سواري هڪ ڳالهه هئي.

پينگهي ۾ لڏندي رڳو لکي سو نه سگهبو. باقي پڙهڻ کائڻ پيئڻ سمهڻ ۽ استراحت وٺڻ جو ته مزو ئي پينگهي ۾ هو. هونئن ننڊ اچي نه اچي پينگهي جي هلڪي لوڏ ننڊ لاءِ سمريزم جو ڪم ڪندي هئي. پور ۽ خيالي پلاءَ پڇائڻ ۽ آئندي جا پلان تيار ڪرڻ لاءِ ته پينگهو وڏي مهميز هو. يقين ڄاڻو پينگهن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهڻ وارا سست ڪاهل نه هئا گيرب جو شڪار نه ٿيندا هئا بلڪ پهرئين نمبر جا عملي ۽ چست هئا، پينگهي ڪنهن کي ڪم کان نه کاريو. خير ـــ چار چار ٻار به پيينگهي ۾ سمهي سگهن، بيمارن لاءِ ته پينگهي جي لوڏ ڦڪين جي فرق ڪرڻ جو سبب بنجيو وڃي. زال مڙس پينگهي ۾ گوڏو گوڏي سان ملائي گڏوگڏ ويهن محبت ونڊين ۽ گهر ٻار جي مستقبل جون صلاحون ۽ سٽائون ڪن، اهي ڳالهيون هينئر ڊرائننگ رومن بيڊ رومن ۾ ڪٿي.! رٺا به پينگهن ۾ ضرور پرچي ويندا هئا، ڪاوڙيل ڪروڌي ماڻهو پينگهي ۾ ويٺو ته ڪاوڙ ڍري،

www.sindhsalamat.com

ڪو ڏيل ۾ ڏکيو پينگهي ۾ ڪن پل لڏيو ته آنند اچي ويندس. بي شمار هيون پينگهي جون نعمتون.

وڏن گهرن جي پڌرن اڳڻن آڳنڌن ۽ باغن ۾ جي پينگهون هونديون هيون تن جون رمزون ۽ رونقون جدا هيون-! خواب ٿيندا وڃن اهي وقت. هاڻي بابا "عمل پيهم، سعئي مسلسل، عزم مصمم، جهد مسلسل، ورڪ ائنڊ ورڪ ائنڊ ورڪ جو دور آهي، هلو سائين ڊوڙاندا وڃو، بقا جي شوق ۾ فضا ڏانهن-!

سڪون ڇا آهي-؟ جنهن لاءِ هيڏي چو پچو ٿا ڪريون ته اڳي هو هاڻي ڪونهي-؟ اها ڳالهه سمجهائڻ مون جهڙي اياڻي جي وس جي ڳالهه به ڪونهي، ڪو روحاني نفسياتي ۽ مابعدالطبعياتي رمزون سڃاڻڻ وارو هجي جو سمجهائي. باقي جنهن به ماضي ۽ ماضي قريب کي ڏٺو آهي سي ڄاڻن ٿا ته تڏهين ريل گاڏي يا بس جي سفر ۾ پنهنجي شهر کان منزل تائين آرام ۽ محويت سان اخبار يا رسالو پڙهي وٺبو هو هاڻي انهيءَ دلجاءِ سان ته نٿو پڙهي سگهجي، سفر تي اسهندي، جيڪو هونئن اخبار نه وٺندڙ هوندو سو به وٺندو ۽ سڪون سان سفر ۾ پيو پڙهندو هاڻي پاڻ ۾ يَٽَ شٽ ڪندي به دل ۾ هزار دليل ٿا اچن، جتي ٿوري نويڪلائي ملي گهري مٺي ننڊ جو جهوٽو هڻي وٺبو هو پوءِ اها هلندڙ گاڏي يا بس هجي يا ڪو ٻيو ٿانيڪو هنڌ، هاڻي موٽرڪارن ۾ هيڊريسٽ اوس لڳل آهن پر "هيڊ" کي جو صلو ڪونهي جو "ريسٽ" ڪري سگهي، ان هڪڙي

www.sindhsalamat.com

ٻن مثالن مان ئي سمجهو ته اڳي ڇا هو. هي جو پهاڪو آهي ته، ننڊ ڦاسيءَ جي تختي تي به اچيوو جي سو ان دور لاءِ گهڻو صحيح هو هاڻي ته گهرن ۾ پنهنجن بسترن تي به اها سچي ننڊ نٿي اچي، واءُ جو جهوٽو در جو کڙڪو ڇرڪايو وجهي.

اڳي اعصاب اهڙا هيٺا ۽ چٽيل نه هئا، ڳالهه ٻولهه هجي ڪي ڪو ڪم يا مهم هجي سڀ ڌيرج دلجاءِ ۽ تحمل سان ٿيندي هئي، اندر ۾ اطمينان هوندو هو ـــ ۽ جو ڀلارو ڀٽائي ننڊ کي نندي ٿو ۽ تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ جي تلقين ٿو ڪري سو ان سسئيءَ کي ٿو هڪل ڪري جنهن جي اڳيان هڪ وڏو مقصد هو؛ توڙي انهن کي جيڪي رب سان رهاڻيون ڪن تن کي ته - ”سي ستائي سنهن ننڊ عبادت ان جي-“ ننڊ به مباح ڪري ٿو ڏي. هر عام خاص ماڻهو ته انهن درجن جي نٿو پهچي، نه هرڪو سسئي ٿئي نه هرڪو لاهوتي لعل ٿئي، سو اهي تو مون جهڙا ماڻهو حقيقي ننڊون به ڪندا هئا ۽ دين ۽ دنيا جا ڪم به باقاعدي پڄائيندا هئا. نهايت ترقي يافته ملڪ امريڪا جا ماڻهو هندستان ۾ ڪروڙين ڊالرن جا خرچ ڪري وڏا وڏا مندر ٺهرايو ويٺا آهن جن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ٿا وسرام وٺن، توڙي نيپال ۽ ڀوٽان جي جهٽگلن ۽ جبلن ۾ ڀٽڪندا وتن، ٻين ملڪن ۾ به درگاهون ۽ خانقاهون ڀيٽيندا وتن، توڙي پنهنجي ملڪ ۾ به اهڙا آشرم ٺاهيا اٿن، انهن ۾ ڀڳتن ۽ پروهتن کي ويهاري ٿا هنن جا وعظ ٻڌن، روحاني ڪتاب پڙهن ۽ پڙهائين سو ڇو-؟ برابر هنن جو معاشرو گهڻو مادي طور ٽائٽ ۽ Congested ٿي ويو آهي خود هنن جي هٿان، پر اسين

www.sindhsalamat.com

ئي اٽڪي بيٺو هو ۽ پاڏي صحيح سلامت بيٺي هئي-! سمجهو ڀت جي ٽيڪ سان ڪا شئي رکيي آهي ته وچ ۾ هڪ ٽرائي اينگل ٺهي پوندو آهي، پاڏي انهيءَ ٽرائي اينگل ۾ بيٺي هئي. مون اهو لڦاءُ ڪريل ڇت جي مٿئين پاسي کان به ڏٺو ۽ وري ڪريل داسن ۽ پٽين ۽ ٻي ڪچري جي وچان به. منهنجي انهيءَ پٽ کوه ڪري پڻ ڪجهه ڀور ڀوران ٿي پر پاڏي واري حصي ۾ بالڪل صفائي هئي-!

اتي انهيءَ معصوم جانور انسان جي وجود ۾ لالٽين جي سهائي ۽ کڙڪو شڙڪو محسوس ڪري هڪ هلڪي معصوماڻي رنڀ ڪئي. ڪجهه ڪن ڦڙڪائي مون ڏانهن هڪ معصوماڻي نهار ڪيائين ته الائي ڇو مونکي ائين لڳو جڻ هڪ الاهي آواز منهنجي لونءَ لونءَ ۾ پيهي ويو آهي. هوڏانهن امڙ پريان بيٺي مونکي سڏ ڪندي رهي. مون وٽس اچي کيس سڄي حقيقت ٻڌائي، ۽ جو هڪ عجيب جذبو اندر ۾ جاڳي پيو هئم تنهن آڌار وري هڪدم انهيءَ ڪريل ڇت جي کليل وٿين ۾ پاڻ گذاريندو، ڪريل ڏڪ ۽ پٽيون ۽ سرون هٽائيندو مورڳو وڇ تائين پهچي ويس. ايتري جاءِ اڃا به هئي جو ڪونگڙو ٿي وڇ جي ڀر ۾ ويهي پي سگهيس- امڙ اهو ڏسي به وکون اڳتي وڌي آئي، هن جي هٿ ۾ جهليل ٽارچ جي سهائي لالٽين جي سهائي کي ڪجهه وڌائي ڇڏيو، آءٌ الله تو آهر ڪري لالٽين رکي پاڏيءَ جي رسي کولڻ کي لڳي ويس، نه حال جي پرواه نه انجام جي، ڌوڙ ۾ ڀيوت ٿيل وڇ مونکي به تڦي ڇڏيو، ڏاڍي جا کوڙ ڪيم

www.sindhsalamat.com

پر گپ ۽ مٽي ڇيڻي ۾ لتل رسي ڪٿي ٿي کلي-! ڪيترو وقت هڻ هڻان ڪيم، هوڏانهن امڙ پئي سڏ مٿان سڏ ڪري پر هيڏانهن آءٌ ٻانيان پيو ته ڪو ٻيو آواز پيو ڪن پويم ته-"شاباس، مٿان هن بي زبان گگدام کي هن مانڊاڻ ۾ ڇڏي وڃين-!"

گهڻي ڪوشش سان به رسي نه کلي ته وري جيئن تيئن ڪري ٻاهر آيس، لالٽين اتي ئي ڇڏيم ۽ امڙ کان ٽارچ وٺي گهر ڏانهن ڊوڙيس، چمپل به لاهي اتي ئي ڦٽو ڪيم، گهر اچي رڌڻي مان هڪ ڇري ۽ هڪ چاقو کنيم ۽ وري انهيءَ انڊگنڊ ٻهر (ملبي) ۾ گهڙيس ۽ رسيءَ کي ڇريءَ سان وڍڻ لڳس. پسيل ۽ ٿڦيل نوڙيءَ تي ڇري به ائين پئي هلي جيئن ڪائي يا لوه تي. نيٺ رسي ڪيري وٽان ڪٽجي وئي ۽ آءٌ پاڏيءَ کي ڇڪي ڇڪي گهلي انهيءَ ملبي مان ٻاهر ڪڍي آيس ۽ اچي اڱڻ ۾ بيهاريومانس جتي امڙ بيٺي هئي. هوءَ اسان ٻنهي کي صحيح سلامت ڏسيو پئي عجب کائي ۽ ڊڄي. آءٌ بنان وقت وڃائڻ جي وري مينهن طرف ويس ۽ ٽارچ جي سهاءَ تي هن جي پير جو رسو به ڪٽي ورتم، هوءَ به آجي ٿي اچي پنهنجي وڇ وٽ بيٺي ۽ هن کي چٽڻ لڳي—— بس عين انهيءَ ئي وقت، جو مينهن اڃا پاڏيءَ تائين رسي هئي ۽ مون اڃا ساه مس پٽيو هو جو ڇت جو باقي رهيل حصو به وڏو ٽڙڪاٽ ڪري ڌم سان اچي پٽ تي پيو ۽ مينهن جي ٽنگ مٿان اٽڪيل اهو ڪاٺ جو ڏڪ به ٽٽي پيو، ۽ ڇت ۽ زمين ملي هڪ ٿي ويون-! گويا ٿوري ويرم ۾ ڇا به ٿي سگهي ها-!؟ پاڏيءَ کي اندران ڪڍڻ ۽ مينهن جي ٽنگ آجي ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت لڳو، منهنجو

www.sindhsalamat.com

نقشو ڇا ٿيو، بدن ۾ ڪپڙن جو ڪهڙو حشر ٿيو، ۽ وري اڳڻ ۾ سيني جي گڏ ٿيڻ بعد ڪيتري ويرم ۾ باقي رهيل— يا جهليل— ڇت ڪري؟ جي چند گهڙيون اڳ ڪري ها ته؟! پر جو ٿيڻو هيئن ئي هو جيئن ٿيو.

لالٽين، جو پاڙيءَ کي ڇڪڻ وقت اتي ئي ڇڏي ڏنو هئم سو اتي سرمون ٿي ويو باقي سڀ خير ٿيو. صبح ٿيو ته جيڪو اچي اهو لقاءَ ڏسي ۽ حقيقت ٻڌي سو ٽپرس ۾ پئجو وڃي. آءٌ پاڻ رات واري ڳالهه کي اڃا خواب ٻيو سمجهان. هيڏي حياتيءَ ۾ اهڙا ڪيترا مشاهدا ٿيا. ڪيترا لکي ڪيترا لکجن.

*** هڪ ڏينهن ٻپهريءَ جو پنهنجي ڀلي ٻور گهوڙيءَ تي سوار ٿي انکي هڪ ڪچي اپ ڪپريءَ تان طوفان ميل وانگر ڊوڙائيندو پي ويس جو اوچتو هن جو پير ٽڙيو ۽ هن جون چارئي ٽنگون نڪري ويون. پاسي ڀر ڪري هوءَ ڇهه ست بولاڻيون ڪائي وڃي هڪڙي ڪامي ۾ ڊٺي. لغام اڳين ٽنگن ۾ ويڙهجي ويس، اهڙي ٻي سرت ٿي جو اتي ئي ڪنڌ لاڙي پئجي رهي، اصل چرڻ پرڻ ڪان لاچار— ۽ آءٌ—؟ جو ان گهوڙيءَ تي سوار هوس—؟ انهيءَ اپ ڪپريءَ تي صحيح سلامت بيٺو اهو سڀ لقاءَ ڏسندو رهيس—!! پريمنگر اسڪول جو نائب هيڊ ماسٽر جيرامداس کو اتي ئي ڀر پاسي ۾ پسار ڪري رهيو ٽنهن مٽيءَ جو ڏوڙيو اٿندي ڏٺو ته ڊوڙندو آيو. مونڏانهن ڏسيو ڏڏڙ ۾ ٻيوت ڪامي ۾ ڪريل گهوڙيءَ ڏانهن ڏسي ۽ گهوڙيءَ ڏانهن نهاريو مونڏانهن نهاري، پوءِ چوڻ لڳو: "شڪر ڪر جو تون گهوڙيءَ تي چڙهيل ڪونه هئين." مون چيو سائين آءٌ

www.sindhsalamat.com

گهوڙيءَ جي ٿابو ڪائڻ تائين ان تي چڙهيل هوس. چوڻ لڳو: ”اڻ ٽيٽي پٽڙا اڻ ٽيٽي-! جي تون به گهوڙيءَ تي هجين ها ته هينئر قيمون ٿي پيو هجين ها، پر تنهنجي ته ڪپڙن تي به ذري دز ئي ڪانه ٿي ڏسجي-“ هن کي يقين نه آيو، نه انوقت نه پوءِ ڪڏهين- پر آءٌ يقين ڪرڻ تي مجبور هوس ته اهو ڪو معجزو هو. اهو سڀ ڪجهه چند سيڪنڊن ۾ ٿيو ۽ سچ پچ مون پاڻ کي بيئل ئي ڏٺو، ڪرڻ بعد اٿيل به نه. ۽ سچ پچ منهنجن ڪپڙن تي چپٽيءَ جيتري مٽي به ڪانه هئي. پائي جيرامداس پوءِ به جڏهين گڏبو ۽ اها گهالهه نڪرندي ته اهوئي جملو يقين سان چوندو:

”اڻ ٽيٽي پٽڙا اڻ ٽيٽي-!“

*** سائين اسان واري دور ۾ پڙهائيءَ جو معيار بنهه ”ڪريل“ ۽ ”دقيانوسي“ هو. نه يونينون نه جلسا جلوس نه چوندن جو چهچٽو، نه يوم الاڻو نه يوم فلاڻو. اسلام، جمهوريت، انساني حقوق ۽ ٻيا طرح طرح جا ”حقوق“ خطري ۾ پوندا رهيا پر اسين نوجوان، ملڪ جي آئيندي جا ابا وغيره رڳو ڪتاب ۽ قلم سان لنو لايو وقت برباد ڪندا رهياسين. رڳو مقرر ۽ خاص ورسيون سي ملهائيندا هئاسين سي به بزرگن جي سرڪردگي ۾- ڪلاس سڀ باقاعدي ٿيندا هئا پيرئڊ به گهڻو ڪري سڀ ورتا ويندا هئا- ٿورا مگر ڪامل سبجيڪٽ هئا، سي سڀ وقت سر پورا ڪرايا ويندا هئا، امتحان جو اعلان ٿيو ته بس اسين اڻين تيار جيئن فوج کي تيار رهڻ جو حڪم ملي- اصل جهڙا حڪم جا غلام، اڄڪلهه واري ”آزادي“ اسانکي

www.sindhsalamat.com

ڪٿي نصيب هئي.؟ وري نہ امتحان ملتوي ٿين نہ ڪلاسن جو بائڪاٽ ٿئي، نہ امتحاني سينٽرن کي "ممنوعہ" علاقو قرار ڏنو وڃي نہ ڪا پوليس نہ ڪا فوج، صفا بي رنگ بي مزي ۽ بي جوش فضا هوندي هئي. آخر اهو بہ تہ اسانجي ڪنهن سورهيہ جو ئي چوڻ آهي تہ: "مڙس تہ ڦڏو نہ تہ جڏو" انهيءَ حساب سان اسين پهرئين نمبر جا "نامڙس" ۽ جڏا هئاسين. نقل شقل ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندا هئاسين پر هي "جديد" ۽ "ترقي يافتہ" طريقا اسانکي تہ ڪڏهين خيال ۾ بہ ڪونہ آيا. مطلب تہ بنهہ بي حس ۽ غير ترقي يافتہ ۽ پنتي پيل هوندا هئاسين. نہ پستول نہ خنجر، انهن کي ڏسي تہ پاڻ پيا ڏڪندا هئاسين.

امتحان پورا ٿيا تہ ويٺا رزلٽ جي راہ ڏسنداسين. تاريخ جو اعلان ٿيو تہ انهيءَ ئي ڏينهن تي رزلٽ برابر نڪرندي بہ هئي — ڇڪي تاڻي پنجاہ سيڪڙو جي اندر، چڱا چڱا شهسوار شاگرد ڊهي پوندا هئا. پوءِ سائين مقرر ڪيل اعلان ڪيل تاريخ تي ڪاليج وڃبو هو. ڪلرڪ کان فارم وٺي اتي جو اتي اهو هڪڙو فارم ڀري ڏيو هو، هو مقرر في وٺي رسيد ڪڍي ڏيندو ۽ تاريخ بہ ٻڌائيندو تہ فلاڻي تاريخ ڪلاس شروع ٿيندا. اٺين آني ۾ پراسپيڪٽس ملندو هو جو گهڻا شاگرد گروپ ٺاهي هڪڙوئي وٺندا هئاسين. ان مان سڀ معلومات ملي ويندي هئي. انهيءَ ئي ڪتابڙي جي آڌار راما بوڪ ڊيپو (پوءِ راما "پاڪ" بوڪ ڊيپو ٿيو) تان ڇهہ سبجيڪٽن جا فقط ڇهہ ڪتاب ۽ اوترا

www.sindhsalamat.com

ڏي نوٽ بوڪ وٺي ايندا هئاسين. بس ڪاليج شروع ٿيو ۽ اسين وري انهيءَ يڪرنگي بيرنگي پڙهائيءَ کي لڳي ويندا هئاسين. نہ ڪا جدت نہ ڪا "ايڪٽوٽي" نہ ڪو نڙڪو شڙڪو. اهي سڀ ڪم بہ اڪيلي سر ڪندا هئاسين، نہ ڪو مائٽ مٽ گڏ نڪو ساٿي نہ ڪو سپورٽر نہ ڪو دادا گيرہ اهي فائدا جديد دور جي دادلن کي حاصل آهن. اسين تہ قديم دور جا ڪاٺيارا هئاسين.

هاڻي تہ تعليمي ماحول ۾ سرگرمين جو معيار ماشاالله بقول مرحوم نور عباسيءَ جي بنگلا ٽپي ويو آهي. اسين ان "ويهہ سال قديم" دور جا پڙهيل گهڻا هيٺ آهيون. پڙهبو آهي ڊگري ۾ ان جي آڌار نوڪري وٺڻ لاءِ سا ٻين ذريعن سان بہ ملي وڃي تہ پوءِ پڙهڻ ڪڙهڻ تي ڇو نور نچوئجي-؟ شاه صاحب چيو ڪين آهي تہ "پنا پڙهندين ڪيترا-؟" يا "ڪتابن ۾ ڪوڙ...." وغيره. باقي اهڙن بيتن جي ٻين حصن سان اسانجو ڇا، آخر شاعراڻي مبالغي کان بچڻو بہ تہ آهي. نئين زماني سان بہ هلڻو آهي. اندر اجارڻ لاءِ "ٻسڪو" جا ديوانا جي آهيون-!....

.... ٽنڊيالهيار جي برڪ شاعر **احسان فقير** جو ذڪر ضرور ڪري ڇڏيان جو هن غريب شهر جو اعزاز هو. ڏاڏا مرحوم ۽ والد صاحب کان هن درويش شاعر بابت ٻڌندو رهندو هوس پر ايتري توفيق نہ ٿيم هن جا حالات ۽ ڪلام سهيڙي محفوظ رکڻ لاءِ ڪا جا کوڙ ڪريان. مرحوم محمد صديق مسافر اها ساري ڪٿي ويو ۽ هتي اچي هن جا

www.sindhsalamat.com

حالات ۽ ڪلام جيترو ٿي سگهيس گڏ ڪيائين ۽ پوءِ هڪ مضمون ناهي، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان نڪرندڙ رسالي ”سنڌي ادبي رسالو“ ۾ شائع ڪرايائين. آءٌ اهوئي مضمون، جو ان رسالي جي جولاءِ ١٩٥١ع واري پرچي ۾ ڇپيو، حرف بحرف هتي نقل ڪري ٿو لکان:

”ٽنڊي الهيار وارو احسان علي فقير، جنهن کي عام طرح سان احسان فقير چون ٿا، جنهن جو ذڪر ۽ ڪلام هت ڏجي ٿو، سو اهو احسان فقير نه آهي جنهن بابت چون ٿا ته سر ڪيڏارو ناهيو هئائين جو شاه پٽائيءَ جي رسالي ۾ سمايل آهي.

هن وقت ٽنڊي الهيار ۾ احسان فقير جو ڪوبه اولاد يا عزيز خويش نه آهي مگر سندس صحبتي ۽ واقفڪار ماڻهو زنده آهن جن کان انجو هي مختصر احوال هت ڪيو ويو آهي ـــ خاص ڪري اهو احوال قابل اعتبار سمجهيو ويو آهي جو ٽنڊي الهيار جي هڪ وڏي ۾ وڏي عمر واري بزرگ سيٺ حاجي محمد اسماعيل پاٽولي بچاڻيءَ کان مليو آهي.

احسان علي فقير اصل سيوهڻ جو ويٺل ڪهنباڻي هو. پاڻ ۽ سندس وڏو ڀاءُ **ڪيان عبدالله** وطني عزيزن جي ناسازيءَ ڪري سيوهڻ مان لڏي ٽنڊي الهيار ۾ اچي رهيا. ٽنڊي الهيار وڃڻ وقت ٻئي ڀائر سگهرا هئا. عبدالله کي هڪڙو پٽ به هو جنهن جو نالو محمد خان هو مگر احسان علي فقير کي انوقت ڪوبه اولاد ڪونه هو. ان وقت سندس عمر

www.sindhsalamat.com

ويهارو سال مس هئي. هو نهايت سهڻو جوان هوندو هو. شروعات ۾ ٻين شاعرن جا ڪلام به ڳائيندو هو ۽ پنهنجيون ڪافيون به ٺاهيندو هو.

سيد مصري شاه نصرپوريءَ سان خاص طرح محبت هوندي هيس. (پاڻ) سيد مصري شاه جي وفات کان ڏه وره اڳ پنجيتاليهن ورهن جي عمر ۾ وفات ڪئي هئائين تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته هو سن ١٨٥٢ع ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو هو.

ميان عبدالله ۽ احسان علي فقير پنهنجي ثمر سان ٽنڊي الهيار آيا هئا. اچڻ شرط گهر جي جاءِ خريد ڪيائون ۽ شاهي بازار ۾ سيٺ حاجي محمد اسماعيل پاٽولي بچاڻيءَ جي هاڻوڪي ڪوٺيءَ جي سامهون هڪڙو دوڪان به خريد ڪيائون. انهيءَ دوڪان ۾ ٻئي ڀائر کنهنبن ڇرڻ، ڀينڊين ٻڌڻ ۽ نير ٻوڙڻ جو ڪم ڪندا هئا. ميان عبدالله پارسي ٻوليءَ جو قابل ۽ علم وارو ماڻهو هو پر احسان علي کانئس گهٽ پڙهيل هو. سيد مصري شاه نصرپوري جيڪو وقت ٽنڊي الهيار ۾ رهندو هو سو وقت ميان احسان علي پنهنجو ڌنڌو ڦٽو ڪريو شاه صاحب جي حاضريءَ ۾ رهندو هو. سيد مصري شاه کيس هميشه احسان فقير ڪري سڏيندو هو تنهن ڪري شهر ۾ هرڪو عام خاص ماڻهو کيس احسان علي جي بدران احسان فقير سڏيندو هو. ڪو اڻ واقف ماڻهو کانئس سندس نالو پڇندو هو ته پاڻ به پنهنجو نالو احسان فقير ٻڌائيندو هو.

www.sindhsalamat.com

پئجي رهڻ، ڊاڪٽر جون موڪليل ٽي گوريون، چانهه ۽ ڊبل روٽي، ـــ ائين ڇهه ئي پيپر ڏئي پورا ڪيم. امتحان هال مان نڪرڻ بعد پيو ساريندو هوس ته الائي جوابي پيپر تي رول نمبر به لکيم ڪي به. اهي ڇهه ڏينهن گذريا ته بخار به نه رهيو ـــ! نوجواني هئي، هڪ ٻه ڏينهن چنگهي چڙهي پيس. اهڙا ڊبل امتحان اڳ به گهڻائي ڏئي چڪو هوس ۽ پوءِ به ڏيندو رهيو آهيان.

سائين رزلٽ نڪتي ڪل ٻٽيهه يا چوٽيهه سيڪڙو! ۽ آءٌ ڪل تيرهن مارڪن تان ڪريل هوس! جي ڇهه مارڪون وڌيڪ ملنم ها ته ست مارڪون گريس جون ملائي سال اڪاري ڇڏين هئا. تڏهين نڪا سپليمينٽري نڪو ڪمپارنمنٽل، جيڪو فيل ٿيو تنهن لاءِ ”حساب ول نوان سوان.“ پڙهائي جو معيار جو رکڻو هوندو هو. ٻي سال (١٩٥٧ع) سروري ڪاليج هالا مان ڪامرس جو پهريون سال ٻيهر پڙهي پاس ڪيم. انٽر ڪامرس ۾ ته يونيورسٽي مان نقد انعام ۽ اسڪالرشپ به ملي.

پوءِ هڪ وڏي عقل جي ڳالهه سوچيم ته: هي ڪامرس جو خشڪ ۽ ٽيڪنيڪل مضمون ۽ آءٌ ٻي سڀاءَ جو ماڻهو، هي ڊيبٽ ڪريڊٽ، ليجربازي، پرافٽ ائنڊ لاس جا جهنجهٽ، فگر ورڪ ـــ انگ اکر ۽ حساب ڪتاب، وري اڪائونٽس ۽ طرح طرح جون بيلنسس شيٽون ۽ پوتاميل، آءٌ جو چيڪ بوڪ ڏسان ته نه وڻي سو مونکان ڪٿي ٿا اهي ڪم ٿين! ظاهر آهي ته ڪامرس گريجوئيٽ ٿي وڃي ڪنهن بئنڪ يا

www.sindhsalamat.com

فرم ۾ نوڪري ڪرڻي پوندي ۽ آءٌ آزادي پسند، نثر نظم جو شيدائي خيال پرست ۽ پورالو، سياءَ جي ابتڙ ڪندس ته يا عمر ڏچي ۾ رهندس. تنهن ڪري ڪامرس چڏي آرٽس کنيم ۽ ١٩٦١ع ۾ بي-اي- ڪري ورتم. ڪامرس مان آجو ٿي ڏاڍو Relief پي محسوس ڪيم، پر، هڪڙي بندي مڙ ۾ بي جا ڪري الله، حبيب بئنڪ جهڙي ٿاپ جي بئنڪ ۾، جيڪا پنهنجي گراهڪن جي حق ۾ وڏي نعمت ۽ پنهنجن ملازمن جي حق ۾ "غلامن جو پيڙو" هئي، تنهن ۾ ساڍا ڇهه سال نوڪري ڪرڻ تي مجبور ٿيس- ٿوري فرق سان اهو به اهڙوئي قصو آهي جهڙو گذريل صفحن ۾ اطلاعات ڪاتي ۾ نوڪري ملڻ جو لکيو اٿم. بس ڳالهه نه پڇو، جيڪي موڙيون ميڙيون هئم سي سڀ انهيءَ عرصي ۾ وڃائي ويهي رهيس. صحت اهري بگڙي جو حليو ئي بگڙي ويو. سچ پڇو ته ساڳي ئي بئنڪ ۾ ماڻهو مونکان ئي اچي پڇندا هئا ته- "هتي هڪڙو بچاڻي صاحب هو سو ڪيڏانهن ويو-؟"

ڳالهه سياءَ جي موافقت ۽ ناموافقت جي هئي نه ته هزارين ماڻهو ساڳي بئنڪ ۾ اڳ به ڪم ڪندڙ هئا ۽ هاڻي به آهن. شايد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي رڳو منهنجي استعفيٰ جو انتظار هو، آءٌ بئنڪ چڏي آيس ته هن بئنڪون نيشنلائز ڪيون. ان کان اڳ حبيب سيٺ جي نوڪري هئي سائين....!

اهو حبيب سيٺ جنهن حبيب بئنڪ قائم ڪئي سو (سندس خود نوشت آتم ڪتان موجب) بمبئيءَ ۾ هڪ نتو

www.sindhsalamat.com

ڀائي خيراتي جهڙي سيٺ وٽ پنجن روپين ماهياني پگهار تي نوڪر هو. پوءِ جيئن روايتي طور لکبو آهي تہ محنت ۽ ديانتداريءَ سان ترقي ڪيائين، ۽ ٿيندو ٿيندو اپڪنڊ جي وڏي ۾ وڏي بئنڪ جو مالڪ ٿيو ۽ هزارين روپيہ پگهار ڪٺندڙ هزارين ماڻهو سندس ملازم ٿيا. هنن جي نالي سان آخر تائين "سيٺ" جو لفظ لکبو هو.

حيدرآباد جو مشهور، ۽ تنهن وقت جو واحد ڊينٽل سرجن **ڊاڪٽر ڪرپال** داس بہ فقط هڪ روپئي مان ايڏو ڊاڪٽر بہ ٿيو ۽ شهر جو تونگر بہ ورهاڳي کان اڳ جي ڳالهہ آهي. هي پهرئين نمبر جو جوکو، بي زوزگار ۽ رولاڪ هو. هڪ دفعي تہ اهڙو اچي تنگ ٿيو جو ڪيسي ۾ هڪ آنڪ نہ هجيس جو ڪٽي هوٽل تان چانهہ ڏڪ پيئي. هيڏانهن هوڏانهن جهوتون هنيائين پر ڪنهن چار آنا اڌارا بہ نہ ڏنس. اتي ياد آيس تہ فلاڻي سائيڪل واري ڪي هڪ روپيو اڌارو ڏنل آهي ڇونہ ان کان اها اوڌر اڳاڙجي. سائيڪل وارو اڳ بہ ڪيترا ڀيرا هن کي تارينڊو موٽائيندو آيو هو. پر اڄ ڪرپالداس تپي وڃي سر تي ڪڙڪيس. اتفاق سان انوقت سائيڪل وارو بہ صفا ڪڙڪو هجي، منٿون ڪري ڀيٽو تہ ڪلاڪ ۾ ترس، ڪا سائيڪل مسواڙ تي نڪري تہ تنهنجو روپيو ڀري ٿو ڏيان پر ڪرپال هڪڙو جو ڪو ٻيو سخت گهرجائو، ڳٽر ۾ هٿ وجهي ٻيئس تہ روپيو اصل اتي جو اتي ڏي. ڪرپال هونئن بہ سئنڊو هو، اونهارو تہ ڏهيو سياري ۾ بہ هڪ چيدي ۽ هڪ سئنڊو ڪٽ گنجي پائيو

www.sindhsalamat.com

لڪڻ ڪچ ۾ هنيو لئہ سان ٻيو شهر ۾ هلندو هو. سائيڪل واري آذرت ٿي لاٽريءَ جي هڪ ٽڪيٽ (جا سندس اڳ وڏي رڪيل هئي) هنڪي عيوض ۾ ڏني تہ هنوقت هيءَ ٽڪيٽ انهيءَ هڪ روپئي ۾ گروي رک ۽ جند چڏ، شام جو روپيو ڏئي توکان پنهنجي ٽڪيٽ وٺي ويندس.

ڪرپال نيٽ راضي ٿي اها ٽڪيٽ وٺي گهر هليو آيو. وري بہ اهائي پاڳ ۽ بخت جي ڳالهہ، ڪير مڃي ڪير نہ مڃي. سائيڪل وارو وري هنڪان ٽڪيٽ وٺڻ نہ آيو ۽ هي وري سائيڪل واري ڏانهن نہ لڙيو. هو ٽڪيٽ سهسائي ويهي رهيو جو شايد انعام نڪرڻ جي اميد نہ هئس ۽ هي روپيو وساري ويهي رهيو. ٿورائي ڏينهن گذريا جو لاٽري کلي ۽ انهيءَ هڪ روپئي واري ٽڪيٽ تي هڪ وڏو انعام نڪري آيو! ڪرپال نمبر ڏنو ۽ بنان دير جي پاڙو ڪرايو پٽ ست ڪري سڏو بمبئي روانو ٿيو. اتي انعام وصول ڪيائين ۽ اتي ئي رهڻ جو بندوبست ڪري ڊينٽل ڪاليج ۾ داخلا وٺي مڪمل امتحان پاس ڪري پوءِ حيدرآباد موٽي آيو ۽ ڊينٽل ڪلينڪ پنهنجي گهر ۾ ئي قائم ڪيائين—(ليڊي ڊفرن اسپتال جي سامهون وارين گهٽين مان هڪ ۾ گهر هوس. مون هن کي انهيءَ ئي عاليشان جاءِ ۾ ڏٺو. ٿي سگهي ٿو انهيءَ کان اڳ ڪنهن ٻيءَ جاءِ ۾ رهندو هجي يا اهائي اصل ڪان اباڻي جاءِ هجيس). پوءِ تہ حيدرآباد ۾ هن جهڙو قابل ڊينٽل فزيشن ۽ سرجن ٻيو هوئي ڪونہ. گورنر، وزيرن ۽ ٻين وڏن وڏن گهرن کي هن وٽ اچڻو پوندو

www.sindhsalamat.com

هو. آءٌ پاڻ ڏات جي تڪليف جي سلسلي ۾ شاهي بازار جي مشهور ۽ جهوني ڏندن جي ڊاڪٽر جمال‌دين وٽان به ناڪام ٿي وڃڻ آيو هوس ڇاڪاڻ جو تڪليف جي نوعيت ڪجهه اهڙي هئي جو جنهن به ڊاڪٽر وٽ ويس تنهن مونکي ڪرپال جو ئي ڏس ڏئي وڃڻ روانو ڪيو.

هي دلچسپ قصو شهر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ عام هو جو مون به ٻڌو ۽ ياد رکيو، ڪي تفصيل ذهن تان لهي به ويا مثال طور لاڙڪاڻ ۾ رقم ڪيتري نڪني ۽ ٻيا هن جا ذاتي ڪوائف وغيره. پر گهاڻهه جهڙي گهاڻهه آهي تنهن ڪري جيتري ياد اٿم لکي اٿم. ڊاڪٽر ڪرپال پنجاه جي ڏهائي ۾ تائين به حيدرآباد ۾ هو پوءِ پارت ويو هليو.

شهر جو وڏو ڊاڪٽر، ڊاڪٽر منگهن‌مل به ورهاڱي بعد لڏپلاڻ ۾ پارت نه ويو بلڪ ڪافي عرصو عامل ڪالوني ۾ پنهنجي عاليشان جاءِ ۾ رهيو ۽ ڪيترن مريضن کي شفا جو پيغام ڏيندو رهيو. توڙي سندس پٽ ڊاڪٽر ناري به، جيڪو E.N.T اسپيشلسٽ هو. پر پوءِ ڪن پاڙي وارن ايمان جي حفاظت جي فڪر ۾ هن هندو مسيحائن جي سلامتي خطري ۾ وجهي ڇڏي، هنن ڪيترا طرح طرح سان تنگ ڪيائون، نيٺ هو به پارت هليا ويا. ائين سڄي سنڌ ۾ ٿيو جو گهڻا هندو، جي لڏپلاڻ ۾ لڏي نه ويا هئي. ئي رهي ٻيا، پر گهڻو پوءِ تنگ ٿي لڏيائون.

www.sindhsalamat.com

*** زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ سان ڪي اهڙا قصا ٿي گذرندا آهن جن لاءِ فيصلو نہ پيو ڪري سگهبو آهي تہ اهو محض معروضي اتفاق ٿيو، قدرت جو ڪو سبق ڏيندڙ ڪرشمو هو يا مورڳو پنهنجي ئي سوچ ۽ مشاهدي جي ڪچائي هئي جنهن ان واقعي کي هڪ چمتڪار سمجهيو.!

۱۹۵۳ع جي ويندڙ آرڙه جي ڳالهہ آهي. بابا بيماريءَ جي بستري تي هو، آءٌ سندس چاڪريءَ لاءِ ان ئي پهر سندس خدمت ۾ هوندو هوس. هڪ ڏينهن سج لڙيوئي مس تہ سڄو آسمان ڪارن ميرن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو، ۽ پوءِ جا برسات شروع ٿي تنهن سڄي شهر کي ڏڪائي ڇڏيو، برسات ڇا هئي اوڙڪ هئي، توبهہ الله جي پناهہ! وري ڪا بس ڪرڻ جي ڪري.؟ رات آڏيءَ کان مٿي چڙهي وئي پر برسات ذري تکي ذري ڍري لا گهيتي وسندي رهي، شهر ۾ جهلو هو ڪونہ (نہ هاڻي آهي)، نيٺ جتان ڪتان پانگن جا ڪڙڪا شروع ٿيا ۽ سنڌي سپاجهن جا اهي خير وارا واڪا ”خير مولا خير!“ اپريا تڏهين مس برسات کي جهل آئي. ان وقت رات جو هڪ سوا وڳو هو، لائٽ دستور موجب بند، پي اپس ۽ گهر، منهنجي پناري منهنجو اگهو پيءُ، ڪجهہ پوائٽو وايو منڊل هو. اسين اوطاق ۾ اڪيلا هئاسين.

www.sindhsalamat.com

برسات اڃا جهلي مَس جو وٿاڻ واري پاسي هڪ اڀ ڏاريندڙ ڌماڪو ٿيو، ۽ منهنجو ساه ڄڻ جهلجي وبو. اهڙن موقعن تي جيئن ٿيندو آهي— ذهن چند گهڙين لاءِ بي سرت ٿي وري جاڳندو آهي— سهي ڪيم ته وٿاڻ جي ڇت ڪري آهي يا ان طرف جي ئي ڪا ڀت ڊَٺي آهي. هاڻي— اتي ٻڌل مينهن ڀٽاري ۽ انجي تازي ڄاول پاڏيءَ جو الائي ڪهڙو حشر ٿيو؟ انهيءَ فڪر اچي وياڪل ڪيو. پر هاڻي ڪجي ڇا؟ ائين منجهيو بيٺو هوس، ڇتيون ڀتيون ۽ فرش سڀ ڀڄي ڀت ٿيا پيا آهن ٻي ٻاٽ اونده، بابا کي اڪيلو ڇڏي وٿاڻ وارو پاسو ڏسڻ وڃان يا صبح تائين ترسان؟ وري مينهن ڀٽاري ۽ سندس معصوم وَڇَ جو خيال اچي،— ايتري ۾ امڙ گهر واري پاسي کان ايندي ڏٺم ته دل کي ڏڍ مليو. (اسين اوطاق ۾ هئاسين ۽ انجي پڌر مان گهر توڙي وٿاڻ ڏانهن دروازا هئا). حوصلو مليو ته صفي مان نڪري وٿاڻ ڏانهن رخ رکيم. امڙ دانهون ڪري روڪڻ لڳي ته جيڪي ٿيو آهي سو صبح جو ڏسبو تون اوڏانهن نه وڃ، پر مونکي بي صبري ته ڏسان ڇا ٿيو آهي.

هن جي هزار جهلڻ جي باوجود آءٌ لالٽين کڻي وچيون جايون اورانگهيندو وٿاڻ واري اڱڻ ۾ پهتس. هوءَ ٽارچ کنيو منهنجي پويان آئي. ههڙي ڪارونڀار ۾ لالٽين سان ڇا ٿو ڏسي سگهجي، ٻي گپ ۽ ڍورن جو موٽانگو، بدن ۾ سيانٽو ۽ هڪ امڪاني حادثي کي اکئين ڏسڻ جو خوف. امڙ نه نه ڪندي رهي ۽ آءٌ ڪچي پٽ تي گپ ۾ ڇپ ڇپ ڪندو

www.sindhsalamat.com

وٿاڻ جي مينهن واري حصي وٽ پهتس—ڇا ڏسان ته: ڇت سڄي ڪري پئي آهي ۽ مينهن، جا وٿاڻ جي سري وٽ ٻڌل هئي سان پنهنجو سڄو ڍڍر ٻاهر ڇڪيو بيٺي آهي باقي رسي ۾ ڪيري سان ٻڌل پير ڪريل ڇت جي هيٺان اٿس. ويچاري اها ٽنگ آجي ڪرڻ لاءِ زور گهڻا پئي لائي، سمجهيم پاڻ ته بچي وئي پر اها ٽنگ ته ضرور چچرجي ويس،— پر، جو اڃان جاچي ڏٺم ته نه، ڪريل ڇت ۽ هنجي انهيءَ ٽنگ جي وچ ۾ هڪڙو ڏَڪ اهڙو آڏو آيو بيٺو هو جو ٽنگ به محفوظ هئس-! اهوئي ڏڪ آهوري جي ٽيڪ تي ڇت جي انهيءَ ٽڪر کي روڪيو بيٺو هو-! يعني مينهن سکر سلامت آهي باقي رسي جي ڇڪ جو درد اٿس. يا خدا شڪر، امڙ کي اتان ئي اها حقيقت ٻڌايم، هن چيو ”ٺهيو، باقي وڇ جي خبر صبح جو وٺنداسين تون اتان هٽي پري ٿي.“ پاڏي اندر طرف ٻڌل هئي سا ته پڪ سان چپجي وئي هوندي-!؟ ڏسان ته سهي- مينهن جو پير به پوءِ ٿو ڇوڙيان.

سر جو سانگو لائي رضاڪار ٿي بيٺس، پٽيون، سرون، ڪاٺيون ۽ نکون هٽائي جاءِ ڪيم ۽ لالٽين جي سهائيءَ ۾ انهيءَ اندرين ڪنڊ ڏانهن ڏٺم جتي پاڏي ٻڌل هئي— يا خدا تنهنجي قدرت-! سڄي ڇت کُڻ کُڻ کان ٽٽل ۽ ڪريل هئي پر اهوئي پاڏيءَ ۽ ڇت جي وچ وارو هڪڙو کڻ اڃا نه ڪريو هو جيتوڻيڪ ڪرڻ جهڙو، بلڪ ڪرندو صاف پي ڏٺو، ها، اهو به اڌ ڪريل هو پر داسن مان هڪ وڏو داسو ڪجهه اهڙو هيٺان اچي ويو هئس جو اهو حصو مٿي

www.sindhsalamat.com

ئي اٽڪي بيٺو هو ۽ پاڏي صحيح سلامت بيٺي هئي-! سمجهو ڀت جي ٽيڪ سان ڪا شئي رکبي آهي ته وچ ۾ هڪ ٽرائي اينگل ٺهي پوندو آهي، پاڏي انهيءَ ٽرائي اينگل ۾ بيٺي هئي. مون اهو لقاءُ ڪريل ڇت جي مٿئين پاسي کان به ڏٺو ۽ وري ڪريل داسن ۽ پٽين ۽ ٻي ڪچري جي وچان به. منهنجي انهيءَ پٽ کوه ڪري پڻ ڪجهه ڀور ڀوران ٿي پر پاڏي واري حصي ۾ بالڪل صفائي هئي-!

اتي انهيءَ معصوم جانور انسان جي وجود ۾ لالٽين جي سهائي ۽ کڙڪو شڙڪو محسوس ڪري هڪ هلڪي معصوماڻي رنڀ ڪئي. ڪجهه ڪَنَ ڦڙڪائي مون ڏانهن هڪ معصوماڻي نهار ڪيائين ته الائي ڇو مونکي ائين لڳو ڄڻ هڪ الاهي آواز منهنجي لونءَ لونءَ ۾ پيهي ويو آهي. هوڏانهن امڙ پريان بيٺي مونکي سڏ ڪندي رهي. مون وٽس اچي کيس سڄي حقيقت ٻڌائي، ۽ جو هڪ عجيب جذبو اندر ۾ جاڳي پيو هئم تنهن آڌار وري هڪدم انهيءَ ڪريل ڇت جي کليل وٿين ۾ پاڻ گذاريندو، ڪريل ڏڪ ۽ پٽيون ۽ سرون هٽائيندو مورڳو وڇ تائين پهچي ويس. ايتري جاءِ اڃا به هئي جو ڪونگڙو ٿي وڇ جي ڀر ۾ ويهي پي سگهيس- امڙ اهو ڏسي ٻه وکون اڳتي وڌي آئي، هن جي هٿ ۾ جهليل ٽارچ جي سهائي لالٽين جي سهائي کي ڪجهه وڌائي ڇڏيو، آءٌ الله تو آهر ڪري لالٽين رکي پاڏيءَ جي رسي کولڻ کي لڳي ويس، نه حال جي پرواه نه انجام جي، ڌوڙ ۾ ڀيوت ٿيل وڇ مونکي به تڦي ڇڏيو، ڏاڍي جا کوڙ ڪيم

www.sindhsalamat.com

پر گپ ۽ مٽي ڇيڻي ۾ لتل رسي ڪٿي ٿي کلي-! ڪيترو وقت هڻ هڻان ڪيم، هوڏانهن امڙ پئي سڏ مٿان سڏ ڪري پر هيڏانهن آءٌ ڀانيان پيو ته ڪو ٻيو آواز پيو ڪن پويم ته-"شاباس، مٿان هن بي زبان گگدام کي هن مانڊاڻ ۾ ڇڏي وڃين-!"

گهڻي ڪوشش سان به رسي نه کلي ته وري جيئن تيئن ڪري ٻاهر آيس، لالٽين اتي ئي ڇڏيم ۽ امڙ کان ٽارچ وٺي گهر ڏانهن ڊوڙيس، چمپل به لاهي اتي ئي ڦٽو ڪيم، گهر اچي رڌڻي مان هڪ ڇري ۽ هڪ چاقو کنيم ۽ وري انهيءَ انڊ گنڊ ٻُهر (ملبي) ۾ گهڙيس ۽ رسيءَ کي ڇريءَ سان وڍڻ لڳس. پسيل ۽ ٿڦيل نوڙيءَ تي ڇري به ائين پئي هلي جيئن ڪائي يا لوه تي. نيٺ رسي ڪيري وٽان ڪٽجي وئي ۽ آءٌ پاڏيءَ کي ڇڪي ڇڪي گهلي انهيءَ ملبي مان ٻاهر ڪڍي آيس ۽ اچي اڳڻ ۾ بيهاريومانس جتي امڙ بيٺي هئي. هوءَ اسان ٻنهي کي صحيح سلامت ڏسيو پئي عجب کائي ۽ ڊڄي. آءٌ بنان وقت وڃائڻ جي وري مينهن طرف ويس ۽ ٽارچ جي سهاءَ تي هن جي پير جو رسو به ڪٽي ورتم، هوءَ به آجي ٿي اچي پنهنجي وڇ وٽ بيٺي ۽ هن کي چٽڻ لڳي—بس عين انهيءَ ئي وقت، جو مينهن اڃا پاڏيءَ تائين رسي هئي ۽ مون اڃا ساه مس پٽيو هو جو ڇت جو باقي رهيل حصو به وڏو ٽڙڪاٽ ڪري ڌم سان اچي پٽ تي پيو ۽ مينهن جي ٽنگ مٿان اٽڪيل اهو ڪاٺ جو ڏڪ به ٽٽي پيو، ۽ ڇت ۽ زمين ملي هڪ ٿي ويون-! گويا ٿوري ويرم ۾ ڇا به ٿي سگهي ها-!؟ پاڏيءَ کي اندران ڪڍڻ ۽ مينهن جي ٽنگ آجي ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت لڳو، منهنجو

www.sindhsalamat.com

نقشو ڇا ٿيو، بدن ۽ ڪپڙن جو ڪهڙو حشر ٿيو، ۽ وري اڳڻ ۾ سڀني جي گڏ ٿيڻ بعد ڪيتري ويرم ۾ باقي رهيل— يا جهليل— ڇت ڪري-؟ جي چند گهڙيون اڳ ڪري ها ته-!؟ پر جو ٿيڻو هينئن ئي هو جيئن ٿيو.

لالٽين، جو پاڏيءَ کي ڇڪڻ وقت اتي ئي ڇڏي ڏنو هئم سو اتي سرمون ٿي ويو باقي سڀ خير ٿيو. صبح ٿيو ته جيڪو اچي اهو لقاءُ ڏسي ۽ حقيقت ٻڌي سو تپرس ۾ پئجو وڃي. آءٌ پاڻ رات واري ڳالهه کي اڃا خواب پيو سمجهان. هيڏي حياتيءَ ۾ اهڙا ڪيترا مشاهدا ٿيا. ڪيترا لکي ڪيترا لکجن.

*** هڪ ڏينهن ٻپهريءَ جو پنهنجي ڀلي بور گهوڙيءَ تي سوار ٿي انکي هڪ ڪچي اڀ ڪپريءَ تان طوفان ميل وانگر ڊوڙائيندو پي ويس جو اوچتو هن جو پير ٽڙيو ۽ هن جون چارئي ٽنگون نڪري ويون. پاسي ڀر ڪري هوءَ ڇهه ست بولائيون کائي وڃي هڪڙي کامي ۾ ڊٺي. لغام اڳين ٽنگن ۾ ويڙهجي ويس، اهڙي بي سرت ٿي جو اتي ئي ڪنڌ لاڙي پئجي رهي، اصل چرڻ پرڻ کان لاچار— ۽ آءٌ-؟ جو ان گهوڙيءَ تي سوار هوس-؟ انهيءَ اڀ ڪپريءَ تي صحيح سلامت بيٺو اهو سڀ لقاءُ ڏسندو رهيس-!!

پريم نگر اسڪول جو نائب هيڊ ماستر جيرامداس ڪو اتي ئي ڀر پاسي ۾ پسار ڪري رهيو تنهن مٽيءَ جو ڌوڙيو اٿندي ڏٺو ته ڊوڙندو آيو. مونڊانهن ڏسيو ڌڌڙ ۾ ڀيوت کامي ۾ ڪريل گهوڙيءَ ڏانهن ڏسي ۽ گهوڙيءَ ڏانهن نهاريو مونڊانهن نهاري، پوءِ چوڻ لڳو: "شڪر ڪر جو تون گهوڙيءَ تي چڙهيل ڪونه هئين." مون چيو سائين آءٌ

www.sindhsalamat.com

گهوڙيءَ جي ٿاٻو کائڻ تائين ان تي چڙهيل هوس. چوڻ لڳو: ”اڻ ٿيڻي پٽڙا اڻ ٿيڻي-! جي تون به گهوڙيءَ تي هجين ها ته هينئر قيمون ٿي پيو هجين ها، پر تنهنجي ته ڪپڙن تي به ذري دز ئي ڪانه ٿي ڏسجي-“ هن کي يقين نه آيو، نه انوقت نه پوءِ ڪڏهين- پر آءٌ يقين ڪرڻ تي مجبور هوس ته اهو ڪو معجزو هو. اهو سڀ ڪجهه چند سيڪنڊن ۾ ٿيو ۽ سچ پچ مون پاڻ کي بيٺل ئي ڏٺو، ڪرڻ بعد اٿيل به نه. ۽ سچ پچ منهنجن ڪپڙن تي چپٽيءَ جيتري مٽي به ڪانه هئي. ڀائي جيرامداس پوءِ به جڏهين گڏبو ۽ اها ڳالهه نڪرندي ته اهوئي جملو يقين سان چوندو:

”اڻ ٿيڻي پٽڙا اڻ ٿيڻي-!“

*** سائين اسان واري دور ۾ پڙهائيءَ جو معيار بنهه ”ڪريل“ ۽ ”دقيانوسي“ هو. نه يونينون نه جلسا جلوس نه چونڊن جو چهچٽو، نه يوم الاڻو نه يوم فلاڻو. اسلام، جمهوريت، انساني حقوق ۽ ٻيا طرح طرح جا ”حقوق“ خطري ۾ پوندا رهيا پر اسين نوجوان، ملڪ جي آئيندي جا ابا وغيره رڳو ڪتاب ۽ قلم سان لنو لايو وقت برباد ڪندا رهياسين. رڳو مقرر ۽ خاص ورسيون سي ملهائيندا هئاسين سي به بزرگن جي سرڪردگي ۾- ڪلاس سڀ باقاعدي ٿيندا هئا پيرئڊ به گهڻو ڪري سڀ ورتا ويندا هئا- ٿورا مگر ڪامل سبجيڪٽ هئا، سي سڀ وقت سر پورا ڪرايا ويندا هئا، امتحان جو اعلان ٿيو ته بس اسين ائين تيار جيئن فوج کي تيار رهڻ جو حڪم ملي- اصل جهڙا حڪم جا غلام، اڄڪلهه واري ”آزادي“ اسانکي

www.sindhsalamat.com

ڪٿي نصيب هئي.؟ وري نہ امتحان ملتوي ٿين نہ ڪلاسن جو بائڪاٽ ٿئي، نہ امتحاني سينٽرن کي ”ممنوعہ“ علاقو قرار ڏنو وڃي نہ ڪا پوليس نہ ڪا فوج، صفا بي رنگ بي مزي ۽ بي جوش فضا هوندي هئي. آخر اهو بہ تہ اسانجي ڪنهن سورهيہ جو ئي چوڻ آهي تہ: ”مڙس تہ ڦڏو نہ تہ جڏو.“ انهيءَ حساب سان اسين پهرئين نمبر جا ”نامڙس“ ۽ جڏا هئاسين. نقل شقل ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندا هئاسين پر هي ”جديد“ ۽ ”ترقي يافتہ“ طريقا اسانکي تہ ڪڏهين خيال ۾ بہ ڪونہ آيا. مطلب تہ بنهہ بي حس ۽ غير ترقي يافتہ ۽ پٺتي پيل هوندا هئاسين. نہ پستول نہ خنجر، انهن کي ڏسي تہ پاڻ پيا ڏڪندا هئاسين.

امتحان پورا ٿيا تہ ويٺا رزلٽ جي راه ڏسنداسين. تاريخ جو اعلان ٿيو تہ انهيءَ ئي ڏينهن تي رزلٽ برابر نڪرندي بہ هئي ـــ ڇڪي تاڻي پنجاه سيڪڙو جي اندر، چڱا چڱا شهسوار شاگرد ڊهي پوندا هئا. پوءِ سائين مقرر ڪيل اعلان ڪيل تاريخ تي ڪاليج وڃبو هو. ڪلرڪ کان فارم وٺي اتي جو اتي اهو هڪڙو فارم ڀري ڏبو هو، هو مقرر في وٺي رسيد ڪڍي ڏيندو ۽ تاريخ بہ ٻڌائيندو تہ فلاڻي تاريخ ڪلاس شروع ٿيندا. اٺين آني ۾ پراسپيڪٽس ملندو هو جو گهڻا شاگرد گروپ ٺاهي هڪڙوئي وٺندا هئاسين. ان مان سڀ معلومات ملي ويندي هئي. انهيءَ ئي ڪتابڙي جي آڌار راما بوڪ ڊيپو (پوءِ راما ”پاڪ“ بوڪ ڊيپو ٿيو) تان ڇهہ سبجيڪٽن جا فقط ڇهہ ڪتاب ۽ اوترا

www.sindhsalamat.com

ڏي نوٽ بوڪ وٺي ايندا هئاسين. بس ڪاليج شروع ٿيو ۽ اسين وري انهيءَ يڪرنگي بيرنگي پڙهائيءَ کي لڳي ويندا هئاسين. نہ ڪا جدت نہ ڪا "ايڪٽوٽي" نہ ڪو ٽڙڪو شڙڪو. اهي سڀ ڪم بہ اڪيلي سر ڪندا هئاسين، نہ ڪو مائٽ مٽ گڏ نڪو ساٿي نہ ڪو سپورٽر نہ ڪو دادا گيرہ اهي فائدا جديد دور جي دادلن کي حاصل آهن. اسين تہ قديم دور جا ڪاٺيارا هئاسين.

هاڻي تہ تعليمي ماحول ۽ سرگرمين جو معيار ماشاالله بقول مرحوم نور عباسيءَ جي بنگلا ٽپي ويو آهي. اسين ان "ويهہ سال قديم" دور جا پڙهيل گهڻا هيٺ آهيون. پڙهبو آهي ڊگري ۽ ان جي آڌار نوڪري وٺڻ لاءِ سا ٻين ذريعن سان بہ ملي وڃي تہ پوءِ پڙهڻ ڪڙهڻ تي ڇو نور نچوئجي-؟ شاه صاحب چيو ڪين آهي تہ "پنا پڙهندين ڪيترا-؟" يا "ڪتابن ۾ ڪوڙ...." وغيره. باقي اهڙن بيتن جي ٻين حصن سان اسانجو ڇا، آخر شاعراڻي مبالغي کان بچڻو بہ تہ آهي. نئين زماني سان بہ هلڻو آهي. اندر اجارڻ لاءِ "ڊسڪو" جا ديوانا جي آهيون-!....

.... تنڊيالهيار جي برڪ شاعر **احسان فقير** جو ذڪر ضرور ڪري ڇڏيان جو هن غريب شهر جو اعزاز هو. ڏاڏا مرحوم ۽ والد صاحب کان هن درويش شاعر بابت ٻڌندو رهندو هوس پر ايتري توفيق نہ ٿيم هن جا حالات ۽ ڪلام سهيڙي محفوظ رکڻ لاءِ ڪا جا ڪوڙڪريان. مرحوم محمد صديق مسافر اها ساري ڪٿي ويو ۽ هتي اچي هن جا

www.sindhsalamat.com

حالات ۽ ڪلام جيترو ٿي سگهيس گڏ ڪيائين ۽ پوءِ هڪ مضمون ٺاهي، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان نڪرندڙ رسالي "سنڌي ادبي رسالو" ۾ شائع ڪرايائين. آءٌ اهوئي مضمون، جو ان رسالي جي جولاءِ ١٩٥١ع واري پرچي ۾ ڇپيو، هر بحرف، هتي نقل ڪري ٿو لکان:

"تنڊي الهيار وارو احسان علي فقير، جنهن کي عام طرح سان احسان فقير چون ٿا، جنهن جو ذڪر ۽ ڪلام هت ڏجي ٿو، سو اهو احسان فقير نه آهي جنهن بابت چون ٿا ته سر ڪيڏارو ٺاهيو هئائين جو شاه پنائيءَ جي رسالي ۾ سمايل آهي.

هن وقت تنڊي الهيار ۾ احسان فقير جو ڪوبه اولاد يا عزيز خويش نه آهي مگر سندس صحبتي ۽ واقفڪار ماڻهو زنده آهن جن کان انجو هي مختصر احوال هت ڪيو ويو آهي ــــ خاص ڪري اهو احوال قابل اعتبار سمجهيو ويو آهي جو تنڊي الهيار جي هڪ وڏي ۾ وڏي عمر واري بزرگ سيٺ حاجي محمد اسماعيل پاڻولي بچاڻيءَ کان مليو آهي.

احسان علي فقير اصل سيوهڻ جو ويڳل ڪهنباڻي هو. پاڻ ۽ سندس وڏو ڀاءُ ميان عبدالله وطني عزيزن جي ناسازيءَ ڪري سيوهڻ مان لڏي تنڊي الهيار ۾ اچي رهيا. تنڊي الهيار وڃڻ وقت ٻئي ڀائر سگهڙ هئا. عبدالله کي هڪڙو پٽ به هو جنهن جو نالو محمد خان هو مگر احسان علي فقير کي انوقت ڪوبه اولاد ڪونه هو. ان وقت سندس عمر

www.sindhsalamat.com

ويهارو سال مس هئي. هو نهايت سهڻو جوان هوندو هو. شروعات ۾ ٻين شاعرن جا ڪلام به ڳائيندو هو ۽ پنهنجيون ڪافيون به ٺاهيندو هو.

سيد مصري شاه نصرپوريءَ سان خاص طرح محبت هوندي هيس. (پاڻ) سيد مصري شاه جي وفات کان ڏه وره اڳ پنجيتاليهن ورهن جي عمر ۾ وفات ڪئي هئائين تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته هو سن ١٨٥٢ع ۾ سيوهڻ ۾ ڄائو هو.

ميان عبدالله ۽ احسان علي فقير پنهنجي ثمر سان ٽنڊي الهيار آيا هئا. اچڻ شرط گهر جي جاءِ خريد ڪيائون ۽ شاهي بازار ۾ سيٺ حاجي محمد اسماعيل پاٽولي بچاڻيءَ جي هاڻوڪي ڪوٺيءَ جي سامهون هڪڙو دوڪان به خريد ڪيائون. انهيءَ دوڪان ۾ ٻئي ڀائر کنهنبن ڇرڻ، ڀينڊين ٻڌڻ ۽ نير ٻوڙڻ جو ڪم ڪندا هئا. ميان عبدالله پارسي ٻوليءَ جو قابل ۽ علم وارو ماڻهو هو پر احسان علي کانئس گهٽ پڙهيل هو. سيد مصري شاه نصرپوري جيڪو وقت ٽنڊي الهيار ۾ رهندو هو سو وقت ميان احسان علي پنهنجو ڌنڌو ڦٽو ڪرڻو شاه صاحب جي حاضريءَ ۾ رهندو هو. سيد مصري شاه کيس هميشه احسان فقير ڪري سڏيندو هو تنهن ڪري شهر ۾ هرڪو عام خاص ماڻهو کيس احسان علي جي بدران احسان فقير سڏيندو هو. ڪو اڻ واقف ماڻهو کانئس سندس نالو پڇندو هو ته پاڻ به پنهنجو نالو احسان فقير ٻڌائيندو هو.

www.sindhsalamat.com

احسان فقير جنهن وقت پنهنجي دوڪان تي ڪنهنبن ڇرڻ، ٻانڌڻ ٻڌڻ يا ڪُن ٻوڙڻ جو ڪم ويٺو ڪندو هو تنهن وقت به ڪنهن راڳ جي جهونگار پيو ڪندو هو.

پهريائين ميان عبدالله وفات ڪئي، پوءِ احسان فقيرجو ڏهن ورهن جو سدا سهڻو پٽ گذريو، تنهن کانپوءِ احسان فقير فقيراڻي ڪفني پائي سچو پچو فقير بنجي پيو ۽ درد ڀرين ڪلامن جون بهيريون پلٽائڻ شروع ڪيائين. انهيءَ حال ۾ به پنهنجي عيال جي گذران لاءِ پنهنجو ڌنڌو قائم رکندو آيو. هو پاڻ به سٺو ڳائيندڙ هو تنهن هوندي به پنهنجا ٻه ٻالڪا (هڪڙو تڳيو بوزدار ۽ ٻيو سلطان ڏاهري) هميشه پاڻ وٽ دوڪان تي ويهاريو ويٺو هوندو هو. جنهن وقت ڪو نئون ڪلام تيار ڪندو هو تڏهين انهن ٻنهي ٻالڪن کي ٻڌائيندو هو جي بروقت يڪتاري ۽ دلي تي کيس اهو ڪلام ڳائي ٻڌائيندا هئا ۽ پوءِ وڃو شهر جي اوتارن ۽ اوطاقن تي اهو ڪلام ڳائيندا هئا.

احسان فقير ١٨٩٧ع ۾ وفات ڪئي. سندس تربت ٽنڊي الهيار شهر کان ٻاهر ڪنڊي وسينءَ واري شاهي مقام ۾ آهي. سندس قبر تي ڪنهن به ڪتبي يا خاص نشاني نه هئڻ ڪري اها سڃاڻي نٿي سگهجي. احسان فقير جوڪو به اولاد ڪونه رهيو هو. سندس ڀاءُ ميان عبدالله کي هوئي هڪڙو پٽ ميان محمد خان، جو ٿرپارڪر ضلعي جي لوڪلبورڊ اسڪولن ۾ ماستر هوندو هو سو به جلدئي بنان اولاد گذاري ويو تنهن ڪري باقي جيڪي اهل نساءَ جا

www.sindhsalamat.com

ماڻهو رهيا سي جايون جڳهيون وڪڻي سيوهڻ هليا ويا۔"

ٽنڊي الهيار ۾ جن ڪافيارن کي احسان فقير جا گهڻا ڪلام ياد هوندا هئا سي گذر ڪري ويا، اهڙو بياض به هٿ اچي نٿو سگهي جنهن ۾ سندس سربستو ڪلام لکيل هجي تنهن ڪري هت جيڪي سندس ڪلام لکيا ويا آهن سي گهڻي مشڪلات سان هٿ ڪيا ويا آهن. ٻه ٽي ڪافيون ڪن جهونن فنڪارن کان ٻڌي لکيون ويون آهن. چار پنج ڪافيون احسان فقير جي ٻالڪي سلطان بوزدار جي پوٽي مور بوزدار کان ٻڌي لکيون ويون آهن جو ٽنڊي الهيار کان ٽي چار ميل پري ٻهراڙيءَ ۾ رهي ٿو. ۽ هڪڙي اڌ ڪافي ۽ قلندر لعل شهباز جي مدح هٿ ڪيل پراڻن نوٽبڪن مان هٿ ڪئي وئي آهي...."

[مضمون جي صاحب، احسان فقيرجو ڪلام هن مضمون جي آخر ۾ ڏنو آهي جو هتي لکڻ ضروري نه سمجهيو اٿم. اول خير ته تحقيق ۽ تجرباتي ڪم جي بنياد تي جو ڪتاب لکبو تنهن ۾ اهو ڪلام به ڏبو ـــ بچاڻي.]

سيد بچل شاه لڪياري، جنهن جو ذڪر ڪجهه پهرئين حصي ۾ به ڪيو اٿم سو پهرئين نمبر جو خوش گفتار سگهڙ ۽ بيان باز آهي. ڪو سندس ڪچهريءَ ۾ ويهي ۽ ڳالهين مان ڍهُ ڪري چڪار ٿي نه اٿي سا اڻ ٿيڻي آهي. هن کان ڪيتريون ڳالهيون، ڪهاڻيون، ٽوٽڪا، پهاڪا، ۽ سبق آموز گفتا ٻڌي نوٽ ڪري ڇڏيا اٿم. هتي فقط سندس بيان ڪيل هڪ ٽوٽڪو لکان ٿو، ڏسو ته ڪيڏي معنيٰ مطلب

www.sindhsalamat.com

وارو آهي. انسان جي عمر جي مختلف ڏاڪن تي انسان جي عمومي رويي تي ڏاهن ڪهڙي نه سهڻي ٻڌ ويهي ٻڌي آهي-!

* عمر ٿي پنج، ته ڇڏيندو ماءُ جي هنجهه ـــ (اٿي ڊوڙون پائيندو).
* عمر ٿي ڏه، ته ڪندو گهه ـــ (هوڏ، ضد، تيسو ۽ بي‌چيائي ڪندو).
* عمر ٿي ويهه، ته نڪو لٽو نڪا ليهه ـــ (گهڻو ڪري بي مهابو ۽ نوجواني سبب بي‌لحاظ ۽ غير-سنجيده ٿيندو).
* عمر ٿي ٽيهه، ته تڪيندو پرائي ڌيءَ ـ (شادي گهرندو).
* عمر ٿي چاليهه، ته عقل پيو ٿالهيءَ ـــ (عقل پختو ٿيندس).
* عمر ٿي پنجاه، ته تڪيندو منجا ـــ (جلد جلد ٿڪي پوندو ڀانئيندو کٽولي تي ويٺو هجان).
* عمر ٿي سٺ، ته کڻندو لٺ ـــ (لٺ جو سهارو ضروري ٿي پوندس).
* عمر ٿي ستر، ته پئي حياتيءَ ۾ ڪتر ـــ (هاڻي ڳچ حياتي گذري وئي باقي ٿوري).
* عمر ٿي اسي، ته مت کسي ـــ (گهڻو ڪري بي متيون ڳالهيون ۽ ڪم ڪندو).
* عمر ٿي نوي، ته جهڙو ڪانگ پيو لنوي ـــ (گهڻو ڳالهائيندو اڪثر نه سمجهڻ ۾ ايندڙ ڳالهيون).
* عمر ٿي سئو ته نڪو سڄڻ آسرو نه دشمن ڀئو....

www.sindhsalamat.com

(عدم ڏانهن راهي ٿي ويندو.)

سياڻن سگهڙن جا اهڙا اڪيچار ٿوٽڪا آهن جن سان سنڌ جا علمي ادبي پستڪ ڀريا پيا آهن ۽ انهن کان وڌيڪ سگهڙن کي ياد آهن جن ۾ وندر ورونهه به آهي، معنيٰ مطلب به آهي ۽ علم ۽ حڪمت به آهي. اهڙن اڻ پڙهيل سگهڙن کان وڏا وڏا اعليٰ تعليم يافته ۽ سنڌ يافته ڪڙپيل به هارايو وڃن. سچ ته تمدن جي سچي تاريخ انهن سگهڙن وٽ آهي جا اڄا ڪتابن ۾ پوري طرح محفوظ نه ٿي آهي. ✿✿✿

www.sindhsalamat.com

*** سردار بهادر محمد بخش شيخ، حيدرآباد

جو نامياروڪليڪٽر هڪ قدآور، باوقار، رعبدار ۽ مٽيادار شخصيت جو مالڪ هو. سندس ئي ڪوشش ۽ سرپرستي هيٺ ٿنڊي الهيار ۾ هيءَ شاندار زناني اسپتال ٺهي (١٩٤٦ء ۾) توڙي سندس ايامڪاريءَ ۾ ضلع اندر ٻيون ڇهه اسپتالون ٺهيون. سندس دور ۾ گهڻا ترقياتي ڪم ٿيا.

ڪليڪٽري تان ريٽائرٿيڻ بعد حيدرآباد جي پاورهاؤس جو انچارج ٿيو. پوءِ پنهنجي ديريني خواهش ۽ آدرش جي تڪميل ـــ يعني حيدرآباد ۾ هڪ معياري ڪاليج جي تعمير ـــ جي ڪم ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري نيٺ زندگيءَ ۾ اهو خواب پورو ٿيندو ڏٺائين. سچل سرمست ۽ سائنس ڪاليج تلڪ چاڙهي سندس انهيءَ خواب جي تعبير آهي. هي شيخ صاحبان درگاه سچل سائينءَ جي خليفن ۾ شامل هئا.

حضرت سچل سرمست جو سچو عاشق ۽ سچو خليفو، فقيرن سان رهاڻيون رچائڻ وارو پڪو صوفي هي صاحب پاڻ به هڪڙو سٺو شاعر هو. تخلص **ڪوجهي** هئس. شلوار شيرواني ۽ گاڙهي رنگ جي ترڪي ٽوپي هن جو خاص لباس هو جنهن ۾ هن جي اها مريادا واري شخصيت ڏاڍي ڪشش واري ٿي پوندي هئي. منهن مهاندو قد ڪاٺ هونئن ئي سهڻو ۽ چٽو هوس وري سندس سنجيدي ۽ اثر واري

www.sindhsalamat.com

گفتگو ۽ ميٽ محبت وارو رويوسندس ملڻ وارن کي موهت ڪري ڇڏيندو هو.

والد صاحب جي هونئن تہ گهڻين ناميارين شخصيتن سان سات سنگت هئي پر جهڙي گهاتائي سردار بهادر سان هئي تهڙي ٻي ڪنهن سان نہ هئي. هو هن جو شيدائي تہ هي هن جو يار. هنڌين ماڳين مشهور هو تہ هي ٻہ شخص ٻن جسمن ۾ هڪ جسم آهن.

سردار بهادر مرحوم بابت هيٺ جا ڪٿا لکان ٿو، سا مون والد صاحب مرحوم جي واتان بار بار ٻڌي جا هن پڻ خود سردار بهادر صاحب کان ٻڌي هئي ۽ پوءِ هڪ عبرت ڏيندڙ سچي حڪايت طور هو ساٿارين کي ٻڌائيندو رهندو هو. مونکي جيتري ياد رهي آهي اها لکان ٿو.

سردار بهادر محمد بخش شيخ صاحب جو والد اشراف ۽ سفيد پوش هئڻ سان گڏوگڏ غريب بہ هو. پٽن کي تعليم ڏياري ڪنهن اعليٰ عهدي تي پهچائڻ جي وڏي آس هيس جنهن لاءِ ڏاڍا ڪشٽ ڪيي هو سندن پڙهائي جون ضرورتون پوريون ڪندو رهيو. پر نوجوان اجا اڌ رستي ۾ ئي هئا جو هن کي اجل جو پيغام پهچي ويو. وفات وقت هو اهل عيال کي خدا حافظ چوڻ لڳو تہ چوڪرا (محمد بخش ۽ رحيم بخش) صدائون ڏيڻ لڳا تہ بابا اسانکي ڪنهن جي حوالي ٿا ڪريو وڃو؟ موت جي بستري تي ستل بزرگ ٻنهي فرزندن جا هٿ وٺي آسمان ڏانهن ڪٺندي چيو. "يا خدا هنن کي تنهنجي سپرد ٿو ڪريان، هنن جي پارت

www.sindhsalamat.com

اٿئي-" تنهن بعد جلد ئي هو سڀني کان سچ پچ موڪلائي ويو. هي ٽي ڀائر ها: فقير محمد، محمد بخش، ۽ رحيم بخش. فقير محمد آخر تائين درگاه سچل سائين جي فقيريءَ ۾ رهيو. محمد بخش ڪليڪٽري تان رٽائر ٿيو ۽ رحيم بخش جج جي حيثيت سان.

شيخ محمد بخش جي تعليم اڌوري رهيل هئي. ڪمائي آڻڻ واري پهر ويندي رهي تہ هاڻي ڀڙهائي جو خرچ ڪير ڀري-؟ پر هو حوصلو هارڻ وارو بہ نہ هو. پيءُ جي ڪفن دفن ۽ پوءِ ٻين خانگي ڪمن کان واندو ٿي هو آس رکي پير سائين سخي قبول محمد شاه جيڪو درگاه سچل جو سجاده نشين هو ۽ هنن شيخن کي گهڻو گهرندو هو، جن جي بارگاه تي اچي حاضر ٿيو. پر ڀري مجلس ۾ يا چئن ماڻهن جي اڳيان پنهنجو حال ٻڌائڻ کان لڄ ڀائيندي هو سائينءَ جي حويليءَ کان اوطاق تائين ويندڙ رستي تي ويهي رهيو تہ سائين اڪيلو لانگهائو ٿئي تہ عرض حال پيش ڪجي- هونئن تہ شاه جي خدمت ۾ هوندا هئا پر هتي غرض خاص هو ان سبب هتي وڏو انتظار ڪرڻو پيو. پيو اٽارڻ وارن اٽارڻ جي ڪئي پر هو اڏان نہ چريو. نيٺ رات جي وقت مس مرشد سان ميڙاڪو ٿيو. هن پيرن پئي حال عرض ڪيو تہ "پوني (پارٽ) وڃي ڪاليج ۾ داخلا وٺي آهي اتي ئي هاسٽل ۾ رهي پڙهڻو ۽ امتحان پاس ڪرڻو آهي، ۽ پوءِ ڪليڪٽري جي امتحان ۾ ويهڻو آهي، پر هيڏانهن هي حال آهي جو نڪو ٿمر نہ سامان نہ ڪو اهڙو واءُ نہ

www.sindhsalamat.com

وسيلو، هاڻي سهائتا بہ ڪريو ۽ دعائون بہ." هن بزرگ اڳ ئي محمد بخش کي ڪليڪٽريءَ جي ۽ رحيم بخش کي ججيءَ جي عهدن جي دعا ڏني هئي. هن محمد بخش کي اوطاق ۾ آڻي خاص مهمانن ۾ ڀيڙو ڪيو- ٻي ڏينهن هنکي حڪم مليو تہ "پوني وڃڻ لاءِ تيار ٿي آءُ-"

هي خوش خوش گهر آيو جيڪي ساري سگهيو ۽ جيڪي ڪري سگهيو سامان ساڻ ڪري مائٽن کان موڪلائي چوڪلائي وري اچي سائينءَ وٽ حاضر ٿيو- سائينءَ هڪ فقير خاص کي حڪم ڪيو تہ "محمد بخش کي پوني واري گاڏيءَ تي اماڻين اچ." بس ٻيو نہ ڪجهہ ڏيڻ نہ ڪجهہ وٺڻ-!؟ نہ ڪو سفارشي خط نہ ڪا شئي نہ شڪل- شيخ صاحب ششدر ٿي ويو پر ڪجهہ ڪڇڻ پڇڻ جي ڀوا هجي تہ ڪڇي، حيا ۽ مرم ٻيو پنهنجي بي مائيگي جو احساس ۽ هوڏانهن سيد جي حشمت ۽ وري صاف صريح ۽ يڪ ٽڪ حڪم- سمجهيائين شايد اسهڻ ويل ڪجهہ جهوليءَ ۾ وجهندا.

صبح جو گاڏيءَ جي وقت تي فقير صاحب هن هٿين خالي ۽ کيسا خالي شخص کي اسٽيشن ڀيڙو ڪيو— پوني وڃڻ ۽ ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ داخلا وٺڻ ۽ پڙهڻ لاءِ!؟— محمد بخش ڀانئي تہ فقير صاحب ساڻ نہ هجي تہ جيڪر ماٺڙي ڪري واپس ڳوٺ وڃي ويهي رهي يا ڪنهن ٻي وسيلي لاءِ واجهائي- پر ڪنهن بہ قسم جي پهل ڪرڻ تي بت ئي نہ پيو وريس نہ زبان ٿي چريس جو پڇي کڻي تہ

www.sindhsalamat.com

سائين هي ڇا—!؟ هي ڪهڙي سهائتا آهي جو سکڻو اڳتي ڌڪو ڏئي پيا ڇڏيو-!

گاڏي اچڻ کان ٿورو اڳ فقير صاحب پوني جي ٽڪيٽ وٺي آڻي ڏنس ته ”بابا هي سنڀال— ڪراچي لهي سڌو ڪاليج وڃجانءِ، رب سڀ سڻائي ڪندو-“ هاڻي محمد بخش به اڳيان پيش ايندڙ سڀ مرحلا ۽ مشاهدا ماڻڻ لاءِ ذهني طور پورو تيار ٿي ويو. اهڙن معاملن ۾ دل من ناهي هڻڻو، توڪل ڪرڻو آهي تڏهن ئي مقصد ملندو- خير— گاڏي آئي ۽ هي فقير کان موڪلائي يا بسم الله ڪري روانو ٿيو. پوني پهچي، جيڪو ڪجهه به هٿ ۽ هڙ ۾ هوس تنهن سوڌو سڌو ڪاليج اچي پرنسپال وٽ حاضر ٿيو- پنهنجو نالو پتو ٻڌايائين ته پرنسپال ڏاڍي عزت ۽ ادب سان مليو ۽ هن کي ڪرسيءَ تي ويهاري چيائين-!

”ها بابا، تولاءِ اسان وٽ وڏي سفارش پهچي چڪي آهي-!“

هي حيرت ۾ پئجي ويو. پر پڇي نه سگهيو ته ”ڪنهن جي؟-“

پرنسپال وري گويا ٿيو ”اڄ ئي تنهنجي داخلا به ٿيندي ۽ هاسٽل ۾ بهترين سهولتون به ملندءِ. اهو هيئن جو ڪلهه ئي هڪ شاهوڪار هندو شاگرد اوچتو گذاري ويو آهي جو هاسٽل ۾ رهندو هو هن جي مائٽن هدايت ڪئي آهي ته فوتيءَ جي خالي ٿيل جاءِ، هن جو هاسٽل وارو ڪمرو توڙي هن جو سمورو ساز سامان ذرو پرزو بنان ڪنهن گهاٽيءَ

www.sindhsalamat.com

واڌي جي ڪنهن حقيقي گهرجمند شاگرد کي سندن طرفان عطيو ڪري ڏنو وڃي- ان بعد تون پهريون شاگرد پهتو آهين ۽ گهرجائو به آهين هاڻي تنهنجي داخلا هن جي خالي ٿيل ڪوٽا تي ٿيندي، هاسٽل ۾ اهو ڪمرو ملندءِ ۽ هن جي هر شئي جو تون مالڪ هوندين-! توڙي امتحان پاس ڪري روانو ٿيڻ تائين مهنو خرچ به ان هندو سيٺ وٽان سندس فوتي پت جي صدقي ملندءِ-"

يا مالڪ تنهنجي مهر جو ڪو انت ئي ڪونهي! هي ته ٻڏيءَ جا ٻيڻا ٿيا- واه مرشد تنهنجي دستگيري-!

اتي جو اتي داخلا ٿي، ڪاليج ۾ توڙي هاسٽل ۾، ۽ هڪ پٽيوالو شيخ صاحب کي هاسٽل جي انهيءَ ڪمري ۾ پهچائي آيو- ڪمرو سڄو هر طرح جي ضروري ساز سامان سان ٻٽيو پيو هو- ڪپڙا، بوٽَ سوٽَ، بسترو، سڀ ڪتاب نصابي توڙي غير نصابي، قلم ۽ اسٽيشنري جو ٻيو سامان، توڙي واچ ۽ ڊيسڪ ۾ ڪجهه روڪڙ به ـــ! بس ڏِوَ ٿي ويا-!

شيخ صاحب جيڪي گهريو تنهن کان سوايو ٿي مليس- بروقت شڪراني جا نفل ادا ڪيائين- پڪو نمازي اڳي ئي هو- صوفين جي صحبت وجود جو ورق اڳ ئي اجرو ڪري ڇڏيو هئس، هاڻي ايمان ۽ ايقان اڃا پختو ٿيس- پڙهڻ ۽ اندر اجارڻ کي لڳي ويو- تنهن وچ ۾ هيئن به ٿيو جو ٻيو سڀڪجهه هوندو هو پر روڪڙ ڪنهن وقت صفا جواب ڏئي ويندي هئي ۽ کيسي خرچ ۾ ايترو نه هوندو

www.sindhsalamat.com

هو جو ڪا آني ٻه آني جي شئي وٺي سگهي - هڪ ڏينهن مرشد سائين ڏانهن هڪ ضروري خط لکيائين ۽ سادي لفافي ۾ بند ڪري رکيائين ته پهرين تاريخ تي جا ويجهي هئي، ٽڪلي وٺي لڳائي پوسٽ ڪندس—

— هاسٽل جي پنئين پاسي باغ ۾ هڪ ديواني مستاني عورت سدائين ويٺي هوندي هئي، طرح طرح جون حرڪتون ڪندي ٿهڪ ڏيندي ۽ وار کولي طرح طرح جا الاپ پئي اچاريندي هئي. شاگرد دريءَ مان هن ڏانهن نهاري ڪي ڪلندا هئا، ڪي عبرت وٺندا هئا ڪي باغ ڏانهن نهاري ٻه هن ڏانهن نه نهاريندا هئا. ڪڏهن هوءَ شيخ صاحب جي ڪمري جي دريءَ وٽ اچي سيخن ۾ هٿ وجهي ٻه ٿهڪ ڏيڻ لڳندي هئي پر هو نه جهڪيندو هوس نه لوڏيندو نه ڪاوڙ ڪندو هوس، ويتر نهاري مرڪندو هوس- جنهن ڏينهن خط لکي ڊيسڪ تي رکيو هئائين تنهن ڏينهن ڊائننگ هال مان موٽي ڪمري ۾ آيو ته اهو ڏسي حيرت وٺي ويس ته خط ڊيسڪ جي ٻدران چريءَ جي هٿ ۾ هو جا دريءَ جي سيخن وٽ بيٺي خط هٿ ۾ کنيو ٿهڪ ڏئي رهي هئي. "هي خط هن جي هٿ ۾ ڪنهن ڏنو-؟ شايد مون ڊيسڪ ٻدران دريءَ تي رکي ڇڏيو هو جو هن جهپ هڻي ڪڍي ورتو-؟" شيخ صاحب اشارن سان گهٽوئي زور پريس ته خط واپس ڏي پر هوءَ اهو بي رنگ لفافو کنيو ٿهڪ ڏيندي هلي وئي- شيخ صاحب صبر ڪري ويهي رهيو ته ٿهيو هاڻي يڪو ئي پهرين تاريخ بعد ٻيو خط نئين سئين لکيو—

www.sindhsalamat.com

— چار ڇهه ڏينهن گذريا تہ سائينءَ وٽان خط آيو تہ
”تنهنجو فلاڻي تاريخ وارو خط پهتو۔ هي حال هي احوال،
هي، ٻيون خبرون چارون۔! دعائون آسيسون۔!“ يا خدا هي
ڇا۔؟ اهو خط چريءَ جي وسيلي ماڳ تي پهچي ويو هو
سو بہ بيرنگ نہ بلڪہ ڏکلي لڳل۔! ايئن هن جي حياتيءَ
۾ ڪيترا چمتڪار ظاهر ٿيا۔

پڙهائي جا مرحلا خيرخوبي سان پورا ٿيا، نيٺ امتحان
ٿيا ۽ اهي بہ خير سان اڪري ويا هي انهن مان بہ سرخرو
ٿي نڪتو۔ اهو ڪاليج اها هاسٽل ڇڏي پئي پوءِ ڪليڪٽري
جي پروبيشن جا بہ ڏکن ڏاجهڙن وارا گس اڪرڻا پيا، اهي
سڀ ڏکيون ڪي سکيون اوليون ڪي سوليون واٽون
اڪري شيخ محمد بخش نيٺ ڪليڪٽر ٿيو ۽ جو نالو
ڪڍيائين سو ڪنهن ٻي آفيسر جي حصي ۾ نہ آيو۔ نيٺ
سردار بهادر جو خطاب مليس۔ هن صاحب اعليٰ منصب تي
اچي بہ صوفي طريقيت نہ بدلائي نہ سچن صوفين جي صحبت
ڇڏيائين۔ سچل ڪاليج قائم ڪري هن اهڙوئي ڪارنامو
سرانجام ڏنو جو گذريل صديءَ جي آخر ۽ هلندڙ صديءَ
جي شروع ۾ حسن علي آفندي، ميان شيخ نور محمد،
غلام محمد پرگڙي ۽ ٻين سرانجام ڏنو۔ اڄ ڪيترن ڪي
انهيءَ اعليٰ درسگاه مان فيض پيو ملي۔

سردار بهادر محمد بخش جي آفيس جي ميز تي سائين
قبول محمد شاه جي تصوير هميشه رکيل هوندي هئي،
جنهن ڪي ڪم ڪار ڪندي، هو عقيدت ۽ احترام سان

www.sindhsalamat.com

ڏسندو رهندو هو، خاص ڪري ڪنهن اهم ڪاغذ تي صحيح ڪندي يا ڪنهن مقدمي جو فيصلو ٻڌائڻ کان اڳ هو انهيءَ تصويرتي هڪ سوالي نظر ضرور وجهندو هو. آفيس مان اٿڻ وقت تصوير ميز جي خاني ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو. هو پاڻ ٻڌائيندو هو ته سائين (سخي قبول محمد شاه) کين ننڍپڻ ۾ ئي دعا ڪئي هئي ته- ”محمد بخش تون ڪليڪٽر ٿيندين ۽ رحيم بخش انصاف ۽ عدل جي ڪرسيءَ تي ويهندو. اسانجي ٻاءُ فقير محمد کي چوندو هو ته فقير! تون ته اسان وٽ ئي رهه ....“

www.sindhsalamat.com

سنڌي ٻولي ڪا بهشت جي باغن جي ٻولي آهي جو شبد شبد ۾ ما کي ۽ مصريءَ وارو ميٺاڄ اٿس. ڳالهائڻ وارو ڳالهائيندي به آسيس ڀانئي ته ٻڌڻ وارو ٻڌندي به آنند پائي. هن ٻوليءَ ۾ نه ڪروڌ نه ڪٺورتا نه ڪدورت، رڳو دعائون، رڳو خير جا ڪلما ۽ رڳو سڻايون وايون— برابر پٽون پاراتا به آهن ته هيٺ ڦيٺ به. پر اهي به عجب جهڙيون دعائون— ماءُ پنهنجي ڌيءَ پٽ تي ڪاوڙ ڪري به جا پٽيندي ته چوندي: ”شل مٿو اڇو ٿينئي-!“ معنيٰ ٻڍو ٿين وڏي عمر ماڻين! اها ٿي ”بد دعا“ هتي ته رڳو اهي فقرا ٿو لکان جي اسانجي روزمره جي گفتگو سان لازم آهن- (يا هئا-؟)

ٻار هلندي ٿڙيو ٿاٻڙيو ته ماءُ بي اختيار ٿي چوندي- ”بسم الله.“ ٻار کي کير يا پاڻي پياريندي چوندي ست بسملايون- دوا پياريندي ته چوندي الله شافي الله ڪافي، آلي موالي ڪڪرن جو ميڙ چڙهندو ڏسندا ۽ هوندي مينهن جي ڪاڻ ته صدائون هڻندا- ”ڀيڄ مولا ڀيڄ.!“ پر جي مينهن اهڙي اک ڏيکاري ته اهي ئي دانهن ڪندا: ”خير مولا خير-!“ (الا-! اڄ جهڙ برسات جي موقعي تي جيڪي ڪجهه ڏسجي ۽ ٻڌجي ٿو سو هيانءُ ٿو ڏاري-! ڪاش اهي ڪوڪارون ٻڌڻ لاءِ زنده نه هجان ها-!) اهي ڀيڄ مولا ۽

www.sindhsalamat.com

خير مولا جون گڏيل صدائون مينهن جي مند جو لطف ٻٽو ڪري ڇڏينديون هيون. زال مڙس کي جيئو شال، بچين سدا جئين سدا چئي سڏ ڪندي تہ مڙس زال کي بختاور چئي مخاطب ڪندو. زال مڙس هڪ ٻئي کي نالي سان هاڻي سڏڻ لڳا آهن. ڪهڙي بہ ڳالهہ ڪبي تہ چئبو- ”اول خير هئين ڪي هئين ڪبو.“ وغيره. جيئن انشاالله چئجي. اهو اکر انشاالله جوئي قائم مقام هو، هڪ ٻئي کان موڪلائبو تہ چئبو- ”الله کي پارت“ يا ”الله کي پرتين“ اهو لفظ في امان الله يا خدا حافظ جو بدل هو.

ماءُ ٻار کي وهنجاريندي بہ بسم الله چوندي ڪپڙا پائيندي بہ بسم الله چوندي تہ هٿ ۾ کڻڻ وقت بہ بسم الله اوس چوندي. بري وائي تہ هن ٻوليءَ ۾ نہ هئڻ جي برابر ملندي. ايتري قدر جو رات جو دروازو بند ڪبو تہ بہ ائين نہ چئبو تہ دروازو بند ڪيو ويو بلڪ چئبو تہ ”دروازو قائم ٿيو-“ لفظ ”خير“ اسان جو اوڇڻ ٿيو— خير جو آيو، خير جو اسهيو- (ويو نہ)، خير جو پاس ٿيو، خير جو چڙهيو يا خير جو اٿيو يا ستو. ڪو سمهي پيو تہ چوندا خير جو آرامي ٿيو آهي. ايتري قدر جو ڪنهن کي پاراتو ڏيندي بہ ”ڪارو منهن ٿينئي“ جي بدزان گهڻو ڪري ”اڇو منهن ٿينئي“ چئبو، ڪاوڙ بہ لاٿي ۽ بد دعا ڏيڻ کان بہ بچيو- هوڏانهن ٻڌڻ وارو مرم وارو هوندو تہ انهيءَ کي بہ هيٺ ڦيٺ ڀائيندو. ڪنهن کي مانيءَ جي صلاح ڪبي تہ جواب ملندو ”الله ججهي ڏينئي.“ ڪنهن جو ٻار ڏسبو تہ مائٽ

www.sindhsalamat.com

ڪي چئبو "الله بخشي بچائي ڏينئي-" نياڻي پرڻائبي ته چئبو "خيرن جي هٿن سان سرهي ڪئي سين-" ڀاڻ مرادي بہ پئي دعا گهربي ته "خدا حقئون بہ رکي ناحقئون بہ رکي." يا "اي خدا جڳ جهان جو خير تنهن جي محابي اسان جو بہ خير-" تنهن ڪانسواءِ سنڌي ماڻهو پٽ پاراتي ڪان ڊڄندڙ ۽ دعائن تي گهٽي آسيس ۽ دلجاءِ پرائڻ وارو بہ دنيا ۾ پهريون نمبر آهي. خير—ڳالهہ ٻوليءَ جي هئي ته ان سان ساه ٻساه جو ڪيڏو نہ گهاٽو سنبنڌ آهي-!

اوهين طوطي جو مثال وٺو- ڪوئي طوطي جو ٻچو وٺي ان کي پالي ۽ پنهنجي ٻولي سيکاري ته سکي ويندو، جي گهٽي محنت ڪئي ته هو ڳالهائيندو ئي انهيءَ انساني ٻوليءَ ۾ ۽ پنهنجي ٻولي— اها ٿيون ٿيون— بہ وسري ويندس. رڳو اها سکيل ٻولي اٽ ئي پهر ٻيو ڳالهائيندو. پر، جي ڪڏهين ڪنهن ٻليءَ اچي جهپ هنيس ته— ان وقت دانهن ڪوڪ انهيءَ ئي پنهنجي مادري ۽ قومي ٻوليءَ ۾ ڪندو. ان وقت "بچايو بچايو-" جون صدائون نہ هٽندو، جيتوڻيڪ اهي سکيل هوندو، پر ان وقت اهائي ٿيون ٿيون چرر چرر ڪندو-! اهڙي طرح ڪهڙو بہ ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو— يعني پنهنجي روح سان— ته لازماً پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو ٻلي ڪيترن ٻولين جو ماهر هجي. توڙي ايراني ۽ سان فارسيءَ ۾، انگريز سان انگريزيءَ ۾ عرب سان عربيءَ ۾ ڳالهائيندي مزو ايندس پر پنهنجي خدا سان مخاطب ٿيندو ته اهوئي پنهنجي ٻوليءَ ۾- جيئن گذريل

www.sindhsalamat.com

صفحن ۾ لکيو اٿم.

سنڌي ماڻهو، فرانس ويندو يا جرمني، عرب ويندو يا ايران، ته اتي جي ڪبوترن يا ڳيرن کي ٻوليون ٻوليندي ڏسندو ته چوندو هي ته سنڌيءَ ۾ پيا غٽرغون يا گهگوگو ڪن، انگريز هتي جي بلبل کي چهه چهه ڪندو ٻڌندو ته چوندو ته سنڌ جي بلبل به انگريزيءَ ۾ ٿي چهه چهه ڪري. مطلب ته ڪنهن ڪاروباري معاملي ۾ جنهن سان وهنوار آهي تنهن جي ٻولي ڳالهائڻي پوي ٿي نه ته پنهنجي ٻولي ڪنهن حال ۾ به نٿي وسري ڇاڪاڻ جو ٻوليءَ جو ناتو ساه سان آهي گهراه سان نه. اها منڙي ٻولي سنڌ جي ٻاهراڙين ۾ اڃا به ائين ئي ڳالهائجي ٿي البت شهرن ۾ گاڏڙ ساڏڙ ”کار“ ٿي وئي آهي.

جيڪي چون ٿا ته پنهنجي ٻوليءَ سان ايڏي عقيدت رکڻ عربيءَ کي گهٽ ڄاڻڻ جو دليل آهي ۽ ان ڪري ڏوه آهي تن جي خدمت ۾ عرض آهي ته سڀ کان اول منهنجي ڪن تي الله ۽ رسول صه جو ذڪر به پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ پيو يعني جڏهين هوش سنڀاليم ته خدا ۽ رسول صه جون ڳالهيون سنڌيءَ ۾ ٻڌم نه ڪي عربيءَ ۾. پوءِ به جي دين جون ڳالهيون سنڌيءَ ۾ نه ٻڌندو رهان ها ته دين ۽ يوم الدين جي مالڪ کي ڪيئن سمجهان ها؟ جيڪر ڪڏهين به نه سمجهان ها.

www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس طرفان شيخ اياز جي ڀرين ڪتاب

"چنڊ چنبيلي ۽ ول"

کان پوءِ سندس ٻيو نئون ڪتاب

"رڻ تي رم جهم"

جنوري 1986ع ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

نيو فيلڊس طرفان سراج جو شايع ٿيل بهترين ڪتاب

"اڻون ماڻهو"

"اڻون ماڻهو" ڪتاب مان ڪنهن ڏکرو:-
دوبدو مقابلا پيا ٿين. پر سرڪار ڏاڍي آهي. وٽن هٿيار به آهن ته ماڻهو به آهن. جن کي وردي پارائي، جيڪي ٿي چوين سو ٿا ڪن. ڪن ڳوٺن کي ته لڏائي ڇڏيائون. جيڪي نه اٿيا، تن کي زوري ڪڍي، گهرن تي بلڊوزر هلائي ڇڏيائون. بابا، بندوق ۽ رائفل جي اڳيان هيٺو به هٿيار ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي. جي ڪنهن منهن ڏنو ته گوليءَ جي منهن ۾ يا ترنگ ۾. جيڪو ضامن پوڻ وڃي، سو به اندر. اندريان ته اندر پر ٻاهريان به اندر.... ايئن هزارين ماڻهو دربدر ٿيا آهن. سوين ماڻهو، ڏسڻا وائسڻا ماڻهو، ڏينهن ڏني جو، گولين مان ڪڍيا اٿن. سرڪار زوراور آهي، پر ماڻهو به اصل نٿا مڙن.

قيمت -/15 رپيا

www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

علي احمد بروهي جا ٻه نوان ڪتاب

١- وات ويندي

٢- جاڳو جاڙيجا

الطاف شيخ جو سفرنامو مڪليءَ کان ملاڪا تائين

سراج جو جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

پڙاڏو سوئي سڏ (ڀاڱو ٻيو)

ـــ ٽٽي جي رات ڪهاڙيءَ جي ڌڪ جيان ٺري پئي هئي. هوا به ڪنهن اهنج، ڪنهن ايذاءَ کان ڦوڪون ڏيڻ لڳي هئي. سوسات ايئن ٿي ٿيو، ڄڻ ته وڻن جي بدران ماڻهن جي دلين مان شوڪارا ڦٽي ٿي نڪتا. سهمڻيءَ جي ٻانگ جي آواز انهن شوڪارن کي وڌيڪ درديلو بڻائي ڇڏيو: ڄڻ ٻانگي جڏهن ”حي علي الصلواة، حي علي الصواة“ ٿي ورجايو، تڏهن سندس دل مان دانهن ٿي نڪتي؛ ۽ جڏهن هن پنهنجي پرسوز آواز ۾ ”حي علي الفلاح، حي علي الفلاح“ جو سڏ ڏنو، تڏهن به هن جي دل جا درد اها شاهدي ٿي ڏني ته اڄ نماز لاءِ ڪوبه نه ايندو؛ ڀلائيءَ لاءِ ڪوبه نه ايندو! ظلم جي چؤديواريءَ اندر ويچارا ماڻهو الله جي سڏ تي لبيڪ چوڻ کان به سراپجي ويا هئا: متان مغل لشڪري مسجد مان نڪرندي کين ڇتن ڪتن وانگر ورائي وڃن.....!

سراج جي نئين ناول ـــ ”پڙاڏو سوئي سڏ“ (ڀاڱو ٻيو) مان هڪ ٽڪرو.

www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس طرفان هند ۽ سنڌ جي مشهور ليکڪ

آغا سليم جو تازو شايع ٿيل ڪتاب

"ٻہ ننڍا ناول"

آفسيٽ تي ڇپيل خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 200
ڪان مٿي- اڇو ڪاغذ- قيمت -/22 رپيا.

نيو فيلڊس طرفان آغا سليم جا ٻيا شايع ٿيل ڪتاب

١- اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)

هڪ اهڙو ناول جنهن لاءِ خود آغا سليم جو چوڻ آهي ته:
"هڙو ناول مان وري لکي نہ سگهندس"
پڪو جلد، خوبصورت پلاسٽڪ ڪور سان- قيمت -/25 رپيا

٢- ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)

مشهور ۽ يادگار ڪهاڻين جو مجموعو
خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 248 قيمت -/22 رپيا-

٣- هم اوست (ناول)

هڪ اهڙو ناول جنهن جو ڀهريون ايڊيشن صرف چئن مهينن ۾ ختم ٿي ويو. ٻيو ايڊيشن بہ تيزي سان وڪرو ٿي رهيو آهي. خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 216 قيمت -/20 رپيا

www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيل ڪتاب

١. بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	١٦/-
٢. جيل ۾ ٢٢ مهينا (پاڳو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٣. اڌ ملاقات	طارق اشرف	١٢/-
٤. جيل گهاريم جن سان:	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٥. جيل ۾ ٢٢ مهينا (پاڳو ٢)	طارق اشرف	١٢/-
٦. زندگيءَ جو تنها مسافر	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٧. ٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا		(ختم ٿيل)
٨. بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	امر جليل، آغا سليم نسيم ڪرل، پليجو ۽ ٻيا	١٢/-
٩. اونداهي ڌرتي روشن هٿ	آغا سليم	٢٥/-
١٠. راتَ منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١. ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو ١)		(ختم ٿيل)
١٢. ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣. وايون وڻجارن جون	الطاف شيخ	١٢/-
١٤. ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو ٢)		(ختم ٿيل)
١٥. بندر بازاريون	الطاف شيخ	١٢/-
١٦. شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	١٠/-
١٧. يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
١٨. ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	وليرام ولپ	(ختم ٿيل)
١٩. عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون		(ختم ٿيل)
٢٠. دل اندر درياو (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
٢١. دل جو بندر (ناول)	اڏورل آڏيويس / نصير اعجاز	١٦/-

www.sindhsalamat.com

٢٢. رهيل قرض (ڪهاڻيون) ظفر حسن -/١٢
٢٣. درد جي خوشبو (ناول) قاضي خادم -/١٨
٢٤. ڪنهن سان سور سليان مرتب: فيروز احمد (ختم ٿيل)
٢٥. فڪرجي آزادي آستيفن زويگ/ابراهيم جويو (ختم ٿيل)
٢٦. منهنجو سا گر، منهنجو ساحل الطاف شيخ -/١٦
٢٧. غلامن جو ٻيڙو (ناول) مصنف: ايرڪ ڪاربر -/٢٠
مترجم: دوست محمد پٽي
٢٨. سي ڏي جوين ڏينهن الطاف شيخ -/١٥
٢٩. عاشي (ناول) مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ -/٣٠
مترجم: فضل احمد بچاڻي
٣٠. سي ٻيڙيون رڪين ٻاجهه سين الطاف شيخ -/٢٠
٣١. سڌارٿ (ناول) هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي -/١٠
٣٢. جپان رس الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٣٣. روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي -/١٠
٣٤. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف -/٢٠
٣٥. سانيٺاهو سمنڊ جو الطاف شيخ -/١٥
٣٦. سورج هوندي مرجهايل نجم عباسي (ختم ٿيل)
٣٧. آسيه (ناول) مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ -/٢٠
(عاشي حي واپسي) مترجم: فضل احمد بچاڻي
٣٨. قلندر (ڪهاڻيون) مصنف: قرةالعين حيدر -/١٢
مترجم: مدد علي سنڌي
٣٩. الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ -/١٢
٤٠. سزا جا سڪ مصنف: آسڪر وائلڊ -/١٢
مترجم: فضل احمد بچاڻي

www.sindhsalamat.com

٤١. بهترين سفرناما — الطاف شيخ -/١٥
٤٢. للڪار (ڪهاڻيون) — نجم عباسي -/١٥
٤٣. ٽيڪل سريت (ڪهاڻيون) — مصنف: البرٽو موراويا -/١٢ — مرتب: وليرام ولپ
٤٤. لنڊن تائين لفٽ — الطاف شيخ -/١٢
٤٥. تصوير جو خون (ناول) — مصنف: آسڪر وائلڊ -/٢٠ (پڪچر آف ڊورين گري) مترجم: فضل احمد بچاڻي
٤٦. حليم شو — حليم بروهي -/١٥
٤٧. ٻارن جون آڪاڻيون — الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٤٨. سپون — خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي -/١٢
٤٩. سفر يورپ جي ڊائري — قاضي عبدالمجيد عابد -/٢٥
٥٠. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) — مرتب: فيروز احمد -/١٦
٥١. چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون) — ماهتاب محبوب -/١٦
٥٢. مس سدا بهار چنبيلي (ناول) — الطاف شيخ -/٢٠
٥٣. پيار ڪهاڻي (ناول) — نجم عباسي -/٢٥
٥٤. نيگرو عشق ۽ بغاوت (ناول) — مصنف: ڪرسٽوفر نڪول -/١٦ — مترجم: نصير اعجاز
٥٥. شرم پوٽي (ناول) — گوبند مالهي -/١٢
٥٦. اگهي ايٿن هياس (جلد ١) — فضل احمد بچاڻي -/٢٠
٥٧. پره ڪان پهرين — ماهتاب محبوب -/١٦
٥٨. بلنديون (ناول) — نجم عباسي (ختم ٿيل)
٥٩. رچ ۽ پاچا (ناول) — موهن ڪلپنا -/١٦
٦٠. مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون) — پوپٽي هيرانندائي -/١٢
٦١. آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون) — علي بابا -/٢٠

www.sindhsalamat.com

٦٢. شاهه لطيف جي شاعري — تنوير عباسي -/١٥
٦٣. آپڻي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي — لوڪرام ڏوڏيجا -/٢٢
٦٤. موهن جو دڙو (ناول) — علي بابا -/١٦
٦٥. ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون) — امر لعل هنگوراڻي -/١٠
٦٦. ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون) — آغا سليم -/٢٢
٦٧. دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون) — نجم عباسي -/٢٠
٦٨. پيغامبر — خليل جبران/ ستار -/١٠
٦٩. همه اوست (ناول) — آغا سليم -/٢٠
٧٠. اداس وادیون (ڪهاڻيون) — حميد سنڌي -/١٢
٧١. آئيني جي اڳيان — ١٧ ساهتڪار -/١٢
٧٢. چنڊ چنبيليءَ ول — شيخ اياز -/٣٠
٧٣. لهر لهر زندگي — ماهتاب محبوب -/٢٠
٧٤. اڏون ماڻهو (ڪهاڻيون) — سراج -/١٥
٧٥. پم ننڍا ناول — آغا سليم -/٢٢
٧٦. اڳي ايئن هياس (جلد ٢) — فضل احمد بچاڻي -/٢٥

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلسس پبليڪيشنس،
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس جا جلد ايندڙ ڪتاب

١. رڻ تي رم جهم — شيخ اياز
٢. وات ويندي — علي احمد بروهي
٣. ساهيوال جيل جي ڊائري — شيخ اياز
٤. پڙاڏو سوئي سڏ (پاڳو٢) — سراج
٥. مڪليءَ کان ملاکا تائين — الطاف شيخ

www.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سي ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

www.sindhsalamat.com

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڍي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

www.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)